وفاقي وزارتِ تعليم ۽ پيشہ وارتربيت حڪومتِ پاڪستان

۽ ”اتحاد تنظيمات مدارس پاڪستان“ جي نمائندن علماءِڪرام کان منظور ٿيل

قرآن حڪيم جو مطالعو

شاگردن ۽ شاگرد ياٽين لاءِ

حصو ٽيون

نالو _____

والد / سرپرست _____

ڪلاس _____ سيڪشن _____

اسڪول _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

”قرآن حڪيم جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ“ جو سنڌي ۾ ڇپندڙ حصن جي تفصيل

- حصو پهريون ..... جلد پهريون- ۲۰۱۶ء ڪل تعداد ۲۰۰۰۰
- حصو ٻيون .....جلد پهريون - ۲۰۱۷ء ڪل تعداد ۵۰۰۰
- جلد جديد..... جولائي - ۲۰۱۸ء ڪل تعداد ۲۰۰۰
- حصو ٽيون.....جلد پهريون- جولائي ۲۰۱۹ء ڪل تعداد ۱۰۰۰

زير اهتمام..... شعبہ تصنيف ۽ تاليف: قرآن پروگرام (دي علم فاؤنديشن)

پتو .....۳/۶۳ بلاڪ نمبر ۳، دهلي مرڪنٽائل ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي،پوسٹ ڪوڊ ۷۴۸۰۰ ڪراچي پاڪستان.

فون نمبر..... (+۹۲-۲۱) ۳۴۳۰۴۴۵۰،۳۴۳۰۴۴۵۱

موبائيل نمبر..... ۰۳۳۵-۳۳۹۹۹۲۹

اي ميل..... tif1430@gmail.com / info@tif.edu.pk

ويب سائيٽ..... www.tif.edu.pk

ڇاپائيندڙ جي گذارش

”الله ﷻ جي فضل و ڪرم سان انتهائي ذميداري سان هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ مطالعہ قرآن حڪيم جي نصاب جي تمام تر ڪوتاهين کان پاڪ بهترين اشاعت جو اهتمام ٿيئي. پوءِ بہ خدانہ خواستہ دوران طباعت اعراب، جلدبندي يا بي ڪا ڪوتاهي جيڪا سهواً ٿي وئي هجي، توهان جي نظر مان گذري تہ اداري کي مطلع فرماء جوتہ جيئن ايندڙ اشاعت ۾ ان کي درست ڪري سگهجي.“

هي ڪتاب الله جي رضا لاءِ بنا هدي ڏنا ويندا آهن.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

شروعاتي لفظ

قرآن حڪيم الله ﷻ جو اهو آخري ڪتاب آهي، جو حضرت جبريل امين عليه السلام کڻي آيو ۽ اسان جي پياري نبي سڳوري سيدنا محمد مصطفي ﷺ جي مبارڪ دل تي نازل ٿيو. اهو اسان جي لاءِ هدايت ۽ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي جو ذريعو آهي. اسان جي لاءِ قرآن حڪيم هڪ فيصلائتي ڪلام جي حيثيت رکي ٿو جيئن الله ﷻ فرمايو آهي: ته بيشڪ هي قرآن فيصلائتو ڪلام آهي. (سورة الطارق ٨٦، آيت:١٣)

هن دنيا ۾ اسان جو عروج و زوال قرآن حڪيم سان ئي لاڳاپيل آهي، جيئن ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو: "بيشڪ الله ﷻ هن قرآن جي ذريعي قومن کي عروج عطا فرمائيندو آهي ۽ ان کي پٺي ڏيڻ جي ڪري گهڻين (قومن کي) ذليل ۽ رسوا ڪندو آهي. (صحيح مسلم)

حضرت سيدنا علي ڪرم الله وجهه کان روايت آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: جلد گهڻا فتنا پيدا ٿيندا. مون عرض ڪيو: يا رسول الله ﷺ انهن کان ڪيئن بچي سگهجي ٿو؟ پاڻ ﷺ فرمايو:ڪتاب الله کي (نظر هيٺ رکو) ان ۾ اوهان کان پهرين جون خبرون آهن ۽ جيڪو بعد ۾ پيش اچڻ وارو آهي، ان جون به ڳالهيون آهن، جيڪي اوهان جي وچ ۾ مسئلا آهن، انهن بابت به ان ۾ فيصلا آهن، هي مضبوط ڳالهه آهي، ڪو ڀوڳ ناهي، جيڪو ان کي هيٺاهون سمجهي ڇڏيندو الله ﷻ ان جو غرور مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندو ۽ جيڪو ڪنهن ٻي جڳهه تان هدايت ۽ رهنمائي تلاش ڪندو الله ﷻ ان کي گمراه ڪري ڇڏيندو. هي قرآن حڪيم الله ﷻ جي عطا ڪيل مضبوط رسي آهي، منجهس ئي وڏيون مضبوط نصيحتون آهن ۽ اهو ئي سڌو رستو آهي. (جامع ترمذي، بحارالانوار)

آخرت ۾ به اسان جي ڪاميابيءَ جو دارومدار قرآن حڪيم جي احڪامن تي عمل ڪرڻ ۽ رسول الله ﷺ جي پيرويءَ سان لاڳاپيل آهي. جيئن رسول الله ﷺ فرمايو: "قرآن توهان جي حق ۾ دليل هوندو يا توهان جي خلاف-" (صحيح مسلم)

تنهن ڪري ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته، اسان قرآن ۽ صاحبِ قرآن "حضور نبي ڪريم ﷺ" سان پنهنجو تعلق مضبوط بڻايون، ان تي دل سان ايمان رکون ۽ ڪتاب الله جي باقاعده تلاوت ڪيون، سمجهون ۽ ان تي عمل ڪيون ۽ ان کي ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪيون. شروعاتي عمر ۾ جيڪا ڳالهه ذهن ۾ ويهاري ويندي آهي، ان جي سگهارن ۽ ڏورانهن اثرن جي باري ۾ ڪي ٻه رايون نٿيون ٿي سگهن. الحمدلله اسان جي معاشري ۾ شروعاتي عمر ۾ قرآن حڪيم جي ناظره تعليم ۽ حفظ قرآن جو اهتمام ڪيو وڃي ٿو جنهن جي ڪري سڄي زندگي قرآن حڪيم جي تلاوت ڪرڻ آسان ٿي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح شروعاتي عمر ۾ ئي قرآن حڪيم جي مفهوم ۽ معني سيکارڻ جي طرف توجهه ڏنو وڃي، ته اميد آهي ته قرآني تعليم کي سمجهڻ، ياد رکڻ ۽ قرآني هدايتن جي مطابق زندگي گذارڻ آسان ٿي ويندي.

"قرآن حڪيم جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻن لاءِ" آسان ۽ عام فهم انداز ۾ ابتدائي عمر کان قرآن حڪيم سان تعلق جوڙڻ جي هڪ ڳنڍيل ۽ منظم ڪوشش آهي. قرآن حڪيم جو هي نصاب شاگردن کي انهن جي دنياوي تعليم دوران "اسلاميات" جي عمومي نصاب سان گڏ ئي پڙهايو ويندو. اميد آهي ته ان شاءَ الله ستن سالن (تقريباً ٣٥٠ ڪلاڪن) ۾ شاگرد سڄي قرآن حڪيم جي ترجمي، مختصر تشريح، اهم مضمونن ۽ عملي هدايتن کان واقف ٿي ويندا. اهڙيءَ طرح انهن جي لاءِ عملي زندگي قرآن حڪيم جي تعليم مطابق گذارڻ ممڪن ٿي سگهندي ۽ فردن جي تبديلي هڪ صالح معاشري جي قيام جو ذريعو بڻجي سگهندي.

الله ﷻ کان دعا آهي ته "قرآن حڪيم جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻن لاءِ" جي تڪميل ۽ تدريس اسان جي لاءِ آسان فرمائي، اسان جي هيءَ ڪاوش قبول فرمائي ۽ جيڪي شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان مان فائدو وٺن انهن کي اسان سڀني لاءِ صدقه جاريه بڻائي. آمين

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE JEM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

”قرآن حڪيم جو مطالعو شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ“ جون خصوصيتون

١. ”مڪمل قرآن حڪيم“ جو ٧٠ کان وڌيڪ معتبر ۽ معروف ترجمن مان چونڊ ڪري عام فهم ۽ آسان ترجمو مرتب ڪيو ويو آهي.

٢. ”بن رنگن جي استعمال“ ذريعي ترجمي کي عربي متن جي مطابق ۽ محاوراتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

٣. آيتن جي تشريح جي حوالي سان ”اهم نڪتا“ لکڻ ۽ ان سان گڏ سبقن سان تعلق رکندڙ ڪجهه لک پڙهه لاءِ ”سادا صفحا“ به ڏنا ويا آهن.

٤. ممڪن حد تائين ”ڏکين اصطلاحن ۽ ٻٽي معني وارن لفظن کان پاسو“ ڪيو ويو آهي.

٥. ”پارن جي ذهني سطح ۽ دلچسپيءَ“ کي سامهون رکي نصاب مرتب ڪيو ويو آهي. ”قرآن حڪيم جو مطالعو شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ“ جي پهرئين حصي ۾ سورة الفاتحه، سورة الصّٰفّٰت، آخري ڏهن سورتن ۽ چهن رسولن (حضرت آدم عليه السلام حضرت نوح عليه السلام حضرت هود عليه السلام ۽ حضرت صالح عليه السلام حضرت شعيب عليه السلام حضرت يونس عليه السلام) جا قصا، ٻئي حصي ۾ ٽيهين سپارا جون سورتون (سورة النبا کان سورة الهمزة) سان گڏ حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام، جا قصا، ٽئين حصي ۾ حضرت يوسف عليه السلام جو قصو ۽ چوٿين حصي ۾ حضرت ذڪريا عليه السلام، حضرت مريم عليها السلام، حضرت عيسيٰ عليه السلام حضرت سليمان عليه السلام حضرت لوط عليه السلام جي قصن سان گڏ مڪي سورتون شامل ڪيون ويون آهن. پنجين حصي ۾ معراج جو واقعو، بني اسرائيل جي تاريخ، اصحاب سبت، اصحاب ڪهف، باغ وارا، حضرت موسيٰ عليه السلام حضرت خضر عليه السلام ۽ ذوالقرنين جا قصا شامل ڪيا ويا آهن. ڇهين ۽ ستين حصي ۾ شامل مدني سورتن ۾ معاشرتي ۽ سماجي تعليم، رياستي معاملا، نبوي صلى الله عليه وآله وسلم غزوات، جهاد ۽ قتال في سبيل الله ۽ بين اهم موضوعن بابت تفصيلات ۽ واقعا بيان ڪيا ويا آهن.

٦. سورتن جي مطالعي کان اڳ انهن جو ”شان نزول ۽ تعارف“ بيان ڪيو ويو آهي.

٧. قرآن جي آيتن جي روشنيءَ ۾ انبياء ڪرام عليهم السلام جا قصا ”آسان ۽ دلچسپ انداز“ ۾ ”معتبر مواد“ سان گڏ مرتب ڪيا ويا آهن.

٨. انبياء ڪرام عليهم السلام جا قصا بهتر نموني سمجهائڻ لاءِ ”نقشن جو استعمال“ به ڪيو ويو آهي ته جيئن واقعن جي جڳهه ۽ هنڌ کان واقف ٿي سگهجي.

٩. هر سورة ۽ قصي جي آخر ۾ سبق آموز نڪتا ”علم ۽ عمل جون ڳالهيون“ جي عنوان سان قرآني آيتن جي حوالن سميت بيان ڪيا ويا آهن ته جيئن قرآن حڪيم جي فڪري ۽ عملي هدايتن کان آگاهي ٿي سگهي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE IMRAN BOOK FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK IS STRICTLY PROHIBITED AND ENTAILS CIVIL & CRIMINAL ACTION.

۱۰. "سمجهو ۽ حل ڪيو" جي عنوان سان، هر سورت ۽ قصي سان مختلف مشقون شامل ڪيون ويون آهن تہ انهن جي ذريعي شاگردن جي قرآن فهميءَ جو جائزو وني سگهجي.

۱۱. شاگردن کان قرآن حڪيم جي حوالي سان عملي مشقون ڪرائڻ جي لاءِ " گهر جو ڪم" جي عنوان سان دلچسپ سرگرميون تجويز ڪيون ويون آهن، تہ جيئن شاگردن جي گهر وارن جو تعلق بہ قرآن حڪيم سان وڌيڪ ڳنڍجي سگهي.

۱۲. شاگردن جي فڪري ۽ عملي رهنمائيءَ جي لاءِ هر سبق ۾ "نبي ﷺ جو فرمان"، "عملي ڳالهہ"، "چا اوهان ڄاڻيون تا؟"، "معلوم ڪيو" ۽ "سوچيو" جي عنوانن سان اهم معلومات بہ ڏني وئي آهي.

۱۳. شاگردن جي سهولت لاءِ "ڏکين لفظن جي معنيٰ" ڪتاب جي آخر ۾ سبقن جي ترتيب مطابق، حروف تهجيءَ جي لحاظ کان ڏني وئي آهي.

۱۴. استادن جي تدريسي معاونت جي لاءِ هر حصي سان گڏ هڪ جامع "استادن جو رهنماء" بہ تيار ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هر آيت جي ضمن ۾ "تشريحي نڪتا، علمي ۽ عملي پهلو، قرآن جي آيتن جا حوالا ۽ احاديث مبارڪ" الحمدلله ۷۰ کان وڌيڪ ترجمن ۽ تفسيرن جي روشنيءَ ۾ مرتب ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه "تدريس جو طريقو"، "مطالعي جو مقصد" ۽ "سورتن جو تعلق" سان گڏوگڏ "مشقن جا جواب"، "سبقن جي منصوبہ بندي" ۽ پيون "عملي سرگرميون" بہ شامل ڪيون ويون آهن. قرآن حڪيم جي مطالعي کي بهتر بڻائڻ لاءِ "عمومي تدريسي هدايتون" پڻ مرتب ڪيون ويون آهن. وڌيڪ هيءُ بہ تہ تدريس جي طريقي جي عملي مظاهري جي لاءِ "Demo Class" بہ ريڪارڊ ڪرائي وئي آهي. "ماڊل پيپر ۽ گهٽائي پچيا ويندڙ سوال (FAQs) بہ "استادن جي رهنماء" ۾ ڏنا ويا آهن.

۱۵. " قرآن حڪيم جو مطالعو شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ" مرتب ڪرڻ ۾ هن ڳالهہ جو خاص طور تي اهتمام ڪيو ويو آهي تہ "مسلڪي اختلافن جي بيان ڪرڻ کان پاسو" ڪيو وڃي ۽ صرف انهن ڳالهين ۽ تشريحن کي بيان ڪيو وڃي، جن تي سڀني جو عام طور اتفاق هوندو آهي.

۱۶. هن نصاب کي مرتب ڪرڻ ۾ عالمن سڳورن، حافظن سڳورن، استادن سڳورن ۽ والدين جي "مشورن ۽ نظرثانيءَ" مان فائدو ورتو ويو آهي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

نصاب ”قرآن حڪيم جو مطالعو“ جي باري ۾ مشهور علماءِ ڪرام ۽ تعليمي ماهرن کان ورتل تاثرات

مفتي محمد تقي عثماني صاحب (نائب صدر جامعہ دارالعلوم ڪراچي، چيئرمين شريعہ ڪونسل بحرين)

هن ڪتاب جو مقصد اسڪول جي ٻارن ۽ ٻارڙين کي قرآن ڪريم سان ويجهڙائپ پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي بنيادي تعليم ۽ واقعن کي آسان زبان ۽ اسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي. ڪتاب جي پني پلٽائڻ مان اهو اندازو ٿيو تہ مجموعي طور هي ڪتاب هن مقصد ۾ ڪامياب آهي ۽ ٻارن جي ذهني سطح کي سامهون رکندي انهن کي مفيد معلومات آسانيءَ سان فراهم ڪري ٿو. الله تعاليٰ هن ڪتاب کي ٻارن جي لاءِ مفيد بڻائي.

مفتي منيب الرحمن صاحب (صدر تنظيم المدارس، مهتمم دارالعلوم نعيميہ ڪراچي)

هنن ڪتابن ۾ چونڊيل انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي زندگين کي دل کي وڻندڙ ۽ آسان انداز ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي. شاگردن ۾ نفس جي اصلاح (Self_Reform) ۽ ذات جي احتساب (Self_Accountability) جو شعور پيدا ڪرڻ جي لاءِ ”اسان ڇا سمجهيو؟“ جي عنوان سان خود پنهنجو جائزو وٺڻ جي لاءِ تربيت جو اهتمام ڪيو ويو آهي. مجموعي طور تي هيءَ هڪ قابل قدر ۽ قابل تحسين ڪاوش آهي. هي سڄو سلسلو اداري جي بانين جي اخلاص ۽ ديني جذبي جو مظهر آهي. منهنجي دعا آهي تہ الله تعاليٰ هن تي اجر عطا فرمائي، هن جي فيض کي دوام ۽ قبول عام نصيب فرمائي. آمين

مولانا محمد اسماعيل صاحب (چيئرمين متحده علماء بورڊ، چيف خطيب خيبر پختونخوا)

عموماً قرآن جو ترجمو، تفسير لکڻ يا بيان ڪرڻ پنهنجي حساسيت (Sensitivity) جي باوجود نسبتاً آسان ڪم آهي. پر ان مان ڪورس جو ڪتاب تيار ڪرڻ ۽ ٽيڪسٽ بڪ جي شڪل ڏيڻ وڏي دل، گڙدي وارو ۽ مشڪل ڪم آهي پر اهو مشڪل ڪم دي علم فاؤنڊيشن ڪراچي وارن انجام ڏنو آهي ۽ پوري قرآن کي مختلف سيريز ۾ تقسيم ڪري شاگردن جي صلاحيتن مطابق ان کي مرتب ڪيو آهي ۽ وري ان کي نصاب جو ڪتاب بڻائي اسڪولن جي شاگردن جي لاءِ انتهائي آسان ڪيو ويو آهي.

ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ هي نصاب پنهنجو مثال پاڻ آهي. اها ڳالهہ انتهائي اطمينان جو باعث آهي تہ هن کي تيار ڪرڻ ۾ سڀني مڪتبِ فڪر جي علمائن ۽ مفسرن جي ڪاوشن کان ڀرپور مدد ورتي وئي آهي ۽ اهڙيءَ طرح هن نصاب کي سڀني مڪتبِ فڪر وارن لاءِ قابل قبول بڻايو ويو آهي. هن نصاب جي سڀ کان اهم خصوصيت اها آهي تہ هن ۾ ڪٿي بہ فرقي واريت يا ڪنهن قسم جي عصبيت ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي، بلڪہ قرآن جي آفاقي دعوت کي محور بڻايو ويو آهي. ان مان اها اميد پيدا ٿي وئي آهي تہ اسان جا ٻار ۽ ٻارڙيون هن نصاب کي پڙهي هر قسم جي لساني، گروهي، نسلي، قومي، علاقائي ۽ مذهبي فرقي بنديءَ کان آزاد ٿي خالص قرآن ۽ سنت جي ذريعي پنهنجي آفاقي دين ”اسلام“ جي سمجهہ حاصل ڪري سگهندا. هي نصاب فرقن ۽ گروهن ۾ تقسيم امت کي هڪ دفعو ٻيهر هڪ بنائڻ لاءِ هڪ اميد جي حيثيت رکي ٿو.

مونالا محمد ظفر شيرازي صاحب (فاضل اسلامڪ يونيورسٽي مدينو منوره، وائس چانسلر جامعہ عمر بن عبدالعزيز الاسلاميہ سيالڪوٽ)

هي نصاب سليس ۽ سهل آهي. ننڍي عمر جي شاگردن لاءِ نهايت مفيد ۽ آسان آهي. بعض آيتن سان گڏ ڏنل نقشن جي ڪري شاگردن جي لاءِ انتهائي دلچسپ آهي. شاگردن جي ذهني صلاحيت کي سامهون رکندي ترتيب ڏنو ويو آهي. الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ اها پاڪ هستي قرآن ڪريم جي لاءِ اوهان جي خدمتن کي شرف قبوليت سان نوازي ۽ اوهان جي هن عمدي ڪاوش کي دنيا ۾ باعث برڪت ۽ آخرت ۾ باعث نجات بڻائي آمين.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD CONTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

ڊاڪٽر محمد محسن نقوی صاحب (ماهر تعليم)

الحمدلله! نظر هيٺ ڪتابن جو سلسلو ديني ڀائرن، عالمن ۽ فاضلن ترتيب ڏنو آهي. جديد طريقن جي ذريعي قرآن مجيد جي مختلف مقامن جو مطالعو ان جي زبان ۽ بيان جي تشريح، حل مطالب، مشقون، آسان بياني، ڏکيائيءَ کان پاڪ طريقو ان جون نمايان خصوصيتون آهن. الله تعاليٰ کان دعا آهي، تہ هنن ڪتابن جي سلسلي جي مصنفن، ترتيب ڏيڻ وارن، حسن افزائي جي ذميدار ماڻهن ۽ ناشرن جي گڏيل ڪوششن کي قبول فرمائي ۽ قرآن جي شاگردن کي هنن ڪتابن جي سلسلي مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين يا رب العالمين.

مولانا محمد سيف البرسڪر گاهي صاحب (فاضل وفاق المدارس العربيہ، مرڪزي ناظم اعليٰ ٽرسٽ جميعت تعليم القرآن)

دي علم فاؤنڊيشن جي اڪابرن، تفسيرن ۽ ترجمن کي سامهون رکندي خاص طور تي اسڪولن جي شاگردن جي لاءِ جيڪو نصاب ترتيب ڏنو آهي، اهو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سبقن جو خلاصو، مشقون ۽ گهريلو سرگرميون وغيره استادن ۽ شاگردن لاءِ انتهائي مفيد ثابت ٿينديون ان شاءَ الله. اميد آهي تہ اهو نصاب قرآن فهميءَ لاءِ انتهائي مؤثر ڪردار ادا ڪندو. ان ۾ سڀ کان وڌيڪ خاص ڳالهہ اها آهي تہ سڄي نصاب ۾ انهن ڳالهين ۽ تشريحن بيان ڪرڻ جو خصوصي اهتمام ڪيو يو آهي، جن ۾ عام طور سڀني جو اتفاق آهي. جنهن سان ٻارن جو اهو ذهن ٺهندو تہ اسان جو دين اختلافن جو مجموعو ناهي. ان طرح محبتن ۾ واڌارو ٿيندو ۽ فاصلا ۽ ڏار جيڪي اسان مسلمانن جي وچ ۾ پيدا ٿي ويا آهن، اهي آهستي آهستي ختم ٿي ويندا (ان شاءَ الله تعاليٰ) دل سان دعا آهي تہ الله تعاليٰ دي علم فاؤنڊيشن جي سڀني معاونن جي خدمتن ۽ ڪاوشن کي قبول فرمائي ۽ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ سان نوازي ۽ اداري کي خوب ترقي عطا فرمائي. (آمين)

مولانا حڪيم محمد مظهر صاحب (مهتمم جامعہ اشرف المدارس ڪراچي)

هن ڪتاب ۾ ٻارن جي ذهني سطح کي سامهون رکندي قرآني آيتن جو ترجمو عام فهم انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جو مقصد اسڪول جي ٻارن ۽ ٻارڙين کي قرآن ڪريم سان مناسبت پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي بنيادي تعليم کان آگاه ڪرڻ آهي. هي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندي ان شاءَ الله.

شيخ الحديث مولانا مفتي عطاء الرحمن صاحب (مهتمم جامعہ مدنيہ بهاولپور)

قرآن ڪريم ئي مسلمانن جي دنياوي ۽ اُخروي ڪاميابيءَ ۽ ڀلائيءَ جو ضامن آهي. افسوسناڪ صورتحال هيءَ آهي، تہ جنهن قوم کي هيءُ ڪتاب عطا ڪيو ويو آهي، اها اڄ ان ڪتاب کان ويڳاڻي ۽ اڻ ڄاڻ نظر اچي رهي آهي. دين کان بيزاري ۽ مغربيت جي تقليد جي هن دور ۾ ڪجهہ اهل دل اهڙا بہ آهن جيڪي قرآن ڪريم جي تعليم کي آسان کان آسان بڻائي گهر گهر پهچائڻ جو بندوبست ڪري رهيا آهن. انهن همت وارن ماڻهن ۾ دي علم فاؤنڊيشن وارا بہ موجود آهن. جن ماشاءَ الله عالمن جي نگرانيءَ ۾ اسڪول ۽ ڪاليج جهڙين درسگاهن جي لاءِ انتهائي آسان ۽ جديد تدريسي طريقن مطابق ڀرپور قرآن حڪيم جي مطالعي جو نصاب تشڪيل ڏنو آهي. مجموعي طور تي نصاب پنهنجي ترتيب ۽ مضمونن جي انتخاب جي لحاظ کان بهترين آهي. دي علم فاؤنڊيشن جا سڀ رفيق هن خدمت جي لاءِ مبارڪ باد جا مستحق آهن. الله ﷻ انهن سڀني رفيقن جي خدمت کي قبوليت سان نوازي ۽ امت کي هر گهڙي ان مان مستفيد ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

جسٽس دوست محمد خان صاحب (جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان)

”قرآن حڪيم جو مطالعو شاگردن ۾ شاگردن لاءِ“ جو نصاب اسلامي قدرن جي املهه خدمت آهي، جيڪو قابل داد آهي، ڇو ته قرآني علم ثريا جون بلنديون ۾ دل جو سوجهرو عطا ڪندو آهي. دي علم فاؤنڊيشن جي هيءَ ڪوشش ٻين تدريسي ادارن کي به رهنمائي مهيا ڪندي. هن جو مطالعو دل کي وٽندڙ آهي. بصارت سان گڏ بصيرت کي به اجاگر ڪرڻ وارو آهي، ته جيئن قوم جي معمارن جو مستقبل انڌيري کان ٻاهر رهي. الله توهان کي خوش رکي سلامت رکي آمين.

مولانا ڊاڪٽر قاري محمد ضياءُ الرحمٰن صاحب (چيئرمين القرآن ايجوڪيشن ٽرسٽ، انچارج فيصل مسجد اسلام آباد)

دي علم فاؤنڊيشن جو مرتب ڪيل نصاب ”قرآن حڪيم جو مطالعو شاگردن ۾ شاگردياٽين لاءِ“ پاڪستان جي عصري، ديني تعليمي ادارن جي شاگردن جي علم، عمل، ڪردار، اخلاق ۾ فڪري نشو نما جي لاءِ مضبوط بنياد جو ڪم ڏيندو. جنهن جي ذريعي اسان نه صرف پنهنجي ويجهايل اخلاقي قدرن ۾ گم ٿيل قائدانه مقام کان واقف ٿيندا سين، پر پوري عالم انسانيت جي لاءِ مؤثر ۾ مفيد ثابت ٿيندا سين. مطالعي قرآن حڪيم جي ڪورس جي هڪ اهم خصوصيت هيءَ آهي ته هر طرح جي فرقه وارانه سوچ کان بلند تر ۾ اتحاد امت جو ترجمان آهي.

ونگ ڪمانڊر ڊاڪٽر مولانا ضمير اختر خان صاحب (ڊائريڪٽر شعبه امور دينيه پاڪستان فضائيه، فاضل علوم اسلاميه)

دي علم فاؤنڊيشن عصري تعليمي ادارن جي لاءِ قرآن حڪيم جي مطالعي جو نصاب ترتيب ڏئي ملت اسلاميه پاڪستان جي خاص طور تي ۾ مسلمان امت جي عام طور تي خدمت جو عظيم فرض ادا ڪيو آهي. دي علم فاؤنڊيشن جو وڏو ڪارنامو (Herculean Task) سڄي قرآن مجيد فرقان حميد تي ٻڌل هنن ڪتابن جي ترتيب ۾ تدوين آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر معصوم ياسين زئي جو تعلق ري ايڪٽر انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي

اسلام آباد سان آهي ان پنهنجي ڪتاب”مطالعه قرآن حڪيم“ جي ذريعي قرآني تعليمات ۾ تمام سنوڪڙ ڪيو آهي. مان تمام گهڻو متاثر ٿيو آهيان دي علم فاؤنڊيشن جنهن طرح ”حضور پاڪ ﷺ“ جي واقعن جي ذريعي بنيادي اسلامي تعليمات کي روشناس ڪرايو آهي. يقينن دي علم فاؤنڊيشن، مسلمانن جي ايندڙ نسل جي ذاتي زندگي ۾ پوري معاشري ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي.

دي سٽيزن فاؤنڊيشن (شعبه نصاب)

مختلف رنگن جو استعمال ٻارن جي لاءِ ڏاڍو Interactive آهي ۾ قرآن فهميءَ ۾ معاون آهي. هن ڪتاب جون مشقون ڏاڍيون سنيون آهن. هن نصاب ۾ ڪوبه اهڙو مواد ناهي، جنهن سان شاگردن ۾ انتهاپسندي پيدا ٿيندي هجي. نصاب قرآن ٻارن جي اخلاقي تربيت ۾ به ڏاڍو معاون آهي. بحثيت مجموعي ڏاڍي سني ڪاوش آهي يقيناً ان جا سنا نتيجا سامهون ايندا.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE IQRA FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL SUITABLE CRIMINAL ACTION.

مفتي محمد قمرالحسن صاحب (استاد الحديث جامعہ حماديہ، شرعيہ ايڊوائيزر ٽرسٽ جمعيت تعليم القرآن، ايڊوڪيٽ هائي ڪورٽ)

طالب علمن ۾ اسلامي ڪردار تشخص ۽ ايماني جذبو ۽ قوت پيدا ڪرڻ جي لاءِ هن ۾ جيڪا محنت ڪئي وئي آهي ان کي ڏسي ڪري بي اختيار آفرين جا لفظ نڪري آيا. هر سورت جي شروع ۾ ان جو مطلب ۽ جاندار خلاصو پيش ڪرڻ ڏاڍو مفيد آهي. ”علم ۽ عمل جون ڳالهيون“ جو عنوان قرآن حڪيم جي فڪري ۽ عملي هدايت کان آگاهي ڏيارڻ جو طريقو بہ نهايت مؤثر آهي. الله تعاليٰ هن ڪتاب کي دين جي اشاعت ۽ ايماني جذبي جو ذريعو بڻائي ڇڏيو آهي.

قاري سيد علي عابد نقوي صاحب (اعزازي مشير اسلامي نظرياتي ڪونسل، منتظم اعلیٰ اماميہ دارالتجويد، بين الاقوامي قصر قرآن پروجيڪٽ اسلام آباد)

مون کي انتهائي خوشي ٿي تہ اداري مسلڪي اختلافن کان پرهيز ڪندي طالب علمن کي حقيقي قرآني روح کان آگاهہ ڪرڻ جو بهترين اهتمام ڪيو آهي. مان هن عمل کي قابل تحسين قرار ڏيان ٿو. وزارت مذهبي امور سان چاليهن سالن کان سلهاڙيل آهيان. علم فاؤنڊيشن جا ماڻهو اداري ۾ ملازمت نہ پر نظرياتي بنيادن تي ڪم ڪري رهيا آهن. موجوده نفسا نفسيءَ واري دؤر ۾ علم فاؤنڊيشن جو قرآني حوالي سان هي ڪم ڏاڍو بلند آهي. جنهن جي جيتري بہ تعريف ڪجي اها گهٽ آهي.

مفتي محمد منظور علي خان قادري حنفي صاحب (فاضل علوم شرقيہ، خطيب اعلیٰ غوثيہ مسجد، گلشن حديد ڪراچي)

پنجين ڪلاس کان ڏهين ڪلاس تائين جي ٻارن جي لاءِ انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي قرآني واقعن تي مشتمل جيڪو نصاب پيش ڪيو ويو آهي، اهو ٻارن جي لاءِ ڏاڍو مفيد ثابت ٿيندو. هن ترجمي ۾ ڪنهن بہ جاءِ تي مون کي ڪابہ غلطي يا بي ادبي نظر ڪانہ آئي. هي ترجمو اهلسنت جي مطابق بلڪل درست آهي. هن وقت هن ڪم جي لاءِ جيڪي ماڻهو جاني ۽ مالي تعاون ڪن ٿا اهي لائق تحسين آهن. الله تعاليٰ انهن کي ان جو اجر عظيم عطا فرمائي. آمين

محمد رفيق طاهر صاحب (جوائينٽ ايڊيوڪيشن ايڊوائيزر منسٽري آف فيڊرل ايجيوڪيشن گورنمنٽ آف پاڪستان)

دي علم فاؤنڊيشن قرآن جي سنڌي ترجمي واريون ڪتابون ۽ ستن حصن تي مشتمل ڪورس شروع ڪرايو آهي. منسٽري آف فيڊرل ايجيوڪيشن ۽ پروفيشنل ٽريننگ ، هڪ ڪميٽي ٺاهي آهي، جنهن ۾ اتحاد تنظيم المدارس پاڪستان جا ميمبر شامل آهن ، جنهن جي ذريعي قرآن جي ترجمي ۽ استادن جي رهنمائي لاءِ اجتماعي راءِ حاصل ڪئي ويندي . هي سلسلو تمام گهڻي ڪاميابي سان هلي رهيو آهي. ڪائونسل آف آئيڊيولاجي تمام ڪاوشن کي گهڻو ساهرايو آهي ۽ تجويز ڏني آهي تہ رهنمائي لاءِ علماءَ ڪاميٽي ٺاهي وڃي. دي علم فاؤنڊيشن ۽ ٽرم هڪ بهترين ذريعو آهي جنهن سان ضروري قرآني تعليم ايڪٽ ٢٠١٧ کي لاگو ڪري سگهجي ٿو.

نوٽ: الحمدلله مٿين عالمن سڳورن ۽ معزز شخصيتن کان علاوه ٻين تعليمي ادارن جي سربراهن، عالمن سڳورن ۽ تعليم جي ماهرن بہ قيمتي تاثرات سان نوازيو آهي

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

مضمونن جي فهرست

سيريل نمبر	عنوان			صفحو نمبر
١	تلاوت ۽ قرآن جي ترجمي جا ڪجهه آداب، شاگردن لاءِ اهم هدايتون			١١
٢	سبق:١	صاحب قرآن....اسان جو پيارو نبي خاتم الانبياء حضرت سيدنا محمد مصطفىٰ ﷺ		١٢
٣	سبق:٢	حضرت يوسف عليه السلام جو قصو (حصو پهريون)		١٨
٤	سبق:٣	حضرت يوسف عليه السلام جو قصو (حصو ٻيون)		٤٠
٥	سبق:٤	سُوۡرَةُ الزُّخۡرُفِ	(سورت نمبر:٣٤، ڪل رڪوع:٧، ڪل آيتون: ٨٩)	٥٩
٦	سبق:٥	سُوۡرَةُ الدُّخَانِ	(سورت نمبر:٤٤، ڪل رڪوع:٣، ڪل آيتون:٥٩)	٧٣
٧	سبق:٦	سُوۡرَةُ الۡجَاثِيَةِ	(سورت نمبر:٤٥، ڪل رڪوع:٤، ڪل آيتون:٣٧)	٨١
٨	سبق:٧	سُوۡرَةُ قٓ	(سورت نمبر:٥٠، ڪل رڪوع:٣، ڪل آيتون:٤٥)	٩١
٩	سبق:٨	سُوۡرَةُ الذّٰرِيٰتِ	(سورت نمبر:٥١، ڪل رڪوع:٣، ڪل آيتون:٦٠)	٩٩
١٠	سبق:٩	سُوۡرَةُ الطُّوۡرِ	(سورت نمبر:٥٢، ڪل رڪوع:٢، ٿوٿل آيتون:٤٩)	١٠٨
١١	سبق:١٠	سُوۡرَةُ النَّجۡمِ	(سورت نمبر:٥٣، ڪل رڪوع:٣، ڪل آيتون:٦٢)	١١٥
١٢	سبق:١١	سُوۡرَةُ الۡقَمَرِ	(سورت نمبر:٥٤، ڪل رڪوع:٣، ڪل آيتون:٥٥)	١٢٤
١٣	سبق:١٢	سُوۡرَةُ الرَّحۡمٰنِ	(سورت نمبر:٥٥، ڪل رڪوع:٣، ڪل آيتون:٧٨)	١٣٢
١٤	سبق:١٣	سُوۡرَةُ الۡوَاقِعَةِ	(سورت نمبر:٥٦، ڪل رڪوع:٣، ڪل آيتون:٩٦)	١٤١
١٥	سبق:١٤	سُوۡرَةُ الۡمُلۡكِ	(سورت نمبر:٦٧، ڪل رڪوع:٢، ڪل آيتون:٣٠)	١٥٠
١٦	سبق:١٥	سُوۡرَةُ الۡقَلَمِ	(سورت نمبر:٦٨، ڪل رڪوع:٢، ڪل آيتون:٥٢)	١٥٧
١٧	سبق:١٦	سُوۡرَةُ الۡحَآقَّةِ	(سورت نمبر:٦٩، ڪل رڪوع:٢، ڪل آيتون:٥٢)	١٦٥
١٨	سبق:١٧	سُوۡرَةُ الۡمَعَارِجِ	(سورت نمبر:٧٠، ڪل رڪوع:٢، ڪل آيتون:٤٤)	١٧٣
١٩	سبق:١٨	سُوۡرَةُ نُوۡحٍ	(سورت نمبر:٧١، ڪل رڪوع:٢، ڪل آيتون:٢٧)	١٨٠
٢٠	سبق:١٩	سُوۡرَةُ الۡجِنِّ	(سورت نمبر:٧٢، ڪل رڪوع:٢، ڪل آيتون:٢٨)	١٨٧
٢١	سبق:٢٠	سُوۡرَةُ الۡمُزَّمِّلِ	(سورت نمبر:٧٣، ڪل رڪوع:٢، ڪل آيتون:٢٠)	١٩٤
٢٢	سبق:٢١	سُوۡرَةُ الۡمُدَّثِّرِ	(سورت نمبر:٧٤، ڪل رڪوع:٢، ڪل آيتون:٥٦)	٢٠٢
٢٣	سبق:٢٢	سُوۡرَةُ الۡقِيٰمَةِ	(سورت نمبر:٧٥، ڪل رڪوع:٢، ڪل آيتون:٤٠)	٢٠٩
٢٤	سبق:٢٣	سُوۡرَةُ الدَّهۡرِ	(سورت نمبر:٧٦، ڪل رڪوع:٢، ڪل آيتون:٣١)	٢١٥
٢٥	سبق:٢٤	سُوۡرَةُ الۡمُرۡسَلٰتِ	(سورت نمبر:٧٧، ڪل رڪوع:٢، ڪل آيتون:٥٠)	٢٢٢
٢٦	مشڪل لفظن جي معنىٰ			٢٢٩
٢٧	”قرآن حڪيم جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ“ جي مڪمل نصاب جو تفصيل			٢٤٠

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

تلاوت ۽ قرآن جي ترجمي جا ڪجهه ادب

١- پاڪ صاف ۽ با وضو ٿي قرآن حڪيم جي تلاوت ڪرڻ گهرجي.
٢- تلاوت شروع ڪرڻ کان پهريائين تعوذ (اعوذ بالله) ۽ تسميه (بسم الله) پڙهڻ گهرجي.
٣- تجويد سان تلاوت جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.
٤- تلاوت ڪندي رب العالمين ۽ ان جي ڪلام جي عظمت به دل ۾ موجود هئڻ گهرجي.
٥- تلاوت آهستي ۽ بلند آواز سان ڪري سگهجي ٿي. البته اهو خيال رکڻ گهرجي ته وڏي آواز ۾ تلاوت سان ڪنهن جي ڪم يا آرام ۾ خلل نه پوي.
٦- سجده تلاوت واري آيت تي سجدو ادا ڪرڻ گهرجي.
٧- جڏهن ڪو ٻيو تلاوت ڪري رهيو هجي ته ان کي خاموشيءَ ۽ توجهه سان ٻڌڻ گهرجي.
٨- ترجمي ۽ تشريحن جي مطالعي جي وقت خوب غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي ته جيئن آيتن جو مفهوم چڱيءَ طرح ذهن نشين ٿي وڃي.
٩- الله سبحانه وتعالى ۽ ان جي رسول صلى الله عليه وسلم جي محبت ۽ اطاعت جي جذبي سان سرشار ٿي دين جا حڪم سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي نيت سان قرآن حڪيم جو غور سان مطالعو ڪرڻ گهرجي.
١٠- الله سبحانه وتعالى ۽ رسول صلى الله عليه وسلم جي عظمت، رفعت، جنت ۽ خوشخبريءَ وارين آيتن جو ترجمو پڙهڻ وقت خوشيءَ جو اظهار ۽ شڪر سان گڏ الله سبحانه وتعالى کان جنت جي دعا گهرڻ گهرجي.
١١- الله سبحانه وتعالى جي غضب، جهنم ۽ ان جي عذاب وارين آيتن جي ترجمي جي پڙهڻ وقت الله سبحانه وتعالى جو خوف رکندي جهنم جي عذاب کان نجات جي دعا گهرڻ گهرجي.
١٢- تلاوت جي آخر ۾ پنهنجي لاءِ، پنهنجي والدين، استادن، مرحومين ۽ پوري مسلمان امت جي سلامتيءَ، ڀلائيءَ ۽ مغفرت جي لاءِ دعا گهرڻ گهرجي.

شاگردن جي لاءِ اهم هدايتون

سڀ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن نصاب جي مطالعي دوران هيٺ ڏنل ڳالهين کي خاص طور تي ذهن نشين رکن.

١- ”قرآن حڪيم جو مطالعو“ ڪتاب جي ادب ۽ حفاظت جو ڀرپور انتظام ڪيو ۽ ان جي جلد بندي به ڪرايو، اهو خيال رکندي ته اوهان اڳتي به هن مان استفادو ڪندا رهندؤ.
٢- ”قرآن حڪيم جو مطالعو“ ۾ پيش ڪيل ترجمي جي چونڊ گهڻن عالمن سڳورن ۽ دين جي بزرگن جي مشهور ترجمن مان ڪئي وئي آهي، هن حوالي سان انهن معزز شخصيتن جي عظيم جدوجهد ۽ بي لوث خدمتن جو اسان کي قدر ڪرڻ گهرجي ۽ کين پنهنجو محسن سمجهڻ گهرجي ۽ انهن حضرات کي پڻ خراج تحسين پيش ڪرڻ گهرجي، جن هن نصاب کي سٺي کان سٺو بڻائڻ جي لاءِ فقط اخلاص جي بنياد تي هي ڪم ڪيو آهي.
٣- هن نصاب ۾ قرآن حڪيم جي ترجمي ۽ ان جي بنيادي تعليم کان آگاهي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ديني مسئلن ۽ قرآن حڪيم جي حڪمن جو تفصيل ڄاڻڻ لاءِ عالمن سڳورن ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي.
٤- هن نصاب جو هڪ اهم مقصد قرآن حڪيم جي بنيادي پيغام ۽ هدايتن کان شاگردن کي واقف ڪرائڻ آهي. البته هن مطالعي جي نتيجي ۾ پنهنجو پاڻ کي هن قابل سمجهڻ ته اسان پاڻ قرآن حڪيم مان مسئلا ۽ حڪم وٺي سگهون ٿا ۽ اسان کي اهل علم کان سکڻ جي ضرورت ناهي، اهو هرگز صحيح ناهي.
٥- قرآن حڪيم جي مطالعي سان گڏ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي حديثن ۽ سيرت النبي صلى الله عليه وسلم جو مطالعو به تمام گهڻو ضروري آهي ڇو ته قرآني احڪامن ۽ تعليم جي وضاحت پاڻ صلى الله عليه وسلم پنهنجي قول ۽ عمل جي ذريعي فرمائي آهي. ڄڻ ته قرآن حڪيم جي عملي وضاحت پاڻ صلى الله عليه وسلم جي اسوه حسنه مان حاصل ٿيندي. ان سلسلي ۾ پنهنجي استادن ۽ اهل علم کان رهنمائي وٺڻ گهرجي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH SALE OF THIS BOOK WITHOUT PERMITTAL FROM FOUNDATION. ACTION.

سبق:١

صاحب قرآن.... اسان جو پيارو نبي خاتم الانبياء حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ

وَاَحْسَنُ مِنْكَ لَمْ تَرَقَطُّ عَيْنِيْ	وَاَجْمَلُ مِنْكَ لَمْ تَلِدِ النِّسَآئِ
خُلِقْتَ مُبَرَّاً مِّنْ كُلِّ عَيْبٍ	كَاَنَّكَ قَدْ خُلِقْتَ كَمَا تَشَآئِ

ترجمو: (اي الله جا رسول ﷺ!)

وڌيڪ تو کان منهنجي اک نہ ڪڏهن سهڻو ڏٺو
وڌيڪ توکان نہ ڪنهن عورت ڄڻيو ملوڪ.
پاڪ هر عيب کان پيدا ٿئين تون.
ڄڻ جيئن گهريئي تيئن پيدا ڪيو وئين تون.

بلغ العلیٰ بکمالہٖ	کشف الدجیٰ بجمالہٖ
حسنت جمیع خصالہٖ	صلو علیہ وآلہٖ

ترجمو:

پهتا پنهنجي ڪمال سان بلندين مٿان
ختم انڌيرا سندن جمال سان ٿي ويا
سهڻيون خوب آهن سندن سڀ خصلتون
منجهان وڏي شوق پڙهو صلوعليہ وآلہٖ

انبيائن سڳورن عليہم السلام جي زندگي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي حسن جمال جو تذڪرو

عام ماڻهن جي مرڻ کان پوءِ انهن جي جسم ۾ ڦيرو اچي ويندو آهي، انبياء سڳورا عليہم السلام ان کان پاڪ ۽ محفوظ آهن، انهن جا جسم وصال کان پوءِ بہ صحيح ۽ سالم هوندا آهن. جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ بيشڪ الله سبحانہ وتعالیٰ زمين تي حرام ڪري ڇڏيو آهي، تہ اها انبياء عليہم السلام جي جسمن کي کائي (نقصان پهچائي) جڏهن تہ الله سبحانہ وتعالیٰ جا نبي سڳورا ﷺ زنده آهن (ايتري تائين جو) انهن کي رزق بہ ڏنو ويندو آهي. سرڪار دو عالم ﷺ جي باري ۾ قرآن پاڪ ۾ آهي، تہ نبي ڪريم ﷺ جو هر وقت گذريل وقت کان بهتر آهي، يعني نتيجو اهو نڪتو تہ اسان جي آقا ﷺ جو جسم انور اڄ بہ نہ صرف صحيح ۽ سالم آهي، پر ايندڙ هر لمحي الله سبحانہ وتعالیٰ سندن تازگيءَ ۾ اضافو ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري اچو تہ پاڻ پنهنجي پياري نبي مڪرم ﷺ جي ذات سراپا مبارڪ کي ياد ڪيون ڇاڪاڻ تہ سِرَ اقدس کان وٺي ناز ڀرين قدمن تائين جتي بہ نظر پوي ٿي هر عضوي مبارڪ جو حسن اهو ٿو چوي تہ صرف مونکي ئي ڏسو ۽ صرف منهنجي ئي رنگ ۾ رنگجي رهو.

جلوو والضحي ڏسي دنگ رهجي ويا	حسن چنڊ چوڏهينءَ ڏسي ڍڪري ويا

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE NEW FOUNDATION SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سرور ڪائنات ﷺ جن جو دلربا، سراپا ۽ هوش رُبا حسن

سرڪار دو عالم نور مجسم عليہ الصلوٰة والسلام کي الله ﷻ اهڙو تہ حسن ۽ جمال عطا فرمايو آهي، ان جو جيئن ان جو حق آهي، ائين ساراه ڪرڻ کان زبان عاجز ۽ قلم قاصر آهي. جنهن جيڪو لکيو، اهو ان کان گهڻو گهٽ آهي، جيئن منهنجي سرڪار آهي.

منهنجي نظرن کي ڀانئجي نٿو ڪوئي — جيئن منهنجي سرڪار آهن تيئين نہ آهي ڪوئي

نبي ڪريم ﷺ حسن ۽ جمال، خوبيءَ ۽ ڪمال جا مظهر آهن. سڄي جهان جو حسن ۽ جمال مصطفيٰ ﷺ جي هڪ ادنيٰ جهلڪ آهي. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ الڪريم فرمائن ٿا تہ رسول الله ﷺ جا اوصاف مبارڪ بيان ڪرڻ وارو نيٺ اهو چئي ڏيندو تہ نبي ڪريم ﷺ جن جهڙو نہ پهريان ڪڏهن ڏٺو نہ پوءِ.

تنهنجي خُلق کي حق عظيم چيو — تنهنجي خلقت کي تنهن جميل چيو
تنهنجي خالق حسنَ ادا جو قسم — تو جهڙو نہ ٿيو نہ ٿيندو ڪڏنهن

رسول الله ﷺ نہ صرف ذات ۽ صفات جي لحاظ کان ڀلارا ۽ مانائتا هئا، پر ٻين جي نظرن ۾ بہ وڏي شان وارا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جو قد مبارڪ پنهنجي قوم جي ماڻهن ۾ وچٿرائيءَ کان ٿورو بلنديءَ طرف مائل هو، پر پاڻ ﷺ جن جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ جلوه افروز ٿيندا هئا، تہ سڀني کان قدآور لڳندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جن جو نوراني چهرو سج جيان روشن هو. پاڻ ﷺ جن جي برڪت واري چهري ۾ مناسب گولائي، ملوڪ مکڙي جي سونهن ۽ ڏيا کي ويتر نکاري ڇڏيندي هئي، يا وري ائين چئجي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن جو نوراني چهرو ائين چمڪندي نظر ايندو هو جڻ چوڏهينءَ جو چنڊ، جڏهن تہ چانڊوڪي رات هئي، پاڻ سڳورن ﷺ کي جڏهن ڳاڙهسرن ڪپڙن ۾ ڏٺو ويو ۽ چنڊ سان ڀيٽ ڪئي وئي، تہ ڏسڻ وارن اصحاب سڳورن رضي الله عنهم اهو فيصلو ڪيو تہ پاڻ ﷺ چنڊ کان ڪئي درجا وڌيڪ خوبصورت آهن.

چنڊ سان تشبيہ ڏيڻ ڇا اهو انصاف آ — هن جي چهري تي ڌٻا مدنيءَ جو چهرو صاف آ
ساقي ڪوثر جي چهري تان جو نقاب کڄي — هر دل ٿئي ميخانو ۽ هر اک پيمانو بڻي

ياصاحب الجمال وياسيد البشر — من وجهك المنير لقد نور القمر
لايمكن الثناء كما كان حقه — بعد از خدا بزرگ توئي قصه مختصر

ترجمو:

اي مالڪَ حسنَ جمال ۽ اي سيدِ بشر — تنهنجي روشن چهري سان روشن ٿيو قمر
نا ممڪن آ ثنا جيئن حق آ تنهنجو — پوءِ خدا کان تون ئي وڏو قصو مختصر

پاڻ سڳورا ﷺ مڙني انبياء ڪرام عليهم السلام ۾ سڀني کان وڌيڪ سهڻا ۽ نهايت سهڻي آواز وارا آهن.

اهڙو توکي خالقَ بڻايو بيمثال — يوسف کي بڻايو طالبُ تنهنجي ديدار

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

عمر گذرڻ سان گڏ انسان جي ڪشش ۾ گهٽتائي ٿيندي ويندي آهي.پرجڏهن حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنه امامت ڪرائي رهيا هئاته،پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن آخري ڀيرو حجري جي پردي مان پنهنجو روشن چهروڪڍيائون ته صحابه ڪرام رضي الله عنهم بيان ڪن ٿا ته سندن نوراني چهرو قرآن جو ورق لڳي رهيو هو. ان ڪيفيت جي ڪري اهي آپي مان نڪرڻ لڳا، ذري گهٽ وچ نماز ۾ سندن قدمن تان قربان ٿيڻ وارا هئا، پر پاڻ حسنَ جمال جي مالڪن اشاري سان کين پاڻ سنڀالڻ جو حڪم ڏنو، تڏنهن اصحاب سڳورا پاڻ سنڀالي سگهيا.

پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي پيشاني مبارڪ تمام ويڪري ۽ اهڙي سونهن ڀري هئي جو رات جي اونداهيءَ ۾ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جي پيشاني مبارڪ چمڪندي نظر ايندي هئي. پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جون مبارڪ اکيون وڏيون ۽ قدري ڊگهيون هيون، جن ۾ ڳاڙهي رنگ جي ڏوري ترندي ۽ حسن ۽ جمال پکيڙيندي نظر ايندي هئي. ائين لڳندو هو ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن مبارڪ اکين ۾ سرمو پاتو هجي، جڏهن ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي مبارڪ اکين جي ڪاراڻ ۽ سفيدي انتهائي صاف ۽ شفاف انداز ۾ ظاهر ٿيندي هئي. ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جون پلڪون مبارڪ ڊگهيون، چهنبدار يا هينءَ چئجي ته مقدس اکين تي گهاٽين ڪارين ۽ ڊگهين پلڪن جو سايو هجي. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن جون ڀرؤون مبارڪ ڪمانن وانگر خوبصورت خمدار اکين تي لڳل معلوم ٿينديون هيون. پري کان لڳندو هو ته ٻئي حسين ۽ جميل ڀرؤون پاڻ ۾ مليل هجن.

سندن وار نه رحمت جو ڪڪر آ سندن ابرو نه ٻن قبيلن جو جوڙ آ

پر حقيقت ۾ انهن جي وچ ۾ هڪ رڳ مبارڪ هئي، جيڪا جلال جي وقت ابهري ايندي هئي جنهن مان پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن جي جلال مبارڪ کي آسانيءَ سان سڄاڻي سگهبو هو. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جا ڳل مبارڪ نه گهڻو وڌيڪ نه گهٽ پر مناسب گوشت سان ڀريل هوندا هئا. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي کڙي ڊگهي نڪ مبارڪ ۾ ٿورڙو خم ۽ حسن مطابق اڀريل نڪ مبارڪ تي ٿورو نور مبارڪ ظاهر ٿيندو هو ۽ هر شيء پنهنجي پنهنجي جاءِ تي حسن نمايان ڪندي نظر ايندي هئي. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جو وات مبارڪ وچٿرو ڪشادو هو. حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جا چپ مبارڪ مقدس لب سنهڙا سنهڙا گلابي نرم ۽ نازڪ هئا. ائين لڳندو هو ته گلاب جي گلن جون ٻه پنکڙيون رکيل هجن. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جا ڏند مبارڪ ائين لڳندا هئا ته ڄڻ پروردگار بلب لڳائي ڇڏيا هجن، يا موتي جَڙي ڇڏيا هجن. سامهون وارن ٻن ڏندن مبارڪن جي وچ ۾ هلڪي وٿي نظر ايندي هئي جڏهن پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم گفتگو ڪندا هئا ته ان وقت پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جي ٻنهي ڏندن مان نور جا ڪرڻا نظر ايندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته ديوارون چمڪي پونديون هيون ۽ حجرو مبارڪ جهرمر جهرمر ڪندو نظر ايندو هو. ام المؤمنين حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها ان روشنيءَ تي ڪريل سوئي به ڳولهي لڌي هُئي.

تنهنجي مرڪڻ سان ملي وڃايل سئي رات کي صبح بنائي ٿو سوجهرو تنهنجو

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم جي بيان مطابق پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي ڏاڙهي مبارڪ نهايت گهاٽي، جنهن ۾ چند وار مبارڪ اڇا نظر ايندا هئا. پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جو متو مبارڪ اعتدال سان گڏ وڏو ۽ پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جا زلف مبارڪ گهنديدار هئا، جڏهن پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم پنهنجي متي مبارڪ کي زور سان لوڏيندا هئا، تہ سيند پنهنجو پاڻ ظاهر ٿي پوندي هئي. پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جن جا زلف مبارڪ ڪڏهن ڪنن جي پاڙين تائين هوندا هئا، تہ ڪڏهن ڪنڌ مبارڪ تائين هوندا هئا ۽ ڪڏهن انهن جي وچ تي هوندا هئا. مقصد تہ:

چهري روشن مثان زلف ڪارا ڏسي ڏسندي ضحيٰ ۽ سجيٰ دنگ رهجي وياسين

پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي ڳچي مبارڪ مورتيءَ جي ڳچيءَ جيان تاراشيل لڳندي هئي ۽ چانديءَ وانگر ڳاڙهاڻ مائل هئي، پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جا سيئي عضوا مبارڪ نهايت مناسب گوشت سان پريل ۽ جوانيءَ جي رعب، دبدبي، حسن ۽ جمال سان پرپور. پيٽ مبارڪ سيني کان نڪتل نہ هو ۽ وري سينو مبارڪ ويڪرو، پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جا سيئي جوڙ مضبوط ۽ جوانيءَ جي حسن سان پرپور، پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي بدن مبارڪ جو اهو حصو، جنهن تي سج جي روشني پوندي هئي ان جي پيٽ ۾ وڏيڪ نيمڪ پريو هو، جيڪو ڪپڙن ۾ لڪيل رهندو هو، پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جن جو اهڙو ڪڪڻائون رنگ هو، جنهن ۾ چمڪ ظاهر هئي. ان ڪري پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي زيارت ڪرڻ وارن کي محسوس ٿيندو هو، تہ پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جن جو جسم انور اڇي ڳاڙهي چانديءَ ۾ دليل آهي. جيئن پاڻ سڳوراصلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جڏنهن عمري جعرانہ جي موقعي تي احرام ۾ هئا، تہ صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي جسم مبارڪ کي ڏسي بي اختيار چيو: "كَأَنَّهُ سَبِيْكَةُ فِضَّةٍ" ائين ٿو لڳي تہ پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم اڇي ڳاڙهي چاندي ۾ دليل آهن. پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي سيني مبارڪ جي متئين حصي کان دن تائين وچ ۾ تلوار جهڙي وارن جي خوبصورت لڪير هئي، باقي سڄو سينو ۽ پيٽ مبارڪ وارن کان خالي هو، پربانهن ۽ ڪلهن مبارڪن تي اڇيان پويان ڪجهہ وار مبارڪ پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي مردانگي ظاهر ڪندي نظر ايندا هئا، ڪارايون ڏگهيون، هٿيليون ويڪريون هيون. ۽ پٺ هٿيليون ۽ پيرَ مبارڪ گوشت سان پريل، هٿن ۽ پيرن جون آڱريون مناسب طور ڏگهيون، پيرن جا پب گهرا، قدم اهڙا برابر جو انهن تي پاڻي نہ بيهي، جڏهن هلندا هئا تہ طاقت سان هلندا هئا، وقار سان پير کڻندا هئا ۽ سڪون سان ڪليل قدم کڻندا هئا. جڏهن پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم هلندا هئا، تہ ائين لڳندو هو، جڻ مٿاهينءَ تان لهي رهيا هجن ۽ زمين پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي پيرن سان ويڙهجي رهي آهي، جڏنهن تہ پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جا صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم سندن پويان ڏسيندا ايندا هئا. پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جا هٿ مبارڪ نرم ۽ بي پناهہ خوبصورت، گوشت پريا، جن مان هر وقت خوشبو پئي مهڪندي هئي. پاڻ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جون پنيون مبارڪ موزون گوشت سان گڏ چمڪدار ۽ قدم انور نهايت خوبصورت ۽ پيڈيون مبارڪ نازڪ، انهن تي گوشت گهٽو نہ هو.

هڪ نوڪر سان احد جو زلزلو رڪجي ويو سندن پيڈين ۾ آ ڇا وقار الله اڪبر

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE MEHRAN FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK IS STRICTLY PROHIBITED. ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. حضور نبي ڪريم ﷺ جي لاءِ هر اڇڻ واري گهڙي هر گذرندڙ گهڙيءَ کان بهتر آهي. اسان کي به پنهنجي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ جو فڪر ڪرڻ گهرجي.

٢. انبياء ڪرام عليهم السلام جا جسم مبارڪ وصال کان پوءِ به هميشه محفوظ و سلامت رهندا آهن.

٣. الله ﷻ کان پوءِ ڪائنات ۾ رسول الله ﷺ سڀ کان وڌيڪ مقدس هستي آهن.

٤. الله ﷻ پنهنجي حبيب مڪرم ﷺ کي بي مثل حسن ۽ جمال عطا فرمايو آهي.

٥. صحابه ڪرام رضي الله عنهم رسول اڪرم ﷺ سان تمام گهڻي عقيدت، محبت ۽ جان نثاريءَ جو اظهار ڪندا هئا. اسان کي به انهن جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي.

٦. حضور نبي ڪريم ﷺ جا اوصاف مبارڪ بيان ڪرڻ وارو نيٺ اهو ڇئي ڏيندو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جهڙو نه پهريان ڪڏهن ڏٺو نه پوءِ.

٧. صحابه ڪرام رضي الله عنهم وانگر اسان کي به رسول الله ﷺ جا اوصاف مبارڪ بيان ڪرڻ جو اهتمام ڪرڻ گهرجي.

٨. حضور اڪرم ﷺ جي زلفن مبارڪن جي وڌ ۾ وڌ ڏيگهه ڪنڌ جي وچ تائين هئي. ان ڪري زلفن رکڻ وارن ماڻهن کي ان ڳالهه جو خاص خيال رکڻ گهرجي.

٩. رسول الله ﷺ جڏهن هلندا هئا ته پروقار انداز سان نظرون جهڪائي هلندا هئا. اسان کي به پاڻ ﷺ جي اطاعت ڪندي پروقار طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي.

١٠. خاتم الانبياء حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ نه صرف خود پنهنجي ذات ۽ صفتن جي لحاظ سان انتهائي معزز ۽ مڪرم هئا پر ٻين جي نظرن ۾ به تمام اعليٰ مرتبي وارا، محترم ۽ شانائتا هئا.

سمجهه ۽ حل ڪيو

سوال ١ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

١. پاڻ ﷺ جي حسن، جمال ۽ مبارڪ وصفون بيان ڪرڻ وارن جي باري ۾ حضرت علي رضي الله عنه ڇا فرمايو؟

_____

_____

٢. نبي ڪريم ﷺ جي پيشانيءَ مبارڪ جو حسن ۽ جمال ڪيئن هو؟

_____

_____

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

٣. رسول اللهﷺ جن جي علالت جي دوران جڏهن صحابہ ڪرامؓ ڏٺو تہ ان وقت انهن جا جذبا ڪهڙا هئا؟

٤. جڏنهن حضور نبي ڪريمﷺ جن گفتگو فرمائيندا هئا يا مسڪرائيندا هئا تہ آس پاس جي ماحول تي پاڻﷺ جي حسن ۽ جمال جو ڪيئن اظهار ٿيندو هو.

٥. حضورﷺ کي جعرانہ جي جاءِ تي احرام جي حالت ۾ صحابہ ڪرامؓ پاڻﷺ جي باري ۾ ڇا چيو؟

سوال ٢ هيٺ ڏنل جملا مڪمل ڪيو:

عام ماڻهن جي _____ کان پوءِ انهن جي جسم ۾ ڦيرو اچي ويندي آهي _____ ان کان پاڪ ۽ محفوظ آهن، انهن جا جسم _____ کان پوءِ بہ صحيح ۽ سالم هوندا آهن. جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ بيشڪ اللهﷻ زمين تي _____ کري چڏيو آهي تہ اها _____ جي جسمن کي کائي (نقصان پهچائي ڪڏهن) اللهﷻ جا _____ زنده آهن (ايتري تائين جو) انهن کي _____ (بہ) ڏنو ويندو آهي. سرڪار دو عالمﷺ جي باري ۾ قرآن پاڪ ۾ آهي تہ "پاڻ سڳورنﷺ جو هر _____ گذريل _____ کان بهتر آهي. يعني نتيجو اهو نڪتو تہ اسان جي آقاﷺ جو _____ اڄ بہ نہ صرف صحيح ۽ سالم آهي پر ايندڙ هر _____ اللهﷻ سندن تازگيءَ ۾ _____ کري رهيو آهي.

گهرو ڪم

نبي ڪريمﷺ جي خصائل ۽ حسن، جمال جي باري ۾ ڏنل شعر زباني ياد ڪيو ۽ پنهنجي سينيءَ گهر وارن کي گڏ ڪري ٻڌايو.

صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين / سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL & CIVIL ACTION.

سبق:٢ حضرت يوسف عليه السلام جو قصو (حصو پهريون)

حضرت يوسف عليه السلام جو تعارف

حضرت يوسف عليه السلام الله تعالى جو نبي ۽ حضرت يعقوب عليه السلام جو لاڏلو پٽ هو. حضرت يعقوب عليه السلام کي الله تعالى ۱۲ پٽ عطا فرمايا. جن ۾ ۱۰ وڏا ۽ ۲ ننڍا هئا. ننڍن پٽن ۾ حضرت يوسف عليه السلام ۽ ٻيو سندن ننڍو ڀاءُ بنيامين هو. الله تعالى قرآن حڪيم ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي نالي تي پوري سورة يوسف نازل فرمائي ۽ ان کي بهترين قصو قرار ڏنو. حضرت يوسف عليه السلام خوب سيرت ۽ هو ته خوبصورت ۽ هو. ان جو پيءُ حضرت يعقوب عليه السلام ان سان تمام گهڻي محبت ڪندو هو.

۱. حضرت يوسف عليه السلام جو خواب (سورة يوسف آيت: ۱ کان ٦)

هڪ ڏينهن حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي پيءُ کي چيو ته بابا مان خواب ۾ ڏسان ٿو ته هڪ سج، چند ۽ يارنهن ستارا مون کي سجدو ڪري رهيا آهن. حضرت يعقوب عليه السلام حضرت يوسف عليه السلام کي فرمايو ته الله تعالى توتي پنهنجو فضل ڪرڻ وارو آهي. الله تعالى توکي خوابن جي تعبير ۽ ڳالهين کي سمجهڻ ۽ انهن جي ته تائين پهچڻ جي صلاحيت بخشڻ وارو آهي ۽ ان سان گڏ حضرت يعقوب عليه السلام حضرت يوسف عليه السلام کي تلقين فرمائي ته پنهنجو خواب پنهنجي ڀائرن کي نه ٻڌاءِ. شيطان انسان جو ڪُليو دشمن آهي متان تنهنجي ڀائرن جي دل ۾ تنهنجي لاءِ حسد نه پيدا ڪري وجهي.

۲. حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن جو حسد (سورة يوسف آيت: ۷ کان ۱۵)

حضرت يوسف عليه السلام جي ڏهن وڏن ڀائرن جو خيال هو ته اسان جوان آهيون ۽ پنهنجي پيءُ جي هر ڪم ۾ ان جو هٿ ونڊايون ٿا، پر اسان جي پيءُ کي اسان کان وڌيڪ يوسف سان محبت آهي. ڀائرن صلاح ڪئي ته يوسف کي قتل ڪرڻ گهرجي يا وري ڪٿي پري ڇڏي اڇڻ گهرجي ته جيئن اسان جي پيءُ جو توجهه يوسف کان هٽي اسان ڏانهن ٿي وڃي. پنهنجي فيصلي تي عمل ڪرڻ لاءِ ڀائر پنهنجي پيءُ وٽ ويا ۽ ان کي چيائون ته سياڻي اسان گهمڻ ڦرڻ لاءِ جهنگ جي طرف وڃي رهيا آهيون. توهان يوسف کي اسان سان گڏ موڪل ڏيو، ته جيئن هو به اسان سان کيڏي ڪڏي ۽ اسان سان گڏ کائي پئي. اسان ان جي حفاظت ڪنداسين. حضرت يعقوب عليه السلام فرمايو ته يوسف جي جدائي مونکي ڏکارو ڪري وجهندي، مونکي ڊپ آهي، ته ڪٿي توهان راند روند ۾ لڳي وجو ۽ يوسف کي بگهڙ کائي وڃي. ڀائرن چيو ته اهو کيئن ٿو ٿي سگهي؟ ته اسان جي هوندي اسان جي ڀاءُ کي بگهڙ کائي وڃي جڏهن ته اسان سگها مڙس آهيون. ٿيڻ حضرت يعقوب عليه السلام کين موڪل ڏٿي ڇڏي. ڀائر حضرت يوسف عليه السلام کي وٺي جهنگ جي طرف پهچي ويا. وڏي ڀاءُ يهودا سيني کي صلاح ڏني ته يوسف کي قتل نه ڪيو بلڪ ان کي اونهين کوهه ۾ اڇلي ڇڏيو. جنهن تي عمل ڪندي انهن حضرت يوسف عليه السلام کي بيابان ۾ هڪ اونهين کوهه ۾ اڇلي ڇڏيو ۽ پاڻ واپس گهر هليا آيا. ان ئي گهڙيءَ الله تعالى حضرت يوسف عليه السلام جي دل ۾ اها ڳالهه وجهي ڇڏي ته هڪ وقت ايندو، جو توهان انهن کي سندن ان سلوڪ جي ياد ڏيارينڊو.

۳. حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن جو بهانو (سورة يوسف آيت: ۱٦ کان ۱۸)

حضرت يوسف عليه السلام جا ڀائر رات جو حضرت يعقوب عليه السلام وٽ روئندا اچي پهتا. ڀائرن چيو ته اسان راند روند ۾ لڳي وياسين ۽ يوسف کي پنهنجي سامان وٽ ويهاريوسين. ان کي هڪ بگهڙ کائي ويو. ڀائر حضرت يوسف عليه السلام جي

COPYRIGHTS © REFERENCE WITH THE FOUNDATION. SINDHI BOOK BOARD UNDER INTELLECTUAL PROPERTY RIGHTS ACT.

قميص تي ڪوڙو رت هڻي اها کڻي آيا. حضرت يوسف عليه السلام جي قميص ثبوت طور حضرت يعقوب عليه السلام جي سامهون پيش ڪيائون. حضرت يعقوب عليه السلام ڄاتو ٿي ته حضرت يوسف عليه السلام جو خواب سچو آهي. الله سبحانه وتعالى حضرت يوسف عليه السلام کي وڏو درجو عطا ڪرڻ وارو آهي. جنهن ڪري سمجهي ويو ته يوسف اڃا زنده آهي، يوسف جا ڀائر صحيح ڳالهه نه ٿا ڪن. حضرت يعقوب عليه السلام فرمايو ته هيءَ توهان جي هٿ ٺوڪي ڪوڙي ڳالهه آهي. آءٌ صبر ڪيان ٿو ۽ ان معاملي ۾ الله سبحانه وتعالى کان مدد طلب ڪيان ٿو.

۴. حضرت يوسف عليه السلام سان قافلي وارن جو سلوڪ (سورة يوسف آيت: ۱۹ کان ۲۰)

حضرت يوسف عليه السلام کوهه ۾ اڪيلو هو. هڪ قافلي جو جهنگ مان گذر ٿيو. قافلي وارن پنهنجي هڪ ماڻهوءَ کي پاڻي ڀري اچڻ لاءِ موڪليو. جنهن پاڻي ڀرڻ لاءِ کوهه ۾ ڏول وڌو. حضرت يوسف عليه السلام ڏول ۾ چڙهي ويهي رهيو. ان ماڻهوءَ جڏهن ڏول ڪڍيو ته هڪ خوبصورت ڇوڪري کي ڏسي حيران ٿي ويو. خوشيءَ مان سڏڻ لڳو، ته هيءُ نهايت خوبصورت ڇوڪرو آهي. قافلي وارن حضرت يوسف عليه السلام کي وڪرو ڪرڻ لاءِ لڪائي ڇڏيو. ڀائرن کي خبر پئي ته انهن ٿورڙي قيمت وٺي حضرت يوسف عليه السلام کي قافلي وارن وٽ وڪرو ڪري ڇڏيو.

۵. حضرت يوسف عليه السلام سان عزيز مصر جو حسن سلوڪ (سورة يوسف آيت: ۲۱ کان ۲۲)

قافلي وارا حضرت يوسف عليه السلام کي مصر وٺي ويا، عزيز مصر حضرت يوسف عليه السلام کي مهانگي ملهه ۾ خريد ڪيو. عزيز مصر پنهنجي گهر واري زليخا کي چيو، ته يوسف کي عزت احترام سان رک، ٿي سگهي ٿو ته هي اسان کي فائدو ڏئي يا اسان ان کي پنهنجو پٽ بڻائي ڇڏيون. اهڙيءَ طرح الله سبحانه وتعالى جي تدبير پوري ٿي. وڌيڪ هيءُ ته الله سبحانه وتعالى حضرت يوسف عليه السلام کي خوابن جي تعبير يعني حقيقت تائين پهچڻ جو علم سيکاريو. الله سبحانه وتعالى حضرت يوسف عليه السلام کي ڪنعان جي اونهين کوهه مان ڪڍي مصر جي خزانن جي والي عزيز مصر جي گهر پهچايو. ان طرح حضرت يوسف عليه السلام جي رهڻ ڪرڻ جا اسباب ۽ مصر ۾ سندس سگهاري ۽ بااختيار ماڻهو ٿيڻ جون راهون هموار ڪري ڇڏيون.

۶. حضرت يوسف عليه السلام سان زليخان جو برو سلوڪ (سورة يوسف آيت: ۲۳ کان ۲۹)

جڏهن حضرت يوسف عليه السلام جوان ٿيو ته خوبصورتي ۾ جهڙس ڪوبه ڪونه هو. هڪ ڏينهن زليخا محل جا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ حضرت يوسف عليه السلام کي برائيءَ لاءِ سڏيا ئين. حضرت يوسف عليه السلام الله سبحانه وتعالى کان پناهه گهري ۽ دروازي ڏانهن ڀڳو. زليخا سندس پيڇو ڪيو ۽ پٺيان سندس قميص مان ورتائين ته اها ڦاٽي پئي. جڏهن ٻئي دروازي تي پهتا، ته اتي انهن عزيز مصر کي بيٺل ڏٺو. مڙس کي ڏسندي ئي زليخا حضرت يوسف عليه السلام تي برائي جو الزام لڳايو. حضرت يوسف عليه السلام موقعي تي انڪار ڪيو ۽ چيو ته هيءَ عورت مونکي برائيءَ جي دعوت ڏئي رهي هئي. عزيز مصر جي لاءِ فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي پيو. زليخا جي گهر وارن مان هڪ گواهي ڏني ته يوسف جي قميص کي ڏسو، جيڪڏهن اڳيان ڦاٽل آهي، ته زليخا سچي آهي ۽ يوسف ڪوڙو آهي، جيڪڏهن پٺيان ڦاٽل آهي، ته زليخا ڪوڙي آهي ۽ يوسف سچو آهي. جڏهن قميص ڏٺائون ته اها پٺيان ڦاٽل هئي، ته عزيز مصر زليخا کي جهڻڪيو ۽ چيو ته تون ئي ڏوهي آهين، پنهنجي ڏوهه جي معافي وٺ.

۷. حضرت يوسف عليه السلام کي ڏسي مصر جي عورتن جو پنهنجا هٿ زخمي ڪري ڇڏڻ (سورة يوسف آيت: ۳۰ کان ۳۵)

زليخا جو هي واقعو ماڻهن ۾ عام ٿي ويو. امير گهراڻن جون عورتون زليخا کي برو ڀلو چوڻ لڳيون ته، هوءَ هڪ معمولي غلام تي ديواني ٿي پئي آهي. جڏهن زليخا تائين اهي ڳالهيون پهتيون ته، ان سڀني عورتن کي دعوت تي گهرايو ۽ انهن جي مهماني فروٽن سان ڪئي. هر ڪنهن کي فروٽ ڪٽڻ لاءِ ڇري ڏنائين ۽ پوءِ حضرت يوسف عليه السلام کي حڪم ڏنائين ته، انهن عورتن جي آڏو گذري وڃ. عورتون حضرت يوسف عليه السلام جي خوبصورتيءَ کي ڏسي

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE LM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD CONTAINED CIVIL & CRIMINAL ACTION.

حيران ٿي ويون. فروٽ ڪٽيندي پنهنجا هٿ ڪٽي ويٺيون ۽ چوڻ لڳيون: هيءُ ڪو انسان نہ، پر معزز فرشتو آهي". زليخا چيو: هيءُ اهوئي آهي جنهن جا توهان مونکي طعنا ٿي ڏنا. ان سان گڏ زليخا اهو بہ چيو تہ، جيڪڏنهن ان منهنجي ڳالهہ نہ مڃي تہ مان کيس جيل ۾ وجهرائي ڇڏيندس. حضرت يوسف عليه السلام الله سبحانه وتعالى کان دعا گهري تہ مونکي برائي کان جيل ۾ رهڻ وڌيڪ پسند آهي. الله سبحانه وتعالى حضرت يوسف عليه السلام جي دعا قبول ڪئي ۽ عورتن جي رٽ مان کيس بچائي ورتو. عزيز مصر عورتن جو اهو حال ڏسي فيصلو ڪيو تہ، يوسف کي ڪجهہ عرصي لاءِ جيل موڪلي ڇڏجي.

٨. حضرت يوسف عليه السلام جي جيل ۾ توحيد جي دعوت (سورة يوسف آيت: ٣٦ کان ٤٢)

حضرت يوسف عليه السلام سان گڏ ٻن نوجوانن کي بہ جيل ۾ وڌو ويو. جيڪي مصر جي بادشاهہ جا خادم هئا. هڪ بادشاهہ کي شراب پيارينڊو هو ۽ ٻيو ماني پچائيندو هو. انهن ٻنهي تي بادشاهہ کي زهر ڏيڻ جو الزام هو. بادشاهہ کي شراب پيارڻ واري خواب ڏٺو تہ، بادشاهہ جي لاءِ شراب ٺاهي رهيو آهي. جڏهن تہ ٻئي خواب ڏٺو تہ بادشاهہ جي لاءِ ماني پچائي مٿي تي رکيون وينو آهي ۽ ڪجهون ان کي ويٺيون ٽيون کائنِ. ٻنهي حضرت يوسف عليه السلام کي پنهنجو خواب ٻڌايو ۽ ان جي تعبير پڇي. حضرت يوسف عليه السلام ڏٺو تہ ٻئي نوجوان ان جي ڳالهہ غور سان ٻڌي رهيا هئا، تہ حضرت يوسف عليه السلام انهن کي تسلي ڏني تہ مان جلد ئي توهان کي ان جي تعبير ٻڌايان ٿو. ان موقعي جو فائدو ونڊي حضرت يوسف عليه السلام ٻنهي نوجوانن کي توحيد يعني هڪ الله سبحانه وتعالى کي مڃڻ جي دعوت ڏني، پنهنجي عظيم مرتبي وارن ابن ڏاڏن عليهم السلام جي پيروي ڪرڻ ڏانهن ڏيارين ۽ شرڪ کان بچڻ جي تلقين ڪئي ۽ پوءِ کين خواب جي تعبير ٻڌائي، تہ بادشاه کي شراب پيارڻ وارو آزاد ٿي ويندو ۽ اهو ٻيهر بادشاهہ جي خدمت ڪندو. جڏهن تہ ماني پچائڻ واري کي قاسي ڏني ويندي ۽ ڪجهون ان جي مٿي ۾ ڏونگها هڻي کائيندين. حضرت يوسف عليه السلام بادشاهہ کي شراب پيارڻ واري کي فرمايو تہ، پنهنجي بادشاهہ وٽ سندس ذڪر ڪري، پر هو حضرت يوسف عليه السلام جو بادشاهہ سان ذڪر ڪرڻ وساري وينو. اهڙيءَ طرح حضرت يوسف عليه السلام ڪيترائي سال جيل ۾ رهيو.

٩. مصر جي بادشاهہ جو خواب (سورة يوسف آيت: ٤٣ کان ٤٩)

مصر جي بادشاهہ خواب ڏٺو تہ ست ٿلهيون ڪڻون آهن، جن کي ست ڏٻريون ڳڻون کائن ٿيون. ۽ ست ساوا سنگ آهن ۽ ست سڪل سنگ. بادشاهہ پنهنجي سلطنت جي ڪارڪنن کان ان جي تعبير پڇي. سردارن چيو، تہ اهو پريشان ڪرڻ وارو خواب آهي، اسان اهڙي خواب جي تعبير نٿا ڄاڻيون. ان وقت بادشاهہ جي آزاد ٿيڻ واري غلام کي حضرت يوسف عليه السلام ياد اچي ويو. بادشاهہ کي چيائين تہ، مان توهان کي ان خواب جي تعبير ٻڌائيندس. پوءِ هو حضرت يوسف عليه السلام وٽ جيل ۾ پهتو ۽ کيس بادشاهہ جي خواب بابت ٻڌايائين. کيس چيائين تہ توهان ان خواب جي تعبير ٻڌايو. حضرت يوسف عليه السلام فرمايو تہ توهان ست سال زمين پوکيندؤ، تمام گهٽو فصل ٿيندو، خوشحالي ٿيندي ۽ ان سان گڏ تدبير بہ ٻڌائي تہ توهان جيڪو فصل لٽون، تہ اهو ٿورو استعمال ڪيو، باقي سنگن ۾ رهڻ ڏيو، تہ جيئن اهو گهٽو وقت محفوظ رهي سگهي. وري چيائين تہ خوش حاليءَ جي انهن ستن سالن کان پوءِ ڏڪر جا ست سال ايندا، جن ۾ هي بچل اناج کم ايندو. انهن ستن سالن کان پوءِ ٻيهر بارشون ٿيندين ۽ ڏڪر ختم ٿي ويندو.

١٠. حضرت يوسف عليه السلام جي مصر جي بادشاهہ سان ملاقات (سورة يوسف آيت: ٥٠ کان ٥٧)

خادم جڏهن بادشاهہ کي خواب جي تعبير ٻڌائي ۽ ان سان گڏ تدبير بہ ٻڌائي، تہ بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو. بادشاهہ حضرت يوسف عليه السلام کي فوراً پاڻ وٽ گهرايو. جڏهن بادشاهہ جو پيغام ڪٽي قاصد حضرت يوسف عليه السلام وٽ پهتو، تہ

COPYRIGHTS @ SINDHI BOOK BOARD WITH THE LIMITED PERMISSION OF SINDHI LANGUAGE AUTHORITY. SALE LEVEL IS STRICTLY PROHIBITED. FOR EDUCATIONAL PURPOSE ONLY.

حضرت يوسف عليه السلام جيل کان ٻاهر اچڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان فرمايو ته پهريان بادشاهه کي چئو ته معلوم ڪري، ته انهن عورتن جو ڇا معاملو هيو؟ جن پنهنجا هٿ زخمي ڪري ڇڏيا هئا.
بادشاهه انهن عورتن کي گهرايو پڇا ڳاڇا ڪئي، ته زليخا پنهنجي غلطي تسليم ڪئي. ان حضرت يوسف عليه السلام جي پاڪيزگيءَ جو اعتراف ڪيو. تنهن کان پوءِ حضرت يوسف عليه السلام بادشاهه وٽ حاضر ٿيو ۽ فرمايو ته مونکي زمين جي خزاني جو وزير بڻايو. ڇو ته مان علم ۽ ڪان ٿو ۽ امانتدار ۽ آهيان. بادشاهه حضرت يوسف عليه السلام کي پنهنجو خاص وزير بڻائي ڇڏيو. آهستي آهستي حضرت يوسف عليه السلام مصر جي هڪ صاحب اختيار شخصيت بڻجي ويو.



COPYRIGHTS® BY SERVED WITH
THE ILM FOUNDATION
SALE OF THIS BOOK WOULD
ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سُوْرَةُ يُوْسُف

سورة يوسف ۱۲ — رڪوع: ۱ کان ۷ (آيت: ۱ کان ۵۷)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورت قرآن حڪيم جي نهايت دلچسپ سورة آهي. هن سورت ۾ بارنهن رڪوع آهن. بارنهن رڪوعن ۾ الله تعالىٰ حضرت يوسف عليه السلام جو انتهائي دلچسپ قصو بيان فرمايو آهي. هن سورت ۾ الله تعالىٰ اسان کي اها تعليم ڏني آهي، ته الله تعالىٰ پنهنجي نيڪ بانهن جي مدد فرمائيندو آهي ۽ برن ماڻهن جون سازشون ڪامياب نه ٿيڻ ڏيندو آهي. هن قصي کي الله تعالىٰ بهترين قصو قرار ڏنو آهي. جنهن ۾ زندگيءَ جي تمام گهڻن پهلوئن مثال طور: ايمانيات، ذڪر الهي، صبر، شڪر، حيا، اخلاق، حسن سلوڪ، همدردي، درگذر، گهريلو زندگي، تجارت ۽ حڪومت وغيره تائين جي باري ۾ رهنمائي عطا ڪئي وئي آهي. يهودين مڪي جي مشرڪن ذريعي رسول الله صلى الله عليه وسلم کان اهو سوال پڇيو، ته بني اسرائيل ڪنعان کان مصر ڪيئن پهتا؟ ان جي جواب ۾ الله تعالىٰ حضور نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم تي پوري سورة يوسف نازل فرمائي. جنهن ۾ تفصيل سان انهن کي سندن سوال جو جواب به ڏنو ويو ۽ ان سان گڏ اهو به واضح ڪيو ويو ته، حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم اڄ به اها ئي دعوت ڏئي رهيا آهن. جيڪا ابراهيم عليه السلام، اسحاق عليه السلام، يعقوب عليه السلام، ۽ يوسف عليه السلام واري دعوت هئي. ۽ ان سان گڏ اميد ڏياري ته حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم ئي ڪامياب ٿيندا جيئن حضرت يوسف عليه السلام ڪامياب رهيا. حضور صلى الله عليه وسلم سان حسد ڪرڻ وارا هڪ ڏينهن پشيمان ٿيندا، جيئن حضرت يوسف عليه السلام سان حسد ڪرڻ وارن سندن پائرن کي پشيمان ٿيڻو پيو.

اَعُوْذُ	بِاللّٰهِ	مِنَ	الشَّيْطٰنِ	الرَّجِيْمِ	
آءٌ الله جي پناه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان					
بِسْمِ	اللّٰهِ	الرَّحْمٰنِ	الرَّحِيْمِ		
شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي					

۱۔ حضرت يوسف عليه السلام جو خواب (سورة يوسف آيت: ۱ کان ۶)

الٓرٰ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ۝۱ اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ۝۲

الٓر۔ هي واضح ڪتاب جون آيتون آهن. بيشڪ اسان هن کي اهڙو قرآن ٻڌائي نازل فرمايو آهي جيڪو عربيءَ ۾ آهي، ته جيئن اوهان سمجهي سگهو.

نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ اَحْسَنَ الْقَصَصِ بِمَآ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ هٰذَا الْقُرْاٰنَ ۚ

اسان اوهان سان هڪ بهترين قصو بيان ڪيون ٿا، جيڪو اسان هن قرآن جي ذريعي اوهان ڏانهن وحي ڪيو آهي.

وَاِنْ كُنْتَ مِنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ الْغٰفِلِيْنَ ۝۳ اِذْ قَالَ يُوْسُفُ لِاَبِيْهِ

۽ يقيناً اوهان هن کان پهريان (هن قصي کان) واقف نه هئا. جڏهن يوسف (عليه السلام) پنهنجي پيءُ کي چيو:

يٰٓاَبَتِ اِنِّيْ رَاَيْتُ اَحَدَ عَشَرَ كَوْكَبًا وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ رَاَيْتُهُمْ لِيْ سٰجِدِيْنَ ۝۴

اي منهنجا بابا مون (خواب ۾) ڏٺو آهي، يارنهن ستارن کي، ۽ سج چنڊ کي، مون ڏٺو ته اهي مونکي سجدو ڪري رهيا آهن.

قَالَ يٰبُنَيَّ لَا تَقْصُصْ رُءْيَاكَ عَلٰٓى اِخْوَتِكَ فَيَكِيْدُوْا لَكَ كَيْدًا ۭ اِنَّ الشَّيْطٰنَ

(يعقوب عليه السلام) فرمايو ته اي منهنجا پٽ، تون پنهنجي خواب جو ذڪر نه ڪجان، پنهنجي پائرن سان، نه ته اهي تنهنجي خلاف ڪا سازش ڪندا، بيشڪ شيطان،

COPYRIGHTS © RESERVED WITH SAFE SOUL FOUNDATION. ENTIRE CONTENT IS PROPERTY OF SAFE SOUL FOUNDATION.

لِلْاِنْسَانِ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ۝٥ وَ كَذٰلِكَ يَجْتَبِيْكَ رَبُّكَ وَ يُعَلِّمُكَ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ

انسان جو کليل دشمن آهي. ۽ اهڙيءَ طرح تنهنجو رب توکي منتخب فرمائيندو، ۽ توکي ڳالهين (خوابن) جي تعبير جو علم سيکاريندو،

وَ يُتِمُّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَ عَلٰٓى اٰلِ يَعْقُوْبَ كَمَآ اَتَمَّهَا عَلٰٓى اَبَوَيْكَ مِنْ قَبْلُ اِبْرٰهِيْمَ وَ اِسْحٰقَ ؕ

۽ اهو تنهنجي مٿان ۽ يعقوب جي اولاد جي مٿان پنهنجي نعمت پوري فرمائيندو، جيئن ان کان پهريان تنهنجي ڏاڏن ابراهيم (عليه السلام) ۽ اسحاق (عليه السلام) تي ان کي پورو فرمايو،

اِنَّ رَبَّكَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝٦ ع

بيشڪ تنهنجو رب، خوب ڄاڻڻ وارو وڏي حڪمت وارو آهي.

٢- حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن جو حسد (سورة يوسف آيت: ٧ کان ١٥)

لَقَدْ كَانَ فِيْ يُوْسُفَ وَ اِخْوَتِهٖٓ اٰيٰتٌ لِّلسَّآئِلِيْنَ ۝٧ اِذْ قَالُوْا

يقينن يُوسف عليه السلام ۽ سندس ڀائرن (جي قصي) ۾، پڇندڙن لاءِ (گهڻيون) نشانيون آهن. جڏهن (ڀائرن) چيو،

لَيُوْسُفُ وَ اَخُوْهُ اَحَبُّ اِلٰٓى اَبِيْنَا مِنَّا وَ نَحْنُ عُصْبَةٌ ؕ

ته بيشڪ يُوسف عليه السلام ۽ سندس ڀاءُ، اسان جي پيءُ کي اسان کان وڌيڪ پيارا آهن، جڏنهن ته اسين سگهاري جماعت آهيون،

اِنَّ اَبَانَا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنِ ۝٨ ۚۖ اِقْتُلُوْا يُوْسُفَ اَوِ اطْرَحُوْهُ اَرْضًا

يقينن اسان جو پيءُ ضرور (انهن جي محبت ۾) پڌري غلطيءَ ۾ آهي. (تنهن ڪري حل اهو آهي ته) اوهان يُوسف عليه السلام کي قتل ڪري ڇڏيو، يا کيس ڪنهن ملڪ ۾ ڦٽي ڪري اچو،

يَّخْلُ لَكُمْ وَجْهُ اَبِيْكُمْ وَ تَكُوْنُوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ قَوْمًا صٰلِحِيْنَ ۝٩

ته اوهان جي پيءُ جو توجه اوهان ڏانهن ٿي پوندو، ۽ اُن کان پوءِ اوهان سڌريل ماڻهو ٿي پئجو.

قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ لَا تَقْتُلُوْا يُوْسُفَ وَ اَلْقُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ يَلْتَقِطْهُ بَعْضُ السَّيَّارَةِ

اُنهن مان هڪ چوڻ واري چيو، ته يُوسف کي قتل نه ڪريو، ته کيس ڪنهن اونهي کوه ۾ اڇلي ڇڏيوس، ڪو قافلو کيس کڻي هليو ويندو،

اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ۝١٠ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا لَكَ لَا تَاْمَنَّا عَلٰى يُوْسُفَ

جيڪڏنهن ڪجهه ڪرڻو آهي، (ان مشوري کان پوءِ) هو چوڻ لڳا: اي بابا اوهان کي ڇا ٿيو آهي؟ يُوسف عليه السلام جي باري ۾ اسان تي ڀروسو نٿا ڪيو،

وَ اِنَّا لَهٗ لَنٰصِحُوْنَ ۝١١ اَرْسِلْهُ مَعَنَا غَدًا يَّرْتَعْ وَ يَلْعَبْ وَ اِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ۝١٢

جڏنهن تو يقين ڪيو اسان سندس خيرخواه آهيون. سڀاڻي اُن کي اسان سان گڏ ڇڏيو، ته خوب کائي پئي ۽ کيڏي، يقين ڄاڻيو اسين سندس حفاظت ڪنداسين.

قَالَ اِنِّيْ لَيَحْزُنُنِيْٓ اَنْ يَّذْهَبُوْا بِهٖ وَ اَخَافُ اَنْ يَّاْكُلَهُ الذِّئْبُ وَ اَنْتُمْ عَنْهُ غٰفِلُوْنَ ۝١٣

(يعقوب عليه السلام) فرمايو يقينن اها ڳالهه مون کي غمگين ٿي ڪري ته اوهان کيس وٺي وڃو، مون کي ڊپ ٿو ٿئي ته کيس بگهڙ نه کائي وڃي، جڏنهن ته توهان اُن کان غافل هجو.

قَالُوْا لَئِنْ اَكَلَهُ الذِّئْبُ وَ نَحْنُ عُصْبَةٌ اِنَّآ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ۝١٤

چوڻ لڳا جيڪڏنهن (اسان جي موجود هوندي) کيس بگهڙ کائي ويو، جڏنهن ته اسين طاقتور جماعت آهيون، ته يقين ڪيو ته اسين انهيءَ مهل خساري وارا هونداسون.

فَلَمَّا ذَهَبُوْا بِهٖ وَ اَجْمَعُوْٓا اَنْ يَّجْعَلُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ ۚ وَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ

پوءِ جڏنهن اهي کيس وٺي ويا، ۽ ان تي اتفاق ڪيائون ته کيس، اونهي کوه ۾ اڇلي ڇڏن، تڏنهن اسان ڏانهس وحي ڪئي،

COPYRIGHTS © RESERVED WITH SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

لَتُنَبِّئَنَّهُمْ بِاَمْرِهِمْ هٰذَا وَهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٥﴾

تہ تون (وقت اچڻ تي) ضرور کين سندن هن سلوڪ جي خبر ڏيندين، جڏهن کين ان جي کا خبر نہ هوندي.

٣۔ حضرت يوسف عليه السلام جي پائرن جو ٻهانو (سورة يوسف آيت: ١٦ کان ١٨)

وَجَآءُوْٓ اَبَاهُمْ عِشَآءً يَّبْكُوْنَ ﴿١٦﴾ قَالُوْا يٰٓاَبَانَآ اِنَّا ذَهَبْنَا نَسْتَبِقُ

ع اُهي پنهنجي پيءُ وٽ رات جي وقت روئندا آيا. چوڻ لڳا: اي بابا، اسان ڊڪ ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي نڪرڻ ۾ مصروف هئاسين،

وَتَرَكْنَا يُوْسُفَ عِنْدَ مَتَاعِنَا فَاَكَلَهُ الذِّئْبُ ۚ وَمَآ اَنْتَ بِمُؤْمِنٍ لَّنَا

ع يُوسف کي پنهنجي سامان وٽ ڇڏيوسين، تہ کيس ٻگهڙ کائي ويو. ع اوهان اسان جي ڳالهه جو يقين نہ ڪندئو،

وَلَوْ كُنَّا صٰدِقِيْنَ ﴿١٧﴾ وَجَآءُوْ عَلٰى قَمِيْصِهٖ بِدَمٍ كَذِبٍ ؕ قَالَ

ع اسين سچا ئي چو نہ هجون. ع اهي سندس قميص تي ڪوڙو رت هڻي ڪٽي آيا. (يعقوب عليه السلام) فرمايو،

بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ؕ فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ وَاللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿١٨﴾

تہ (ائين نہ آهي) بلڪ اوهان جي دلين (اها) ڳالهه ٺاهي آهي، تنهنڪري صبر ئي بهتر آهي. ع جيڪي اوهين بيان ڪري رهيا آهيو تنهن تي الله کان مدد گهران ٿو.

٤۔ حضرت يوسف عليه السلام سان قافلي وارن جو سلوڪ (سورة يوسف آيت: ١٩ کان ٢٠)

وَجَآءَتْ سَيَّارَةٌ فَاَرْسَلُوْا وَارِدَهُمْ فَاَدْلٰى دَلْوَهٗ ؕ قَالَ يٰبُشْرٰى

ع هڪ قافلو آيو. تہ انهن پنهنجي پاڻي آڻڻ واري کي موڪليو، جنهن پنهنجو ڏول (کوهه ۾) وڌو، ان چيو تہ خوشخبري هجي!

هٰذَا غُلٰمٌ ؕ وَاَسَرُّوْهُ بِضَاعَةً ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٩﴾

هي تہ (وڏوخوبصورت) چوڪرو آهي، ع انهن ان کي تجارت جو مال سمجهي لڪائي چڏيو، ع الله کي خوب معلوم هو جيڪو انهن ڪيو پئي.

ع 2/14 وَشَرَوْهُ بِثَمَنٍ بَخْسٍ دَرَاهِمَ مَعْدُوْدَةٍ ۚ وَكَانُوْا فِيْهِ مِنَ الزّٰهِدِيْنَ ﴿٢٠﴾

ع انهن ماڻهن ان کي وڪڻي چڏيو، تمام هلڪي قيمت ۾ چند درهمن جي بدلي، ع انهن ماڻهن کي ان ۾ ڪا دلچسپي نہ هئي،

اھم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

٥- حضرت يوسف عليه السلام سان عزيز مصر جو حسن سلوڪ (سورة يوسف آيت: ٢١ کان ٢٢)

وَقَالَ الَّذِي اشْتَرٰىهُ مِنْ مِّصْرَ لِامْرَاَتِهٖٓ اَكْرِمِيْ مَثْوٰىهُ عَسٰٓى اَنْ يَّنْفَعَنَآ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا ؕ

۽ جنهن شخص ان کي مصر ۾ خريد ڪيو هو ان پنهنجي زال کي چيو: ته هن کي عزت سان رک، اميد آهي ته هي اسان کي فائدو ڏئي، يا کيس پٽ بڻائي ڇڏيون،

وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِي الْاَرْضِ ۫ وَلِنُعَلِّمَهٗ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ؕ

۽ اهڙيءَ طرح اسان يُوسف (عليه السلام) کي مصر جي سرزمين ۾ جڳهه عطا فرمائي، ۽ هن لاءِ ته کيس ڳالهين جي تهه تائين پهچڻ (خوابن جي تعبير) سيکاريون،

وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰٓى اَمْرِهٖ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢١﴾ وَلَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗٓ اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّعِلْمًا ؕ

۽ الله پنهنجي ڪم تي غالب آهي، پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن. ۽ جڏهن هو پنهنجي جوانيءَ تي پهتو، (ته) اسان کيس حِڪمت ۽ علم عطا فرمايو،

وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٢٢﴾

۽ اسان اهڙي طرح نيڪ ماڻهن کي بدلو ڏيندا آهيون.

٦- حضرت يوسف عليه السلام سان زليخا جو برو سلوڪ (سورة يوسف آيت: ٢٣ کان ٢٩)

وَرَاوَدَتْهُ الَّتِيْ هُوَ فِيْ بَيْتِهَا عَنْ نَّفْسِهٖ وَغَلَّقَتِ الْاَبْوَابَ

۽ هو جنهن عورت جي گهر ۾ هو تنهن سندس نفس (جي حفاظت) کان کيس ٿيڙڻ چاهيو، ۽ ان دروازا بند ڪري ڇڏيا،

وَقَالَتْ هَيْتَ لَكَ ؕ قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اِنَّهٗ رَبِّيْٓ اَحْسَنَ مَثْوَايَ ؕ

۽ چوڻ لڳي، (يوسف) جلدي اچ، (يوسف عليه السلام) فرمايو ته الله جي پناه، بيشڪ هو منهنجو آقا آهي جنهن مون کي چڱيءَ طرح رکيو آهي،

اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَلَقَدْ هَمَّتْ بِهٖ ۚ وَهَمَّ بِهَا

بيشڪ ظالم ڪامياب نه ٿيندا. ۽ يقينن ان (عورت) ساڻس (برائي جو) ارادو ڪيو، ۽ هو به ارادو ڪري ها،

لَوْ لَآ اَنْ رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ ؕ كَذٰلِكَ لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوْٓءَ وَالْفَحْشَآءَ ؕ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٢٤﴾

جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار جي نشانيءَ کي نه ڏسي ها، اهو ان ڪري (ڪيو ويو) ته جيئن اسان ان کي برائيءَ ۽ بي حيائيءَ کان هٽائي ڇڏيون، بيشڪ هو اسان جي چونڊيل ماڻهن مان هو.

وَاسْتَبَقَا الْبَابَ وَقَدَّتْ قَمِيْصَهٗ مِنْ دُبُرٍ وَّاَلْفَيَا سَيِّدَهَا لَدَا الْبَابِ ؕ

۽ ٻئي دروازي ڏانهن ڊوڙيا، ۽ عورت اُن جي قميص پٺيان ڦاڙي وڌي، ۽ ٻنهين سندس مڙس (عزيز مصر) کي دروازي تي ڏٺو،

قَالَتْ مَا جَزَآءُ مَنْ اَرَادَ بِاَهْلِكَ سُوْٓءًا اِلَّآ اَنْ يُّسْجَنَ اَوْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٥﴾

عورت چيو، ته ان جي ڪهڙي سزا آهي؟ جيڪو تنهنجي گهر واريءَ سان برائيءَ جو ارادو ڪري، سوائي هن جي ته ان کي قيد ڪيو وڃي، يا ان کي دردناڪ عذاب ڏنو وڃي.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION.
SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

قَالَ هِيَ رَاوَدَتْنِيْ عَنْ نَّفْسِيْ وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْ اَهْلِهَا ۚ

(يُوسف عليه السلام) فرمايو تہ هن مون کي پنهنجي (نفس جي حفاظت) کان ٿيڙڻ ٿي گهريو، ۽ (ان موقعي تي) ان (عورت) جي خاندان مان هڪ شاهد شاهدي ڏني،

اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ قُبُلٍ فَصَدَقَتْ وَهُوَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٢٦﴾ وَاِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ

(تہ) جيڪڏهن هن جي قميص، اڳيان ڦاٽل آهي، تہ هيءَ سچي آهي، ۽ هو (يوسف) ڪوڙو آهي. ۽ جيڪڏهن سندس قميص، پٺيءَ کان ڦاٽل آهي،

فَكَذَبَتْ وَهُوَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٧﴾ فَلَمَّا رَاٰ قَمِيْصَهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ

تہ هيءَ ڪوڙي، ۽ هو (يوسف) سچو آهي. جڏهن (عزيز مصر) ان جي قميص ڏٺي، (تہ) اها پٺيان ڦاٽل هئي،

قَالَ اِنَّهٗ مِنْ كَيْدِكُنَّ ؕ اِنَّ كَيْدَكُنَّ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾ يُوْسُفُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا سكتة

تہ ان چيو: بيشڪ هي توهان عورتن جو فريب آهي، بيشڪ اوهان جا فريب تمام وڏا هوندا آهن. اي (يُوسف عليه السلام) هن ڳالهہ کان درگذر ڪر،

وَاسْتَغْفِرِيْ لِذَنْۢبِكِ ۖۚ اِنَّكِ كُنْتِ مِنَ الْخٰطِـِٕيْنَ ﴿٢٩﴾ ع

۽ (زليخا) تون پنهنجي گناهن جي بخشش گهر، بيشڪ تون ئي خطاڪارن مان آهين.

ع 3 9

٧- حضرت يوسف عليه السلام کي ڏسي مصر جي عورتن جو پنهنجا هٿ زخمي ڪري ڇڏڻ (سورة يوسف آيت: ٣٠ کان ٣٥)

وَقَالَ نِسْوَةٌ فِي الْمَدِيْنَةِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ تُرَاوِدُ فَتٰىهَا عَنْ نَّفْسِهٖ ۚ

۽ شهر ۾ عورتون چوڻ لڳيون تہ عزيز (مصر) جي زال، پنهنجي نوجوان (ٻانهي) کي سندس نفس (جي حفاظت) کان ٿيڙڻ گهري ٿي،

قَدْ شَغَفَهَا حُبًّا ؕ اِنَّا لَنَرٰىهَا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٠﴾

بيشڪ ان (نوجوان) جي محبت سندس دل ۾ گهر ڪري وئي آهي، اسان کيس پڌري گمراهيءَ ۾ ڏسئون ٿا.

فَلَمَّا سَمِعَتْ بِمَكْرِهِنَّ اَرْسَلَتْ اِلَيْهِنَّ وَاَعْتَدَتْ لَهُنَّ مُتَّكَاً

جڏهن ان (عزيز جي زال) انهن جي ملامت ٻڌي، تہ انهن (عورتن) ڏانهن (دعوت جو) سڏ موڪليائين، انهن لاءِ وهاڻن جي ٽيڪ واري نشست تيار ڪيائين،

وَّاٰتَتْ كُلَّ وَاحِدَةٍ مِّنْهُنَّ سِكِّيْنًا وَّقَالَتِ اخْرُجْ عَلَيْهِنَّ ۚ فَلَمَّا رَاَيْنَهٗۤ اَكْبَرْنَهٗ

۽ انهن مان هرهڪ کي ڇري ڏئي، (يُوسف عليه السلام کي) چيائين انهن آڏو ٻاهر اچ، پوءِ جڏهن عورتن کيس ڏٺو تہ ان کي وڌيڪ (سهڻو) ڄاتائون،

وَقَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ وَقُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا هٰذَا بَشَرًا ؕ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا مَلَكٌ كَرِيْمٌ ﴿٣١﴾

۽ (ان جي حسن کان متاثر ٿي) پنهنجا هٿ وڍي وڌائون، ۽ چيائون تہ الله پاڪ آهي، هيءُ ماڻهو نہ، پر ڪو مانوارو ملائڪ آهي.

قَالَتْ فَذٰلِكُنَّ الَّذِيْ لُمْتُنَّنِيْ فِيْهِ ؕ وَلَقَدْ رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ

(عزيز مصر جي زال)، چيو اُهو ئي تہ آهي جنهن جي لاءِ توهان مونکي طعنا ڏينديون هيون، ۽ يقينن سندس نفس (جي حفاظت) کان کيس ٿيڙڻ چاهيو پئي،

فَاسْتَعْصَمَ ؕ وَلَئِنْ لَّمْ يَفْعَلْ مَاۤ اٰمُرُهٗ لَيُسْجَنَنَّ وَلَيَكُوْنًا مِّنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿٣٢﴾

پر هي بچي ويو، جيڪڏهن هن منهنجي چوڻ تي عمل نہ ڪيو، تہ کيس ضرور قيد ڪيو ويندو، ۽ ضرور بي عزت ٿيندو.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اھم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

قَالَ رَبِّ السِّجْنُ اَحَبُّ اِلَيَّ مِمَّا يَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَيْهِ ۚ

(يوسف عليه السلام) عرض ڪيو، اي منهنجا رب! مونکي ان جي مقابلي ۾ قيد وڌيڪ پسند آهي، جنهن جي طرف هيءَ مونکي سڏي ٿي،

وَاِلَّا تَصْرِفْ عَنِّيْ كَيْدَهُنَّ اَصْبُ اِلَيْهِنَّ وَاَكُنْ مِّنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٣٣﴾

۽ جيڪڏهن تو انهن (عورتن) جو فريب مونکان نه هٽايو، ته آءٌ انهن جي طرف مائل ٿي ويندس، ۽ آءٌ نادانن مان ٿي ويندس.

فَاسْتَجَابَ لَهٗ رَبُّهٗ فَصَرَفَ عَنْهُ كَيْدَهُنَّ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٤﴾

ته ان جي رب ان جي دعا قبول ڪئي، جنهن کان پوءِ ان کان انهن (عورتن) جو فريب هٽائي ڇڏيائين، بيشڪ هو خوب ٻڌڻ وارو ۽ خوب ڄاڻڻ وارو آهي.

ثُمَّ بَدَا لَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا رَاَوُا الْاٰيٰتِ لَيَسْجُنُنَّهٗ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٣٥﴾ ع

وري انهن (يوسف عليه السلام جي پاڪيزگيءَ جون) نشانيون ڏسڻ کان پوءِ (اهو ئي مناسب سمجهيو ته)، ڪجهه عرصو ان کي ضرور قيد ڪري ڇڏجي.

٨- حضرت يوسف عليه السلام جي جيل اندر توحيد جي دعوت (سورة يوسف آيت: ٣٦ کان ٤٢)

وَدَخَلَ مَعَهُ السِّجْنَ فَتَيٰنِ ؕ قَالَ اَحَدُهُمَآ اِنِّيْٓ اَرٰىنِيْٓ

۽ ان سان گڏ ٻه نوجوان به جيل ۾ داخل ٿيا، انهن مان هڪ چيو: بيشڪ مون خواب ۾ ڏٺو آهي،

اَعْصِرُ خَمْرًا ۚ وَقَالَ الْاٰخَرُ اِنِّيْٓ اَرٰىنِيْٓ

ته (انگور مان) شراب نپوڙي رهيو آهيان، ۽ ٻئي چيو: بيشڪ مون (خواب ۾) ڏٺو،

اَحْمِلُ فَوْقَ رَاْسِيْ خُبْزًا تَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْهُ ؕ نَبِّئْنَا بِتَاْوِيْلِهٖ ۚ

ته مان پنهنجي مٿي تي مانيون کنيون ويٺو آهيان، جن مان پکي کائي رهيا آهن، اسان کي ان جي تعبير ٻڌايو،

اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٣٦﴾ قَالَ لَا يَاْتِيْكُمَا طَعَامٌ تُرْزَقٰنِهٖٓ

بيشڪ اسان توهان کي نيڪ ماڻهو ڏسي رهيا آهيون. (يوسف عليه السلام) فرمايو: جيڪو کاڌو توهان کي ڏنو ويندو آهي اهو ايندو ئي ڪونه،

اِلَّا نَبَّاْتُكُمَا بِتَاْوِيْلِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّاْتِيَكُمَا ؕ ذٰلِكُمَا مِمَّا عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ ؕ

(ته مان توهان ٻنهين کي اڳئي تعبير ٻڌائي ڇڏيندس هي (تعبير) انهن (علمن) مان آهي، جيڪي منهنجي رب مونکي سيکاريا آهن.

اِنِّيْ تَرَكْتُ مِلَّةَ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٣٧﴾

بيشڪ مون ان قوم جو طريقو (شروع کان ئي) ڇڏي ڏنو آهي، جيڪي الله تي ايمان نٿا آڻن، ۽ اهي آخرت جو به انڪار ڪن ٿا.

وَاتَّبَعْتُ مِلَّةَ اٰبَآءِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ ؕ مَا كَانَ لَنَآ

۽ مون ته پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي طريقي جي پيروي ڪئي آهي، (يعني) ابراهيم (عليه السلام)، اسحاق (عليه السلام) ۽ يعقوب (عليه السلام) جي، اسان کي ڪو حق نه ٿو پهچي،

اَنْ نُّشْرِكَ بِاللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ؕ ذٰلِكَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ عَلَيْنَا وَعَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٨﴾

ته اسان ڪنهن به شيءِ کي الله سان شريڪ ڪيون، (توحيد) اسان مٿان الله جو فضل آهي، ۽ ماڻهن تي پڻ، پر گهڻائي ماڻهو شڪر ادا نٿا ڪن.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD CONTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اھم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ ءَاَرْبَابٌ مُّتَفَرِّقُوْنَ خَيْرٌ اَمِ اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ؕ ﴿٣٩﴾

اي قيد خاني ۾ رهڻ وارا ٻئي ساٿيو! ڇا الڳ الڳ گهڻا معبود بهتر آهن؟ يا هڪ الله جيڪو سڀني تي غالب آهي.

مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلَّآ اَسْمَآءً سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ

توهان الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ عبادت نٿا ڪيو، ها سواءِ چند نالن جي جيڪي (پنهنجو پاڻ) توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن رکي ڇڏيا آهن.

مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ ؕ

الله انهن جو ڪو دليل نازل ڪونہ ڪيو آهي، حڪم جو اختيار صرف الله جي لاءِ آهي، ان ئي حڪم فرمايو آهي تہ توهان ان کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪيو،

ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٠﴾ يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ اَمَّآ اَحَدُكُمَا

اهو ئي سڌو دين آهي، ليڪن اڪثر ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن. اي قيد خاني جا ٻئي ساٿيو! توهان مان هڪ،

فَيَسْقِيْ رَبَّهٗ خَمْرًا ۚ وَاَمَّا الْاٰخَرُ فَيُصْلَبُ فَتَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْ رَّاْسِهٖ ؕ

تہ پنهنجي مالڪ کي شراب پياريندو رهندو، باقي رهيو ٻيو، سو ان کي ڦاسيءَ چاڙهيو ويندو جنهن جي مٿي ۾ پکي چنهبون هڻي کائيندا،

قُضِيَ الْاَمْرُ الَّذِيْ فِيْهِ تَسْتَفْتِيٰنِ ؕ ﴿٤١﴾ وَقَالَ لِلَّذِيْ ظَنَّ اَنَّهٗ نَاجٍ مِّنْهُمَا

فيصلو ٿي چڪو، جنهن جي باري ۾ توهان پڇو ٿا. ۽ (يوسف عليه السلام) ٻنهي مان جنهن کي آزاد ٿيڻ وارو سمجهيو ان کي فرمايو،

اذْكُرْنِيْ عِنْدَ رَبِّكَ ۫ فَاَنْسٰىهُ الشَّيْطٰنُ ذِكْرَ رَبِّهٖ فَلَبِثَ فِي السِّجْنِ بِضْعَ سِنِيْنَ ؕ ﴿٤٢﴾ ع 5 7

تہ پنهنجي آقا وٽ منهنجو ذڪر ڪري ڇڏجان، مگر شيطان ان کي پنهنجي مالڪ سان ذڪر ڪرڻ وسرائي ڇڏيو، جنهن ڪري (يوسف عليه السلام) ڪافي سالن تائين قيد خاني ۾ رهيو.

٩ـ مصر جي بادشاهہ جو خواب (سورة يوسف آيت: ٤٣ کان ٤٩)

وَقَالَ الْمَلِكُ اِنِّيْٓ اَرٰى سَبْعَ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعَ سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ

۽ بادشاهہ چيو تہ، مون (خواب ۾) ست ٿليون ڳئون ڏٺيون آهن، انهن کي ست سنهيون ڳئون کائي رهيون آهن، ۽ ست ساوا سنگ آهن،

وَّاُخَرَ يٰبِسٰتٍ ؕ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَاُ اَفْتُوْنِيْ فِيْ رُءْيَايَ اِنْ كُنْتُمْ لِلرُّءْيَا تَعْبُرُوْنَ ﴿٤٣﴾

۽ ٻيا (ست) خشڪ آهن، اي درٻاريو! مونکي منهنجي خواب جو مطلب ٻڌايو، جيڪڏهن توهان خواب جي تعبير ٻڌائي سگهون ٿا تہ.

قَالُوْٓا اَضْغَاثُ اَحْلَامٍ ۚ وَمَا نَحْنُ بِتَاْوِيْلِ الْاَحْلَامِ بِعٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَقَالَ الَّذِيْ نَجَا مِنْهُمَا

انهن چيو: هي پريشان خواب آهي، اسان (اهڙن) خوابن جي تعبير نہ ڄاڻيندا آهيون. ۽ جنهن شخص انهن ٻنهين مان آزادي ماڻي هئي،

وَادَّكَرَ بَعْدَ اُمَّةٍ اَنَا اُنَبِّئُكُمْ بِتَاْوِيْلِهٖ فَاَرْسِلُوْنِ ﴿٤٥﴾

ان چيو ۽ کيس (يوسف عليه السلام) ڪافي سالن کان پوءِ ياد آيو، تہ آءٌ اوهان کي ان جي تعبير ٻڌائيندس، سو اوهان مونکي (يوسف عليه السلام) جي طرف موڪليو.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE TEMPORARY FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اھم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

يُوْسُفُ اَيُّهَا الصِّدِّيْقُ اَفْتِنَا فِيْ سَبْعِ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ

(ان وڃي چيو) اي تمام سچا يوسف! توهان اسان کي (هن خواب جي) تعبير ٻڌايو، ته ست ٿليون ڳئون آهن،

يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعِ سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّاُخَرَ يٰبِسٰتٍ ۙ لَّعَلِّيْٓ اَرْجِعُ اِلَى النَّاسِ

جن کي ست سنهيون ڳئون کائي رهيون آهن، ۽ ست ساوا سنگ آهن، ۽ ٻيا ست سُڪل، ته آءٌ ماڻهن وٽ واپس وڃان،

لَعَلَّهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٦﴾ قَالَ تَزْرَعُوْنَ سَبْعَ سِنِيْنَ دَاَبًا ۚ

شايد اهي (حقيقت) ڄاڻي وٺن. (يوسف عليه السلام) فرمايو ته توهان، ستن سالن تائين پوک ڪندا رهندئو،

فَمَا حَصَدْتُّمْ فَذَرُوْهُ فِيْ سُنْۢبُلِهٖٓ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تَاْكُلُوْنَ ﴿٤٧﴾

جڏهن فصل لڻو، ته ان کي سنگن ۾ ئي رهڻ ڏجو، سواءِ ٿورڙي اناج جي جيڪو توهان کائو.

ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ سَبْعٌ شِدَادٌ يَّاْكُلْنَ مَا قَدَّمْتُمْ لَهُنَّ

اُن کانپوءِ ايندا، ست سال (ڏڪر جا)، جيڪو اناج اوهان گڏ ڪري رکيو هوندو سو سڀ کائي ويندؤ،

اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تُحْصِنُوْنَ ﴿٤٨﴾ ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ عَامٌ فِيْهِ يُغَاثُ النَّاسُ وَفِيْهِ يَعْصِرُوْنَ ﴿٤٩﴾ ع

ع 6 7

ان ٿورڙي کانسواءِ جيڪو اوهان گڏڪري رکندئو. اُن کانپوءِ هڪ اهڙو سال ايندو، جنهن ۾ ماڻهن تي خوب مينهن وسندو، ۽ ان ۾ اهي رس نپوڙيندا.

١٠- حضرت يوسف عليه السلام جي مصر جي بادشاهه سان ملاقات (سورة يوسف آيت: ٥٠ کان ٥٧)

وَقَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُ الرَّسُوْلُ قَالَ ارْجِعْ اِلٰى رَبِّكَ

۽ بادشاهه حڪم ڏنو ته ان کي مون وٽ وٺي اچو، جڏهن قاصد ان وٽ ويو، (ته يوسف عليه السلام) فرمايو ته پنهنجي آقا وٽ واپس وڃو،

فَسْئَلْهُ مَا بَالُ النِّسْوَةِ الّٰتِيْ قَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ ؕ اِنَّ رَبِّيْ بِكَيْدِهِنَّ عَلِيْمٌ ﴿٥٠﴾

۽ ان کان پڇو ته انهن عورتن جو ڇا حال آهي؟ جن پنهنجا هٿ وڍي ڇڏيا هئا، بيشڪ منهنجو رب انهن جي فريبن کان خوب واقف آهي.

قَالَ مَا خَطْبُكُنَّ اِذْ رَاوَدْتُّنَّ يُوْسُفَ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ قُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ

بادشاهه عورتن کان پڇيو، ته ان وقت ڇا ٿيو هو جڏهن توهان (يوسف عليه السلام) کي ان جي نفس (جي حفاظت) کان ٿيڙڻ ٿي ڇاهيو؟ سڀني چيو: الله پاڪ آهي،

مَا عَلِمْنَا عَلَيْهِ مِنْ سُوْٓءٍ ؕ قَالَتِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ الْـٰٔنَ حَصْحَصَ الْحَقُّ ۫

اسان ان ۾ ڪا به برائي نه ڏٺي آهي، (مصر)عزيز جي زال چيو، هاڻي ته سڄي ڳالهه ظاهر ٿي چڪي آهي،

اَنَا رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ وَاِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٥١﴾ ذٰلِكَ لِيَعْلَمَ

(اصل ۾) مون ئي ان کي نفس (جي حفاظت) کان ٿيڙڻ ٿي چاهيو، هو بيشڪ سچن ماڻهن مان آهي. هي ان ڪري ته (عزيز مصر) اهو ڄاڻي سگهي،

اَنِّيْ لَمْ اَخُنْهُ بِالْغَيْبِ وَاَنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ كَيْدَ الْخَآئِنِيْنَ ﴿٥٢﴾

ته بيشڪ مون (ان جي) غير موجودگيءَ ۾ ان سان ڪا خيانت نه ڪئي، ۽ بيشڪ الله خيانت ڪرڻ وارن جي فريب کي نه هلڻ ڏيندو آهي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اہم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

وَمَآ اُبَرِّئُ نَفْسِيْ ۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ

۽ منهنجي دعويٰ ناهي تہ منهنجو نفس بلڪل پاڪ آهي، بيشڪ نفس تہ برائي جو گهڻو حڪم ڏيڻ وارو آهي،

اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ ۭ اِنَّ رَبِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥٣﴾

سواءِ ان جي جنهن تي منهنجو رب رحم فرمائي، بيشڪ منهنجو رب وڏو بخشڻ وارو ۽ نهايت رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَقَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖٓ اَسْتَخْلِصْهُ لِنَفْسِيْ ۚ فَلَمَّا كَلَّمَهٗ قَالَ

بادشاهہ حڪم ڏنو تہ ان کي مون وٽ وٺي اچو، آءٌ کيس پنهنجي لاءِ خاص ڪري چڌيان، جڏهن بادشاهہ ان سان ڳالهايو، (تہ) چوڻ لڳو،

اِنَّكَ الْيَوْمَ لَدَيْنَا مَكِيْنٌ اَمِيْنٌ ﴿٥٤﴾ قَالَ اجْعَلْنِيْ عَلٰي خَزَاۗىِٕنِ الْاَرْضِ ۚ

بيشڪ تون اڄ ڪان اسان وٽ وڏي مرتبي وارو (۽) اعتبار وارو آهين. (يوسف عليه السلام) فرمايو تہ مونکي زمين جي خزانن تي مقرر ڪري چڏيو،

اِنِّيْ حَفِيْظٌ عَلِيْمٌ ﴿٥٥﴾ وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِي الْاَرْضِ ۚ

بيشڪ آءٌ خوب حفاظت ڪرڻ وارو (۽) خوب ڄاڻڻ وارو آهيان. ۽ ان طرح اسان (يوسف عليه السلام) کي سرزمين (مصر) ۾ اقتدار عطا فرمايو،

يَتَبَوَّاُ مِنْهَا حَيْثُ يَشَاۗءُ ۭ نُصِيْبُ بِرَحْمَتِنَا مَنْ نَّشَاۗءُ

(تہ جيئن) هو اتي رهي، جتي چاهي، اسان جنهن کي گهرندا آهيون پنهنجي رحمت مان عطا ڪندا آهيون،

وَلَا نُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾ وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٥٧﴾ ع 7/8

۽ اسان نيڪ ماڻهن جو اجر ضايع نہ ڪندا آهيون. ۽ آخرت جو اجر تمام بهتر آهي، انهن ماڻهن جي لاءِ جن ايمان آندو، ۽ ڊڄندا رهيا،



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IL MUSLIM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE A CRIMINAL & CIVIL ACTION.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. اسان کي نقصان کان بچڻ جي لاءِ الله تعالىٰ تي توڪل ڪندي جائز تدبير اختيار ڪرڻ گهرجي. (سورة يوسف، آيت: ٥ کان ٤٢)

٢. حسد هڪ اهڙي برائي آهي جيڪا انسان کي وڏن وڏن گناهن جي طرف وٺي ويندي آهي. (سورة يوسف، آيت: ٨ کان ١٧)

٣. اسان کي حادثن ۽ نقصانن تي صبر ڪرڻ گهرجي ۽ الله تعالىٰ کان مدد وٺڻ گهرجي. (سورة يوسف، آيت: ١٨)

٤. پنهنجي نفس جي حفاظت ڪرڻ وارن کي الله تعالىٰ برائي ۽ بي حيائيءَ کان بچائيندو آهي. (سورة يوسف، آيت: ٢٣، ٢٤)

٥. جيڪڏهن ڪو اسان تي کوڙو الزام هڻي، تہ اسان کي فوراً ان جي نفي ڪرڻ گهرجي. (سورة يوسف، آيت: ٢٥، ٢٦)

٦. الله تعالىٰ جي توفيق کان سواءِ برائي کان بچڻ ممڪن ناهي. (سورة يوسف، آيت: ٣٣)

٧. نيڪ صالح ابن ڏاڏن جي پيروي ڪرڻ ئي قبول ۽ نجات جو ذريعو آهي. (سورة يوسف، آيت: ٣٨)

٨. کوڙن خدائن لاءِ ماڻهن وٽ ڪو دليل نہ هوندو آهي. (سورة يوسف، آيت: ٤٠)

٩. اسان کي علم ۽ حڪمت جي ڳالهين کي لکائڻ نہ گهرجي، بلڪ ماڻهن جي فائدي لاءِ انهن کي عام ڪرڻ گهرجي. (سورة يوسف، آيت: ٤٧ کان ٤٩)

١٠. الله تعالىٰ پنهنجي نيڪ ماڻهن تي تهمت جو پردو لاهڻ جو پاڻ اهتمام فرمائيندو آهي ۽ خيانت ڪرڻ وارن جي سازشن کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏيندو آهي. (سورة يوسف، آيت: ٥٢)

١١. ايمان ۽ تقويٰ اختيار ڪرڻ وارن کي آخرت ۾ بهترين اجر عطا ڪيو ويندو. (سورة يوسف، آيت: ٥٧)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو.

١. حضرت يعقوب عليه السلام جا ڪل ڪيترا پٽ هئا؟
(الف) ٢ (ب) ١١ (ج) ١٢

٢. حضرت يوسف عليه السلام کي ڪوهه مان ڪنهن ڪڍيو؟
(الف) وڏي پاءُ (ب) قافلي وارن (ج) عزيز مصر

٣. بادشاهه مصر جي خواب ۾ ستن ٿلين ڪڻ جو مطلب ڇا آهي؟
(الف) ست سال خوش حالي جا (ب) ست سال ڏڪار جا (ج) ست سال مينهن جا

٤. حضرت يوسف عليه السلام جي نندي پاءُ جو نالو ڇا هو؟
(الف) ڪنعان (ب) يهودا (ج) بن يامين

٥. حضرت يوسف عليه السلام جي جيل جي ساٿين مان ڪنهن کي آزاد ڪيو ويو؟
(الف) ماني پچائڻ واري کي (ب) شراب پيارڻ واري کي (ج) انهن ٻنهي کي

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE IMF FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

سوال ٢ هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو؟

١. يهودين مشرڪن جي ذريعي نبي ڪريم ﷺ ڪان بني اسرائيل جي باري ۾ ڪهڙو سوال ڪيو؟

٢. حضرت يوسف عليه السلام سان سندس ڀائرن ڪي ڇو حسد ٿيو؟

٣. حضرت يوسف عليه السلام جيل ۾ پن نوجوانن کي ڪهڙي دعوت ڏني؟

٤. حضرت يوسف عليه السلام جي باري ۾ ڀائرن حضرت يعقوب عليه السلام سان ڪهڙو ڪوڙ ڳالهايو؟

٥. الله سبحانه وتعالى حضرت يوسف عليه السلام جو مصر جي سرزمين ۾ مضبوطيءَ ۽ سندن بااثر شخصيت هئڻ جو ڪهڙو بندوبست ڪيو؟

سوال ٣ هيٺيان جملا مڪمل ڪيو:

قافلي وارا حضرت يوسف عليه السلام کي [ ] وڻي ويا. عزيز مصر حضرت يوسف عليه السلام کي [ ] ۾ خريد ڪيو. عزيز مصر پنهنجي زال [ ] کي چيو، ته يوسف کي عزت ۽ احترام سان رکو، شايد هو اسان کي فائدو ڏئي يا اسان کيس پنهنجو [ ] ڪري وٺون. ان طرح الله سبحانه وتعالى جي [ ] ڳالهه پوري ٿي. وڌيڪ اهو ته الله سبحانه وتعالى حضرت يوسف عليه السلام کي ڳالهين (خوابن) جو [ ] يعني حقيقت تائين پهچڻ جو علم سيکاريو. الله سبحانه وتعالى حضرت يوسف عليه السلام کي ڪنعان جي اونهين [ ] مان ڪڍي مصر جي خزانن جي والي عزيز مصر جي گهر پهچايو. ان طرح سندن رهڻ ڪرڻ جا اسباب ۽ مصر ۾ سندن استحڪام ۽ [ ] هئڻ جون راهون هموار ڪري ڇڏيون.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH FILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

گهرو ڪم

- اوهان تي ننڍ پڻ کان وٺي هاڻي تائين الله سبحانه وتعالى جيڪي احسان فرمايا آهن، اهي ياد ڪريو ۽ انهن مان ڪجهه احسانن جي فهرست ٺاهيو. انهن مان اهي احسان ڪهڙا آهن جن جي ذريعي اسان ٻين جي مدد ڪري سگهون ٿا؟.
- نبي ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمايو، ته حسد نيڪين کي ائين کائيندو آهي جيئن سڪل ڪاٺيءَ کي باه (ابوداود). بيان ڪيل حديث کي هڪ چارٽ تي لکي حسد (jelousy) جا نقصان گهر وارن کان معلوم ڪري تحرير ڪيو.
- پنهنجي والدين کان صبر جا پنج فائدا پڇو.


صبرجافائده

صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين / سرپرست تاريخ _____

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:٣ حضرت يوسف عليه السلام جو قصو (حصو ٻيو)

١- حضرت يوسف عليه السلام جي درٻار ۾ ڀائرن جو اچڻ (سورة يوسف آيت: ٥٨ کان ٦٢)

ٿوري ئي عرصي ۾ خوشحاليءَ جا ست سال گذري ويا ۽ ڏڪر وارا سال شروع ٿي ويا. هيءُ ڏڪر وڏي علائقي تائين پکڙجي ويو. وڏي تعداد ۾ ماڻهو بک ڪٽڻ جو شڪار ٿيڻ لڳا. حضرت يوسف عليه السلام جي عالي شان تدبير سان مصر ۾ وڏي مقدار ۾ اناج موجود هو. جلد ئي نه رڳو مصر پر پري پري جي علائقن تائين حضرت يوسف عليه السلام جي رحمدلي ۽ سستي قيمت ۾ اناج ڏيڻ جي شهرت ٿي وئي. جڏهن هيءَ شهرت حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن وٽ پهتي ته عزيز مصر سستي اگهه ۾ ماڻهن کي اناج ڏئي رهيو آهي ته هي ڏهه ڀائر پڻ اناج خريد ڪرڻ جي ارادي سان مصر اچي پهتا. جڏهن ڀائر حضرت يوسف عليه السلام وٽ پهتا، ته حضرت يوسف عليه السلام کين ڏسندي ئي سڃاڻي ورتا، پر ڀائر کيس سڃاڻي نه سگهيا. حضرت يوسف عليه السلام ڀائرن تي پنهنجي حقيقت ظاهر ڪرڻ نه ڏني. حضرت يوسف عليه السلام ڀائرن کان پنهنجي گهروارن جي خيريت معلوم ڪئي. سندن سٺي مهمان نوازي ڪئي ۽ سندن سامان سان گڏ سندن قيمت به واپس رکرائي ڇڏي. جڏهن ڀائر موڪلائڻ لڳا ته حضرت يوسف عليه السلام فرمايو: ٻئي ڀيري پنهنجي ڀاءُ بنيامين کي به ساڻ وٺي اچجو. حضرت يوسف عليه السلام ڀائرن کي ٻيهر اچڻ جو شوق ڏياريندي فرمايو: ته ڏسو مان ڪيترو سٺو مهمان نواز آهيان. حضرت يوسف عليه السلام ڀائرن کي داٻو ڏنو ته جيڪڏهن توهان پنهنجي ڀاءُ بن يامين کي نه وٺي آيائو، ته آءٌ اوهان کي اناج ڪونه ڏيندس.

٢- حضرت يعقوب عليه السلام کان ڀائرن جو بن يامين کي مصر وٺي وڃڻ جو مطالبو (سورة يوسف آيت: ٦٣ کان ٦٦)

ڀائر جڏهن گهر واپس پهتا، ته پنهنجي والد حضرت يعقوب عليه السلام کي چوڻ لڳا، ته جيڪڏنهن اسان بن يامين کي نه وٺي وياسين ته اسان کي اناج نه ڏنو ويندو. جڏهن انهن پنهنجو سامان کوليو ته پنهنجي قيمت کي به اتي ئي ڏٺائون ۽ چيائون ته بابا ڏسو اسان جي قيمت به اسان کي واپس ڪئي وئي آهي. هاڻي ته اسان ضرور پنهنجي ڀاءُ کي وٺي وينداسين ۽ پنهنجي گهر وارن جي لاءِ اناج وٺي اينداسين ۽ اسان سڀ پنهنجي ڀاءُ جي حفاظت ڪنداسين. حضرت يعقوب عليه السلام فرمايو ته مان اوهان تي اعتبار ڪيان؟ جيئن مون يوسف جي باري ۾ اوهان تي اعتبار ڪيو هو. اعتبار جوڳي ذات ته صرف الله سبحانه وتعالى جي ئي آهي ۽ مان ان تي ئي اعتبار ڪيان ٿو. توهان سڀ مون سان وعدو ڪيو، ته توها بن يامين کي مون وٽ ضرور واپس وٺي ايندؤ، سواءِ ان جي ته الله سبحانه وتعالى ڪجهه ٻيو معاملو فرمائي. ڀائرن پنهنجي پيءُ سان وعدو ڪيو ۽ خوشيءَ خوشيءَ مصر وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳا.

٣- حضرت يعقوب عليه السلام جي هڪ تدبير (سورة يوسف آيت: ٦٧ کان ٦٩)

حضرت يعقوب عليه السلام کي کٽڪو ٿيو ته يارنهن خوبصورت ڇوڪرن کي گڏ مصر ۾ داخل ٿيندي ڏسي ڪو انهن تي حسد نه ڪري يا ڪو انهن کي نقصان نه پهچائي. حضرت يعقوب عليه السلام کي الله سبحانه وتعالى جي طرفان جيڪو علم حاصل ٿيل هو، تنهن جي بنياد تي پنهنجي پٽن کي چيائين ته توهان سڀ مصر ۾ هڪ ئي دروازي کان داخل نه ٿجو، بلڪ مختلف دروازن کان داخل ٿجو. پٽن پنهنجي پيءُ جي حڪم جي تعميل ڪئي ۽ الڳ الڳ دروازن کان مصر ۾ داخل ٿيا. جڏهن بن يامين کي حضرت يوسف عليه السلام وٽ وٺي آيا ته حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي پاڻ سان گڏ ويهاريو ۽ رازداريءَ سان کيس چيو ته آءٌ تنهنجو ڀاءُ يوسف آهيان. تون مون وٽ ئي رهندين. تون پنهنجي ڀائرن جي بدسلوڪيءَ تي افسوس نه ڪر.

٤- بن يامين کي روڪڻ لاءِ الله سبحانه وتعالى جي تدبير (سورة يوسف آيت: ٧٠ کان ٧٩)

حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي ڀاءُ بن يامين کي مصر ۾ روڪڻ چاهيو پئي، پر بادشاهه جي قانون مطابق هو ائين نه پيو روڪي سگهي. الله سبحانه وتعالى کي ڪرڻو هو، جو حضرت يوسف عليه السلام کي هڪ تدبير سجهي آئي. حضرت

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE NEW FOUNDATION OF THIS BOOK WOULD BE SALE OF THIS BOOK WITH ENTAL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

يوسف عليه السلام پنهنجي ڀاءُ جي ٿيلهي ۾ پنهنجو قميتي پيالو، جنهن سان اناج ماپي ڏنو ويندوهو، سو رکرائي ڇڏيو جنهن کان پوءِ بادشاهه جي محافظن مان هڪ اچي حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن کي چيو، ته توهان چور آهيو، توهان بادشاهه جو پيالو چورايو آهي. ڀائرن چيو ته اسان هتي چوري ڪرڻ ڪونه آيا آهيون ۽ نه ئي ڪو فساد گهرون ٿا. محافظن چيو ته جيڪڏهن توهان ڪوڙا نڪتؤ ته توهان جي سزا ڇا هجي؟. ڀائرن چيو ته اسان وٽ چور جي سزا اها آهي ته اسان چور کي غلام بڻائي ڇڏيندا آهيون. حضرت يوسف عليه السلام تلاشي وٺڻ شروع ڪئي. پهريائين پنهنجي وڏن ڀائرن جي تلاشي ورتائين. آخر ۾ بنيامين جي سامان جي تلاشي ورتائين ۽ ان جي ٿيلهي مان پيالو ڪڍي ورتائين. جڏهن ڀائرن اهو منظر ڏٺو ته چوڻ لڳا، ته جيڪڏهن هن چوري ڪئي آهي ته هن جي ڀاءُ يوسف به چوري ڪئي هئي. حضرت يوسف عليه السلام ڀائرن جي ان الزام هڻڻ تي صبر ڪيو ۽ دل ۾ چيو: جيڪي توهان ڳالهيون ٺاهيو ٿا، الله سبحانه وتعالى اهي خوب ڄاڻي ٿو. ڀائرن حضرت يوسف عليه السلام کي درخواست ڪئي، ته اسان جو پيءُ تمام پوڙهو آهي اهو بنيامين جي جدائي برداشت نه ڪري سگهندو. ان ڪري اوهان اسان مان ڪنهن کي به جهليو، هن کي ڇڏي ڏيو. حضرت يوسف عليه السلام فرمايو: مان اهو نٿو ڪري سگهان. ڇو ته اها ناانصافي آهي ته اسان جو سامان هڪ وٽان نڪري ۽ ان جي بدلي اسان پاڻ وٽ ڪنهن ٻئي کي جهلي ڇڏيون. اهڙيءَ طرح حضرت يوسف عليه السلام الله سبحانه وتعالى جي تدبير سان پنهنجي ڀاءُ بنيامين کي پاڻ وٽ جهلي ڇڏيو.

٥- حضرت يعقوب عليه السلام جي الله سبحانه وتعالى مٿان توڪل ۽ وڏي ڀاءُ جي ندامت (سورة يوسف آيت: ٨٠ کان ٨٧)

جڏهن ڀائر بن يامين کي وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب نه ٿيا ته پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيائون چيائون: هاڻي پاڻ پيءُ کي ڪهڙو جواب ڏينداسين. وڏي ڀاءُ چيو: آءٌ ته پنهنجي پيءُ وٽ منهن کڻڻ جهڙو نه رهيو آهيان. پاڻ کان اڳ ۾ به يوسف جي باري ۾ غلطي ٿي چڪي آهي. آءٌ هتان نه ويندس، جيستائين منهنجو پيءُ مونکي اجازت نه ڏيندو يا وري الله سبحانه وتعالى پاڻ ئي منهنجي لاءِ ڪو فيصلو ڪري ۽ حقيقت حال واضح ٿي وڃي. جنهن ڪري ٻيا ٩ ڀائر پنهنجي پيءُ وٽ واپس ويا. ڀائرن گهر اچڻ وقت پيءُ کي چيو ته توهان جي پٽ بن يامين چوري ڪئي، جنهن ڪري هو اسان سان نه اچي سگهيو. حضرت يعقوب عليه السلام چيو: پوءِ ته آءٌ صبرِ جميل ئي ٿو ڪيان. اميد ٿو ڪيان ته الله سبحانه وتعالى منهنجي ٽنهي پٽن کي واپس مون وٽ آڻيندو. حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي پٽن لاءِ ايڏو ته غمگين رهندو هو جو ان جي اکين جي نظر به ختم ٿي وئي. حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي پٽن کي اهو چوندي، ته آءٌ الله سبحانه وتعالى جي طرفان اهو ڄاڻيان ٿو جيڪو توهان نٿا ڄاڻيو، کين حڪم ڏنائين، ته وڃو هڪ دفعو وري يوسف ۽ ان جي ڀاءُ کي تلاش ڪيو ۽ ڏسو الله سبحانه وتعالى جي رحمت کان ڪڏهن به مايوس نه ٿجو ڇو ته الله سبحانه وتعالى جي رحمت کان ڪافر ئي مايوس ٿيندا آهن.

٦- حضرت يوسف عليه السلام جي سامهون ڀائرن جي فرياد (سورة يوسف آيت: ٨٨ کان ٩٠)

ڀائر ٻيهر مصر آيا ۽ حضرت يوسف عليه السلام جي آڏو درخواست ڪيائون ته اسان جو ڪٽنب وڏي تڪليف ۾ آهي. اسان وٽ رقم به پوري ناهي. اسان کي ٿورڙي رقم جي بدلي پورواناج عطا فرمايو. حضرت يوسف عليه السلام کان پنهنجي ڀائرن جي تڪليف ڏٺي نه پئي وڃي. حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي ڀائرن کي حقيقت کان آگاهه ڪيو. حضرت يوسف عليه السلام فرمايو، ته توهان کي ياد آهي ته توهان پنهنجي ناداني ۾ پنهنجي ڀاءُ يوسف سان ڪهڙو حشر ڪيو هو. ڀائرن جڏهن اهو ٻڌو ته حيرت مان چوڻ لڳا ته ڇا توهان يوسف ئي آهيو؟ حضرت يوسف عليه السلام چيو: ها! مان توهان جو ڀاءُ يوسف آهيان. الله سبحانه وتعالى تقوىٰ اختيار ڪرڻ وارن ۽ صبر ڪرڻ وارن جو اجر ضايع نه فرمائيندو آهي.

٧- حضرت يوسف عليه السلام جو ڀائرن کي معاف ڪري ڇڏڻ (سورة يوسف آيت: ٩١ کان ٩٣)

ڀائرن جي سامهون جڏهن حقيقت ظاهر ٿي ته انهن پنهنجي ڏوهه جو اعتراف ڪيو ۽ ڏاڍا شرمنده ٿيا. حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي ڀائرن کي معاف ڪري ڇڏيو. ۽ الله سبحانه وتعالى کان به پنهنجي ڀائرن لاءِ بخشش جي دعا گهري.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE FOUNDATION OF THE BOOK WORLD SALE OF THIS CONTENT CIVIL & CRIMINAL ACTION.

حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي پائرن کي چيو ته منهنجي قميص کڻي وڃو ان کي بابا محترم جي چهري تي وجي وجهو. ان سان بابا جي اکين جي نظر واپس اچي ويندي. حضرت يوسف عليه السلام پائرن کي فرمايو ته والدين ۽ مڙني/سيني گهر وارن کي مون وٽ مصر وٽي اچو.

۸۔ حضرت يعقوب عليه السلام تي الله تعالى جو احسان (سورة يوسف آيت: ۹۴ کان ۹۸)

قافلي وارا حضرت يوسف عليه السلام جي قميص ۽ پائرن سان گڏ اڃا مصر کان روانو ئي مس ٿيا هئا، ته حضرت يعقوب عليه السلام کي ميلن جي پنڌ تي ڪنعان ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي خوشبو اچڻ شروع ٿي وئي. هو گهر وارن کي چوڻ لڳو ته مونکي يوسف جي خوشبو اچي رهي آهي. گهر وارن چيو: يقيناً توهان ته پنهنجي ان پراڻي محبت ۾ آهيو. يوسف جي غم ۾ توهان پنهنجي نظر وڃائي ڇڏي آهي. نيٺ ٿورن ئي ڏينهن ۾ قافلو ڪنعان پهچي ويو. پائرن حضرت يوسف عليه السلام جي قميص حضرت يعقوب عليه السلام جي چهري مبارڪ تي وڌي ته الله تعالى ان جي برڪت سان سندس نظر موٽائي آندي. حضرت يعقوب عليه السلام گهر وارن کي چيو: ڏٺو! مون چيو هو نه ته جيڪو مان ڄاڻيان ٿو اهو توهان نٿا ڄاڻيون. پٽ چيو بابا! اسان لاءِ الله تعالى کان دعا گهرو ته اهو اسان کي معاف ڪري ڇڏي.

۹۔ بني اسرائيل جو مصر اچڻ (سورة يوسف آيت: ۹۹ کان ۱۰۱)

حضرت يوسف عليه السلام مصر کان باهر نڪري پنهنجي گهر وارن جو استقبال ڪيو ۽ چيائين ته اهي امن ۽ سڪون سان مصر ۾ داخل ٿي وڃن. حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي پيءُ کي تخت تي ويهاريو. ان وقت حضرت يوسف عليه السلام جي پيءُ، ماءُ ۽ يارنهن پائرَ سڀ جو سڀ حضرت يوسف عليه السلام جي لاءِ سجدي ۾ هليا ويا. حضرت يوسف عليه السلام بي اختيار چئي ڏنو: بابا! الله تعالى منهنجي خواب کي سچو ڪري ڏيکاريو. حضرت يوسف عليه السلام الله تعالى جي حمد ۽ ثنا بيان فرمائي ۽ الله تعالى کان دنيا ۾ مسلمان ڪري اٿارڻ ۽ نيڪ ماڻهن جي معيت ۽ همراهي عطا ڪرڻ جون دعائون گهريون. اهڙي طرح بني اسرائيل ڪنعان مان نڪري مصر پهتا. مصر ۾ بني اسرائيل ڪيترائي سال عيش ۽ آرام سان رهيا. حضرت يوسف عليه السلام جي وصال کان پوءِ به مصر وارا بني اسرائيل جي عزت ڪندا هئا. مصرين ڪجهه عرصي کان پوءِ بني اسرائيلن جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ ان پوري قوم کي پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيو. مصرين پنهنجن مان هڪ بادشاهه مقرر ڪيو جنهن جو لقب فرعون رکيو. فرعون بني اسرائيل تي ڏاڍا ظلم ڪيا. نيٺ الله تعالى بني اسرائيل کي حضرت موسىٰ عليه السلام جي ذريعي نجات ڏياري.

COPYRIGHT RESERVED WITH THE FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WITHOUT PERMISSION ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION.
SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سُوْرَةُ يُوْسُف

سورة يوسف ١٢ | رڪوع: ٨ کان ١٢ (آيت ٥٨ کان ١١١)

١ـ حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن جو درٻار ۾ اچڻ (سورة يوسف آيت: ٥٨ کان ٦٢)

وَجَآءَ اِخْوَةُ يُوْسُفَ فَدَخَلُوْا عَلَيْهِ فَعَرَفَهُمْ وَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿٥٨﴾

۽ (جڏهن ڏڪرٿيو) يوسف عليه السلام جا ڀائر (مصر) ۾ آيا، وري اهي وٽس پهتا، ته (يوسف عليه السلام) انهن کي سڃاڻي ورتو، ۽ اهي کيس سڃاڻي نه سگهيا.

وَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ قَالَ ائْتُوْنِيْ بِاَخٍ لَّكُمْ مِّنْ اَبِيْكُمْ ۚ

۽ جڏهن (يوسف عليه السلام) انهن جو سامان تيار ڪري ڇڏيو، (ته) کين چيو: (آئينده) مون وٽ پنهنجي ڀاءُ کي وٺي اچجو، جيڪو توهان جي پيءُ جي طرفان،

اَلَا تَرَوْنَ اَنِّيْٓ اُوْفِي الْكَيْلَ وَاَنَا خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ﴿٥٩﴾ فَاِنْ لَّمْ تَاْتُوْنِيْ بِهٖ

آهي ڇا توهان نٿا ڏسو ته آءٌ پوري ماپ ٿو ڪريان، ۽ آءٌ سٺو مهمان نواز آهيان. وري جيڪڏهن توهان ان کي مون وٽ نه وٺي آيا ته،

فَلَا كَيْلَ لَكُمْ عِنْدِيْ وَلَا تَقْرَبُوْنِ ﴿٦٠﴾ قَالُوْا

توهان جي لاءِ مون وٽ نه اناج جو ڪو ماپو هوندو، نڪوئي توهان منهنجي ويجهو اچجو. انهن چيو،

سَنُرَاوِدُ عَنْهُ اَبَاهُ وَاِنَّا لَفٰعِلُوْنَ ﴿٦١﴾

اسان ان باري ۾ پنهنجي پيءُ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين، ۽ بيشڪ اسان (اهو) ضرور ڪنداسين.

وَقَالَ لِفِتْيٰنِهِ اجْعَلُوْا بِضَاعَتَهُمْ فِيْ رِحَالِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَعْرِفُوْنَهَآ

۽ (يوسف عليه السلام) پنهنجي خادمن کي چيو ته سندن رقم رکي ڇڏيو، انهن جي سامان ۾، ته جيئن هو ان کي سڃاڻي سگهن،

اِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى اَهْلِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٦٢﴾

جڏنهن هو پنهنجي گهروارن وٽ وڃن، (ته) شايد هو (ان طرح) ٻيهر اچن.

٢ـ حضرت يعقوب عليه السلام کان حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن جو بن يامين کي مصر وٺي وڃڻ جو مطالبو (سورة يوسف آيت: ٦٣ کان ٦٦)

فَلَمَّا رَجَعُوْٓا اِلٰٓى اَبِيْهِمْ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مُنِعَ مِنَّا الْكَيْلُ

وري جڏهن هو پنهنجي پيءُ وٽ واپس آيا، (ته) چوڻ لڳا اي اسان جا بابا! (اڳتي لاءِ) اسان کي (ان ڏيڻ) بند ڪيو ويو آهي،

فَاَرْسِلْ مَعَنَآ اَخَانَا نَكْتَلْ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ﴿٦٣﴾

تنهن ڪري اسان جي ڀاءُ (بن يامين) کي اسان سان گڏ موڪليو (ته جيئن) اسان ان وٺي اچون، بيشڪ اسان ضرور سندس حفاظت ڪنداسين.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IEM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK MODULE ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

قَالَ هَلۡ اٰمَنُكُمۡ عَلَيۡهِ اِلَّا كَمَاۤ اَمِنۡتُكُمۡ عَلٰۤى اَخِيۡهِ

(يعقوب عليه السلام) چيو، ڇا مان توهان تي (ائين) اعتماد ڪيان، جيئن مون هن جي ڀاءُ (يوسف عليه السلام) جي باري ۾ توهان تي اعتماد ڪيو هو؟

مِنۡ قَبۡلُ ؕ فَاللّٰهُ خَيۡرٌ حٰفِظًا ۖ وَّهُوَ اَرۡحَمُ الرّٰحِمِيۡنَ ﴿٦٤﴾

هن کان اڳ ۾؟ تنهن ڪري الله ئي حفاظت ڪرڻ وارو آهي، ۽ اهو ئي سڀني رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَلَمَّا فَتَحُوۡا مَتَاعَهُمۡ وَجَدُوۡا بِضَاعَتَهُمۡ رُدَّتۡ اِلَيۡهِمۡ ؕ قَالُوۡا يٰۤاَبَانَا مَا نَبۡغِىۡ ؕ

۽ جڏهن انهن پنهنجو سامان کوليو، (ته) ڏٺائون ته سندن رقم کين واپس ڪئي وئي آهي، ته چوڻ لڳا اي اسان جا بابا! اسان کي (ٻيو) ڇا کپي،

هٰذِهٖ بِضَاعَتُنَا رُدَّتۡ اِلَيۡنَا ۚ وَنَمِيۡرُ اَهۡلَنَا وَنَحۡفَظُ اَخَانَا

(ڏسو)هيءَ اسان جي رقم به اسان کي واپس ڪئي وئي آهي، ۽ هاڻي اسان پنهنجي خاندان لاءِ اناج وٺي ايندا سين، ۽ پنهنجي ڀاءُ جي حفاظت ڪنداسين،

وَنَزۡدَادُ كَيۡلَ بَعِيۡرٍ ؕ ذٰلِكَ كَيۡلٌ يَّسِيۡرٌ ﴿٦٥﴾

۽ هڪ اٺ جيترو اناج جو پيمانو وڌيڪ آڻينداسين، هي اناج جو پيمانو (جيڪو اسان آندو آهي) تمام ٿورو آهي.

قَالَ لَنۡ اُرۡسِلَهٗ مَعَكُمۡ حَتّٰى تُؤۡتُوۡنِ مَوۡثِقًا مِّنَ اللّٰهِ لَتَاۡتُنَّنِىۡ بِهٖۤ

(يعقوب عليه السلام) فرمايو مان ان کي هرگز توهان سان نه موڪليندس، جيستائين توهان الله جو عهد نه ڏيندئو، ته توهان ان کي مون وٽ ضرور آڻيندؤ،

اِلَّاۤ اَنۡ يُّحَاطَ بِكُمۡ ۚ فَلَمَّاۤ اٰتَوۡهُ مَوۡثِقَهُمۡ قَالَ اللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوۡلُ وَكِيۡلٌ ﴿٦٦﴾

سوائي ان جي ته توهان ڪنهن گهيراءِ ۾ اچي وڃو، پوءِ جڏهن انهن پڪو عهد ڪيو، (ته يعقوب عليه السلام) چيو اسان جيڪا ڳالهه ڪري رهيا آهيون الله ان جو نگهبان آهي.

٣- حضرت يعقوب عليه السلام جي تدبير (سورة يوسف آيت: ٦٧ کان ٦٩)

وَقَالَ يٰبَنِىَّ لَا تَدۡخُلُوۡا مِنۡۢ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّادۡخُلُوۡا مِنۡ اَبۡوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ ؕ

۽ (يعقوب عليه السلام) فرمايو ته اي منهنجا پٽڙؤ! هڪئي دروازي مان داخل نه ٿجو، بلڪ الڳ الڳ دروازن مان داخل ٿجو،

وَمَاۤ اُغۡنِىۡ عَنۡكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ شَىۡءٍ ؕ اِنِ الۡحُكۡمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ ۚ

۽ مان توهان کي الله (جي فيصلي) کان ذرو به بچائي نٿو سگهان، الله کان سواءِ ڪنهن جو به حڪم نه هلندو، ان تي ئي ڀروسو ڪيو اٿم،

وَعَلَيۡهِ فَلۡيَتَوَكَّلِ الۡمُتَوَكِّلُوۡنَ ﴿٦٧﴾ وَلَمَّا دَخَلُوۡا مِنۡ حَيۡثُ اَمَرَهُمۡ اَبُوۡهُمۡ ؕ

۽ ڀروسو ڪرڻ وارن کي ان تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. ۽ جڏهن هو اهڙي طرح (مصر ۾) داخل ٿيا جيئن کين سندن پيءُ حڪم ڏنو هو،

مَا كَانَ يُغۡنِىۡ عَنۡهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ شَىۡءٍ اِلَّا حَاجَةً فِىۡ نَفۡسِ يَعۡقُوۡبَ قَضٰٮهَا ؕ

(هيءَ تدبير) کين الله (جي تقدير) کان ڪڏهن به بچائي نه ٿي سگهي، پر هي (يعقوب عليه السلام) جي دل جي هڪ خواهش هئي جنهن کي ان پورو ڪيو،

وَاِنَّهٗ لَذُوۡ عِلۡمٍ لِّمَا عَلَّمۡنٰهُ وَلٰـكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٦٨﴾ ع

8 ع 11

۽ يقينا هو وڏي علم وارا هئا ڇو ته اسان ان کي علم عطا ڪيو هو، پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE TIM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL LOTION.

وَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰٓى اِلَيْهِ اَخَاهُ قَالَ اِنِّيْٓ اَنَا اَخُوْكَ

۽ جڏهن هو (يوسف عليه السلام) وٽ پهتا، ته ان پنهنجي (حقيقي) ڀاءُ کي پاڻ وٽ جڳهه ڏني، (۽) فرمايو ته بيشڪ مان ئي تنهنجو ڀاءُ (يوسف) آهيان،

فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٩﴾

پر جيڪو هو ڪندا رهيا آهن ان تي افسوس نه ڪجو،

۴- بن يامين کي روڪڻ جي لاءِ الله ﷻ جي تدبير (سورة يوسف آيت: ۷۰ کان ۷۹)

فَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ جَعَلَ السِّقَايَةَ فِيْ رَحْلِ اَخِيْهِ ثُمَّ اَذَّنَ مُؤَذِّنٌ اَيَّتُهَا الْعِيْرُ

پوءِ جڏهن انهن ماڻهن جو سامان تيار ڪيائين، ته پنهنجي ڀاءُ جي سامان ۾ (بادشاهه جو) پيالو رکي ڇڏيائين، جنهن کانپوءِ پڪارڻ واري پڪاريو، ته اي قافلي وارو!

اِنَّكُمْ لَسٰرِقُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالُوْا وَاَقْبَلُوْا عَلَيْهِمْ مَّا ذَا تَفْقِدُوْنَ ﴿٧١﴾ قَالُوْا نَفْقِدُ صُوَاعَ الْمَلِكِ

توهان ته يقيناً چور آهيو. هو (قافلي وارا) انهن ڏانهن متوجه ٿي چوڻ لڳا، توهان جي ڪهڙي شئي گم ٿي وئي آهي؟ هو (خادم) چوڻ لڳا اسان کي بادشاهه جو پيالو نٿو ملي،

وَلِمَنْ جَآءَ بِهٖ حِمْلُ بَعِيْرٍ وَّاَنَا بِهٖ زَعِيْمٌ ﴿٧٢﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ عَلِمْتُمْ

۽ جيڪو به اهو کڻي ايندو، (ان جو) هڪ اُٺ جيترو (اناج انعام) آهي، ۽ مان ان جو ذمه دار آهيان. هو چوڻ لڳا الله جو قسم، يقيناً توهان ڄاڻيو ٿا،

مَّا جِئْنَا لِنُفْسِدَ فِي الْاَرْضِ وَمَا كُنَّا سٰرِقِيْنَ ﴿٧٣﴾ قَالُوْا فَمَا جَزَآؤُهٗٓ اِنْ كُنْتُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿٧٤﴾

اسان ان لاءِ ڪونه آيا هئاسين ته اسان زمين ۾ فساد ڪيون، ۽ نه ئي اسان چور آهيون. هن (خادم) چيو ته ان (چور) جي ڪهڙي سزا؟ جيڪڏهن توهان ڪوڙا نڪتؤ.

قَالُوْا جَزَآؤُهٗ مَنْ وُّجِدَ فِيْ رَحْلِهٖ فَهُوَ جَزَآؤُهٗ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿٧٥﴾

(ڀائرن) چيو ته ان جي سزا هيءَ آهي، ته جنهن جي سامان ۾ اهو لڌو وڃي اهو خود ئي ان جو بدلو آهي، اسان ظالمن کي اها ئي سزا ڏيندا آهيون.

فَبَدَاَ بِاَوْعِيَتِهِمْ قَبْلَ وِعَآءِ اَخِيْهِ ثُمَّ اسْتَخْرَجَهَا مِنْ وِّعَآءِ اَخِيْهِ ؕ

پوءِ (يوسف عليه السلام) انهن جي ٿيلهن جي تلاشي وٺڻ شروع ڪئي، پنهنجي ڀاءُ جي ٿيلهن کان اڳ ۾، پوءِ اهو (پيالو) ڪڍي ورتو، پنهنجي ڀاءُ جي ٿيلهي مان،

كَذٰلِكَ كِدْنَا لِيُوْسُفَ ؕ مَا كَانَ لِيَاْخُذَ اَخَاهُ فِيْ دِيْنِ الْمَلِكِ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ

اهڙي طرح اسان يوسف (عليه السلام) جي لاءِ تدبير فرمائي، هو بادشاهه جي قانون مطابق پنهنجي ڀاءُ کي روڪي نه ٿي سگهيو، پر (جنهن کي) الله چاهي،

نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ وَفَوْقَ كُلِّ ذِيْ عِلْمٍ عَلِيْمٌ ﴿٧٦﴾

اسان جنهن جا گهرندا آهيون، درجا بلند ڪندا آهيون، ۽ هر علم رکڻ واري کان مٿان وڌيڪ علم رکڻ وارو آهي.

قَالُوْٓا اِنْ يَّسْرِقْ فَقَدْ سَرَقَ اَخٌ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ ۚ فَاَسَرَّهَا يُوْسُفُ فِيْ نَفْسِهٖ

انهن چيو ته جيڪڏهن ان چوري ڪئي آهي، ته ان جو ڀاءُ به اڳ ۾ چوري ڪري چڪو آهي، تڏنهن يوسف (عليه السلام) اها ڳالهه پنهنجي دل ۾ لڪائي رکي،

وَلَمْ يُبْدِهَا لَهُمْ ۚ قَالَ اَنْتُمْ شَرٌّ مَّكَانًا ۚ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا تَصِفُوْنَ ﴿٧٧﴾

انهن تي ظاهر ٿيڻ نه ڏنائين، (دل ۾) چيائين: توهان ته تمام گهڻا برا آهيو، ۽ الله ان کي خوب ڄاڻي ٿو جيڪا توهان غلط بياني ڪري رهيا آهيو،

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD CONTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

قَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ اِنَّ لَهٗٓ اَبًا شَيْخًا كَبِيْرًا فَخُذْ اَحَدَنَا مَكَانَهٗ ۚ

(ڀائر) چوڻ لڳا: اي عزيز مصر! بيشڪ هن جو پيءُ تمام پوڙهو آهي، تون هن جي جاءِ تي اسان مان ڪنهن کي رکي ڇڏ،

اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٧٨﴾ قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ

بيشڪ اسان ڏسون ٿا ته تون احسان ڪرڻ وارن مان آهين. (يوسف عليه السلام) چيو ته الله جي پناهه،

اَنْ نَّاْخُذَ اِلَّا مَنْ وَّجَدْنَا مَتَاعَنَا عِنْدَهٗٓ ۙ اِنَّآ اِذًا لَّظٰلِمُوْنَ ﴿٧٩﴾ ع

جو جنهن وٽ اسان پنهنجي شئي ڏٺي آهي ان جي جاءِ تي اسان (ڪنهن ٻئي کي) جهليون، يقيناً پوءِ ته اسان بي انصاف چئباسين.

٥- حضرت يعقوب عليه السلام جي الله سبحانه وتعالى تي توڪل ۽ وڏي ڀاءُ جي ندامت (سورة يوسف آيت: ٨٠ کان ٨٧)

فَلَمَّا اسْتَيْـَٔسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِيًّا ؕ قَالَ كَبِيْرُهُمْ اَلَمْ تَعْلَمُوْٓا اَنَّ اَبَاكُمْ

پوءِ جڏهن هو ان کان مايوس ٿي ويا، (ته) الڳ ٿي مشورو ڪرڻ لڳا، سندن سڀني کان وڏي (ڀاءُ) چيو: ڇا توهان نٿا ڄاڻو، بيشڪ توهان جي پيءُ،

قَدْ اَخَذَ عَلَيْكُمْ مَّوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ وَمِنْ قَبْلُ مَا فَرَّطْتُّمْ فِيْ يُوْسُفَ ۚ فَلَنْ اَبْرَحَ الْاَرْضَ

توهان کان الله جو عهد ورتو آهي، ۽ ان کان اڳ ۾ به توهان يوسف (عليه السلام) جي باري ۾ قصور ڪري چڪا آهيو، تنهن ڪري مان هن جاءِ تان هرگز نه ويندس،

حَتّٰى يَاْذَنَ لِيْٓ اَبِيْٓ اَوْ يَحْكُمَ اللّٰهُ لِيْ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨٠﴾ اِرْجِعُوْٓا اِلٰٓى اَبِيْكُمْ

جيستائين منهنجو پيءُ مونکي حڪم نه ڏئي، يا الله منهنجي لاءِ ڪو فيصلو فرمائي ڇڏي ۽، هو سڀ کان بهتر فيصلو ڪرڻ وارو آهي. توهان پنهنجي پيءُ وٽ واپس وڃو،

فَقُوْلُوْا يٰٓاَبَانَآ اِنَّ ابْنَكَ سَرَقَ ۚ وَمَا شَهِدْنَآ اِلَّا بِمَا عَلِمْنَا

۽ وڃي چئو: اسان جا بابا! بيشڪ تنهنجي پٽ چوري ڪئي آهي، ۽ اسان ان ڳالهه جي گواهي ڏني جنهن جو اسان کي علم هو،

وَمَا كُنَّا لِلْغَيْبِ حٰفِظِيْنَ ﴿٨١﴾ وَسْـَٔلِ الْقَرْيَةَ الَّتِيْ كُنَّا فِيْهَا

۽ اسان غيب (جي ڳالهين) جي حفاظت ڪرڻ وارن مان نه هئاسين. ۽ پڇي وٺو بستيءَ (وارن) کان جنهن ۾ اسان هئاسين،

وَالْعِيْرَ الَّتِيْٓ اَقْبَلْنَا فِيْهَا ؕ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٨٢﴾ قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ؕ

۽ ان قافلي (وارن) کان جنهن ۾ اسان آيا آهيون، ۽ يقيناً اسان سچا آهيون. (يعقوب عليه السلام) فرمايو (ائين ناهي) بلڪ هيءَ ڳالهه توهان پنهنجي دلئون ٺاهي آهي.

فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِيَنِيْ بِهِمْ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿٨٣﴾

سو صبر ئي بهتر آهي، اهو قريب آهي، ته الله انهن سڀني کي مون وٽ گڏ آڻي، بيشڪ هو خوب ڄاڻڻ وارو خوب حڪمت وارو آهي.

وَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰٓاَسَفٰى عَلٰى يُوْسُفَ وَابْيَضَّتْ عَيْنٰهُ مِنَ الْحُزْنِ

۽ (يعقوب عليه السلام) انهن کان منهن ڦيرائي ڇڏيو، ۽ چوڻ لڳو هائي افسوس! يوسف (عليه السلام) جي جدائي) تي، سندس ٻئي اکيون غم ۾ اڇيون ٿي ويون،

فَهُوَ كَظِيْمٌ ﴿٨٤﴾

جڏنهن ته هو غم جهليو ويٺو هو.

COPYRIGHTS © BESERVED WITH THE ILM EDUCATION. SALE OF THIS BOOK WOULD CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

قَالُوْا تَاللّٰهِ تَفْتَؤُا تَذْكُرُ يُوْسُفَ حَتّٰى تَكُوْنَ حَرَضًا

(پٽ) چوڻ لڳا الله جو قسم! توهان يوسف کي (اهڙيءَ طرح) هميشه ياد ڪندا رهندؤ، ايستائين جو (يا ته) بيمار ٿي ويندؤ،

اَوْ تَكُوْنَ مِنَ الْهٰلِكِيْنَ ﴿٨٥﴾ قَالَ اِنَّمَآ اَشْكُوْا بَثِّيْ وَحُزْنِيْٓ اِلَى اللّٰهِ

يا هلاڪ ٿي ويندؤ. (يعقوب عليه السلام) فرمايو بيشڪ مان فريادي آهيان، الله کان پنهنجي پريشانيءَ ۽ غم جو،

وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٦﴾ يٰبَنِيَّ اذْهَبُوْا فَتَحَسَّسُوْا مِنْ يُّوْسُفَ وَاَخِيْهِ

۽ مان الله جي طرفان اهو ڄاڻان ٿو جيڪو توهان نٿا ڄاڻو. اي منهنجا پٽؤ! وڃو، ۽ يوسف (عليه السلام) ۽ ان جي ڀاءُ کي وڃي تلاش ڪيو،

وَلَا تَايْـَٔسُوْا مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يَايْـَٔسُ مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٧﴾

۽ الله جي رحمت کان مايوس نه، ٿجو بيشڪ الله جي رحمت کان ڪافر مايوس ٿيندا آهن.

٦- حضرت يوسف عليه السلام جي سامهون ڀائرن جي فرياد (سورة يوسف آيت: ٨٨ کان ٩٠)

فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلَيْهِ قَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ مَسَّنَا وَاَهْلَنَا الضُّرُّ وَجِئْنَا بِبِضَاعَةٍ مُّزْجٰىةٍ

پوءِ جڏهن اهي ان وٽ پهتا، (ته) چوڻ لڳا: اي عزيز مصر! اسان کي ۽ اسان جي گهر وارن کي سخت تڪليف پهتي آهي، ۽ اسان معمولي قيمت آندي آهي،

فَاَوْفِ لَنَا الْكَيْلَ وَتَصَدَّقْ عَلَيْنَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَجْزِي الْمُتَصَدِّقِيْنَ ﴿٨٨﴾

پر توهان اسان کي (اناج) جو پورو پورو پيمانو ڏيو، ۽ اسان تي ڪجهه صدقو ڪيو، بيشڪ الله صدقي ڪرڻ وارن کي اجر عطا فرمائيندو آهي.

قَالَ هَلْ عَلِمْتُمْ مَّا فَعَلْتُمْ بِيُوْسُفَ وَاَخِيْهِ اِذْ اَنْتُمْ جٰهِلُوْنَ ﴿٨٩﴾

(يوسف عليه السلام) فرمايو: توهان کي معلوم آهي، ته توهان يوسف ۽ ان جي ڀاءُ سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو هو، جڏهن توهان نادان هئا.

قَالُوْٓا ءَاِنَّكَ لَاَنْتَ يُوْسُفُ ؕ قَالَ اَنَا يُوْسُفُ وَهٰذَآ اَخِيْ ۫ قَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا ؕ

چيائون ته ڇا توهان ئي يوسف آهيو؟ يوسف (عليه السلام) فرمايو ته آءُ ئي يوسف آهيان ۽ هي منهنجو ڀاءُ آهي، يقيناً الله اسان تي احسان فرمايو آهي،

اِنَّهٗ مَنْ يَّتَّقِ وَيَصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٩٠﴾

بيشڪ جيڪو (الله کان) ڊڄي ٿو ۽ صبر ڪري ٿو، ته بيشڪ الله احسان ڪرڻ وارن جو اجر ضايع نه ڪندو آهي.

٧- حضرت يوسف عليه السلام جو ڀائرن کي معاف ڪري ڇڏڻ (سورة يوسف آيت: ٩١ کان ٩٣)

قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا لَخٰطِـِٕيْنَ ﴿٩١﴾ قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ

هو چوڻ لڳا: الله جو قسم! يقيناً الله توهان کي اسان تي فضيلت عطا ڪئي آهي، اسان ئي ڏوهي هئاسين. (يوسف عليه السلام) فرمايو: اڄ توهان تي ڪابه ملامت ڪانهي،

يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ۫ وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٩٢﴾ اِذْهَبُوْا بِقَمِيْصِيْ هٰذَا فَاَلْقُوْهُ عَلٰى وَجْهِ اَبِيْ

الله توهان کي معاف فرمائي، اهو ئي رحم ڪرڻ وارن مان سڀني کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهي. هي منهنجي قميص کڻي وڃو، منهنجي پيءُ جي چهري تي وڃي وجهو،

يَاْتِ بَصِيْرًا ۚ وَاْتُوْنِيْ بِاَهْلِكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٩٣﴾ ع

ان جي نظر واپس اچي ويندي، ۽ پنهنجي سڀني گهروارن کي منهنجي طرف وٺي اچ.

ع 10 14

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IIM FOUNDATION SALE OF THIS BOOK INDULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

٨- حضرت يعقوب عليه السلام تي الله سبحانه وتعالى جو احسان (سورة يوسف آيت: ٩٤ کان ٩٨)

وَلَمَّا فَصَلَتِ الْعِيْرُ قَالَ اَبُوْهُمْ اِنِّيْ لَاَجِدُ رِيْحَ يُوْسُفَ

۽ جڏهن قافلو (مصر کان) روانو ٿيو، تہ سندن پيءُ (گهر وارن کي) چوڻ لڳو، تہ يقيناً مون کي يوسف (عليه السلام) جي خوشبو اچي رهي آهي،

لَوْ لَآ اَنْ تُفَنِّدُوْنِ ﴿٩٤﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ اِنَّكَ لَفِيْ ضَلٰلِكَ الْقَدِيْمِ ﴿٩٥﴾ فَلَمَّآ اَنْ جَآءَ الْبَشِيْرُ

جيڪڏهن توهان مون کي گهٽ عقل (ڪمزور عقل) خيال نہ ڪيو. هنن چيو الله جو قسم! يقيناً توهان پنهنجي پراڻي محبت ۾ آهيو. پوءِ جڏهن خوشخبري ڏيڻ وارو اچي پهتو،

اَلْقٰىهُ عَلٰى وَجْهِهٖ فَارْتَدَّ بَصِيْرًا ۚ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ ۚ

(تہ) ان اها (قميص) ان جي چهري تي وڌي، تہ هو ٻيهر ڏسڻ وارو ٿي پيو، (يعقوب عليه السلام) چوڻ لڳو ڇا مون توهان کي نہ چيو هو،

اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٦﴾ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا اسْتَغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَآ

بيشڪ آءٌ الله جي طرفان اهو ڄاڻيان ٿو جيڪو توهان نٿا ڄاڻو. هو چوڻ لڳا اي اسان جا بابا! توهان اسان جي لاءِ اسان جي گناهن جي مغفرت گهرو،

اِنَّا كُنَّا خٰطِـِٕيْنَ ﴿٩٧﴾ قَالَ سَوْفَ اَسْتَغْفِرُ لَكُمْ رَبِّيْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿٩٨﴾

بيشڪ اسان ئي خطاڪار آهيون. (يعقوب عليه السلام) فرمايو مان پنهنجي رب کان توهان جي مغفرت گهرندس، بيشڪ اهو وڏو بخشڻ وارو ۽ نهايت رحم وارو آهي.

٩- بني اسرائيل جو مصر ۾ اچڻ (سورة يوسف آيت: ٩٩ کان ١٠١)

فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰٓى اِلَيْهِ اَبَوَيْهِ وَقَالَ ادْخُلُوْا مِصْرَ

پوءِ جڏهن هو سڀ يوسف (عليه السلام) وٽ پهتا، تہ ان پنهنجي پيءُ کي (ادب سان) پاڻ وٽ ويهاريو، ۽ فرمايائين مصر ۾ داخل ٿي وڃو،

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾ ؕ وَرَفَعَ اَبَوَيْهِ عَلَى الْعَرْشِ وَخَرُّوْا لَهٗ سُجَّدًا ۚ

جيڪڏهن الله چاهيو (تہ سڀ) امن سان (رهندا). ۽ ان پنهنجي پيءُ کي تخت تي ويهاريو، ۽ سڀ ان لاءِ سجدي ۾ جهڪي پيا،

وَقَالَ يٰٓاَبَتِ هٰذَا تَاْوِيْلُ رُءْيَايَ مِنْ قَبْلُ ۫ قَدْ جَعَلَهَا رَبِّيْ حَقًّا ؕ

۽ (يوسف عليه السلام) فرمايو اي منهنجا بابا! هي منهنجي ان خواب جي تعبير آهي جيڪو مون اڳ ۾ ڏٺو، هو يقيناً منهنجي رب ان کي سچو ڪري ڏيکاريو،

وَقَدْ اَحْسَنَ بِيْٓ اِذْ اَخْرَجَنِيْ مِنَ السِّجْنِ وَجَآءَ بِكُمْ مِّنَ الْبَدْوِ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ نَّزَغَ الشَّيْطٰنُ

۽ يقيناً ان مون تي احسان ڪيو، جڏهن مون کي قيد خاني مان ڪڍيائين، ۽ توهان سڀني کي ڳوٺ مان وٺي آيس، ان کان پوءِ جو شيطان جهيڙو وڌو،

بَيْنِيْ وَبَيْنَ اِخْوَتِيْ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَطِيْفٌ لِّمَا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿١٠٠﴾

منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن جي وچ ۾، بيشڪ منهنجو رب جنهن جي لاءِ چاهي خوب تدبير فرمائي ٿو، بيشڪ هو خوب ڄاڻڻ وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

رَبِّ قَدْ اٰتَيْتَنِيْ مِنَ الْمُلْكِ وَعَلَّمْتَنِيْ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ۚ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ قف

اي منهنجا رب! يقيناً تو مونکي حڪومت جو حصو عطا فرمايو، ۽ مونکي ڳالهين (خوابن) جي تعبير جو علم بخشيو، اي آسمانن ۽ زمينن کي پيدا ڪرڻ وارا!

اَنْتَ وَلِيّٖ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا وَّاَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠١﴾

توئي دنيا ۽ آخرت جو ڪارساز آهين، مون کي فرمانبرداري (جي حالت) ۾ موت ڏي، ۽ مونکي نيڪ ٻانهن ۾ شامل ڪرڻ فرماءِ.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE FOUNDATION OF THIS BOOK WOULD BE SALE OF THIS BOOK WITH ENTAL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

١٠۔ توحيد جي دعوت ۽ شرڪ جي نفي (سورة يوسف آيت: ١٠٢ کان ١٠٨)

ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ۚ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ

(اي نبي ﷺ!) هي غيب جون خبرون آهن، جيڪي اسان توهانجي (ﷺ) جي طرف وحي ڪيون ٿا، ۽ توهان (ﷺ) انهن (يوسف جي ڀائرن) وٽ نه هئا،

اِذْ اَجْمَعُوْٓا اَمْرَهُمْ وَهُمْ يَمْكُرُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَمَآ اَكْثَرُ النَّاسِ وَلَوْ حَرَصْتَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾

جڏهن انهن پنهنجي ڳالهه تي اتفاق ڪيو ۽ هو سازش ڪري رهيا هئا. اڪثر ماڻهو ايمان آڻڻ وارا ناهن توهان ڀلي ڪيتري به خواهش رکو.

وَمَا تَسْـَٔلُهُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٤﴾ ع

۽ اوهان انهن (مڪي جي مشرڪن) کان ان (تبليغ) جي اجرت ته نٿا وٺو؟ هي (قرآن) سڀني جهانن لاءِ نصيحت آهي.

وَكَاَيِّنْ مِّنْ اٰيَةٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يَمُرُّوْنَ عَلَيْهَا وَهُمْ عَنْهَا مُعْرِضُوْنَ ﴿١٠٥﴾ وَمَا يُؤْمِنُ اَكْثَرُهُمْ بِاللّٰهِ

۽ آسمانن ۽ زمينن ۾ ڪيتريون ئي نشانيون آهن، جن تان انهن جو گذر ٿيندو رهندو آهي، ۽ هو انهن تي توجه ئي نٿا ڪن. ۽ انهن مشرڪن مان گهڻا الله تي ايمان نٿا آڻن،

اِلَّا وَهُمْ مُّشْرِكُوْنَ ﴿١٠٦﴾ اَفَاَمِنُوْٓا اَنْ تَاْتِيَهُمْ غَاشِيَةٌ مِّنْ عَذَابِ اللّٰهِ

پر مشرڪ هوندا آهن. ڇا هو ان (ڳالهه) کان بي خوف آهن ته انهن تي الله جي عذابن مان ڪو ڇانئجي وڃڻ وارو (عذاب) نه اچي وڃي

اَوْ تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٠٧﴾ قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْٓ اَدْعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ ۣ

يا انهن تي اچانڪ قيامت اچي وڃي، ۽ انهن کي خبر به نه پوي. (اي نبي ﷺ!) توهان چئي ڇڏيو هي منهنجو رستو آهي، مان الله جي طرف سڏيان ٿو،

عَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَمَنِ اتَّبَعَنِيْ ؕ وَسُبْحٰنَ اللّٰهِ وَمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٨﴾

پوري بصيرت سان، آءٌ (به) ۽ (اهو به) جنهن منهنجي پيروي ڪئي، ۽ الله پاڪ آهي، ۽ مان مشرڪن مان نه آهيان.

١١۔ گذريل قومن کان عبرت جو سبق (سورة يوسف آيت: ١٠٩ کان ١١١)

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ مِّنْ اَهْلِ الْقُرٰى ؕ

۽ اسان توهان کان اڳ ۾ به مردن کي ئي (رسول ڪري) موڪليو هو، جن ڏانهن اسان وحي ڪندا هئاسين (مختلف) ڳوٺن مان،

اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ

ڇا هي ماڻهون زمين ۾ گهميا ڦريا ناهن، ته اهو ڏسي وٺن ته انهن کان اڳ وارن ماڻهن جو ڪهڙو انجام ٿيو!

وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اتَّقَوْا ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٩﴾

۽ يقيناً آخرت جو گهر بهتر آهي، انهن جي لاءِ جيڪي (الله کان) ڊڄن ٿا، ته ڇا توهان سمجهو نٿا؟

حَتّٰٓى اِذَا اسْتَيْـَٔسَ الرُّسُلُ وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ قَدْ كُذِبُوْا

ايتري تائين جو جڏهن رسول (نافرمان قوم کان) مايوس ٿيڻ لڳا، ۽ نافرمانن هي خيال ڪيو ته انهن سان (عذاب جي باري ۾) ڪوڙ ڳالهايو ويو آهي،

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK IS CRIMINAL ACTION. ENTAIL CIVIL

جَآءَهُمْ نَصْرُنَا فَنُجِّيَ مَنْ نَّشَآءُ ؕ وَلَا يُرَدُّ بَاْسُنَا عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۱۱۰﴾

تہ انهن (رسولن) کي اسان جي مدد اچي پهتي، ان کان پوءِ جنهن کي اسان گهريو ان کي نجات ملي، اسان جو عذاب مجرم قوم کان نہ ٽاريو ويندو آهي.

لَقَدْ كَانَ فِيْ قَصَصِهِمْ عِبْرَةٌ لِّاُولِي الْاَلْبَابِ ؕ مَا كَانَ حَدِيْثًا يُّفْتَرٰى

يقيناً انهن جي قصن ۾ عقل مندن لاءِ عبرت آهي، هي (قرآن) ڪا اهڙي ڳالهه نہ آهي، جو گهڙي ناهي وئي هجي.

وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيْلَ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۱۱۱﴾ ع ۱۲

پر هي پاڻ کان اڳين (ڪتابن) جي تصديق ڪري ٿو، ۽ هر شئي جو تفصيل آهي، ۽ مومنن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION
SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون گالهيون

١. اسان کي مهمانن جي وڏ ۾ وڏ خدمت ڪرڻ گهرجي جو تہ مهمان نوازي انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي سنت آهي. (سورة يوسف، آيت: ٥٩)

٢. الله ﷻ اسان جو بهترين محافظ، دنيا ۽ آخرت ۾ اسان جو ڪارساز آهي. (سورة يوسف، آيت: ٦ ڪان ٦٤)

٣. اسان کي پنهنجي تدبير کان وڌيڪ الله ﷻ تي پروسو ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ اهو ئي حقيقت ۾ اسان جو هميشہ مددگار آهي. (سورة يوسف، آيت: ٦٧)

٤. اسان کي پنهنجيون پريشانيون ۽ غم سپ الله ﷻ جي سامهون بيان ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ اهو ئي حقيقت ۾ هميشہ اسان جي غمن کي دور ڪرڻ وارو آهي. (سورة يوسف، آيت: ٨٦)

٥. الله ﷻ انبياءِ ڪرام عليهم السلام کي پاڻ وٽان خاص علم عطا فرمائيندو آهي جيڪو علم ٻين ماڻهن وٽ ڪونہ هوندو آهي. (سورة يوسف، آيت: ٨٦)

٦. اسان کي الله ﷻ جي رحمت کان ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيڻ گهرجي. (سورة يوسف، آيت: ٨٧)

٧. جيڪو تقويٰ اختيار ڪندو آهي اهو صبر ڪندو آهي تہ الله ﷻ اهڙن نيڪي ڪرڻ وارن کي ضرور اجر عطا فرمائيندو آهي. (سورة يوسف، آيت: ٩٠)

٨. جيڪي ماڻهو اسان سان برو سلوڪ ڪن، اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اسان انهن کي معاف ڪري ڇڏيون. (سورة يوسف، آيت: ٩٢)

٩. اسان کي پنهنجي والدين جي عزت ۽ احترام ڪرڻ گهرجي. هي انبياءِ ڪرام عليهم السلام جو مبارڪ طريقو آهي ۽ اسلام جي بنيادي تعليم جو حصو آهي. (سورة يوسف، آيت: ٩٩ ڪان ١٠٠)

١٠. " الله ﷻ جي طرف سڏڻ" نبي ڪريم ﷺ جو رستو آهي ۽ پاڻ ﷺ جي پيروي ڪرڻ وارن جو طريقو آهي. (سورة يوسف، آيت:١٠٨)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي تصحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي پٽن کي مصر ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ ڪهڙي نصيحت ڪئي؟

(الف) هڪ ئي دروازي مان داخل ٿجو (ب) الڳ الڳ دروازن مان داخل ٿجو (ج) بن يامين کي گڏ رکجو

٢. حضرت يوسف عليه السلام جي خواب ۾ چند مان چا مراد آهي؟

(الف) پيءُ (ب) ماءُ (ج) ڀائر

٣. حضرت يعقوب عليه السلام حضرت يوسف عليه السلام جي غم ۾ ڪهڙي شيءِ وڃائي؟

(الف) حافظو (ب) نظر (ج) دولت

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE IMF FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

۴. حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي پٽن کي کهڙن ماڻهن جي باري ۾ چيو ته صرف اهي ئي الله تعالى جي رحمت کان مايوس ٿيندا آهن؟

(الف) ايمان وارا (ب) منافق (ج) کافر

۵. حضرت يوسف عليه السلام جي لاڏاڻي کان پوءِ بني اسرائيل کي کنهن غلام بڻايو؟

(الف) مصر وارن (ب) ڪنعان وارن (ج) شام وارن

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. بادشاهه جي لاءِ ماني پڄائڻ واري قيديءَ کهڙو خواب ڏٺو هو؟

۲. الله تعالى حضرت يوسف عليه السلام کي بنيامين کي جهلڻ لاءِ کهڙي تدبير بڌائي؟

۳. حضرت يعقوب عليه السلام جي نظر ڪيئن واپس آئي؟

۴. حضرت يوسف عليه السلام پائرن جي بدسلوڪيءَ تي انهن سان کهڙو سلوڪ ڪيو؟

۵. الله تعالى حضرت يوسف عليه السلام جي خواب کي ڪيئن سچو ڪري ڏيکاريو؟

سوال ۳ اسان پنهنجو جائزو ونون:

نمبر	سوال	ڪنهن حد تائين	گهڻي حد تائين	نه
۱	چا مان الله تعالى تي مڪمل پروسو ڪيان ٿو؟			
۲	چا مان الله تعالى کان رحمت جي اميد رکان ٿو؟			
۳	چا مان الله تعالى جي عذاب کان ڊڄان ٿو؟			
۴	چا مان پنهنجي ضرورتن لاءِ الله تعالى کان دعا گهرندو آهيان؟			
۵	چا مان ٻين جي لاءِ احسان يعني نيڪيءَ جو جذبو رکان ٿو؟			
۶	چا مان پنهنجي مسئلن ۾ ٻين کان مشورو وٺندو آهيان؟			
۷	چا مان کنهن تي هروڀرو الزام لڳائيندو آهيان؟			
۸	چا مان پنهنجي مهمانن جي سڻي ميزباني ڪندو آهيان.			

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION
SALE OF THIS BOOK WOULD BE A CRIMINAL ACTION.

٩	ڇا مان نقصان تي صبر ڪندو آهيان؟			
١٠	ڇا مان واقعن مان عبرت حاصل ڪندو آهيان؟			

گهرو ڪم

- حضرت يوسف عليه السلام جي دعا "اَنْتَ وَلِيّٖ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا وَّ اَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ" ترجمي سان گڏ خوبصورتيءَ سان چارٽ تي لکي گهر ۾ڪنهن سهڻي جڳهه تي لڳايو.
- گهر وارن سان ويهي مذاڪرو ڪيو ته جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪنهن قصور وار کي معاف ڪري ڇڏيون ته ان سان اسان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو سيئي نڪتا هڪ جاءِ تي لکو ۽ ٻين دوستن کي ٻڌايو.
- حضرت يوسف عليه السلام بابت اهم ڳالهيون لکي ڪري هينئيون وضاحتي خاڪو (Flow Chart) مڪمل ڪيو.



صحيح استاد جي تاريخ _____ صحيح والدين / سرپرست تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE A CRIMINAL & CIVIL ACTION.

سبق:۴ — سُوْرَةُ الزُّخْرُف

(سورت نمبر: ۴۳، ڪل رڪوع:۷، ڪل آيتون:۸۰)

شان نزول ۽ تعارف: سُوْرَةُ الزُّخْرُف نبي ڪريم ﷺ جي مٿان مڪي ۾ رهڻ جي آخري ڏينهن ۾ نازل ٿي. هي اهو زمانو هو جڏهن نبي ڪريم ﷺ جي خلاف قريشن جا سردار جادو وغيره جو الزام لڳائي رهيا هئا. ۽ سڀئي پاڻ ۾ گڏجي (معاذ الله) نبي ڪريم ﷺ کي شهيد ڪرڻ جون سازشون ڪري رهيا هئا. جيئن آيت نمبر ۷۹ ۽ ۸۰ ۾ صاف اشارو موجود آهي.

"زُخْرُف" عربي زبان ۾ "سون (Gold)" کي چوندا آهن. آيت: ۳۴ ۽ ۳۵ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته دنيا الله سبحانه وتعالى جي نظر ۾ ايتري ته بي حيثيت ۽ هيٺاهين آهي جو جيڪڏهن هي ڊپ نه هجي ها ته سڀ ماڻهو ڪافر ٿي ويندا ته الله سبحانه وتعالى ڪافرن جي گهرن کي سون ۽ چانديءَ جو بڻائي ڇڏي ها. هن سورت ۾ شرڪ جي مذمت ۽ توحيد جو ذڪر آهي. ٽن جليل القدر انبياءِ ڪرام عليهم السلام يعني حضرت ابراهيم عليه السلام، حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام جي دعوت جو ذڪر آهي ته اهي سڀ هڪ الله سبحانه وتعالى جي عبادت ڪرڻ وارا ۽ شرڪ کان منع ڪرڻ وارا هئا. ان کان علاوه آخرت جا حالات بيان ڪيا ويا آهن. سورت جي آخر ۾ پرهيزگارن جي سٺي ۽ مشرڪن جي بري انجام جو بيان آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان — الله جي نالي سان شروع جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

حٰمٓ ۚ ﴿١﴾ وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ۙ ﴿٢﴾ اِنَّا جَعَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ۚ ﴿٣﴾

حٰمٓ. چٽي ڪتاب جو قسم. بيشڪ اسان هن کي عربي قرآن بڻايو آهي، ته جيئن توهان سمجهي سگهو.

وَاِنَّهٗ فِيْٓ اُمِّ الْكِتٰبِ لَدَيْنَا لَعَلِيٌّ حَكِيْمٌ ؕ ﴿٤﴾ اَفَنَضْرِبُ عَنْكُمُ الذِّكْرَ صَفْحًا

۽ يقيناً هو اسان وٽ اصل ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ تمام مٿاهون ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. ڇا اسان توهان کان هيءَ نصيحت ان ڪري روڪي ڇڏيون،

اَنْ كُنْتُمْ قَوْمًا مُّسْرِفِيْنَ ﴿٥﴾ وَكَمْ اَرْسَلْنَا مِنْ نَّبِيٍّ فِي الْاَوَّلِيْنَ ﴿٦﴾ وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ نَّبِيٍّ

ته توهان حد کان لنگهي وڃڻ وارا آهيو. ۽ اسان اڳين ماڻهن ۾ به ڪيترائي نبي موڪليا هئا. ۽ انهن وٽ جيڪو به نبي ايندو هو،

اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٧﴾ فَاَهْلَكْنَآ اَشَدَّ مِنْهُمْ بَطْشًا وَّمَضٰى مَثَلُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٨﴾

هو ان تي ٺٺولون ڪندا هئا. پوءِ اسان هلاڪ ڪري ڇڏيو، انهن کان وڌيڪ طاقتور ماڻهن کي، ۽ انهن اڳين ماڻهن جو مثال گذري چڪو آهي.

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ خَلَقَهُنَّ الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمُ ۙ ﴿٩﴾

۽ جيڪڏهن توهان انهن کان پڇو، ته آسمانن ۽ زمينن کي ڪنهن پيدا ڪيو؟ ته يقيناً هو ضرور چوندا ته ان کي غالب علم واري (الله) پيدا ڪيو آهي.

الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّجَعَلَ لَكُمْ فِيْهَا سُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ۚ ﴿١٠﴾

جنهن توهان لاءِ زمين کي فرش بڻايو، ۽ ان ۾ توهان جي لاءِ رستا بڻايائين، ته توهان رستو حاصل ڪري سگهو.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE TIM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

وَالَّذِيْ نَزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ ۚ فَاَنْشَرْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ۚ

۽ جنهن هڪ (مقرر) اندازي سان آسمان کان پاڻي نازل فرمايو، پوءِ اسان ان سان مئل شهر کي زنده ڪيو،

كَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿١١﴾ وَالَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا وَجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْفُلْكِ وَالْاَنْعَامِ

اهڙيءَ طرح توهان قبرن مان اٿاريا ويندؤ. ۽ جنهن هر طرح جا جوڙا پيدا ڪيا، ۽ توهان جي لاءِ ٻيڙيون ۽ چوپايا جانور بڻايا،

مَا تَرْكَبُوْنَ ﴿١٢﴾ۙ لِتَسْتَوٗا عَلٰى ظُهُوْرِهٖ ثُمَّ تَذْكُرُوْا نِعْمَةَ رَبِّكُمْ

جن تي توهان سواري ڪندا آهيو. ته جيئن توهان انهن جي پٺن تي ڄمي ويهو، ان کان پوءِ توهان پنهنجي رب جي نعمتن کي ياد ڪيو،

اِذَا اسْتَوَيْتُمْ عَلَيْهِ وَتَقُوْلُوْا سُبْحٰنَ الَّذِيْ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا

جڏهن انهن تي صحيح طرح سان ويهي وڃو، ۽ توهان چئو: هو (الله) پاڪ آهي جنهن هن سواري کي اسان جي تابع ڪري ڇڏيو آهي،

وَمَا كُنَّا لَهٗ مُقْرِنِيْنَ ﴿١٣﴾ۙ وَاِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ﴿١٤﴾

۽ اسان ۾ طاقت نه هئي ته هن کي قابوءَ ۾ ڪري سگهون ها. ۽ يقيناً اسان پنهنجي رب جي طرف موٽي وڃڻ وارا آهيون.

وَجَعَلُوْا لَهٗ مِنْ عِبَادِهٖ جُزْءًا ؕ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ؕ ع 1 15

۽ (مشرڪن) ان (الله) جي بندن مان ڪن کي ان جو جز (اولاد) بڻائي ڇڏيو، يقيناً انسان وڏو چٽو ناشڪرو آهي.

اَمِ اتَّخَذَ مِمَّا يَخْلُقُ بَنٰتٍ وَّاَصْفٰىكُمْ بِالْبَنِيْنَ ﴿١٦﴾

ڇا (الله) پنهنجي مخلوق مان (پنهنجي لاءِ) ڌيئرون بڻايون آهن، ۽ توهان کي مخصوص ڪري ڇڏيو اٿس پٽن لاءِ؟

وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِمَا ضَرَبَ لِلرَّحْمٰنِ مَثَلًا ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا

جڏهن ته انهن مان ڪنهن کي (ڌيءَ) جي خوشخبري ڏني ويندي آهي، جنهن کي انهن رحمٰن ڏانهن منسوب ڪيو آهي، ته انهن جو منهن ڪارو ٿي ويندو آهي،

وَّهُوَ كَظِيْمٌ ﴿١٧﴾ اَوَ مَنْ يُّنَشَّؤُا فِي الْحِلْيَةِ وَهُوَ فِي الْخِصَامِ غَيْرُ مُبِيْنٍ ﴿١٨﴾

۽ اهو غم (۽ غصي) سان ڀرجي ويندو آهي. ڇا اها (ڇوڪري) جيڪا زيورن ۾ پلجي، ۽ بحث وقت صحيح ڳالهائي نه سگهي (الله جي اولاد ٿي سگهي ٿي)؟

وَجَعَلُوا الْمَلٰٓئِكَةَ الَّذِيْنَ هُمْ عِبٰدُ الرَّحْمٰنِ اِنَاثًا ؕ اَشَهِدُوْا خَلْقَهُمْ ؕ سَتُكْتَبُ شَهَادَتُهُمْ

۽ انهن فرشتن کي (الله جون) ڌيئون قرار ڏنو جيڪي الله جا بندا آهن، ڇا اهي انهن جي پيدائش وقت موجود هئا؟ هاڻي انهن جي گواهي لکي ويندي،

وَيُسْـَٔلُوْنَ ﴿١٩﴾ وَقَالُوْا لَوْ شَآءَ الرَّحْمٰنُ مَا عَبَدْنٰهُمْ ؕ مَا لَهُمْ بِذٰلِكَ مِنْ عِلْمٍ ۗ

۽ انهن کان پڇيو ويندو. ۽ هو چون ٿا، جيڪڏهن رحمٰن گهري هان ته اسان انهن (بتن) جي پوڄا نه ڪيون ها، کين ان جو ڪو علم ناهي،

اِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿٢٠﴾ؕ اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ كِتٰبًا مِّنْ قَبْلِهٖ فَهُمْ بِهٖ مُسْتَمْسِكُوْنَ ﴿٢١﴾

هو صرف ڪوڙو اندازو لڳائيندا آهن. ڇا اسان انهن کي هن کان اڳ ڪو ڪتاب ڏنو آهي ڇا، جنهن کي هو مضبوطيءَ سان جهلي ويٺا آهن.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE IMAM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

بَلْ قَالُوْٓا اِنَّا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٢٢﴾

(نہ) بلڪ هو چون ٿا: بيشڪ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي ڏٺو آهي، ۽ بيشڪ اسان انهن جي نقش قدم تي هلي رهيا آهيون.

وَكَذٰلِكَ مَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَآ ۙ

۽ اهڙي طرح اسان توهان کان اڳ ۾ جڏهن به موڪليو، ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ڊيڄارڻ وارو (نبي)، ته اتان جي خوشحال ماڻهن چيو،

اِنَّا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ مُّقْتَدُوْنَ ﴿٢٣﴾ قٰلَ

ته بيشڪ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي ڏٺو آهي، ۽ بيشڪ اسان انهن جي نقش قدم تي هلي رهيا آهيون. (ان تي سندن نبي ﷺ) کين چيو:

اَوَلَوْ جِئْتُكُمْ بِاَهْدٰى مِمَّا وَجَدْتُّمْ عَلَيْهِ اٰبَآءَكُمْ ؕ

ڇا جيڪڏهن مان توهان وٽ آڻيان، ان کان وڌيڪ هدايت جو رستو، جنهن تي توهان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو هو (تڏهن به انهن جي پيروي ڪندؤ)؟

قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿٢٤﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَانْظُرْ

هو چوڻ لڳا، ته بيشڪ جيڪو توکي ڏئي موڪليو ويو آهي اسان ان جا انڪاري آهيون. پوءِ اسان (نبيءَ جي) انهن (گستاخن) کان بدلو ورتو، ڏسو،

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٥﴾ ع وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖٓ

ڪوڙو ڪرڻ وارن جو ڪهڙو انجام ٿيو؟ ۽ جڏهن ابراهيم (عليه السلام) پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيو،

اِنَّنِيْ بَرَآءٌ مِّمَّا تَعْبُدُوْنَ ﴿٢٦﴾ ۙ اِلَّا الَّذِيْ فَطَرَنِيْ فَاِنَّهٗ سَيَهْدِيْنِ ﴿٢٧﴾

بيشڪ توهان جن جي عبادت ڪيو ٿا، مان انهن کان بيزار آهيان. سواءِ ان ذات جي جنهن مون کي پيدا ڪيو، تنهن ڪري سگهو اهو ئي منهنجي مدد ڪندو.

وَجَعَلَهَا كَلِمَةًۢ بَاقِيَةً فِيْ عَقِبِهٖ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٢٨﴾

۽ (ابراهيم عليه السلام) ان (ڪلمي توحيد) کي پنهنجي اولاد ۾ باقي رهڻ وارو ڪلمو بڻائي ڇڏيو، ته جيئن هو (الله جي طرف) رجوع ڪن.

بَلْ مَتَّعْتُ هٰٓؤُلَآءِ وَاٰبَآءَهُمْ حَتّٰى جَآءَهُمُ الْحَقُّ

(انهن جي شرڪ جي ڪري انهن کي برباد نہ ڪيو) بلڪ مون انهن جي ابن ڏاڏن کي فائدو پهچايو، ايتري تائين جو انهن وٽ حق (قرآن)

وَرَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ ﴿٢٩﴾ وَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ

۽ حقيقت بيان ڪرڻ وارو رسول اچي ويا. ۽ جڏهن انهن وٽ حق (قرآن) آيو، ته (مشرڪ) چوڻ لڳا ته هي جادو آهي،

وَّاِنَّا بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿٣٠﴾ وَقَالُوْا لَوْ لَا نُزِّلَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ عَلٰى رَجُلٍ مِّنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيْمٍ ﴿٣١﴾

۽ بيشڪ اسان ان جا انڪاري آهيون. ۽ هو چوڻ لڳا هي قرآن ڇو نہ نازل ٿيو؟، (مڪي ۽ طائف جي) ڳوٺن مان ڪنهن وڏي ماڻهوءَ تي.

اَهُمْ يَقْسِمُوْنَ رَحْمَتَ رَبِّكَ ؕ نَحْنُ قَسَمْنَا بَيْنَهُمْ مَّعِيْشَتَهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا

ڇا هي ماڻهو پنهنجي رب جي رحمت تقسيم ڪن ٿا؟ اسان انهن وچ ۾ دنياوي زندگي ۾ انهن جي معيشت کي ورهائي ڇڏيو،

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

وَرَفَعْنَا بَعْضَهُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَتَّخِذَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا سُخْرِيًّا ؕ

۽ اسان هڪ جا ٻئي تي درجا بلند فرمايا آهن، ته جيئن هو هڪ ٻئي کان ڪم وٺي سگهن،

وَرَحْمَتُ رَبِّكَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿٣٢﴾ وَلَوْ لَآ اَنْ يَّكُوْنَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً

۽ توهان جي رب جي رحمت ان (دولت) کان وڌيڪ بهتر آهي جنهن کي هو جمع ڪن ٿا. ۽ جيڪڏهن اهو (خيال) نه هجي ها ته سڀ ماڻهو هڪ ئي جماعت ڪافر ٿي ويندا،

لَّجَعَلْنَا لِمَنْ يَّكْفُرُ بِالرَّحْمٰنِ لِبُيُوْتِهِمْ سُقُفًا مِّنْ فِضَّةٍ وَّمَعَارِجَ عَلَيْهَا يَظْهَرُوْنَ ﴿٣٣﴾ ۙ

ته جن رحمٰن جو انڪار ڪيو انهن جي لاءِ ضرور بنائي ڇڏيون ها، اسان انهن جي گهرن جي ڇتين کي چانديءَ جو، ۽ ڏاڪڻن کي پڻ جن تي هو چڙهندا آهن.

وَلِبُيُوْتِهِمْ اَبْوَابًا وَّسُرُرًا عَلَيْهَا يَتَّكِـُٔوْنَ ﴿٣٤﴾ ۙ وَزُخْرُفًا ؕ وَاِنْ كُلُّ ذٰلِكَ لَمَّا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ

۽ انهن جي گهرن جي دروازن کي به، ۽ ان تخت کي به جنهن تي هو وهاڻو رکي ويهندا آهن. ۽ سون جو به (ٻڻايون ها) ۽ هي سڀ دنيا جي زندگيءَ جو (ٿورو) سامان آهي،

وَالْاٰخِرَةُ عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿٣٥﴾ ع وَمَنْ يَّعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا

۽ آخرت توهان جي رب وٽ پرهيزگارن جي لاءِ آهي. ۽ جيڪو رحمٰن جي ذڪر کان (غافل ٿي) انڌو ٿي وڃي، اسان ان تي هڪ شيطان مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون،

فَهُوَ لَهٗ قَرِيْنٌ ﴿٣٦﴾ وَاِنَّهُمْ لَيَصُدُّوْنَهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٣٧﴾

جيڪو ان جو ساٿي ٿي ويندو آهي. ۽ يقيناً اهي (شيطان) انهن کي (هدايت جي) رستي کان روڪيندا رهندا آهن، ۽ هو سمجهندا آهن ته پاڻ هدايت تي آهيون.

حَتّٰٓى اِذَا جَآءَنَا قَالَ يٰلَيْتَ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ بُعْدَ الْمَشْرِقَيْنِ

ايستائين جو هو جڏهن اسان وٽ ايندو، (ته شيطان کي) چوندو ته ڪاش منهنجي، ۽ تنهنجي وچ ۾ اوڀر ۽ اولهه جو فاصلو هجي ها،

فَبِئْسَ الْقَرِيْنُ ﴿٣٨﴾ وَلَنْ يَّنْفَعَكُمُ الْيَوْمَ اِذْ ظَّلَمْتُمْ

(تون ڏاڍو) برو ساٿي آهين. ۽ جڏهن تون (دنيا ۾) ظلم ڪري چڪو آهين (ته) اڄ توکي هيءَ ڳالهه هرگز فائدو نه پهچائيندي،

اَنَّكُمْ فِي الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ ﴿٣٩﴾ اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ اَوْ تَهْدِي الْعُمْيَ

ته بيشڪ توهان عذاب ۾ هڪ ٻئي سان گڏ آهيو. پوءِ ڇا توهان ٻوڙن کي ٻڌائيندؤ، يا انڌن کي رستو ڏيکاريندؤ،

وَمَنْ كَانَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٤٠﴾ فَاِمَّا نَذْهَبَنَّ بِكَ فَاِنَّا مِنْهُمْ مُّنْتَقِمُوْنَ ﴿٤١﴾ ۙ

۽ انهن کي (رستو ڏيکاريندو) جيڪي کليل گمراهيءَ ۾ آهن. پوءِ جيڪڏهن اسان توهان کي (دنيا مان) وٺي وڃون، ته ان وقت به اسان انهن کان بدلو وٺنداسين.

اَوْ نُرِيَنَّكَ الَّذِيْ وَعَدْنٰهُمْ فَاِنَّا عَلَيْهِمْ مُّقْتَدِرُوْنَ ﴿٤٢﴾

يا اسان توهان کي اهو (عذاب) ڏيکاريون جنهن جو اسان انهن سان وعدو ڪيو آهي، ته بيشڪ اسان ان تي وس وارا آهيون.

فَاسْتَمْسِكْ بِالَّذِيْٓ اُوْحِيَ اِلَيْكَ ۚ اِنَّكَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٤٣﴾

تنهن ڪري توهان هن (قرآن) کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو جيڪو پاڻ (ﷺ) جي طرف وحي ڪيو ويو آهي، بيشڪ پاڻ (ﷺ) سڌي رستي تي آهن.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE LIM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL & CIVIL ACTION.

وَاِنَّهٗ لَذِكْرٌ لَّكَ وَلِقَوْمِكَ ۚ وَسَوْفَ تُسْـَٔلُوْنَ ﴿٤٤﴾

۽ يقيناً هي (قرآن) پاڻ (ﷺ) جي لاءِ ۽ پاڻ (ﷺ) جي قوم جي لاءِ نصيحت آهي، ۽ سگهوئي توهان سڀني کان پڇيو ويندو.

4 ع 10

وَسْـَٔلْ مَنْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رُّسُلِنَآ اَجَعَلْنَا مِنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ اٰلِهَةً يُّعْبَدُوْنَ ﴿٤٥﴾ ع

۽ توهان اسان جي رسولن کان پڇو جن کي اسان توهان کان اڳ موڪليو هو، ڇا اسان رحمٰن کان سواءِ ٻيا ڪي معبود بڻايا هئا؟ جن جي عبادت ڪئي ويندي هئي؟

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَقَالَ

۽ بيشڪ اسان موسيٰ (عليه السلام) کي پنهنجي نشانن سان گڏ موڪليوسين، فرعون ۽ ان جي قوم جي سردارن جي طرف، تہ موسيٰ (عليه السلام) فرمايو،

اِنِّيْ رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٦﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِاٰيٰتِنَآ اِذَا هُمْ مِّنْهَا يَضْحَكُوْنَ ﴿٤٧﴾

بيشڪ مان سڀني جهانن جي مالڪ جو موڪليل آهيان. پوءِ جڏهن هو انهن وٽ اسان جي نشانين سان گڏ آيا، تڏنهن اهي انهن (نشانين) تي کلڻ لڳا.

وَمَا نُرِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ اِلَّا هِيَ اَكْبَرُ مِنْ اُخْتِهَا ۫ وَاَخَذْنٰهُمْ بِالْعَذَابِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٤٨﴾

۽ اسان جيڪا نشاني انهن کي ڏيکاريندا هئاسين، اها پهرينءَ کان وڏي هوندي هئي، ۽ اسان انهن کي عذاب ۾ پڪڙي ڇڏيو، تہ جيئن هو مُڙي وڃن.

وَقَالُوْا يٰٓاَيُّهَ السّٰحِرُ ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِنْدَكَ ۚ اِنَّنَا لَمُهْتَدُوْنَ ﴿٤٩﴾

۽ هو چوڻ لڳا اي جادوگر! تون پنهنجي رب کان اسان جي لاءِ دعا ڪر، ان وعدي جي مطابق جيڪو هن توسان ڪيو آهي، يقيناً اسان سڌي رستي تي اچي ويندا سين.

فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الْعَذَابَ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ ﴿٥٠﴾ وَنَادٰى فِرْعَوْنُ فِيْ قَوْمِهٖ قَالَ

پوءِ جڏهن اسان انهن کان عذاب ٽاريو، تہ هو جلدي وعدو ٽوڙڻ لڳا. ۽ فرعون پنهنجي قوم کي پڪاري چيو،

يٰقَوْمِ اَلَيْسَ لِيْ مُلْكُ مِصْرَ وَهٰذِهِ الْاَنْهٰرُ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِيْ ۚ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ؕ ﴿٥١﴾

اي منهنجي قوم! ڇا مصر جي حڪومت منهنجي قبضي ۾ ناهي؟ ۽ هي نهرون جيڪي منهنجي (محل جي) هيٺان وهي رهيون آهن؟ ڇا توهان ڏسو نٿا؟

اَمْ اَنَا خَيْرٌ مِّنْ هٰذَا الَّذِيْ هُوَ مَهِيْنٌ ۙ وَّلَا يَكَادُ يُبِيْنُ ﴿٥٢﴾

ڇا (هي حقيقت ناهي تہ) مان ان شخص کان بهتر آهيان، جيڪو وڏو گهٽ رتبي وارو آهي، ۽ ڳالهائي بہ صاف نٿو سگهي.

فَلَوْ لَآ اُلْقِيَ عَلَيْهِ اَسْوِرَةٌ مِّنْ ذَهَبٍ اَوْ جَآءَ مَعَهُ الْمَلٰٓئِكَةُ مُقْتَرِنِيْنَ ﴿٥٣﴾

پوءِ ڀلا هن (موسيٰ) تي سون جا ڪنگڻ ڇو نہ لاٿا ويا، يا ان سان فرشتا گڏجي (ڇو نٿا) اچن.

فَاسْتَخَفَّ قَوْمَهٗ فَاَطَاعُوْهُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٥٤﴾

ان طرح (فرعون) پنهنجي قوم کي بيوقوف بڻايو، تہ انهن سندس ڳالهہ مڃي ورتي، بيشڪ هو نافرمان ماڻهو هئا.

فَلَمَّآ اٰسَفُوْنَا انْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ اَجْمَعِيْنَ ۙ ﴿٥٥﴾

پوءِ جڏهن انهن (موسيٰ عليه السلام جي شان ۾ توهين ڪري) اسان کي ناراض ڪيو تہ اسان انهن سڀني کان انتقام ورتو، پوءِ اسان انهن سڀني کي غرق ڪري ڇڏيو.

5 ع 11

فَجَعَلْنٰهُمْ سَلَفًا وَّمَثَلًا لِّلْاٰخِرِيْنَ ﴿٥٦﴾ ع وَلَمَّا ضُرِبَ ابْنُ مَرْيَمَ مَثَلًا

پوءِ اسان انهن کي نڪمو ڪري ڇڏيو، ۽ ٻين جي لاءِ نمونو (عبرت) بڻائي ڇڏيو. جڏهن (عيسيٰ عليه السلام) ابن مريم جو مثال بيان ڪيوويو،

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE NEW FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اِذَا قَوْمُكَ مِنْهُ يَصِدُّوْنَ ﴿٥٧﴾ وَقَالُوْٓا ءَاٰلِهَتُنَا خَيْرٌ اَمْ هُوَ ؕ

ته ان وقت توهان جي قوم (خوشي سان) رڙيون ڪرڻ لڳي. ۽ چوڻ لڳي ته اسان جا معبود سٺا آهن يا هي (عيسيٰ؟)

مَا ضَرَبُوْهُ لَكَ اِلَّا جَدَلًا ؕ بَلْ هُمْ قَوْمٌ خَصِمُوْنَ ﴿٥٨﴾

انهن پاڻ (ﷺ) سان هي مثال صرف جهڳڙي ڪرڻ لاءِ بيان ڪيو آهي، بلڪ هي ماڻهو آهن ئي جهڳڙالو.

اِنْ هُوَ اِلَّا عَبْدٌ اَنْعَمْنَا عَلَيْهِ وَجَعَلْنٰهُ مَثَلًا لِّبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ؕ ﴿٥٩﴾

اهو (عيسيٰ عليه السلام) ته بس اسان جو ٻانهو هو جنهن تي اسان انعام فرمايو هو، ۽ ان کي اسان بني اسرائيل جي لاءِ مثال بڻايو هو.

وَلَوْ نَشَآءُ لَجَعَلْنَا مِنْكُمْ مَّلٰٓئِكَةً فِي الْاَرْضِ يَخْلُفُوْنَ ﴿٦٠﴾ وَاِنَّهٗ لَعِلْمٌ لِّلسَّاعَةِ

۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها ته (توهان جي جڳهه تي) توهان مان فرشتا ٺاهي ڇڏيون ها، جيڪي (توهان کان پوءِ) زمين ۾ رهن ها. ۽ يقيناً (عيسيٰ عليه السلام) قيامت جي هڪ نشاني آهن،

فَلَا تَمْتَرُنَّ بِهَا وَاتَّبِعُوْنِ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٦١﴾ وَلَا يَصُدَّنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ ۚ

تنهن ڪري توهان ان ۾ شڪ نه ڪيو ۽ منهنجي پيروي ڪندا رهو، اهو ئي سڌو رستو آهي. ۽ ڪٿي شيطان توهان کي (ان رستي کان) روڪي نه ڇڏي،

اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٦٢﴾ وَلَمَّا جَآءَ عِيْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ قَالَ قَدْ جِئْتُكُمْ بِالْحِكْمَةِ

بيشڪ هو توهان جو کليو دشمن آهي. ۽ جڏهن عيسيٰ (عليه السلام) نشانين سان گڏ آيو، (ته) انهن چيو يقيناً مان توهان وٽ حڪمت (جون ڳالهيون) کڻي آيو آهيان،

وَلِاُبَيِّنَ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِيْ تَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿٦٣﴾

۽ ان ڪري (آيو آهيان) ته مان توهان تي اهي ڪجهه ڳالهيون چٽيون ڪيان جن ۾ توهان اختلاف ڪيو ٿا، تنهن ڪري الله کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪيو.

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٦٤﴾ فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ ۚ

بيشڪ الله ئي منهنجو رب آهي ۽ توهان سڀني جو به رب آهي، تنهن ڪري ان جي عبادت ڪيو، اهو ئي سڌو رستو آهي. پوءِ انهن مان ڪيترن ٽولن (پاڻ ۾) اختلاف ڪيو،

فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ عَذَابِ يَوْمٍ اَلِيْمٍ ﴿٦٥﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ

سو ظالمن جي لاءِ هلاڪت آهي، دردناڪ ڏينهن جي عذاب جي. ڇا هي صرف قيامت جو انتظار ڪري رهيا آهن،

6 ع 11 اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٦٦﴾ اَلْاَخِلَّآءُ يَوْمَئِذٍۭ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ اِلَّا الْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٧﴾ ع

ته انهن تي اچانڪ اچي وڃي، ۽ انهن کي خبر به نه هجي. سڀ دوست ان ڏينهن هڪ ٻئي جا دشمن هوندا، سواءِ پرهيزگارن جي.

يٰعِبَادِ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ وَلَآ اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ﴿٦٨﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا مُسْلِمِيْنَ ﴿٦٩﴾ ۚ

اي منهنجا ٻانهو! اڄ نه توهان کي ڪو خوف آهي، نه غمگين ٿيندؤ. جن ماڻهن اسان جي آيتن تي ايمان آندو، ۽ اهي فرمانبردار هئا.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE NEW FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ اَنْتُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ تُحْبَرُوْنَ ﴿٧٠﴾ يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِصِحَافٍ مِّنْ ذَهَبٍ وَّاَكْوَابٍ ۚ

(چيو ويندو) توهان ۽ توهان جون گهرواريون جنت ۾ داخل ٿي وڃو، توهان کي خوش ڪيو ويندو، انهن تي سون جي پليٽن ۽ پيالين جو دور هلايو ويندو،

وَفِيْهَا مَا تَشْتَهِيْهِ الْاَنْفُسُ وَتَلَذُّ الْاَعْيُنُ ۚ وَاَنْتُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٧١﴾

۽ اتي اهو هوندو جيڪو دل چوندي، ۽ جنهن سان اکين کي لذت ملندي، ۽ توهان ان ۾ هميشه رهندؤ.

وَتِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيْٓ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٧٢﴾ لَكُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ كَثِيْرَةٌ

۽ هي ۽ جنت آهي جنهن جو توهان کي وارث بڻايو ويو آهي، انهن (نيڪ عملن) جي بدلي جيڪي توهان ڪندا رهيو. ان ۾ توهان جي لاءِ تمام گهڻا ميوا آهن،

مِّنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٧٣﴾ اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ عَذَابِ جَهَنَّمَ خٰلِدُوْنَ ﴿٧٤﴾ۚ لَا يُفَتَّرُ عَنْهُمْ

جنهن مان توهان کائيندؤ. بيشڪ مجرم، جهنم جي عذاب ۾ هميشه رهڻ وارا آهن. اهو (عذاب) انهن کان هلڪو نه ڪيو ويندو،

وَهُمْ فِيْهِ مُبْلِسُوْنَ ﴿٧٥﴾ۚ وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْا هُمُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٧٦﴾ وَنَادَوْا يٰمٰلِكُ

۽ هو ان ۾ مايوس ٿيا رهندا. ۽ اسان انهن تي ظلم ناهي ڪيو، پر هو (پاڻ) ظالم هئا. ۽ اهي (جهنم تي مقرر فرشتي کي) سڏيندا اي مالڪ!

لِيَقْضِ عَلَيْنَا رَبُّكَ ؕ قَالَ اِنَّكُمْ مّٰكِثُوْنَ ﴿٧٧﴾ لَقَدْ جِئْنٰكُمْ بِالْحَقِّ

توهان جو رب اسان کي موت ڏئي ڇڏي، اهو چوندو توهان کي ان ئي حال ۾ رهڻو آهي. يقيناً اسان توهان وٽ حق آندو هو،

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَكُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُوْنَ ﴿٧٨﴾ اَمْ اَبْرَمُوْٓا اَمْرًا فَاِنَّا مُبْرِمُوْنَ ﴿٧٩﴾ۚ اَمْ يَحْسَبُوْنَ

پر توهان مان اڪثر حق کي ناپسند ڪندا هئا. ڇا انهن ڪا ڳالهه طئي ڪري ڇڏي آهي؟ ته بيشڪ اسان به طئي ڪرڻ وارا آهيون. ڇا هو سمجهن ٿا،

اَنَّا لَا نَسْمَعُ سِرَّهُمْ وَنَجْوٰىهُمْ ؕ بَلٰى وَرُسُلُنَا لَدَيْهِمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٨٠﴾

ته اسان انهن جون لکل ڳالهيون ۽ سرياڻ نٿا ٻڌون؟ چو نه! ۽ اسان جا فرشتا انهن وٽ لکندا رهندا آهن.

قُلْ اِنْ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ وَلَدٌ ۖ فَاَنَا اَوَّلُ الْعٰبِدِيْنَ ﴿٨١﴾ سُبْحٰنَ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

توهان فرمائي ڇڏيو ته فرض ڪيو ته الله جو ڪو اولاد هجي ها، ته مان سڀني کان پهريو عابد آهيان (مون کي ته ان جو علم ضرور هجي ها) پاڪ آهي آسمانن ۽ زمين جو رب،

رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَيَلْعَبُوْا

(۽) عرش جو رب، انهن (ڳالهين) کان جيڪي هو بيان ڪن ٿا، ته انهن کي ڇڏي ڏيو، اهي بيڪار ڳالهين ۾ الجهيل رهن ۽ کيڏن ڪڏن،

حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ﴿٨٣﴾ وَهُوَ الَّذِيْ فِي السَّمَآءِ اِلٰهٌ وَّفِي الْاَرْضِ اِلٰهٌ ؕ

ايتري تائين جو هو پنهنجي ان ڏينهن سان ملن، جنهن جو انهن سان وعدو ڪيو وڃي ٿو. ۽ اهو (الله) آسمان ۾ معبود آهي، ۽ زمين ۾ (به) معبود آهي،

وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ﴿٨٤﴾

۽ اهوئي خوب حڪمت وارو ۽ خوب ڄاڻڻ وارو آهي.

COPYRIGHT © FREE SINDHI BOOKS PRIMARY EDUCATION. SALE OF THIS BOOK WITH ENTAILS LEGAL ACTION.

وَتَبٰرَكَ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۚ

۽ تمام بابرڪت آهي اهو (الله) جنهن جي لاءِ آسمانن ۽ زمينن جي ۽ جيڪو ڪجهه انهن جي وچ ۾ آهي (سڀ جي) بادشاهي آهي،

وَعِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٨٥﴾ وَلَا يَمْلِكُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الشَّفَاعَةَ

۽ ان وٽ ئي قيامت جو علم آهي، ۽ ان ڏانهن توهان سڀ واپس ڪيا ويندؤ. ۽ اهي (معبود) سفارش جو اختيار نٿا رکن، جن کي اهي (الله) کان سواءِ پوڄن ٿا،

اِلَّا مَنْ شَهِدَ بِالْحَقِّ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٦﴾ وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَهُمْ

پر جن حق جي گواهي ڏني، ۽ انهن ڄاتو به پئي (هو شفاعت ڪري سگهي ٿو). ۽ جيڪڏهن توهان انهن کان پڇندو، ته کين ڪنهن پيدا ڪيو،

لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٨٧﴾ لا وَقِيْلِهٖ يٰرَبِّ

(ته) يقيناً هو چوندا: الله، پوءِ هي ڪاڏي ڀٽڪي رهيا آهن؟ ۽ ان (رسول مڪرم ﷺ) جي هن قول جو قسم، "اي منهنجا رب!"،

اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ قَوْمٌ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾ م فَاصْفَحْ عَنْهُمْ

بيشڪ هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي ايمان نٿا آڻن، تنهن ڪري توهان انهن کان منهن ڦيري ڇڏيو،

وَقُلْ سَلٰمٌ ؕ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٩﴾ ع

۽ چئي ڇڏ (بس هاڻي اسانجو) سلام، پوءِ سگهوئي هو (انجام) ڄاڻي وٺندا.

7 ع 22



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون گالهيون

١. دنيا ۾ سفر ڪرڻ وقت اسان کي يار رکڻ گهرجي ته اسان آخرت ڏانهن به سفر ڪري رهيا آهيون. (سورة الزخرف، آيت: ١٣، ١٤)

٢. الله ﷻ جي نه ڪا ڏيءُ آهي ۽ نه ڪو پٽ. اسان کي الله ﷻ سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪرڻ گهرجي. (سورة الزخرف، آيت: ١٩)

٣. اسان کي ڪفر، شرڪ ۽ برين ڳالهين ۾ پنهنجي وڏن جي پيروي نه ڪرڻ گهرجي. (سورة الزخرف، آيت: ٢٢ کان ٢٤)

٤. الله ﷻ جي نظر ۾ دنياوي مال ۽ دولت جي ڪا حيثيت ڪانهي. ڪافرن جي لاءِ آخرت ۾ عذاب کان سواءِ ڪجهه به ناهي. (سورة الزخرف، آيت: ٣٢ کان ٣٥)

٥. الله ﷻ جي ذڪر کان غافل رهڻ وارن تي شيطان مسلط ڪيو ويندو آهي. (سورة الزخرف، آيت: ٣٦)

٦. شيطان ۽ عذاب کان بچاءُ قرآن حڪيم کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ ۾ آهي. (سورة الزخرف، آيت: ٤٣ کان ٤٥)

٧. سڏي رستي تي هلڻ لاءِ رسولن جي اطاعت ۽ پيروي ڪرڻ ضروري آهي. (سورة الزخرف، آيت: ٦١)

٨. اصل رشتو ايمان ۽ تقويٰ جو بنياد آهي محض رشتيداري يا دنياوي تعلقات آخرت ۾ ڪم اچڻ وارا نه آهن. (سورة الزخرف، آيت: ٦٧)

٩. الله ﷻ جي آيتن تي ايمان آڻڻ ۽ الله ﷻ جي فرمانبرداري ڪرڻ وارن جي لاءِ جنت جون نعمتون آهن. (سورة الزخرف، آيت: ٦٨ کان ٧٣)

١٠. قيامت جو علم الله ﷻ وٽ آهي ۽ اسان کي ان ڏانهن واپس وڃڻو آهي تنهنڪري اسان کي آخرت جي تياري ڪرڻ گهرجي. (سورة الزخرف، آيت: ٨٥)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (✓) لڳايو.

١. اُمُّ الكتاب مان ڇا مراد آهي؟
(الف) قرآن حڪيم (ب) لوح محفوظ (ج) الزخرف

٢. سواريءَ تي سوار ٿيڻ جي دعا سورة الزخرف جي ڪهڙين آيتن ۾ آهي؟
(الف) آيت: ٨٨ کان ٨٩ (ب) آيت: ٨٢ کان ٨٣ (ج) آيت: ١٣ کان ١٤

٣. مشرڪن جو ڏيءُ جڏڻ تي ڪهڙو ردعمل هوندو هو؟
(الف) هو غمگين ٿي ويندا هئا (ب) هو خوش ٿيندا هئا (ج) هو الله جو شڪر ادا ڪندا هئا

٤. آيت: ٢٢ کان ٢٥ تائين ۾ مڪي جي مشرڪن جي شرڪ لاءِ ڪهڙي دليل جو ذڪر آهي؟
(الف) عقلي دليل (ب) علمي دليل (ج) اسان جي ابن ڏاڏن ائين ڪيو

٥. رڪوع نمبر ٦ مطابق قيامت جي ڏينهن ڪهڙا ماڻهو پاڻ ۾ دشمنيءَ کان بچيل رهندا؟
(الف) گهاٽا دوست (ب) مٽ مائٽ (ج) متقي ماڻهو

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION
SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

سوال ٢ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

١. هر نبي عليه السلام سان سندس قوم ڪهڙو سلوڪ ڪيو ۽ ان جو ڪهڙو نتيجو نڪتو؟

٢. مڪي جي مشرڪن قرآن حڪيم جي نازل ٿيڻ تي ڪهڙو اعتراض ڪيو؟

٣. الله سبحانه وتعالى جي ذڪر کان غفلت جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو آهي؟

٤. فرعون حضرت موسىٰ عليه السلام تي ڪهڙو اعتراض ڪيو؟

٥. جهنم وارا جهنم تي مقرر فرشتي کان ڪهڙي فرياد ڪندا؟

سوال ٣ هيٺ ڏنل خال پريو:

۽ جيڪڏهن توهان انهن کان پڇو ته آسمانن ۽ [ ] کي ڪنهن پيدا ڪيو؟ ته يقيناً هو ضرور چوندا ته ان کي غالب [ ] واري الله سبحانه وتعالى پيدا ڪيو آهي. جنهن توهان لاءِ زمين کي [ ] بڻايو ۽ ان ۾ توهان جي لاءِ [ ] بڻايا ته توهان رستو حاصل ڪري سگهو. ۽ جنهن هڪ (مقرر) اندازي سان [ ] کان پاڻي نازل فرمايو پوءِ اسان ان سان مئل [ ] کي زنده ڪيو اهڙيءَ طرح توهان قبرن مان اڀاريا ويندؤ. ۽ جنهن هر طرح جا [ ] پيدا ڪيا ۽ توهان جي لاءِ ٻيڙيون۽ چوپايا جانور پيدا ڪيا جن تي توهان [ ] ڪندا آهيو. ته جيئن توهان انهن جي پٺن تي جمي ويهو ان کان پوءِ توهان پنهنجي رب جي [ ] کي ياد ڪيو جڏهن انهن تي صحيح طرح سان ويهي وجو ۽ توهان چئو: هو الله سبحانه وتعالى پاڪ آهي، جنهن هن سواري کي اسان جي تابع ڪري ڇڏيو آهي۽ اسان ۾ [ ] نه هئي ته هن کي قابوءَ ۾ ڪري سگهون ها. ۽ يقيناً اسان پنهنجي رب جي طرف موٽي وڃڻ وارا آهيون.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION. ILM FOUNDATION.



گھرو ڪم

- سواري تي سوار ٿيڻ جي دعا ترجمي سان ياد ڪيو ۽ سواري تي سوار ٿيڻ کان اڳ ان کي پڙهڻ جي عادت ناهيو.
- ڏيئرن جي سني تربيت جي اهميت تي هڪ مضمون لکو، جنهن ۾ ڪن به بن حديثن جو حوالو ڏيو.

هن سورت ۾ ڪي به ڏهه عربي لفظ تلاش ڪيو، جيڪي سنڌيءَ ۾ به استعمال ٿيندا هجن.

نمبر	عربي لفظ	سنڌيءَ ۾ استعمال
١.	اَلْكِتَابُ	ڪتاب
٢.		
٣.		
٤.		
٥.		
٦.		
٧.		
٨.		
٩.		
١٠.		

صحيح استاد ۽ تاريخ: _____

صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ: _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IVY FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL & CIVIL ACTION.

سبق:۵

سُوْرَةُ الدُّخَان

(سورت نمبر: ۴۴، ڪل رڪوع ۳، ڪل آيتون:۵۹)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة **نبي ڪريم** ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور جي ڏڪر جي زماني ۾ نازل ٿي. هن ۾ ڏڇ جو پهلو غالب آهي. **شان نزول** هي آهي ته مڪي جي ڪافرن جي جڏنهن مخالفت سخت کان سخت ٿيندي وئي ته **نبي ڪريم** ﷺ دعا فرمائي ته "يا الٰهي! **يوسف** عليه السلام جي ڏڪر جهڙي هڪ ڏڪر سان منهنجي مدد فرماءِ" يعني جهڙي طرح **يوسف** عليه السلام جي زماني ۾ سخت ڏڪر ماڻهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو هو ۽ ماڻهو **الله** ﷻ ڏانهن متوجه ٿي ويا هئا، اهڙو ئي ڏڪر مڪي وارن تي به مسلط ڪر ته جيئن سندن دليون نصيحت قبول ڪرڻ لاءِ نرم ٿي وڃن. تنهنڪري **الله** ﷻ پنهنجي **پياري رسول** ﷺ جي دعا قبول فرمائي ۽ سڄي علائقي ۾ اهڙو سخت ڏڪر ٿي ويو جو ماڻهن کان رڙيون نڪري ويون. آخرڪار مڪي جي ڪافرن ابوسفيان جي ذريعي **نبي ڪريم** ﷺ جي خدمت ۾ هيءَ درخواست موڪلي ته پنهنجي قوم کي ان مصيبت کان نجات ڏيارڻ لاءِ **الله** ﷻ کان دعا گهرن. قريش سردارن اهو به چيو ته جيڪڏهن ڏڪر ختم ٿي ويو ته اسان ايمان آڻينداسين. پاڻ ﷺ جي دعا سان **الله** ﷻ انهن کي ڏڪر کان نجات عطا فرمائي. پر ڪافر پنهنجي وعدي کان قري ويا ۽ ايمان نه آندائون. ان موقعي تي **الله** ﷻ هيءَ سورة نازل فرمائي.

"دُخَان" "دونهين" کي چوندا آهن. (آيت نمبر۱۰) ۾ قيامت جي ويجهو ظاهر ٿيڻ واري دونهي جو ذڪر آهي. شروع ۾ قرآن حڪيم جي عظمت جو بيان آهي ۽ **الله** ﷻ جي نافرماني ڪرڻ تي عذاب کان ڊيڄاريو ويو آهي. فرعون جي آل جو مثال بطور عبرت بيان ڪيو ويو آهي، جن **حضرت موسى** عليه السلام جي نافرماني ڪئي ۽ **الله** ﷻ جي عذاب ذريعي تباهه ٿي ويا. آخر ۾ قيامت جو بيان آهي. ان کان پوءِ اهل جهنم تي مختلف عذابن جو ذڪر آهي ۽ اهل جنت متان **الله** ﷻ جي مختلف انعامن جي خوشخبري ڏني وئي آهي.

أَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ	بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان	شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي
حٰمٓ ۚ﴿۱﴾ وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ۙ﴿۲﴾ اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ اِنَّا كُنَّا مُنْذِرِيْنَ ﴿۳﴾	
حٰمٓ . هن واضح ڪتاب جو قسم. بيشڪ اسان هن (ڪتاب) کي هڪ مبارڪ رات ۾ نازل فرمايو آهي، بيشڪ اسان ڊيڄارڻ وارا آهيون.	
فِيْهَا يُفْرَقُ كُلُّ اَمْرٍ حَكِيْمٍ ۙ﴿۴﴾ اَمْرًا مِّنْ عِنْدِنَا ؕ اِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ۚ﴿۵﴾	
ان (رات) ۾ هر حڪمت واري ڪم جو فيصلو ڪيو ويندو آهي. اسان جي حڪم سان، بيشڪ اسان ئي (رسولن کي) موڪلڻ وارا آهيون.	
رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ۙ﴿۶﴾	
(هيءَ) توهان جي رب جي طرف کان رحمت آهي، بيشڪ هو خوب ٻڌڻ ۽ خوب ڄاڻڻ وارو آهي.	
رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۘ اِنْ كُنْتُمْ مُّوْقِنِيْنَ ﴿۷﴾	
جيڪو رب آهي آسمانن ۽ زمينن جو ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي، ان جو جيڪڏهن توهان يقين رکڻ وارا آهيو.	

COPYRIGHTS RESERVED WITH SAEED BOOK BANK
ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ؕ رَبُّكُمْ وَرَبُّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٨﴾

ان (الله) کان سواءِ ڪوئي معبود ناهي، اهوئي زندگي ڏئي ٿو ۽ (اهوئي) موت ڏيندو آهي، (هو) توهان جو (به) رب آهي ۽ توهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو (به) رب آهي.

بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ يَّلْعَبُوْنَ ﴿٩﴾ فَارْتَقِبْ يَوْمَ تَاْتِي السَّمَآءُ بِدُخَانٍ مُّبِيْنٍ ۙ﴿١٠﴾

بلڪ هو شڪ ۾ پئي کيڏي رهيا آهن. تنهن ڪري توهان ان ڏينهن جو انتظار ڪيو، جڏهن آسمان واضح دونهون ظاهر ڪندو.

يَّغْشَى النَّاسَ ؕ هٰذَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١١﴾ رَبَّنَا اكْشِفْ عَنَّا الْعَذَابَ

جيڪو ماڻهن تي ڇانئجي ويندو، هي هڪ دردناڪ عذاب آهي. (ان وقت هي چوندا) اي اسان جا رب! اسان کان هن عذاب کي دور ڪر،

اِنَّا مُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢﴾ اَنّٰى لَهُمُ الذِّكْرٰى وَقَدْ جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ ۙ﴿١٣﴾

بيشڪ اسان ايمان آڻيون ٿا. انهن کي نصيحت ڪٿي فائدو ڏيندي، جڏهن ته انهن وٽ چٽو بيان ڪرڻ وارو رسول اچي چڪو.

ثُمَّ تَوَلَّوْا عَنْهُ وَقَالُوْا مُعَلَّمٌ مَّجْنُوْنٌ ۘ﴿١٤﴾ اِنَّا كَاشِفُوا الْعَذَابِ قَلِيْلًا

پوءِ به هو ان کان منهن موڙيندا رهيا، ۽ چوندا رهيا (هي) سيکاريل مجنون آهي. بيشڪ اسان عذاب ڪجهه عرصي لاءِ هٽائي به ڇڏيون،

اِنَّكُمْ عَآئِدُوْنَ ۘ﴿١٥﴾ يَوْمَ نَبْطِشُ الْبَطْشَةَ الْكُبْرٰى ۚ اِنَّا مُنْتَقِمُوْنَ ﴿١٦﴾

(پر) توهان پوءِ به اهو ئي ڪندو (جيڪو اڳ وارن ڪيو هو) جنهن ڏينهن سخت پڪڙ ڪنداسون، بيشڪ اسان (اُن ڏينهن) انتقام وٺنداسون.

وَلَقَدْ فَتَنَّا قَبْلَهُمْ قَوْمَ فِرْعَوْنَ وَجَآءَهُمْ رَسُوْلٌ كَرِيْمٌ ۙ﴿١٧﴾

۽ يقيناً اسان هن کان اڳ فرعون جي قوم کي آزمايو، ۽ انهن وٽ هڪ معزز رسول (موسيٰ عليه السلام) آيو.

اَنْ اَدُّوْٓا اِلَيَّ عِبَادَ اللّٰهِ ؕ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ۙ﴿١٨﴾

(جنهن فرمايو) ته الله جي ٻانهن کي منهنجي حوالي ڪيو، بيشڪ مان توهان جي لاءِ هڪ امانت وارو رسول آهيان.

وَّاَنْ لَّا تَعْلُوْا عَلَى اللّٰهِ ۚ اِنِّيْٓ اٰتِيْكُمْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ۚ﴿١٩﴾

۽ هي ته الله جي خلاف سرڪشي نه ڪيو، بيشڪ مان توهان وٽ چٽو دليل کڻي آيو آهيان.

وَاِنِّيْ عُذْتُ بِرَبِّيْ وَرَبِّكُمْ اَنْ تَرْجُمُوْنِ ۫﴿٢٠﴾ وَاِنْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا لِيْ فَاعْتَزِلُوْنِ ﴿٢١﴾

۽ بيشڪ مان پنهنجي رب ۽ توهان جي رب جي پناهه هيٺ اچان ٿو، هن کان ته توهان مونکي سنگسار ڪيو. ۽ جيڪڏهن توهان مون تي ايمان نٿا آڻيو، ته مونکان الڳ ٿي وڃو.

فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنَّ هٰٓؤُلَآءِ قَوْمٌ مُّجْرِمُوْنَ ﴿٢٢﴾ فَاَسْرِ بِعِبَادِيْ لَيْلًا

پوءِ (موسيٰ عليه السلام) پنهنجي رب کان دعا گهري، ته بيشڪ هي مجرم ماڻهو آهن. تڏنهن (الله جو حڪم ٿيو) تون منهنجن ٻانهن کي رات جو ئي وٺي وڃ،

اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ۙ﴿٢٣﴾ وَاتْرُكِ الْبَحْرَ رَهْوًا ؕ اِنَّهُمْ جُنْدٌ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٢٤﴾

بيشڪ هو توهان جو پيڇو ڪندا. ۽ توهان سمنڊ کي بيٺل ڇڏي ڏجو، بيشڪ انهن جو وڏو لشڪر غرق ڪيو ويندو.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

كَمْ تَرَكُوْا مِنْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ۙ﴿٢٥﴾ وَّزُرُوْعٍ وَّمَقَامٍ كَرِيْمٍ ۙ﴿٢٦﴾ وَّنَعْمَةٍ كَانُوْا فِيْهَا فٰكِهِيْنَ ۙ﴿٢٧﴾ كَذٰلِكَ قف

هو ماڻهو ڪيترا ئي باغ ۽ چشما ڇڏي ويا. ۽ فصل، ۽ سٺا گهر. ۽ نعمتون، جن ۾ هو مزي سان رهندا هئا. (هي قصو) اهڙي طرح ٿيو،

1 ع 29 وَاَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ﴿٢٨﴾ فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ وَمَا كَانُوْا مُنْظَرِيْنَ ع ﴿٢٩﴾

۽ اسان هڪ ٻيءَ قوم کي انهن سڀني شين جو وارث بڻائي ڇڏيو. پوءِ نه آسمان ۽ زمين انهن تي رنا، نه ئي انهن کي مهلت ڏني وئي.

وَلَقَدْ نَجَّيْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ مِنَ الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ ۙ﴿٣٠﴾ مِنْ فِرْعَوْنَ ط

۽ يقيناً اسان بني اسرائيل کي نجات عطا فرمائي، ذلت واري عذاب کان. (يعني) فرعون (جي ظلم) کان،

اِنَّهٗ كَانَ عَالِيًا مِّنَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣١﴾ وَلَقَدِ اخْتَرْنٰهُمْ عَلٰى عِلْمٍ

بيشڪ هو وڏو سرڪش حد کان گذري وڃڻ وارن مان هو. ۽ يقيناً اسان انهن (بني اسرائيل) کي (پنهنجي) علم جي مطابق چونڊي ورتو هو،

عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ج ﴿٣٢﴾ وَاٰتَيْنٰهُمْ مِّنَ الْاٰيٰتِ مَا فِيْهِ بَلٰٓؤٌا مُّبِيْنٌ ﴿٣٣﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَيَقُوْلُوْنَ ۙ﴿٣٤﴾

(ان زماني جي) سڄي دنيا جي مٿان. ۽ اسان انهن کي اهڙيون نشانيون عطا فرمايون، جن ۾ چٽي آزمائش هئي. يقيناً اهي ماڻهو ضرور چون ٿا،

اِنْ هِيَ اِلَّا مَوْتَتُنَا الْاُوْلٰى وَمَا نَحْنُ بِمُنْشَرِيْنَ ﴿٣٥﴾ فَاْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٣٦﴾

ته هي اسان جي پهرئين موت کان سواءِ ڪجهه به ناهي، ۽ اسان کي ٻيهر زنده نه ڪيو ويندو. جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته اسان جي ابن ڏاڏن کي (زنده ڪري) وٺي اچو.

اَهُمْ خَيْرٌ اَمْ قَوْمُ تُبَّعٍ ۙ وَّالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ط اَهْلَكْنٰهُمْ ز اِنَّهُمْ كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿٣٧﴾

ڀلا هي ڀلا آهن يا تبع جي قوم، ۽ اهي جيڪي انهن کان اڳ ۾ هئا؟ اسان انهن کي تباهه ڪري ڇڏيو، بيشڪ هو مجرم ماڻهو هئا.

وَمَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ ﴿٣٨﴾ مَا خَلَقْنٰهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ

۽ اسان آسمانن ۽ زمينن کي ۽ جيڪو ڪجهه انهن جي وچ ۾ آهي راند جي طور ناهي بڻايو، اسان انهن کي صرف حق (مقصد وارو) پيدا ڪيو،

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ مِيْقَاتُهُمْ اَجْمَعِيْنَ ۙ﴿٤٠﴾

پر انهن مان گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن. بيشڪ انهن سڀني جي لاءِ فيصلي جو ڏينهن مقرر ڪيل وقت آهي.

يَوْمَ لَا يُغْنِيْ مَوْلًى عَنْ مَّوْلًى شَيْـًٔا وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ۙ﴿٤١﴾ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ اللّٰهُ ط

جنهن ڏينهن ڪو دوست ڪنهن دوست جي بنهه ڪم نه ايندو، ۽ نڪو انهن جي مدد ڪئي ويندي. پر جنهن تي الله رحم ڪري،

2 ع 13 اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ع ﴿٤٢﴾ اِنَّ شَجَرَتَ الزَّقُّوْمِ ۙ﴿٤٣﴾ طَعَامُ الْاَثِيْمِ ۖ ﴿٤٤﴾ كَالْمُهْلِ ۚ يَغْلِيْ فِي الْبُطُوْنِ ۙ﴿٤٥﴾

بيشڪ هو وڏو غالب نهايت رحم وارو آهي. بيشڪ ٿوهر جو وڻ. گناهگارن جو کاڌو آهي. اهو پگهريل ٽامي وانگر پيٽن ۾ ٻڙڪندو.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

كَغَلْيِ الْحَمِيْمِ ﴿٤٦﴾ خُذُوْهُ فَاعْتِلُوْهُ اِلٰى سَوَآءِ الْجَحِيْمِ ﴿٤٧﴾ ثُمَّ صُبُّوْا فَوْقَ رَاْسِهٖ

جيئن ٻڙڪندڙ پاڻي. (چيو ويندو) ان (مجرم) کي پڪڑيو، پوءِ ان کي ڇهلي جهنم جي وچ ۾ وڻي وڃو. پوءِ ان جي مٿي تي وجهو،

مِنْ عَذَابِ الْحَمِيْمِ ﴿٤٨﴾ ذُقْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْكَرِيْمُ ﴿٤٩﴾ اِنَّ هٰذَا

ابرندڙ پاڻيءَ وارو عذاب. (چيو ويندو عذاب جو مزو) چک، بيشڪ تون (ته) وڏو معزز و مڪرم آهين. بيشڪ هي اهو ئي آهي،

مَا كُنْتُمْ بِهٖ تَمْتَرُوْنَ ﴿٥٠﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ مَقَامٍ اَمِيْنٍ ﴿٥١﴾ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿٥٢﴾

جنهن ۾ توهان ماٺهو شڪ ڪندا هئا. بيشڪ پرهيزگار ماٺهو، امن واري مقام ۾ هوندا. (يعني) باغن ۽ چشمن ۾.

يَّلْبَسُوْنَ مِنْ سُنْدُسٍ وَّاِسْتَبْرَقٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿٥٣﴾ كَذٰلِكَ ۗ وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿٥٤﴾

سنها ۽ ٿلها ريشمي ڪپڙا پائي، هڪ ٻئي جي سامهون ويٺل هوندا. اهڙيءَ طرح ٿيندو، ۽ اسان وڏين وڏين اکين وارين حورن کي انهن جون زالون ٻڌائيندا سين.

يَدْعُوْنَ فِيْهَا بِكُلِّ فَاكِهَةٍ اٰمِنِيْنَ ﴿٥٥﴾ لَا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا الْمَوْتَ اِلَّا الْمَوْتَةَ الْاُوْلٰى ۚ

هو اتي ڪهرائيندا، هر قسم جا ميوا وڏي اطمينان سان. هو انهيءَ (جنت) ۾ موت جو مزو نه چکندا، سواءِ (دنيا ۾) پهرئين موت جي،

وَوَقٰىهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿٥٦﴾ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكَ ۚ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٥٧﴾

۽ هو (الله) انهن کي جهنم جي عذاب کان محفوظ رکندو. (هي) توهان جي رب جي طرف کان فضل آهي، اها ئي وڏي ڪاميابي آهي.

فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٨﴾ فَارْتَقِبْ

پوءِ اسان توهان جي زبان ۾ هن (قرآن) کي آسان ڪري ڇڏيو آهي، ته جيئن ماٺهو نصيحت حاصل ڪن. هاڻي توهان انتظار ڪيو،

اِنَّهُمْ مُّرْتَقِبُوْنَ ﴿٥٩﴾ ع 3 17

بيشڪ اهي ماٺهو به انتظار ڪرڻ وارا آهن.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION
SALE OF THIS BOOK IS PROHIBITED
UNDER CIVIL & CRIMINAL LAW.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. قرآن شريف برڪت واريءَ رات جو يعني شب قدر واري رات ۾ نازل ڪيو ويو آهي. (سورة الدخان، آيت: ٣)

٢. الله ﷻ قرآن حڪيم ان ڪري نازل فرمايو ته جيئن ماڻهن کي ڪفر ۽ نافرمانيءَ جي بري انجام کان ڊيڄاريو وڃي. (سورة الدخان، آيت: ٣)

٣. دنيا جون نعمتون ۽ سازسامان جلد اسان جي هٿن مان نڪري ٻين وٽ وڃڻ واريون آهن. (سورة الدخان،آيت: ٢٥ کان ٢٨)

٤. الله ﷻ هن ڪائنات ۾ ڪنهن به شيء کي بيڪار پيدا ناهي فرمايو. (سورة الدخان، آيت: ٣٨ کان ٣٩)

٥. قيامت جي ڏينهن نه دنياوي دوستيون ڪم اينديون ۽ نه ڪٿان مدد ملندي. ها پر جنهن تي الله ﷻ رحم فرمائي ان کي معاف ڪري يا ان جي حق ۾ شفاعت قبول ڪري. (سورة الدخان، آيت:٤١،٤٢)

٦. جهنم ۾ گنهگارن کي زقوم جي وڻ مان کائڻو پوندو. (سورة الدخان، آيت:٤٣)

٧. پرهيزگارن جي لاءِ باغ، چشما ۽ ريشم جو لباس هوندو. (سورة الدخان، آيت: ٥٢ کان ٥٣)

٨. قيامت جي ڏينهن اسان کي زنده ڪري اٿارڻ کان پوءِ موت نه ايندو. (سورة الدخان، آيت: ٥٦)

٩. ڪنهن ماڻهوءَ کي ان جا نيڪ عمل جنت ۾ نه وٺي ويندا پر اهو الله ﷻ جو فضل هوندو جيڪو نيڪ ماڻهن کي جنت ۾ داخل ڪندو. (سورة الدخان، آيت: ٥٧)

١٠. الله ﷻ قرآن حڪيم کي نبي ڪريم ﷺ جي زبان يعني عربي ۾ آسان ڪري ڇڏيو آهي. (سورة الدخان، آيت: ٥٨).

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. دخان جي معنيٰ ڇا آهي؟
(الف) ٻاف (ب) دونهون (ج) پاڻي

٢. رڪوع نمبر١ جي مطابق هن سورة ۾ مشرڪن نبي ڪريم ﷺ تي ڪهڙو الزام لڳايو؟
(الف) ڪوڙو ۽ ڪاهن آهي (ب) خائن ۽ ڌوڪو ڏيڻ وارو آهي (ج) سيکاريل مجنون آهي.

٣. رڪوع نمبر١ جي مطابق الله ﷻ ڪنهن کي حڪم ڏنو ته منهنجي بندن کي راتو رات وٺي وڃ؟
(الف) حضرت موسيٰ عليه السلام (ب) حضرت عيسيٰ عليه السلام (ج) نبي ڪريم ﷺ

٤. رڪوع نمبر١ جي مطابق ڪهڙي قوم تي نه آسمان رنو ۽ نه زمين؟
(الف) قريش (ب) آل فرعون (ج) بني اسرائيل

٥. رڪوع نمبر٣ جي مطابق هن سورة ۾ ڪهڙي وڻ جو ذڪر آهي جيڪو جهنم وارن جي لاءِ هوندو؟
(الف) زيتون جو وڻ (ب) کجيءَ جو وڻ (ج) ٿوهر جو وڻ

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. لَيْلَةٌ مُّبٰرَكَةٌ ۾ ڪهڙا ڪم سرانجام ڏنا ويندا آهن؟

۲. حضرت موسىٰ عليه السلام آل فرعون کي ڪهڙي دعوت ڏني؟

۳. الله سبحانه وتعالىٰ آل فرعون کي ڪهڙين شين کان محروم ڪري ڇڏيو؟

۴. جهنم وارن تي الله سبحانه وتعالىٰ جي ڪهڙن عذابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

۵. جنت وارن تي الله سبحانه وتعالىٰ جي ڪهڙين نعمتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

سوال ۳ هن سورة جي روشنيءَ ۾ صحيح (√) يا غلط (x) جي نشان ذريعي پنهنجا جواب واضح ڪيو:

نمبر	جملا	صحيح	غلط
۱	حضرت موسىٰ عليه السلام فرعون کي چيو ته مان تنهنجي لاءِ هڪ وفادار رسول آهيان؟		
۲	فيصلي واري ڏينهن ماڻهو هڪ بئي کي ڪم ايندا؟		
۳	زقوم جو وڻ پگهريل سيهي وانگر پيٽن ۾ ٻڙڪندو؟		
۴	الله سبحانه وتعالىٰ آسمانن ۽ زمينن کي راند جي طور پيدا نه ڪيو آهي؟		
۵	بيشڪ پرهيزگار ماڻهو امن واري گهر ۾ هوندا؟		

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

گھرو ڪم

- هن سورة ۾ الله ﷻ جي ڪيترين ئي صفتن جو ذڪر آهي انهن صفتن جو هڪ فهرست ناهيو.

- ڏهن سٽن جو هڪ مضمون لکو ته "اسان کي قيامت جي ڏينهن جي لاءِ ڪهڙي تياري ڪرڻ گهرجي".
- زقوم جي وڻ جي باري ۾ پنج ڳالهيون هيٺ ڏنل خاڪي ۾ لکو.



صحيح استاد جو تاريخ: _____ صحيح والدين/ سرپرست جو تاريخ: _____

COPYRIGHTS® RESERVED WITH THE SINDH FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

سبق:٦٠ سُوْرَةُ الْجَاثِيَة (سورت نمبر: ٤٥، كل ركوع :٤، كل آيتون:٣٧)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة **نبي كريم** ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ ڏکر جي زماني ۾ نازل ٿي هئي. هيءُ اهو ئي زمانو هو جڏهن **نبي كريم** ﷺ قرآن حڪيم جي روشنيءَ ۾توحيد باري تعالىٰ ۽ آخرت تي دليل پيش ڪري رهيا هئا.

"جَاثِيَة" عربيءَ ۾ گوڏا کوڙڻ، گوڏن پر ويهڻ کي چوندا آهن. قيامت جي ڏينهن ماڻهو خوف ۽ بي وسيءَ ۾ گوڏن پر ويهي هن ڳالهه جا منتظر هوندا، ته انهن سان ڪهڙو معاملو ڪيو ويندو. جيئن ته آيت: ٢٨ ۾ به اهو ئي ذڪر آهي، ان ڪري هن سورة جو نالو "جاثيہ" رکيو ويو. سورة جي ابتدا ۾ قرآن حڪيم جي طرف دعوت ڏني وئي آهي. ۽ الله ﷻ جي آفاقي آيتن يعني ڪائنات ۾ موجود نشانين تي غورفڪر ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي و ئي آهي.الله ﷻ جي آيتن کي نظر انداز ڪرڻ وارن کي شديد عذاب کان ڊيڄاريو ويو آهي. قيامت جي حالتن جو بيان آهي ۽ نافرمان قومن تي عذاب جا سبب بيان ڪيا ويا آهن.

أَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان — شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

حٰمٓ ﴿١﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿٢﴾ اِنَّ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣﴾

حٰمٓ. (هي) ڪتاب الله جي طرفان نازل ڪيو ويوآهي، جيڪو وڏو غالب وڏي حڪمت واروآهي.يقيناً آسمانن ۽زمين ۾،مومنن لاءِ نشانيون آهن.

وَفِيْ خَلْقِكُمْ وَمَا يَبُثُّ مِنْ دَآبَّةٍ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٤﴾ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ

۽ توهان جي پيدائش ۾، ۽ انهن جانورن ۾ به جن کي هو (الله)پکيڙيندو آهي، يقين رکڻ وارن لاءِ نشانيون آهن.۽رات ڏينهن جي اچڻ وڃڻ ۾،

وَمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ رِّزْقٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَتَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ

۽ جيڪو الله آسمان مان رزق (پاڻي) نازل فرمايو، پوءِ ان مان زمين کي مرڻ کان پوءِ زنده فرمايائين، ۽ هوائن کي ڦيرڻ ۾،

اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٥﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۚ

انهن ماڻهن جي لاءِ نشانيون آهن جيڪي عقل رکن ٿا. هي الله جون آيتون آهن، جن کي اسان حق جي طور پڙهي ٻڌايون ٿا،

فَبِاَيِّ حَدِيْثٍ بَعْدَ اللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٦﴾ وَيْلٌ لِّكُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ ﴿٧﴾

پوءِ الله ۽ ان جي آيتن کان پوءِ هي ڪهڙي ڳالهه تي ايمان آڻيندا؟ هر ڪوڙي گنهگار جي لاءِ تباهي آهي.

يَّسْمَعُ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُتْلٰى عَلَيْهِ ثُمَّ يُصِرُّ مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا ۚ

جيڪوالله جون آيتون پڌي ٻڌائين ٿيون وڃن، پوءِ اهوتڪبرڪندي(ڪفرتي)ضد ڪري ٿو، جڻ اهي ٻڌيون ئي نه هئائين،

COPYRIGHTED MATERIAL
SALE FOR FREE IS STRICTLY PROHIBITED
ENTAIL LEGAL ACTION

فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٨﴾ وَاِذَا عَلِمَ مِنْ اٰيٰتِنَا شَيْـًٔا ۨاتَّخَذَهَا هُزُوًا ؕ

پوءِ ان کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ڏئي ڇڏيو. ۽ جڏهن ان کي اسان جي آيتن مان ڪنهن (آيت) جو علم ٿئي ٿو، ته ان کي مذاق ٿو بنائي،

اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٩﴾ؕ مِنْ وَّرَآئِهِمْ جَهَنَّمُ ۚ وَلَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ مَّا كَسَبُوْا شَيْـًٔا

اهڙن ئي ماڻهن جي لاءِ ذلت وارو عذاب آهي. انهن جي اڳيان جهنم آهي، جيڪو به انهن ڪمايو آهي، انهن کي ڪجهه به ڪم نه ايندو،

وَّلَا مَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٠﴾ؕ هٰذَا هُدًى ۚ

۽ نه اهي جن کي انهن الله کان سواءِ مددگار بڻائي ورتو آهي، ۽ انهن جي لاءِ وڏو عذاب آهي. هي (قرآن) هدايت آهي،

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ﴿١١﴾ ع اَللّٰهُ الَّذِيْ سَخَّرَ لَكُمُ الْبَحْرَ ع 1 11

۽ جن ماڻهن پنهنجي رب جي آيتن جو انڪار ڪيو، انهن جي لاءِ سخت دردناڪ عذاب آهي. الله اهو آهي جنهن سمنڊ کي توهان جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو،

لِتَجْرِيَ الْفُلْكُ فِيْهِ بِاَمْرِهٖ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٢﴾ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمْ

ته جيئن ان جي حڪم سان ان ۾ ٻيڙيون هلن، ۽ توهان ان جو فضل تلاش ڪيو، ۽ توهان شڪر ادا ڪيو. ۽ (الله) توهان جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو،

مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا مِّنْهُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿١٣﴾

انهن سڀني کي جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن پنهنجي طرف کان، يقيناً ان ۾ نشانيون آهن، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور فڪر ڪن ٿا.

قُلْ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَغْفِرُوْا لِلَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ اَيَّامَ اللّٰهِ

توهان انهن کي چئي ڇڏيو جن ايمان آندو آهي، ته هو انهن ماڻهن کان درگذر ڪن جيڪي الله (جي پڪڙ) جي ڏينهن جي توقع نٿا رکن،

لِيَجْزِيَ قَوْمًا ۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿١٤﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ ۚ

ته جيئن اهو (الله) ماڻهن کي ان جو بدلو ڏئي جيڪو هو ڪندا هئا. جيڪو نيڪ عمل ڪندو آهي ته اهو پنهنجي لاءِ ئي ڪندو آهي،

وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ۫ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ ﴿١٥﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْكِتٰبَ

۽ جيڪو به برائي ڪندو آهي ته ان جو نقصان به کيس ئي ٿيندو، پوءِ توهان سڀ پنهنجي رب ڏانهن موٽايا ويندؤ. ۽ اسان بني اسرائيل کي ڪتاب عطا ڪيو،

وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦﴾ ۚ

۽ حڪومت ۽ نبوت، ۽ اسان انهن کي پاڪيزه شين جو رزق عطا فرمايو، ۽ اسان انهن کي (ان زماني جي) سڄي جهان (وارن) تي فضيلت بخشي.

وَاٰتَيْنٰهُمْ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْاَمْرِ ۚ فَمَا اخْتَلَفُوْٓا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ ۙ بَغْيًا ۢ بَيْنَهُمْ ؕ

۽ اسان انهن کي دين جا واضح دليل عطا فرمايا، پوءِ انهن اختلاف ڪيو، پاڻ وٽ علم اچي وڃڻ کان پوءِ، پاڻ ۾ ضد جي ڪري،

اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٧﴾

بيشڪ توهان جو رب انهن جي وچ ۾ قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو، جنهن ۾ اهي اختلاف ڪندا هئا.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE IM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK MOULD CRIMINAL ACTION. RETAIL CIVIL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰى شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا

پوءِ اسان توهان کي دين جي هڪ ئي طريقي تي مقرر ڪري چڏيو، تہ توهان ان جي پيروي ڪيو،

وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨﴾ اِنَّهُمْ لَنْ يُّغْنُوْا عَنْكَ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ

۽ جيڪي (حقيقت جو) علم نٿا رکن انهن جي خواهشن جي پٺيان نہ هلو بيشڪ اهي الله جي مقابلي ۾ توهان جي ڪنهن به ڪم ۾ نہ ايندا،

وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۚ وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٩﴾ هٰذَا بَصَآئِرُ لِلنَّاسِ

۽ ظالم ماڻهو هڪ ٻئي جا دوست آهن، ۽ الله پرهيزگارن جو دوست آهي، هي (قرآن) ماڻهن جي لاءِ بصيرت جون ڳالهيون آهي،

وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٢٠﴾ اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ اجْتَرَحُوا السَّيِّاٰتِ

۽ انهن ماڻهن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي، جيڪي يقين رکڻ وارا آهن. ڇا جن برا ڪم ڪيا اهي اهو ٿا سمجهن،

اَنْ نَّجْعَلَهُمْ كَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ سَوَآءً مَّحْيَاهُمْ وَمَمَاتُهُمْ ؕ

تہ اسان انهن کي انهن ماڻهن جهڙو ڪري چڏينداسين جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، انهن سڀني جي زندگي ۽ موت برابر ٿي وڃي،

سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٢١﴾ وَخَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ع 2/10

برو آهي اهو جيڪو هو فيصلو ڪن ٿا. ۽ الله آسمانن ۽ زمين کي حق وارو (بامقصد) پيدا ڪيو آهي،

وَلِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾

هن لاءِ تہ جيئن هر شخص کي ان جو بدلو ڏنو وڃي جيڪو ان ڪمايو، ۽ ان تي ظلم نہ ڪيو ويندو.

اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَاَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلْمٍ

ڇا توهان ان شخص کي ڏٺو جنهن پنهنجي خواهش (نفس) کي پنهنجو معبود بڻايو، ۽ الله (پنهنجي) علم جي بنياد تي کيس گمراهه ڪري چڏيو،

وَّخَتَمَ عَلٰى سَمْعِهٖ وَقَلْبِهٖ وَجَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً ؕ فَمَنْ يَّهْدِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ اللّٰهِ ؕ

۽ ان جي ڪن ۽ دلين تي مهر لڳائي چڏي، ۽ سندس اک تي پردو وجهي چڏيو، پوءِ ڪير آهي؟ جيڪو کيس الله کان سواءِ هدايت ڏئي،

اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَقَالُوْا مَا هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَنَحْيَا

ڇا پوءِ به توهان نصيحت حاصل نٿا ڪيو؟ ۽ هو چون ٿا اسان جي تہ دنيا جي ئي زندگي آهي، اسان (هتي ئي) جيئندا ۽ مرندا آهيون،

وَمَا يُهْلِكُنَآ اِلَّا الدَّهْرُ ۚ وَمَا لَهُمْ بِذٰلِكَ مِنْ عِلْمٍ ۚ اِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ﴿٢٤﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ

۽ اسان کي زمانو ئي ماريندو آهي، ۽ ان جو کين کو به علم ڪونهي، هو صرف گمان ڪن ٿا. ۽ جڏهن انهن اڳيان اسان جون چٽيون آيتون پڙهيون ويندين آهن،

مَّا كَانَ حُجَّتَهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوا ائْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٥﴾

تہ انهن جو دليل اهو هوندو آهي، هو چوندا آهن تہ اسان جي ابن ڏاڏن کي (زنده ڪري) ڏيکاريو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو.

COPYRIGHTS © FREE ISLAMIC FOUNDATION
SALE PROHIBITED WITH
RETAIL PRICE BOOK IMMALATION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

قُلِ اللّٰهُ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يَجْمَعُكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ

توهان چئو: الله ئي توهان کي زندگي عطا ڪندو آهي، ان کان پوءِ اهو ئي توهان کي موت ڏيندو، ان کان پوءِ اهو ئي توهان کي قيامت جي ڏينهن جمع ڪندو،

ع 3 5

لَا رَيْبَ فِيْهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ ع وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

جنهن ۾ ڪو شڪ ناهي، پر گهڻائي ماڻهو نٿا ڄاڻن. ۽ الله لاءِ ئي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي،

وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَّخْسَرُ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿٢٧﴾

۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي، ان ڏينهن اهي ماڻهو سخت نقصان کائيندا جيڪي باطل تي آهن.

وَتَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً ۚ كُلُّ اُمَّةٍ تُدْعٰٓى اِلٰى كِتٰبِهَا ؕ

۽ توهان ڏسندؤ ته هر ٽولو گوڏن ڀر ڪريل هوندو، هر ٽولي کي انهن جي ڪتاب (اعمال نامي) ڏانهن سڏيو ويندو،

اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾ هٰذَا كِتٰبُنَا يَنْطِقُ عَلَيْكُمْ بِالْحَقِّ ؕ

اڄ توهان کي ان جو بدلو ڏنو ويندو جيڪو توهان ڪندا هئا. هي اسان جو ڪتاب آهي جيڪو توهان کي سچ سچ ٻڌائي ٿو،

اِنَّا كُنَّا نَسْتَنْسِخُ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٩﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

بيشڪ اسان اهو سب لکندا هئاسين جيڪو توهان ڪندا هئا. پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جن نيڪ عمل ڪيا،

فَيُدْخِلُهُمْ رَبُّهُمْ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْمُبِيْنُ ﴿٣٠﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ

انهن جو رب انهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪندو، اها ئي چٽي ڪاميابي آهي. ۽ جنهن ڪفر ڪيو،

اَفَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاسْتَكْبَرْتُمْ وَكُنْتُمْ قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣١﴾

(انهن کي چيو ويندو) ڇا توهان کي منهنجون آيتون پڙهي ڪونه ٻڌايون وينديون هيون؟ پوءِ توهان تڪبر ڪيو ۽ توهان مجرم ماڻهو هئا.

وَاِذَا قِيْلَ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّالسَّاعَةُ لَا رَيْبَ فِيْهَا قُلْتُمْ مَّا نَدْرِيْ مَا السَّاعَةُ ۙ

۽ جڏهن چيو ويندو هو بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي، ۽ قيامت ۾ ڪوبه شڪ ناهي، (ته) توهان چوندا هئا ته اسان نٿا ڄاڻيون قيامت ڇا آهي،

اِنْ نَّظُنُّ اِلَّا ظَنًّا وَّمَا نَحْنُ بِمُسْتَيْقِنِيْنَ ﴿٣٢﴾ وَبَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ

اسان ته ان کي گمان ئي خيال ڪندا هئاسين، ۽ اسان (ان تي) يقين ڪرڻ وارا نه هئاسين. ۽ انهن جي لاءِ (انهن عملن جون) برايون ظاهر ٿينديون،

مَا عَمِلُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٣﴾

جيڪي انهن ڪيا، ۽ اهو (عذاب) کين وڪوڙي ويندو جنهن تي هو ٺٺولون ڪندا هئا.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

وَقِيْلَ الْيَوْمَ نَنْسٰىكُمْ كَمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا وَمَاْوٰىكُمُ النَّارُ

۽ چيو ويندو تہ اڄوڪي ڏينهن اسان توهان کي بي سهارا ڇڏي ڏينداسين، جيئن توهان هن ڏينهن جي ملاقات کي وساري ڇڏيو ، هو۽ توهان جو ٺڪاڻو باهہ آهي،

وَمَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٣٤﴾ ذٰلِكُمْ بِاَنَّكُمُ اتَّخَذْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا وَّغَرَّتْكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ

۽ توهان جو ڪو مددگار ناهي. هي ان ڪري آهي تہ توهان الله جي آيتن کي مذاق بڻائي رکيو هو، ۽ توهان کي دنيا جي زندگيءَ ڏوڪي ۾ وڃهي ڇڏيو هو،

فَالْيَوْمَ لَا يُخْرَجُوْنَ مِنْهَا وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿٣٥﴾ فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ

سو اڄ اهي هن (باهہ) مان نہ ڪڍيا ويندا، ۽ نہ انهن جي معذرت قبول ڪئي ويندي. تنهن ڪري الله لاءِ ئي سڀ (شڪر ۽) تعريف آهي،

رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَرَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٦﴾ وَلَهُ الْكِبْرِيَآءُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ

جيڪو آسمانن جو رب آهي ۽ زمينن جو رب آهي، (۽) سڀني جهانن جو رب آهي ان لاءِ ئي آسمانن ۽ زمينن ۾ وڏائي آهي،

ع 4 11

وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٣٧﴾

۽ هو تمام غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون گالهيون

١. قرآن حڪيم، ڪائنات ۽ انسان پاڻ الله ﷻ جي وڏين نشانين مان آهيون جنهن تي غور فڪر ڪرڻ سان الله ﷻ جي سڃاڻپ ٿيندي آهي. (سورة الجاثيه، آيت:٢ ڪان ٥)

٢. الله ﷻ جي آيتن کي نظر انداز ڪرڻ وارن ۽ انهن آيتن تي ٺٺوليون ڪرڻ وارن تي الله ﷻ جو عذاب ايندو. (سورة الجاثيه، آيت:٧ ڪان ٩)

٣. ڪائنات جي عظيم قوتن کي الله ﷻ انسانن جي ڪم تي لڳائي ڇڏيو آهي، تہ جيئن هو انهن مان فائدو وٺي سگهن ۽ الله ﷻ جو شڪر ادا ڪن. (سورة الجاثيه، آيت:١٢،١٣)

٤. جيڪو ماڻهو نيڪ عمل ڪندو آهي، ان جو فائدو ڪيس ئي پهچندو آهي ۽ جيڪو برو عمل ڪندو آهي، ان جو به ان کي ئي نقصان ٿيندو آهي. (سورة الجاثيه، آيت:١٥)

٥. ظالم هڪ بئي جا دوست آهن ۽ جڏهن تہ الله ﷻ پرهيزگارن جو دوست آهي. (سورة جاثيه، آيت:١٩)

٦. جيڪي ماڻهو قرآن حڪيم تي يقين رکندا آهن. قرآن حڪيم انهن جي لاءِ بصيرت جون گالهيون، هدايت ۽ رحمت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. (سورة الجاثيه، آيت:٢٠)

٧. مومن دنيا ۽ آخرت ۾ الله ﷻ جو محبوب هوندو آهي، جڏهن تہ ڪافر دنيا ۽ آخرت ۾ الله ﷻ جو مبغوض (غضب ڪيل) هوندو آهي. (سورة الجاثيه، آيت:٢١)

٨. جيڪي ماڻهو الله ﷻ جي گالهين جي بجاءِ پنهنجي نفس جي خواهش جي پيروي ڪندا آهن اهي سڌي راهه کان ڀٽڪي ويندا آهن. (سورة الجاثيه، آيت ٢٣)

٩. اسان پنهنجي مرضيءَ سان نہ زنده رهي سگهون ٿا ۽ نہ مري سگهون ٿا بلڪ الله ﷻ ئي اسان کي پيدا ڪيو آهي ۽ اهو ئي اسان کي موت ڏيندو ۽ اسان کي قيامت جي ڏينهن ٻيهر پيدا ڪندو. (سورة الجاثيه، آيت:٣٤)

١٠. تڪبر ڪرڻ، آخرت کي وساري ڇڏڻ، برا عمل ڪرڻ ۽ الله ﷻ جي عذاب کان ڊڄڻ بجاءِ ان تي ٺٺوليون ڪرڻ الله ﷻ جي عذاب جي اڇ جو سبب آهن. (سورة الجاثيه، آيت:٣١ ڪان ٣٤)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (✓) لڳايو.

١. جاثيه جي معنىٰ ڇا آهي؟
(الف) هٿ جوڙڻ وارو (ب) مٿو ٽيڪڻ وارو (ج) گوڏا کوڙڻ وارو

٢. بني اسرائيل جو پاڻ ۾ اختلاف جو سبب ڇا هو؟
(الف) مال (ب) پاڻ ۾ ضد (ج) نسل تي فخر.

٣. ٻئي رکوع ۾ قرآن حڪيم جون ڪهڙيون صفتون بيان ٿيون آهن؟
(الف) نور ۽ شفا (ب) وعظ ۽ نصيحت (ج) هدايت ۽ رحمت

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE SINDHI FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

۴. زندگي ۽ موت جي حوالي سان صحيح تصور ڪهڙو آهي؟
(الف) اسان پاڻ زنده ٿيندا آهيون ۽ پاڻ مرندا آهيون (ب) الله ﷻ اسان کي زنده ڪندو آهي يا ماريندو آهي (ج) زمانو اسان کي زنده ڪندو آهي يا ماريندو آهي.

۵. آخرت کي وسارڻ وارن جو ڪهڙو انجام ٿيندو؟
(الف) الله ﷻ انهن کي بي سهارا ڇڏي ڏيندو (ب) الله ﷻ انهن کي زنجيرن ۾ وکوڙي ڇڏيندو
(ج) الله ﷻ انهن کي باهه جو لباس پارائيندو.

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. پهرئين رڪوع ۾ الله ﷻ جي آيتن کي نظرانداز ڪرڻ وارن تي عذاب جا ڪيترا قسم بيان ڪيل آهن؟

۲. پهرئين رڪوع ۾ الله ﷻ جي ڪهڙين نشانين جو ذڪر آهي؟

۳. ٻئي رڪوع ۾ سمنڊ جا ڪهڙا فائدا بيان ڪيل آهن؟

۴. ٽئين رڪوع ۾ نفس جي خواهش جي پيروي ڪرڻ وارن جو ڪهڙو انجام بيان ڪيو ويو آهي؟

۵. چوٿين رڪوع جي مطابق اعمال نامي جي باري ۾ ڪي ٻه ٿي نڪتا بيان ڪيو؟

سوال ۳ اسان پنهنجو جائزو وٺون:

نمبر	سوال	ڪنهن حد تائين	ڪهڙي حد تائين	نه
۱	ڇا مان الله ﷻ جي آيتن تي غور فڪر ڪيان ٿو؟			
۲	ڇا مان اڪثر پنهنجي عقل کان ڪم وٺندو آهيان؟			
۳	ڇا مان حالتن ۽ واقعن مان سبق سکندو آهيان؟			
۴	ڇا مان دنيا جي زندگيءَ جي حقيقتن کي سمجهندو آهيان؟			
۵	ڇا مان قيامت تي يقين نه رکڻ جا سبب ڄاڻيان ٿو؟			
۶	ڇا مان دنيا جي زندگيءَ جي ڏوکي کان بچندو آهيان؟			
۷	ڇا مان نيڪ عمل ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو؟			

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE A CRIMINAL ACTION.



گھرو ڪم

هن سورة ۾ الله ﷻ جي ڪيترين ئي صفتن جو بيان آهي، انهن صفتن جي فهرست ناهيو.

آفاقي آيتون	استعمال

جيڪي قومون توبہ ڪري پنهنجي اصلاح نٿيون ڪن، انهن تي الله ﷻ جو عذاب نازل ٿيندو. حصي پهرئين ۾ توهان جن قومن جو عبرت ناڪ انجام پڙهيو آهي، انهن مان ڪنهن هڪ قوم جو ذڪر پنهنجي ٻيٽ يا ۽ سان ڪيو.

پنهنجي دوستن سان ان جي باري ۾ گفتگو ڪيو

١. توهان کي ڪهڙي ڪهڙي موقعي تي ڪوڙ ڳالهائي نقصان ڪرڻو پيو؟ جيڪڏهن توهان انهن موقعن تي سچ ڳالهايو ها ته ڇا ٿئي ها؟

٢. حضور نبي اڪرم ﷺ جي سيرت طيبہ مان سچ ڳالهائڻ جا وڌيڪ واقعا پڙهو ۽ پنهنجي جماعت جي ساڻين کي ٻڌايو

صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE AGAINST CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:٧ سُوْرَةُ قٓ

(سورت نمبر: ٥٠، ڪل رڪوع :٣، ڪل آيتون:٤٥)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچ واري زماني ۾ نازل ٿي. هي اهو دور هو جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن علىٰ الاعلان تبليغ ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي. جنهن ڪري اسلام ۽ جاهليت ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي چڪي هئي ۽ ڪافرن نبي ڪريم ﷺ جي جدوجهد کي ناڪام ڪرڻ جي لاءِ طعنا ڏيڻ شروع ڪري ڏنا هئا.

قرآن حڪيم ۾ ڪل ست منزلون آهن. اڪثر صحابہ ڪرام رضي الله عنهم روز هڪ منزل جي تلاوت فرمائيندا هئا ۽ هڪ هفتي ۾ پوري قرآن حڪيم جي تلاوت مڪمل ڪري وٺندا هئا. ستين يعني آخري منزل جي شروعات سورة قٓ کان ۽ اختتام سورة الناس تي ٿيندي آهي. اهڙيءَ طرح ستين منزل ۾ ڪل پنجهٺ (٦٥) سورتون آهن. سنن ابو داؤد جي روايت آهي تہ حضرت اوس رضي الله عنه فرمائن ٿا تہ مون پاڻ ﷺ جي اصحابن رضي الله عنهم کان پڇيو تہ قرآن جا حصا ڪيئن ڪندا آهيو؟ انهن چيو (پهرئين ڏينهن ۾) ٽي سورتون ۽ (ٻئي ڏينهن ۾) پنج سورتون ۽ (ٽئين ڏينهن ۾) ست سورتون ۽ (چوٿين ڏينهن ۾) نو سورتون ۽ (پنجين ڏينهن ۾) يارنهن سورتون ۽ (ڇهين ڏينهن ۾) تيرهن سورتون ۽ (ستين ڏينهن ۾) مفصل (يعني سورة قٓ کان سورة الناس تائين). جنهن جو تفصيل هيءُ آهي: پهرين منزل سورة البقره کان سورت النساء تائين (هي ٽي سورتون آهن) ٻي منزل سورة المائده کان سورة التوبہ تائين (هي پنج سورتون آهن) ٽين منزل سورة يونس کان سورة النحل تائين (هي ست سورتون آهن) چوٿين منزل سورة بني اسرائيل کان سورة الفرقان تائين (هي نو سورتون آهن)، پنجين منزل سورة الشعراء کان سورة يٰسين تائين (هي يارنهن سورتون آهن) ڇهين منزل سورة الصافات کان سورة الحجرات تائين (هي تيرنهن سورتون آهن) ۽ ستين منزل سورة قٓ کان سورة الناس تائين (هي پنجهٺ سورتون آهن) سورة فاتحہ قرآن حڪيم جي ابتداء آهي. سورة فاتحہ پهرين منزل ۾ شمار ناهي، پر ان جي هيٺان لفظ منزل لکيو ويندو آهي.

نبي ڪريم ﷺ جن کي سورة قٓ سان خاص محبت هئي ۽ پاڻ ﷺ اڪثر جمعي جي خطبي ۽ نماز عيدين ۾ هن سورة جي تلاوت فرمائيندا هئا. (مسلم، ابوداؤد،جامع ترمذي، سنن ابن ماجہ) هن سورة ۾ اهڙا مضمون بيان ڪيا ويا آهن جن کي ٻڌڻ سان آخرت جو فڪر پيدا ٿيندو آهي. سورة قٓ جو بنيادي موضوع قيامت جو واقع ٿيڻ آهي. سورة جي شروعات ۾ بيان آهي تہ نهايت قدرتن وارو الله سبحانه وتعالىٰ قيامت قائم ڪندو. اسان سڀني کي هڪ ڏينهن مرڻو آهي. الله سبحانه وتعالىٰ مرڻ کان پوءِ اسان کي ٻيهر زنده ڪندو. اسان کي ميدان حشر ۾ گڏ ڪيو ويندو. اعمال ناما ڏنا ويندا. حساب ڪتاب ٿيندو، نيڪ ماڻهو جنت ۽ برا ماڻهو جهنم ۾ داخل ڪيا ويندا. نافرمان قومن جو ذڪر عبرت جي طور ڪيو ويندو. سورة جي آخر ۾ قيامت جي منظر ڪشي ڪئي وئي آهي ۽ سور ڦوڪڻ جو ذڪر آهي.

اَعُوْذُ	بِاللّٰهِ	مِنَ	الشَّيْطٰنِ	الرَّجِيْمِ	بِسْمِ	اللّٰهِ	الرَّحْمٰنِ	الرَّحِيْمِ
آءٌ الله جي پناهہ ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان					شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي			

قٓ ۚ	وَالْقُرْاٰنِ	الْمَجِيْدِ ۚ ۝١	بَلْ	عَجِبُوْٓا	اَنْ	جَآءَهُمْ	مُّنْذِرٌ	مِّنْهُمْ
قٓ. قرآن مجيد جو قسم (پاڻ ﷺ سچو رسول آهي). پر انهن تعجب ڪيو تہ انهن وٽ انهن مان ئي هڪ ڊيڄارڻ وارو آيو آهي،								

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

فَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا شَيْءٌ عَجِيْبٌ ۚ﴿٢﴾ ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا ۚ ذٰلِكَ رَجْعٌۢ بَعِيْدٌ ﴿٣﴾

ڪافر چوڻ لڳا ته هيءَ ته عجيب ڳالهه آهي. ڇا جڏهن اسان مري ويندا سين ۽ اسان مٽي ٿي ويندا سين (ته پوءِ زنده ٿيندا سين؟) هيءَ واپسي (ته اسان جي سمجهه کان مٿي آهي.

قَدْ عَلِمْنَا مَا تَنْقُصُ الْاَرْضُ مِنْهُمْ ۚ وَعِنْدَنَا كِتٰبٌ حَفِيْظٌ ﴿٤﴾

يقيناً اسان کي معلوم آهي ته انهن (جي جسمن) کي زمين (کائي کائي) ڪيترو گهٽ ڪندي ويندي آهي، ۽ اسان وٽ (هر شئي) محفوظ (رکڻ وارو) ڪتاب آهي.

بَلْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ فَهُمْ فِيْٓ اَمْرٍ مَّرِيْجٍ ﴿٥﴾

بلڪ (عجيب ڳالهه هيءَ آهي ته) انهن حق کي ڪوڙو ڪيو جڏهن اهو وٽن اچي چڪو، ته اهي هڪ منڌل ڳالهه ۾ (ڦاٿل رهجي ويا) آهن.

اَفَلَمْ يَنْظُرُوْٓا اِلَى السَّمَآءِ فَوْقَهُمْ كَيْفَ بَنَيْنٰهَا وَزَيَّنّٰهَا وَمَا لَهَا مِنْ فُرُوْجٍ ﴿٦﴾

ته ڇا انهن پاڻ مٿان آسمان ڏانهن نه ڏٺو آهي، ته اسان ان کي ڪيئن ٺاهيو ۽ ان کي سجايو آهي ۽ ان ۾ ڪا به ڦوٽ ناهي.

وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍۭ بَهِيْجٍ ۙ﴿٧﴾

۽ اسان زمين کي وڇايو، ۽ اسان ان ۾ جبل اڏائي ڇڏيا، ۽ اسان ان ۾ هر قسم جون وڻندڙ شيون (جوڙن جي شڪل ۾) ڦٽايون.

تَبْصِرَةً وَّذِكْرٰى لِكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ ﴿٨﴾ وَنَزَّلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَكًا

بصيرت ۽ نصيحت جي طور تي، هر موٽندڙ ٻانهي جي لاءِ. ۽ اسان آسمان مان برڪت وارو پاڻي نازل فرمايو،

فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ جَنّٰتٍ وَّحَبَّ الْحَصِيْدِ ۙ﴿٩﴾ وَالنَّخْلَ بٰسِقٰتٍ لَّهَا طَلْعٌ نَّضِيْدٌ ۙ﴿١٠﴾

پوءِ اسان ان (پاڻيءَ) مان باغ ڦٽايا، ۽ لڻجڻ وارن فصلن جو اناج. ۽ ڊگهيون ڊگهيون کجيون، جن جا ڏوڪرا هڪ ٻئي مٿان سٿيل هوند آهن.

رِّزْقًا لِّلْعِبَادِ ۙ وَاَحْيَيْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ؕ كَذٰلِكَ الْخُرُوْجُ ﴿١١﴾

(هي سڀ ڪجهه) ٻانهن جي روزيءَ لاءِ آهي، ۽ اسان هن (پاڻي) مان مئل زمين کي زنده ڪيو، اهڙي طرح (قبرن) مان نڪرڻ ٿيندو.

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّاَصْحٰبُ الرَّسِّ وَثَمُوْدُ ۙ﴿١٢﴾ وَعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ وَاِخْوَانُ لُوْطٍ ۙ﴿١٣﴾

ان کان پهريائين ڪوڙو ڪيو هو نوح عليه السلام جي قوم، ۽ کوهه وارن ۽ ثمود وارن. ۽ عاد جي قوم ۽ فرعون ۽ لوط عليه السلام جي قوم وارن به.

وَّاَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ وَقَوْمُ تُبَّعٍ ؕ كُلٌّ كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ وَعِيْدِ ﴿١٤﴾

۽ ايڪه وارن (شعيب عليه السلام جي قوم) ۽ تبع جي قوم به، انهن سڀني رسولن کي ڪوڙو ڀائنيو ته، (انهن تي) منهنجي عذاب جو واعدو ثابت ٿيو.

ع 1 15 اَفَعَيِيْنَا بِالْخَلْقِ الْاَوَّلِ ؕ بَلْ هُمْ فِيْ لَبْسٍ مِّنْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿١٥﴾ ع

ته ڇا اسان پهريون ڀيرو پيدا ڪري ٿڪجي پيا آهيون؟ (بنهه ائين ناهي) بلڪ (اصل ۾) اهي نئين سر پيدا ڪرڻ بابت ۾ شڪ ۾ پيل آهن.

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ وَنَعْلَمُ مَا تُوَسْوِسُ بِهٖ نَفْسُهٗ ۖۚ وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ ﴿١٦﴾

۽ يقيناً اسان ئي انسان کي پيدا ڪيو، ۽ اسان ئي ڄاڻيون ٿا جيڪي خيال ان جي دل ۾ اچن ٿا، ۽ اسان ان جي ساهه جي رڳ کان به کيس وڌيڪ ويجها آهيون.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE LEM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اِذْ يَتَلَقَّى الْمُتَلَقِّيٰنِ عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ قَعِيْدٌ ﴿١٧﴾ مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ

جڏهن (لکڻ) وارا ٻه (فرشتا لکي) چڏيندا آهن، (هڪ) کبي پاسي ۽ (ٻيو) سجي پاسي ويٺل هوندو آهي. هو جيڪو لفظ به ڳالهائيندو آهي،

اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿١٨﴾ وَجَآءَتْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ مَا كُنْتَ مِنْهُ تَحِيْدُ ﴿١٩﴾

ان تي هڪ نگران (لکڻ جي لاءِ)تيار رهندوآهي. ۽ موت جي سختي سچ مچ اچي پهتي، (اي انسان!)هيءَ آهي اها شيءجنهن کان توهان ڀڄندا هئا.

وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ ؕ ذٰلِكَ يَوْمُ الْوَعِيْدِ ﴿٢٠﴾ وَجَآءَتْ كُلُّ نَفْسٍ

۽ صور ڦوڪيو ويندو، اهو ئي اهو ڏينهن آهي، جنهن کان ڊيڄاريو ويندو. ۽ هر شخص ايندو،

مَّعَهَا سَآئِقٌ وَّشَهِيْدٌ ﴿٢١﴾ لَقَدْ كُنْتَ فِيْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا

ان سان گڏ هڪ (فرشتو) هڪلينڊڙ ۽ هڪ (عملن تي) گواه هوندو. يقيناً توهان ان (ڏينهن) کان غفلت ۾ پيا رهيو،

فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيْدٌ ﴿٢٢﴾ وَقَالَ قَرِيْنُهٗ

تہ اسان توهان کان توهان جو (غفلت وارو) پردو هٽائي ڇڏيو، تہ اڄ توهان جي نگاهه تمام تيز آهي. ۽ ان جو ساٿي (فرشتو) چوندو،

هٰذَا مَا لَدَيَّ عَتِيْدٌ ﴿٢٣﴾ اَلْقِيَا فِيْ جَهَنَّمَ كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿٢٤﴾

هي آهي اهو(اعمال نامو)جيڪو مون وٽ تيار آهي (فرشتن کي حڪم ڏيندو)تہ توهان ٻئي هر ٻڪي ڪافر(حق جي)دشمن کي جهنم ۾ وڃهي ڇڏيو.

مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ مُّرِيْبِ ﴿٢٥﴾ ۙ الَّذِيْ جَعَلَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ

جيڪو پلائيءَ کان منع ڪرڻ وارو، حد کان وڌڻ وارو، (دين ۾) شڪ ڪرڻ وارو هو. جنهن الله سان گڏ ڪو ٻيو معبود ناهي رکيو هو،

فَاَلْقِيٰهُ فِي الْعَذَابِ الشَّدِيْدِ ﴿٢٦﴾ قَالَ قَرِيْنُهٗ رَبَّنَا مَآ اَطْغَيْتُهٗ

تنهن ڪري توهان ٻئي ان کي سخت عذاب ۾ وجهي ڇڏيو. ان جو ساٿي (شيطان)چوندو، اي اسان جا رب! مون ان کي گمراهه نہ ڪيو هو،

وَلٰكِنْ كَانَ فِيْ ضَلٰلٍ بَعِيْدٍ ﴿٢٧﴾ قَالَ لَا تَخْتَصِمُوْا لَدَيَّ وَقَدْ قَدَّمْتُ اِلَيْكُمْ بِالْوَعِيْدِ ﴿٢٨﴾

بلڪ هو پاڻ ئي رستي کان پري ڀٽڪي ويو هو. (الله) فرمائيندو، توهان منهنجي سامهون جهڳڙو نہ ڪيو، ۽ يقيناً مان تہ پهريان ئي توهان کي عذاب کان ڊيڄاري چڪو هوس.

مَا يُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَيَّ وَمَآ اَنَا بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿٢٩﴾ ع يَوْمَ نَقُوْلُ لِجَهَنَّمَ هَلِ امْتَلَاْتِ ع 2/14

مون وٽ ڳالهه بدلائي کائنہ ويندي آهي، ۽ نہ ئي مان بانهن تي ظلم ڪرڻ وارو آهيان. ان ڏينهن انسان جهنم کي چوندا سين، ڇا تون پرجي وئي آهين؟

وَتَقُوْلُ هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ ﴿٣٠﴾ وَاُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ غَيْرَ بَعِيْدٍ ﴿٣١﴾

هو چوندي ڇا ڪجهه ٻيو به آهي؟ ۽ پرهيزگارن جي لاءِ جنت ويجهو ڪري ڇڏي ويندي، (اها ڪائنڪ) پري نہ هوندي.

COPYRIGHT IS FOUNDATION WITH RESERVED SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL AND CRIMINAL ACTION.

هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِكُلِّ اَوَّابٍ حَفِيْظٍ ﴿٣٢﴾

(چيو ويندو) هيءَ آهي اها (جنت) جنهن جو توهان سان وعدو ڪيو ويندو هو، هر موٽندڙ (۽ دين جي) حفاظت ڪرڻ واري جي لاءِ.

مَنْ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ وَجَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِيْبِ ﴿٣٣﴾ ۙ اِدْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ ؕ

جيڪو رحمٰن کي بغير ڏٺي ڊجندو رهيو، (الله ڏانهن) رجوع ڪرڻ واري دل ساڻ ڪري آيو. (چيو ويندو هن (جنت) ۾ سلامتيءَ سان داخل ٿي وڃو،

ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُلُوْدِ ﴿٣٤﴾ لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ فِيْهَا وَلَدَيْنَا مَزِيْدٌ ﴿٣٥﴾

هي هميشہ رهڻ وارو ڏينهن آهي. انهن جي لاءِ (جنت ۾) سڀ ڪجهہ هوندو جيڪو هو گهرندا، ۽ اسان وٽ ٻيو گهڻو ڪجهہ آهي.

وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَشَدُّ مِنْهُمْ بَطْشًا فَنَقَّبُوْا فِي الْبِلَادِ ؕ

۽ اسان ڪائنڪ پهريان ڪيترين ئي قومن تباهہ ڪري ڇڏيون، جيڪي طاقت ۾ ڪائنڪ تمام گهڻيون هيون، تہ هو (ڳولا ۾) شهرن ۾ ڦرندا رهيا،

هَلْ مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿٣٦﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ اَوْ اَلْقَى السَّمْعَ وَهُوَ شَهِيْدٌ ﴿٣٧﴾

تہ ڪٽي پناهہ جي جڳهہ ملي. يقيناً ان ۾ نصيحت آهي، ان شخص جي لاءِ جيڪو دل رکندڙ هجي، يا ڪن لڳائي ٻڌندو هجي ۽ هو حاضر هجي (دل ۽ دماغ سان).

وَلَقَدْ خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ۖ وَّمَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوْبٍ ﴿٣٨﴾

۽ يقيناً اسان پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمينن کي، ۽ انهن جي وچ ۾ جيڪو ڪجهہ آهي، ڇهن ڏينهن ۾، ۽ اسان کي ڪنهن بہ قسم جو ٿڪ نہ ٿيو.

فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَقَبْلَ الْغُرُوْبِ ﴿٣٩﴾ ۚ

تہ ان تي صبر ڪيو جيڪو ڪافر چون ٿا، ۽ پنهنجي رب جي حمد سان گڏ تسبيح ڪيو، سج اڀرڻ کان پهريان، ۽ لهڻ کان پهريان.

وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَاَدْبَارَ السُّجُوْدِ ﴿٤٠﴾ وَاسْتَمِعْ يَوْمَ يُنَادِ الْمُنَادِ

۽ رات جي وقتن ۾ بہ ان جي تسبيح ڪيو، ۽ سجدن (نماز) کان پوءِ بہ. ۽ توجهہ سان ٻڌو جنهن ڏينهن پڪارڻ وارو پڪاريندو،

مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍ ﴿٤١﴾ ۙ يَّوْمَ يَسْمَعُوْنَ الصَّيْحَةَ بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُرُوْجِ ﴿٤٢﴾

ويجهيءَ جڳهہ تان. جنهن ڏينهن ماڻهو حق سان گڏ سخت رڙ (جو آواز) ٻڌندا، اهو قبرن مان نڪرڻ جو ڏينهن هوندو.

اِنَّا نَحْنُ نُحْيٖ وَنُمِيْتُ وَاِلَيْنَا الْمَصِيْرُ ﴿٤٣﴾ ۙ يَوْمَ تَشَقَّقُ الْاَرْضُ عَنْهُمْ

بيشڪ اسان ئي زنده ڪندا آهيون ۽ اسان ئي ماريندا آهيون، ۽ اسان ڏانهن ئي واپس اچڻو آهي. جنهن ڏينهن زمين انهن تان ڦاٽي پوندي،

سِرَاعًا ؕ ذٰلِكَ حَشْرٌ عَلَيْنَا يَسِيْرٌ ﴿٤٤﴾ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِجَبَّارٍ ۣ قف

هو جلدي جلدي ٻاهر نڪري پوندا، هي جمع ڪرڻ اسان جي لاءِ آسان آهي. اسان کي خوب معلوم آهي جيڪو هي چوندا آهن، ۽ توهان انهن تي جبر ڪرڻ وارا نہ آهيو،

فَذَكِّرْ بِالْقُرْاٰنِ مَنْ يَّخَافُ وَعِيْدِ ﴿٤٥﴾ ع

ع 3 16

تہ توهان نصيحت ڪيو قرآن جي ذريعي، ان کي جيڪو منهنجي عذاب جي خوف کان ڊڄي ٿو.

COPYRIGHT © BRIGHT EDUCATION
SALE OF THIS BOOK IS STRICTLY PROHIBITED
DETAIL CONTACT ON 021-34555555

علم ۽ عمل جون گالهيون

١. مشرڪ الله ﷻ جي ڪتاب قرآن حڪيم ۽ آخرت ۾ ٻيهر زنده ٿيڻ تي ايمان آڻڻ بجاءِ ان تي اعتراض ڪندا هئا. (سورة قٓ، آيت: ١ کان ٤)

٢. جنهن الله ﷻ آسمان ٻڌايو، ان کي ستارن سان سجايو. زمين کي وڇايو. ان تي پهاڙن کي ٻيهاريو. آسمان مان پاڻي وسايائين ۽ زمين مان اناج، فروٽ ۽ سبزيون پيدا ڪيائين. اهو الله ﷻ قيامت جي ڏينهن انسانن کي ٻيهر زنده ڪندو. (سورة قٓ، آيت: ٦ کان ١١)

٣. انبياء ڪرام عليهم السلام کي ڪوڙو ڪرڻ واريون قومون الله ﷻ جي عذاب جون مستحق ٿي وڃن ٿيون. (سورة قٓ، آيت: ١٢ کان ١٤)

٤. الله ﷻ انسان جي دل ۾ اچڻ واري هر خيال کان واقف آهي ۽ الله ﷻ انسان کي ساهه جي رڳ کان به ويجهو آهي. (سورة قٓ، آيت: ١٦)

٥. انسان جيڪو لفظ به وات مان ڪڍون ٿا ۽ جيڪو به عمل ڪيون ٿا فرشتا (ڪرامن ڪاتبين) ان کي لکندا رهن ٿا. انسان جي هر نندي وڏي ڳالهه انسان جي اعمال نامي ۾ محفوظ ڪئي ٿي وڃي. (سورة قٓ، آيت: ١٧ کان ١٨)

٦. موت اچڻو آهي، موت کان بچڻ ممڪن ئي ناهي. (سورة قٓ، آيت: ١٩)

٧. قيامت جي ڏينهن هڪ فرشتو انسان کي گهليندو ميدان حشر ۾ آڻيندو ۽ ٻيو فرشتو انسان جي عملن جي مٿان گواهي ڏيندو. (سورة قٓ، آيت: ٢٠، ٢١)

٨. ڪفر، سرڪشي، نيڪي کان روڪڻ، حد کان وڌي وڃڻ، دين ۾ شڪ ڪرڻ ۽ شرڪ ڪرڻ جهنم وارن جا ڏوهه آهن. (سورة قٓ، آيت: ٢٤ کان ٢٦)

٩. الله ﷻ ڏانهن رجوع ڪرڻ، حقوق الله ۽ حقوق العباد جي حفاظت ڪرڻ، الله ﷻ کان ڊڄڻ ۽ الله ﷻ ڏانهن رجوع ڪرڻ واري دل رکڻ پرهيزگارن جون صفتون آهن. (سورة قٓ، آيت: ٣٢، ٣٣)

١٠. قرآن حڪيم مان فائدو اهي ماڻهو وٺي سگهن ٿا جيڪي الله ﷻ جي عذاب کان ڊڄندا آهن. (سورة قٓ، آيت: ٤٥)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. قرآن حڪيم ۾ ڪل ڪيترين منزلون آهن؟
(الف) ڇهه (ب) ست (ج) اٺ

٢. سورت جي پهرئين رڪوع ۾ ڪيترين قومن جو ذڪر آهي، جنهن پنهنجي انبياء ڪرام عليهم السلام کي ڪوڙو سمجهيو؟
(الف) ٻن (ب) ڇهن (ج) اٺن

٣. قيامت جي ڏينهن هر انسان سان ڪهڙا ٻه فرشتا هوندا؟
(الف) جبرائيل عليه السلام اسرافيل عليه السلام (ب) هاروت عليه السلام ۽ ماروت عليه السلام (ج) هڪڙو وارو گواهي ڏيڻ وارو

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IMF FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK IS CRIMINAL ACTION. ESSENTIAL CIVIL

۴. قيامت جي ڏينهن جڏهن اللهﷻ جهنم کان پڇندو ته تون پرجي وئي آهين؟ ته جهنم کهڙو جواب ڏيندي؟
(الف) مان پرجي ويس (ب) مان نه پري آهيان (ج) چا ڪجهه ٻيو به آهي.

۵. سورة جي آخر ۾ نبي ڪريمﷺ کي قرآن حڪيم جي ذريعي نصيحت ڪرڻ جو حڪم ڪهڙن ماڻهن جي لاءِ ڏنو ويو آهي؟
(الف) آخرت کان غفلت ڪرڻ وارن لاءِ (ب) اللهﷻ جي عذاب کان ڊڄڻ وارن لاءِ
(ج) آخرت جي عذاب کان بي خوف رهڻ وارن لاءِ

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. پهرئين رڪوع ۾ رسالت ۽ آخرت جي باري ۾ مڪي جي مشرڪن جي ڪهڙن اعتراضن جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

۲. پهرئين رڪوع ۾ مينهن جا ڪهڙا فائدا بيان ڪيا ويا آهن؟

۳. پهرئين رڪوع ۾ جهنم وارن جا ڪهڙا گناهه بيان ڪيا ويا آهن؟

۴. ٽيئن رڪوع جي روشني ۾ قرآن حڪيم مان نصيحت حاصل ڪرڻ جا شرط بيان ڪيو.

۵. ٽيئن رڪوع ۾ ڪهڙن وقتن ۾ تسبيح ڪرڻ جو حڪم آهي؟

سوال ۳ هيٺ ڏنل لفظن مطابق انهن سان متعلق آيتن جا نمبر لکو:

نمبرشمار	لفظ	آيت نمبر
۱	رجوع ڪرڻ واري دل	
۲	ساهه جي رڳ	
۳	سخت رڙ	
۴	زمين، جبل ۽ وڻندڙ شيون	
۵	ڊگهيون ڊگهيون کجيون	

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.



گھرو ڪم

❁ هيٺ ڏنل چارٽ ۾ ستن منزلن جي تفصيل لکو.

نمبر شمار	منزل	شروعات	پڄاڻي
١	پهرين	سورة الفاتحه	سورة النساء
٢			
٣			
٤			
٥			
٦			
٧			

❁ اڪيلائيءَ ۾ ويهي هڪ هفتي تائين روز پنهنجي سٽن يا برن عملن جي هڪڙي ٽيبل تيار ڪري پنهنجو جائزو ونو، بهتر ٽيڊ جي منصوبه بندي ڪيو، پنهنجي گهر وارن کي ڏيکاريو ۽ بهتريءَ لاءِ انهن جي مشورن تي عمل ڪيو.

❁ فرض نمازن کان پوءِ ڪجهه مسنون ذڪر ڪنهن علم واري کان حوالا معلوم ڪري ترتيب سان لکو:

مسنون ذڪر

صحيح استاد ۽ تاريخ _____

صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:٨ سُوْرَةُ الذَّارِيَات (سورت نمبر: ٥١، ڪل رڪوع :٣، ڪل آيتون:٦٠)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ نازل ٿي. هي اهو زمانو هو جڏهن (معاذ الله) پاڻ ﷺ جي توحيد جي دعوت جي مخالفت ۾ مڪي جي قريش طرفان ڪوڙا الزام لڳايا ويا. هن سورة جا مضمون ۽ ان کان پهرين سورة قٓ جا مضمون هڪ جهڙا آهن.

ذرڙن ۽ ٻاڦ اڏارڻ وارين هوائن کي "ذاريات" چوندا آهن. شروع ۾ الله ﷻ هوائن جا قسم بيان ڪري قيامت جو يقين ڏياريو آهي. پوءِ قيامت جو انڪار ڪرڻ وارن جي مذمت ڪئي وئي آهي. جنت وارن جون صفتون ۽ سٺي انجام جو ذڪر آهي. پرهيزگارن جي لاءِ الله ﷻ جي خاص رحمت ۽ عطاء ۽ اُنهن جي عظيم صفتن جو بيان آهي، جنهن کي اپنائڻ جي ڪري اُهي هن ڪاميابي کان مشرف ٿيا حضرت ابراهيم عليه السلام جو شان مهمان نوازي ۽ انهن کي فرشتن جي طرفان هڪ صاحبِ علم ڇوڪري جي خوش خبري جو ذڪر آهي، نافرمان قومون يعني حضرت لوط عليه السلام جي قوم، آل فرعون، عاد، ثمود، ۽ حضرت نوح عليه السلام جي قوم جو عبرت ناڪ انجام بيان ڪيو ويو آهي. پوءِ ٻڌايو ويو آهي ته جنن ۽ انسانن جي تخليق جو مقصد الله ﷻ جي عبادت آهي. آخر ۾ نافرمانن جي لاءِ تباهي جي بري خبر ڏني وئي آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

وَالذّٰرِيٰتِ ذَرْوًا ۙ﴿١﴾ فَالْحٰمِلٰتِ وِقْرًا ۙ﴿٢﴾

قسم آهي انهن هوائن جو جيڪي (ڌوڙ) اڏارڻ واريون آهن. پوءِ انهن هوائن جو جيڪي (ڪڪرن جو) وزن کڻڻ واريون آهن.

فَالْجٰرِيٰتِ يُسْرًا ۙ﴿٣﴾ فَالْمُقَسِّمٰتِ اَمْرًا ۙ﴿٤﴾

پوءِ انهن (ٻيڙين) جو جيڪي آسانيءَ سان هلنديون آهن. پوءِ (انهن فرشتن جو) جيڪي (حڪم الاهي سان) ڪم کي تقسيم ڪرڻ وارا آهن.

اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَصَادِقٌ ۙ﴿٥﴾ وَّاِنَّ الدِّيْنَ لَوَاقِعٌ ؕ﴿٦﴾ وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْحُبُكِ ۙ﴿٧﴾

(آخرت جو) جيڪو واعدو توهان سان ڪيو ٿو وڃي اهو يقيناً سچو آهي. ۽ يقيناً بدلي (جو ڏينهن) ٿيڻو آهي. ۽ رستن واري آسمان جو قسم.

اِنَّكُمْ لَفِيْ قَوْلٍ مُّخْتَلِفٍ ۙ﴿٨﴾ يُّؤْفَكُ عَنْهُ مَنْ اُفِكَ ؕ﴿٩﴾

يقيناً توهان مختلف ڳالهين ۾ پيل آهيو. هن (حق) کان اهو ئي ڦرندو آهي جنهن کي ڦيريو وڃي.

قُتِلَ الْخَرّٰصُوْنَ ۙ﴿١٠﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ غَمْرَةٍ سَاهُوْنَ ۙ﴿١١﴾ يَسْـَٔلُوْنَ اَيَّانَ يَوْمُ الدِّيْنِ ؕ﴿١٢﴾

تباهه ٿي وڃن ڪوڙا اندازا لڳائڻ وارا. جيڪي غفلت ۾ پئجي (وڏي حق کي) وساريون ويٺا آهن. اهي پڇن ٿا: بدلي جو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو؟.

يَوْمَ هُمْ عَلَى النَّارِ يُفْتَنُوْنَ ﴿١٣﴾ ذُوْقُوْا فِتْنَتَكُمْ ؕ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿١٤﴾

ان ڏينهن جڏهن اهي باهه ۾ ساڙيا ويندا. (چيو ويندو) چڪو! پنهنجي عذاب جو مزو، اهو ئي (عذاب) آهي جيڪو توهان جلدي گهرندا هئا.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ۙ﴿١٥﴾ اٰخِذِيْنَ مَآ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ؕ

بيشڪ پرهيزگار جنتن ۽ چشمن ۾ هوندا. جيڪو ڪجهه سندن رب کين عطا ڪندو اهو وٺي رهيا هوندا،

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION. ENTAIL CIVIL &

اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُحْسِنِيْنَ ﴿١٦﴾ كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ ﴿١٧﴾ وَبِالْاَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿١٨﴾

بيشڪ اهي هن کان اڳ نيڪ عمل ڪرڻ وارا هئا. اهي رات جو گهٽ سمهندا هئا. ۽ اهي سحري جي وقت استغفار ڪندا هئا.

وَفِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ﴿١٩﴾ وَفِي الْاَرْضِ اٰيٰتٌ لِّلْمُوْقِنِيْنَ ﴿٢٠﴾

۽ انهن جي مال ۾ سوال ڪرڻ وارن ۽ محتاجن جو حق هوندو هو. ۽ يقين رکڻ وارن جي لاءِ زمين ۾ نشانيون آهن.

وَفِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ؕ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٢١﴾ وَفِي السَّمَآءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوْعَدُوْنَ ﴿٢٢﴾

۽ توهان جي ذات ۾ به (نشانيون آهن)، ته ڇا توهان ڏسو نٿا؟ ۽ توهان جو رزق ۽ جنهن (شيءِ) جو توهان سان وعدو ڪيو ويو آهي (سڀ) آسمان ۾ آهي.

ع 1 23 فَوَرَبِّ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ مِّثْلَ مَآ اَنَّكُمْ تَنْطِقُوْنَ ﴿٢٣﴾ هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ الْمُكْرَمِيْنَ ﴿٢٤﴾

ته آسمان۽ زمين جي رب جوقسم، يقيناً هي۽ ڳالهه سچي آهي، جيئن ته توهان چوٿا ڇا توهان وٽ ابراهيم(عليه السلام) جي معزز مهمانن جي خبر آئي آهي.؟

اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ ۚ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿٢٥﴾

جڏهن اهي فرشتا وٽس آيا ته انهن سلام ڪيو، (ابراهيم عليه السلام) به سلام ڪيو، (۽ دل ۾ سوچيو ته هي) ڪي اجنبي ماڻهو آهن.

فَرَاغَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ فَجَآءَ بِعِجْلٍ سَمِيْنٍ ﴿٢٦﴾ فَقَرَّبَهٗٓ اِلَيْهِمْ

پوءِ خاموشيءَ سان پنهنجي گهر وارن ڏانهن ويو، پوءِ هڪ (ڀڳل) ٽلهو چيلهڙو ڪڍي آيو. پوءِ ان کي انهن (مهمانن) جي سامهون رکيائين،

قَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٢٧﴾ فَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا تَخَفْ ؕ

چيائين: ڇا توهان کائو ڪونه ٿا؟ پوءِ ان سندن (نه کائڻ) کان دل ۾ خوف محسوس ڪيو، (ته فرشتن) چيو: توهان گهبرايو نه،

وَبَشَّرُوْهُ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ ﴿٢٨﴾ فَاَقْبَلَتِ امْرَاَتُهٗ فِيْ صَرَّةٍ فَصَكَّتْ وَجْهَهَا

۽ انهن (ابراهيم عليه السلام) کي هڪ علم واري نيٽگر جي خوشخبري ڏني. پوءِ ان جي زال زور سان ڳالهائيندي آئي، ته ان (حيرت مان) هٿ ٻنهنجي منهن تي رکي،

وَقَالَتْ عَجُوْزٌ عَقِيْمٌ ﴿٢٩﴾ قَالُوْا كَذٰلِكِ ۙ قَالَ رَبُّكِ ؕ

چيائين ته (ڇا) هڪ پوڙهي سنڊ (کي اولاد ٿيندي)؟ (فرشتن) چيو: توهان جي رب ائين چيو آهي،

اِنَّهٗ هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٠﴾ قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣١﴾

بيشڪ اهو ئي وڏي حڪمت وارو وڏي علم وارو آهي. (ابرهيم عليه السلام) چيو توهان جو مقصد ڇا آهي؟ اي موڪليل (فرشتو!)

قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٢﴾ لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ طِيْنٍ ﴿٣٣﴾

(فرشتن) چيو بيشڪ اسان (لوط عليه السلام جي) مجرم قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون. ته اسان انهن تي (پڪي) مٽيءَ جا پٿر وسايون.

COPYRIGHT © RESERVED WITH SALE OF THIS BOOK IS STRICTLY PROHIBITED. DETAIL CITATION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣٤﴾ فَاَخْرَجْنَا مَنْ كَانَ فِيْهَا مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣٥﴾ ج

(جيڪي) توهان جي رب جي طرفان حد کان لنگهڻ وارن لاءِ نشان لڳل آهن. پوءِ ان (ڳوٺ) ۾ جيڪو به ايمان وارن مان هو اسان ان کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

فَمَا وَجَدْنَا فِيْهَا غَيْرَ بَيْتٍ مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٦﴾ ج وَتَرَكْنَا فِيْهَآ اٰيَةً

پوءِ اسان ان (ڳوٺ) ۾ مسلمانن جي هڪ گهر کان سواءِ (ڪو ٻيو گهر) نه ڏٺو. ۽ اسان ان ۾ هڪ نشاني ڇڏي ڏني،

لِّلَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٣٧﴾ ط وَفِيْ مُوْسٰٓى

انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي دردناڪ عذاب کان ڊڄن ٿا. ۽ موسيٰ(عليه السلام) (جي واقعي) ۾ (به نشاني آهي)

اِذْ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى فِرْعَوْنَ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾ فَتَوَلّٰى بِرُكْنِهٖ وَقَالَ سٰحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٣٩﴾

جڏهن اسان کيس واضح دليل سان فرعون ڏانهن موڪليو. ته ان پنهنجي طاقت جي زور تي منهن موڙي ورتو، ۽ چيو (هي ته) جادوگر يا مجنون آهي.

فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿٤٠﴾ ط

ته اسان ان کي ۽ سندس لشڪرن کي پڪڙي ورتو، پوءِ انهن کي سمنڊ ۾ اڇلي ڇڏيو، ۽ هو (پنهنجو پاڻ کي) ملامت ڪرڻ وارو هو.

وَفِيْ عَادٍ اِذْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الرِّيْحَ الْعَقِيْمَ ﴿٤١﴾ ج مَا تَذَرُ مِنْ شَيْءٍ

۽ (قوم) عاد (جي واقعي) ۾ (به نشاني آهي) جڏهن اسان انهن تي خير کان خالي طوفان موڪليو. (جيڪو) ڪنهن شيءِ کي نه ڇڏيندو،

اَتَتْ عَلَيْهِ اِلَّا جَعَلَتْهُ كَالرَّمِيْمِ ﴿٤٢﴾ ط وَفِيْ ثَمُوْدَ

اهو جنهن شئي تان به گذرندو ته ان کي ڳريل هڏيءَ وانگر (ذرا ذرا) ڪرڻ کان سواءِ نه ڇڏيندو. ۽ (قوم) ثمود (جي واقعي) ۾ (به نشاني آهي)

اِذْ قِيْلَ لَهُمْ تَمَتَّعُوْا حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٤٣﴾ فَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ ﴿٤٤﴾

جڏهن کين چيو ويو ته هڪ وقت تائين فائدو وٺو. ته انهن پنهنجي رب جي حڪم کان سرڪشي ڪئي، ته کين سخت ڪڙڪي اچي ورتو ۽ انهن ويٺي ڏٺو.

فَمَا اسْتَطَاعُوْا مِنْ قِيَامٍ وَّمَا كَانُوْا مُنْتَصِرِيْنَ ﴿٤٥﴾ لا وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ط

پوءِ انهن بيهڻ جي طاقت به نه رکهي سگهي، ۽ نه ئي بدلو وٺڻ وارا هئا. ۽ انهن کان اڳ نوح(عليه السلام) جي قوم کي (به تباهه ڪيو ويو)،

اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٤٦﴾ ع وَالسَّمَآءَ بَنَيْنٰهَا بِاَيْيْدٍ وَّاِنَّا لَمُوْسِعُوْنَ ﴿٤٧﴾

بيشڪ هو نافرمان ماڻهو هئا. ۽ آسمان کي اسان (پنهنجي) هٿن (پنهنجي طاقت) سان بڻايو، ۽ يقيناً اسان ئي وسعت ڏيندڙ آهيون.

وَالْاَرْضَ فَرَشْنٰهَا فَنِعْمَ الْمٰهِدُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَمِنْ كُلِّ شَيْءٍ خَلَقْنَا زَوْجَيْنِ

۽ زمين کي اسان فرش بڻايو، ته اسان ڪيترو سٺا وڇائڻ وارا آهيون. ۽ اسان هر شيءِ جا جوڙا پيدا ڪيا،

لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٩﴾ فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ ط اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٥٠﴾ ج

ته جيئن توهان نصيحت حاصل ڪيو. ته توهان الله ڏانهن (اطاعت) ڊوڙي اچو، بيشڪ مان ان جي طرفان توهان کي چٽو ڊيڄاريندڙ آهيان.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILLUSTRATION BOOK WOULD SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

اھم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

وَلَا تَجْعَلُوْا مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ؕ اِنِّیْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ۙ﴿۵۱﴾

۽ الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي معبود نہ ٺاهيو، بيشڪ مان ان طرفان توهان کي چٽو ڊڄاريندڙ آهيان.

كَذٰلِكَ مَاۤ اَتَى الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا قَالُوْا سَاحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ۙ﴿۵۲﴾

انهيءَ طرح انهن کان اڳ ماڻهن ڏانهن جڏهن بہ کي رسول آيا، تہ انهن (بہ اهو) چيو (تہ هي) جادوگر يا مجنون آهي.

اَتَوَاصَوْا بِهٖ ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ۚ﴿۵۳﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ

ڇا هو ماڻهو هڪ ٻئي کي ان (ڳالهہ) جي وصيت ڪندا رهيا، (نہ) بلڪ اهي سرڪش ماڻهو هئا. تہ توهان انهن کان منهن موڙي ڇڏيو،

فَمَاۤ اَنْتَ بِمَلُوْمٍ ﴿۵۴﴾ وَّذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰی تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۵۵﴾

تہ توهان تي ڪابہ ملامت نہ آهي. ۽ توهان نصيحت ڪندا رهو تہ بيشڪ نصيحت مومنن کي فائدو ڏيندي آهي.

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِیَعْبُدُوْنِ ﴿۵۶﴾ مَاۤ اُرِیْدُ مِنْهُمْ مِّنْ رِّزْقٍ

۽ مون جنن ۽ انسانن کي صرف ان لاءِ پيدا ڪيو تہ هو منهنجي عبادت ڪن. مان انهن کان ڪو رزق نٿو گهران،

وَّمَاۤ اُرِیْدُ اَنْ یُّطْعِمُوْنِ ﴿۵۷﴾ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِیْنُ ﴿۵۸﴾

۽ نہ مان اهو چاهيان ٿو تہ هو مونکي کارائن. بيشڪ الله ئي سيني کان وڌيڪ رزق ڏيڻ وارو وڏو طاقت وارو مضبوط آهي.

فَاِنَّ لِلَّذِیْنَ ظَلَمُوْا ذَنُوْبًا مِّثْلَ ذَنُوْبِ اَصْحٰبِهِمْ

تہ بيشڪ جنهن ظلم ڪيو ان جي لاءِ (عذاب جو) اهڙو ئي حصو آهي جهڙو انهن جي (ڪَڏريل) ساٿين جو حصو هو،

فَلَا یَسْتَعْجِلُوْنِ ﴿۵۹﴾ فَوَیْلٌ لِّلَّذِیْنَ كَفَرُوْا

تہ هو مونکان (عذاب جي) جلدي نہ ڪن. تہ تباهي آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جن ڪفر ڪيو،

مِنْ یَّوْمِهِمُ الَّذِیْ یُوْعَدُوْنَ ﴿۶۰﴾ ع

انهن جي ان ڏينهن (جي عذاب) کان جنهن جو انهن سان وعدو ڪيو ويو آهي.

ع 3 14

COPYRIGHT © RESERVED WITH THE FOUNDATION.
SALE OF THIS BOOK IS STRICTLY PROHIBITED.
UNDER CIVIL & CRIMINAL LAW.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. آخرت جي باري ۾ غلط اندازو لڳائي ان جي تياري کان غافل رهڻ جهنم ۾ وڃڻ جو سبب آهي. (سورة الذاريات، آيت:١٠ کان ١٣)

٢. نيڪ عمل ڪرڻ، رات ۾ عبادت ڪرڻ، مغفرت گهرڻ، ضرورت مندن تي خرچ ڪرڻ ۽ الله ﷻ جي نشانين ۾ غورفڪر ڪرڻ پرهيزگارن جون صفتون آهن انهن ماڻهن کي الله ﷻ جنت جي نعمتن ۽ خاص عنايتن سان مالامال ڪندو. (سورة الذاريات، آيت: ١٥ کان ٢٠)

٣. انسان جو پنهنجو وجود به الله ﷻ جي قدرت جي وڏي نشاني آهي. (سورة الذاريات، آيت: ٢١)

٤. ملاقات جي موقعي جو هڪ ادب هيءُ آهي ته گفتگوجي شروعات سلام سان ڪئي وڃي. (سورةالذاريات، آيت:٢٥)

٥. الله ﷻ ئي ڪائنات کي پيدا فرمايو ۽ الله ﷻ ئي ان کي پکيڙ عطا فرمائي رهيو آهي. (سورة الذاريات، آيت: ٤٧)

٦. الله ﷻ پنهنجي حڪمت سان هر شيءِ کي جوڙي جي صورت ۾ ٺاهيون آهي جنهن ۾ غورفڪر ڪرڻ جو سامان موجود آهي. (سورة الذاريات، آيت: ٤٩)

٧. انسان کي الله ﷻ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڊوڙڻ گهرجي. (سورة الذاريات، آيت: ٥٠)

٨. نصيحت ڪرڻ ايمان وارن لاءِ فائدي مند آهي. (سورة الذاريات، آيت: ٥٥)

٩. جنن ۽ انسانن جي تخليق جو مقصد صرف الله ﷻ جي عبادت ڪرڻ آهي. (سورة الذاريات، آيت:٥٦)

١٠. انسان سڀني جو رازق الله ﷻ آهي. جيڪو وڏي قوت وارو آهي. (سورة الذاريات، آيت: ٥٨)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. الله ﷻ سورة جي شروعات ۾ ڪهڙي حقيقت واضح ڪرڻ لاءِ قسمَ بيان فرمايا آهن؟
(الف) مينهن جي نعمت جي لاءِ (ب) طوفان جي عذاب جي لاءِ (ج) قيامت جي ڏينهن جي لاءِ

٢. فرشتن حضرت ابراهيم عليه السلام جي گهر داخل ٿيندي ئي چا ڪيو؟
(الف) ماني کاڌي (ب) سلام ڪيو (ج) پٽ جي خوش خبري ڏني.

٣. فرشتا حضرت ابراهيم عليه السلام وٽان ڪاڏي ويا؟
(الف) حضرت لوط عليه السلام جي قوم ڏانهن (ب) قوم عاد ڏانهن (ج) قوم ثمود ڏانهن

٤. عاد جي قوم تي الله ﷻ ڪهڙو عذاب موڪليو؟
(الف) پاڻي جو طوفان (ب) طوفان جو عذاب (ج) زلزلي جو عذاب.

٥. جنن ۽ انسانن کي الله ﷻ چو پيدا ڪيو آهي؟
(الف) پڙهڻ لاءِ (ب) ڪاروبار لاءِ (ج) عبادت جي لاءِ.

COPYRIGHTS® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION
SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL CIVIL ACTION.

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. پهرئين رڪوع ۾ متقين جون ڪهڙيون صفتون بيان ڪيون ويون آهن؟

۲. ٻئي رڪوع ۾ ڪهڙين قومن جو ذڪر آهي؟

۳. حضرت موسيٰ عليه السلام تي آل فرعون ڪهڙا الزام لڳايا؟

۴. آيت نمبر ۵۰ ۾ حڪم ڏنو ويو ته " الله تعالىٰ ڏانهن ڊوڙيو " ان تي ڪيئن عمل ڪيو ويو؟

۵. عبادت مان ڇا مراد آهي؟

سوال ۳ هيٺ ڏنل آيت نمبر سان تعلق رکندڙ لفظن کي ليڪ ڏئي ملايو:

نمبر شمار	الف	ب
۱	رات جو تمام گهٽ سمهڻ	آيت: ۵۸
۲	رزق ڏيڻ وارو	آيت: ۷
۳	حد کان وڌڻ وارو	آيت: ۴۶
۴	قوم نوح عليه السلام	آيت: ۳۴
۵	رستن وارو آسمان	آيت: ۱۷

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.



گھرو ڪم

- هڪ فهرست ناهيو، ته اسان ڪهڙن ڪهڙن طريقن سان الله ﷻ جي عبادت ڪري سگهون ٿا؟
- آسمان تي نظر اچڻ وارين الله ﷻ جي قدرت جي نشانين جي هڪ فهرست ناهيو.

- ملاقات جا آداب تحرير ڪيو.

ملاقات جا آداب

نبي ڪريم ﷺ فرمايو "ملاقات جي وقت پهريائين سلام ڪرڻ گهرجي ۽ ان کان پوءِ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي سلام ڪرڻ کان پهريائين ڳالهه شروع ڪرڻ سنو لچڻ ناهي" (ترمذي شريف)

صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:٩ سُوْرَةُ الطُّوْر

(سورت نمبر: ٥٢، ڪل رڪوع :٢، ڪل آيتون:٤٩)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ ان زماني ۾ نازل ٿي، جنهن ۾ سورة الذّاريات نازل ٿي هئي. ان دور ۾ نبي ڪريم ﷺ جي مخالفت ۾ الزامن ۽ اعتراضن جو وسڪارو هو. "طور" اهو جبل آهي، جنهن تي الله ﷻ حضرت موسىٰ عليه السلام سان ڪلام فرمايو هو. ان سورة ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ته قيامت جو ڏينهن ضرور ايندو. ان ڏينهن نافرمان الله ﷻ جي عذاب ۾ هوندا، جڏهن ته فرمانبردار الله ﷻ جي نعمتن ۾ هوندا. هن سورة ۾ توحيد،رسالت ۽ آخرت جي باري ۾ مشرڪن جا اعتراض ۽ انهن جا جواب ڏنا ويا آهن ۽ انهن کي عذاب پهچڻ جي خبر ڏني وئي آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

وَالطُّوْرِ ۙ﴿١﴾ وَكِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ ۙ﴿٢﴾ فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ ۙ﴿٣﴾ وَّالْبَيْتِ الْمَعْمُوْرِ ۙ﴿٤﴾ وَالسَّقْفِ الْمَرْفُوْعِ ۙ﴿٥﴾

(جبل) طور جو قسم آهي. ۽ لکيل ڪتاب جو قسم آهي. جيڪو کليل صحيفن ۾ آهي. ۽ بيت معمور جو قسم. بلند ڇت جو قسم.

وَالْبَحْرِ الْمَسْجُوْرِ ۙ﴿٦﴾ اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ۙ﴿٧﴾ مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ۙ﴿٨﴾ يَّوْمَ تَمُوْرُ السَّمَآءُ مَوْرًا ۙ﴿٩﴾

اُبرندڙ سمنڊ جو قسم. يقيناً توهان جي رب جو عذاب ضرور واقع ٿيڻ وارو آهي. ان کي ڪوئي روڪڻ وارو نه آهي. جنهن ڏينهن آسمان لڏي ۽ ڏڪي ويندو.

وَّتَسِيْرُ الْجِبَالُ سَيْرًا ؕ﴿١٠﴾ فَوَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ۙ﴿١١﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ خَوْضٍ يَّلْعَبُوْنَ ۘ﴿١٢﴾

۽ جبل وڏي تيزي سان هلندا. ته ان ڏينهن ڪوڙو ڪرڻ وارن لاءِ تباهي آهي. جيڪي بيڪار ڳالهين ۾ کيڏي رهيا آهن.

يَوْمَ يُدَعُّوْنَ اِلٰى نَارِ جَهَنَّمَ دَعًّا ؕ﴿١٣﴾ هٰذِهِ النَّارُ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٤﴾

جنهن ڏينهن انهن کي ڌڪا ڏئي جهنم جي باهه ۾ اڇليو ويند.(چيو ويندو) هيءَ آهي اها باهه جنهن کي توهان ڪوڙو ڀائيندا هئا.

اَفَسِحْرٌ هٰذَآ اَمْ اَنْتُمْ لَا تُبْصِرُوْنَ ۚ﴿١٥﴾ اِصْلَوْهَا فَاصْبِرُوْٓا اَوْ لَا تَصْبِرُوْا ۚ سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ ؕ

ته ڇا اهو جادو آهي، يا توهان ڏسو نٿا؟ توهان ان (جهنم) ۾ سڙو، پوءِ توهان صبر ڪيو يا صبر نه ڪيو، توهان جي لاءِ برابر آهي،

اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّنَعِيْمٍ ۙ﴿١٧﴾

توهان کي انهن ڪمن جو بدلو ڏنو ويندو، جيڪي توهان ڪندا هئا. بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ نعمتن ۾ هوندا.

فٰكِهِيْنَ بِمَآ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ۚ وَوَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿١٨﴾

جيڪي(نعمتون)انهن جورب کين عطا ڪندو،انهن مان لطف اندوزٿي رهيا هوندا،۽ انهن جورب کين جهنم جي عذاب کان محفوظ فرمائيندو.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH SALE OF THIS BOOK WOULD CONFIDENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٩﴾

(چيو ويندو) خوب مزي سان کائو ۽ پيو، انهن عملن جي بدلي ۾ جيکي توهان ڪندا هئا.

مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى سُرُرٍ مَّصْفُوْفَةٍ ۚ وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿٢٠﴾

هو قطارن ۾ وڇايل تختن تي وهاڻا لڳايون ويٺا هوندا، ۽ اسان وڏين وڏين اکين وارين حورن سان انهن جو نڪاح ڪري ڇڏيندا سين.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ

۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن جي اولاد به ايمان ۾ انهن جي پيروي ڪئي، ته اسان ان جي اولاد کي انهن سان گڏ شامل ڪنداسين،

وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ ۭ كُلُّ امْرِئٍۢ بِمَا كَسَبَ رَهِيْنٌ ﴿٢١﴾ وَاَمْدَدْنٰهُمْ بِفَاكِهَةٍ وَّ لَحْمٍ

۽ انهن جي عملن ۾ ڪا به گهٽتائي نه ڪنداسين، هر شخص پنهنجي عمل جي بدلي گروي آهي. ۽ اسان انهن کي خوب عطا ڪنداسين، ميوا ۽ گوشت،

مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٢٢﴾ يَتَنَازَعُوْنَ فِيْهَا كَاْسًا

ان مان جيڪو هو گهرندا. ان (جنت) ۾ هڪ ٻئي کان (دوستيءَ طور) جهپي (شراب جا) پيالا ونڊي رهيا هوندا،

لَّا لَغْوٌ فِيْهَا وَلَا تَاْثِيْمٌ ﴿٢٣﴾ وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ غِلْمَانٌ لَّهُمْ

جنهن ۾ نه ڪا بيڪار ڳالهه هوندي، ۽ نه ڪو گناهه هوندو. ۽ انهن (جي خدمت) جي لاءِ نوجوان چوڪرا انهن جي چوطرف قري رهيا هوندا،

كَاَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ مَّكْنُوْنٌ ﴿٢٤﴾ وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا قَبْلُ

اهڙا (خوبصورت) جيئن لڪائي رکيل موتي هجن. ۽ اهي هڪ ٻئي ڏانهن متوجه ٿي پڇندا. هو چوندا بيشڪ اسان ان کان اڳ،

فِيْٓ اَهْلِنَا مُشْفِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَوَقٰىنَا عَذَابَ السَّمُوْمِ ﴿٢٧﴾

پنهنجي گهرن ۾ (الله جي عذاب کان) ڊجندا رهندا هئاسين. ته الله اسان تي احسان ڪيو، ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچايائين.

ع 1 2 اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلُ نَدْعُوْهُ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْبَرُّ الرَّحِيْمُ ﴿٢٨﴾

بيشڪ اسان ان کان پهريان، ان (الله) کان دعا گهرندا هئاسين. بيشڪ اهو خوب احسان ڪرڻ وارو نهايت رحم ڪرڻ وارو آهي.

فَذَكِّرْ فَمَآ اَنْتَ بِنِعْمَتِ رَبِّكَ بِكَاهِنٍ وَّلَا مَجْنُوْنٍ ﴿٢٩﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ شَاعِرٌ

ته توهان نصيحت ڪيو، توهان پنهنجي رب جي فضل سان نه ته ڪاهن آهيو، ۽ نه ئي مجنون آهيو. يا هو (ڪافر) چون ٿا ته (هي) شاعر آهي،

نَّتَرَبَّصُ بِهٖ رَيْبَ الْمَنُوْنِ ﴿٣٠﴾ قُلْ تَرَبَّصُوْا

جنهن جي باري ۾ اسان زماني جي گردش (موت) جو انتظار ڪري رهيا آهيون. توهان فرمائي ڇڏيو توهان انتظار ڪيو،

فَاِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُتَرَبِّصِيْنَ ﴿٣١﴾ اَمْ تَاْمُرُهُمْ اَحْلَامُهُمْ بِهٰذَآ اَمْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ﴿٣٢﴾

بيشڪ مان به توهان سان گڏ انتظار ڪرڻ وارن مان آهيان. يا سندن عقل کين اهو سيکاري ٿو، يا هو آهن ئي شرارتي ماڻهو.

COPYRIGHT © RESERVED WITH SALEEM FOUNDATION. ENTAIL CIVIL AND CRIMINAL ACTION.

اَمْ يَقُوْلُوْنَ تَقَوَّلَهٗ ۚ بَلْ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ۚ﴿۳۳﴾ فَلْيَاْتُوْا بِحَدِيْثٍ مِّثْلِهٖٓ

ڇا هو چون ٿا ته هن (رسول) هن (قرآن) کي پاڻ ٺاهيو آهي؟ (نه) بلڪ هو ايمان نه ٿا آڻن. ته کين گهرجي ته هن جهڙو ڪو ڪلام آڻين،

اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ ؕ﴿۳۴﴾ اَمْ خُلِقُوْا مِنْ غَيْرِ شَيْءٍ اَمْ هُمُ الْخٰلِقُوْنَ ؕ﴿۳۵﴾ اَمْ خَلَقُوا السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ ۚ

جيڪڏهن هو سچا آهن. ڇا هو بنا ڪنهن (خالق) جي پيدا ٿيا آهن، يا هو پاڻ (پنهنجا) خالق آهن. ڇا انهن آسمانن ۽ زمينن کي پيدا ڪيو آهي،

بَلْ لَّا يُوْقِنُوْنَ ؕ﴿۳۶﴾ اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَبِّكَ اَمْ هُمُ الْمُصَيْطِرُوْنَ ؕ﴿۳۷﴾

(هرگز نه) بلڪ (اصل ڳالهه هيءَ آهي ته) هو يقين نٿا رکن. ڇا انهن وٽ توهان جي رب جا خزانا آهن، يا هو حاڪم بڻيل آهن.

اَمْ لَهُمْ سُلَّمٌ يَّسْتَمِعُوْنَ فِيْهِ ۚ فَلْيَاْتِ مُسْتَمِعُهُمْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ؕ﴿۳۸﴾

ڇا انهن وٽ ڪا ڏاڪڻ آهي (جنهن تي چڙهي) هو هن (آسمان) مان ڳالهيون ٻڌي ٿا وٺن؟ ته انهن مان جيڪو ٻڌڻ وارو آهي تنهن کي گهرجي ته ڪو چٽو دليل آڻي.

اَمْ لَهُ الْبَنٰتُ وَلَكُمُ الْبَنُوْنَ ؕ﴿۳۹﴾ اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ؕ﴿۴۰﴾

ڇا ان (الله) لاءِ ڌيئرون آهن ۽ توهان جي لاءِ پٽ آهن. ڇا توهان انهن کان ڪا اجرت ٿا گهرو، جو هو چٽيءَ جي وزن هيٺان دٻجندا ٿا وڃن.

اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ ؕ﴿۴۱﴾ اَمْ يُرِيْدُوْنَ كَيْدًا ؕ فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا هُمُ الْمَكِيْدُوْنَ ؕ﴿۴۲﴾

ڇا انهن وٽ ڪو غيب (جو علم) آهي، (جنهن کي) هو لکي وٺن ٿا. ڇا هو ڪا چال کيڏڻ ٿا چاهن؟ ته جن ڪفر ڪيو اهي پاڻ ئي چال ۾ ڦاسڻ وارا آهن.

اَمْ لَهُمْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۴۳﴾

ڇا انهن جو الله کان سواءِ ڪو ٻيو معبود آهي؟ الله پاڪ آهي هر ان شيءِ کان جنهن کي هو (الله جو) شريڪ ٺاهن ٿا.

وَاِنْ يَّرَوْا كِسْفًا مِّنَ السَّمَآءِ سَاقِطًا يَّقُوْلُوْا سَحَابٌ مَّرْكُوْمٌ ﴿۴۴﴾ فَذَرْهُمْ حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ

۽ جيڪڏهن هو آسمان جو ڪو ٽڪڙو ڪرندي ڏسندا، ته چوندا ڪو (گهاٽو) ڪڪر آهي. تنهن ڪري انهن کي ڇڏي ڏيو جيستائين هو پنهنجي ان ڏينهن سان وڃي ملن،

الَّذِيْ فِيْهِ يُصْعَقُوْنَ ۙ﴿۴۵﴾ يَوْمَ لَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ؕ﴿۴۶﴾

جنهن ۾ هو بيهوش ڪيا ويندا. جنهن ڏينهن سندن ڪا رٿ کين ڪم نه ايندي، ۽ نه انهن جي ڪا مدد ڪئي ويندي.

وَاِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا عَذَابًا دُوْنَ ذٰلِكَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۴۷﴾

۽ جن ماڻهن ظلم ڪيو آهي انهن جي لاءِ ان کان علاوه (دنيا ۾) به عذاب آهي، پر انهن مان اڪثر نٿا ڄاڻن.

وَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَاِنَّكَ بِاَعْيُنِنَا وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ حِيْنَ تَقُوْمُ ۙ﴿۴۸﴾

۽ توهان پنهنجي رب جي حڪم اچڻ تائين صبر ڪجو، بيشڪ توهان اسان جي اکين جي سامهون آهيو، ۽ جڏهن به توهان اٿو پنهنجي رب جي حمد سان گڏ تسبيح ڪيو،

وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَاِدْبَارَ النُّجُوْمِ ﴿۴۹﴾ ع

۽ رات ۾ سندس تسبيح ڪجو، ۽ ستارن جي لڪي وڃڻ جي وقت به.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE FOUNDATION SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون گالهيون

١. الله ﷻ جي عذاب کي کير بہ ٽاري نٿو سگهي. (سورة الطور، آيت:٨)

٢. قيامت جو ڏينهن حق کي کوڙو ڪرڻ وارن جي لاءِ هلاڪت جو ڏينهن هوندو. (سورة الطور، آيت:١١)

٣. حق کي کوڙو ڪرڻ وارا ۽ کوڙين گالهين ۾ پئجي ڪيڏڻ ڪڏڻ وارا قيامت جي ڏينهن الله ﷻ جي عذاب کان بچي نہ سگهندا. (سورة الطور، آيت:١١،١٢)

٤. قيامت جي ڏينهن جهنم کي نہ مڃڻ وارا جهنم کي پنهنجي اکين سان ڏسي ونندا ۽ پوءِ ان ۾ اڇلايا ويندا. (سورة الطور، آيت: ١٣ کان ١٦)

٥. ايمان ۽ عملن جي اعتبار سان قامت جي ڏينهن انسانن جو انجام بہ مختلف ٿيندو. بدڪار جهنم ۾ ۽ نيڪ ماڻهو جنت ۾ هوندا. (سورة طور، آيت: ١٣ کان ٢١)

٦. الله ﷻ مومن اولاد کي بہ نيڪ والدين سان جنت جي اعليٰ درجن ۾ ڪڏائي ڇڏيندو. (سورة الطور، آيت:٢١)

٧. جنت ۾ ايمان وارن جي مرضيءَ ۽ خواهش مطابق کين سڀ ڪجهہ عطا ڪيو ويندو. (سورة الطور، آيت:٢٢)

٨. الله ﷻ جي عذاب کان ڊڄڻ وارا ۽ الله ﷻ کان دعا گهرڻ وارا قيامت جي ڏينهن الله ﷻ جي عذاب کان بچندا. (سورة الطور، آيت: ٢٦ کان ٢٨)

٩. قرآن حڪيم نہ شاعري آهي ۽ نہ کنهن انسان جو جوڙيل ڪلام آهي بلڪ قرآن حڪيم الله ﷻ جو ڪلام آهي. (سورة الطور، آيت:٢٩ کان ٣٣)

١٠. اسان کي صبح جو اٿڻ کان پوءِ ۽ رات جو بہ الله ﷻ جي حمد ۽ تسبيح ڪرڻ گهرجي. (سورة الطور، آيت:٤٨،٤٩)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (٧) لڳايو.

١. بيت العمور مان ڇا مراد آهي؟
(الف) زمين تي موجود خانہ ڪعبة (ب) آسمان تي موجود فرشتن جو قبل (ج) فلسطين ۾ بيت المقدس

٢. جبل طور تي ڪهڙي نبي عليه السلام الله ﷻ سان ڪلام ڪيو هو؟
(الف) حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ (ب) حضرت ابراهيم عليه السلام (ج) حضرت موسيٰ عليه السلام

٣. عذاب السموم مان ڇا مراد آهي؟
(الف) باهہ جو عذاب (ب) هٿوڑن جو عذاب (ج) گرم لڪ جو عذاب

٤. هن سورة ۾ قيامت جي ڏينهن آسمان جي ڪهڙي ڪيفيت بيان ٿي؟
(الف) آسمان ڦاٽي پوندو (ب) آسمان دروازا دروازا ٿي ويندو (ج) آسمان ڏڪ لڳندو.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE IM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

۵. جنت ۾ مومن والدين سان اولاد جو ميلاپ ڪهڙي بنياد تي ٿيندو؟
(الف) خوني رشتي جي ڪري (ب) ايمان جي ڪري (ج) والدين جي دعا جي ڪري.

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. شروع ۾ اللهﷻ قيامت جي اچڻ تي ڪهڙين شين جا قسم ذڪر فرمايا آهن؟

۲. پهرئين رڪوع جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيل متقين جي لاءِ جنت جي ڪهڙين نعمتن جو ذڪر آهي؟

۳. پهرئين رڪوع ۾ جنت وارن جي پاڻ ۾ ڪهڙي گفتگوءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

۴. ٻئي رڪوع جي روشنيءَ ۾ مشرڪن جا بيان ڪيل ڪي ئي اعتراض بيان ڪيو؟

۵. آخري رڪوع ۾ نبي ڪريم ﷺ کي ڪهڙي تلقين فرمائي وئي آهي؟

سوال ۳ هيٺ ڏنل خال پريو:

ءِ جن ماڻهن ايمان آندو ءِ انهن جي اولاد بہ [ ] ۾ انهن جي پيروي ڪئي تہ اسان انهن جي اولاد کي انهن سان گڏ شامل ڪنداسين ءِ انهن جي [ ] ۾ کا بہ گهٽائي نہ ڪنداسين هر شخص پنهنجي عمل جي بدلي گروي آهي. ءِ اسان انهن کي خوب عطا ڪنداسين [ ] ءِ گوشت ان مان جيڪو هو گهرندا. ان (جنت) ۾ هڪ ٻئي کان (دوستيءَ طور) جهپي (شراب جا) پيالا وٺي رهيا هوندا جنهن ۾ نہ کا بيڪار ڳالهہ هوندي ءِ نہ ڪو [ ] هوندو. ءِ انهن (جي خدمت) جي لاءِ [ ] جوڪرا انهن جي چوطرف ڦري رهيا هوندا اهڙا (خوبصورت) جيئن لڪائي رکيل [ ] هجن. ءِ اهي هڪ ٻئي ڏانهن متوجہ ٿي پڇندا..هو چوندا بيشڪ اسان ان کان اڳ پنهنجي گهرن ۾ اللهﷻ جي عذاب کان) ڈجندا رهندا هئاسين. تہ اللهﷻ اسان تي احسان ڪيو ءِ اسان کي [ ] عذاب کان بچايائين. بيشڪ اسان ان کان پهريان ان اللهﷻ کان [ ] گهرندا هئاسين بيشڪ اهو خوب [ ] فرمائڻ وارو نهايت [ ] فرمائڻ وارو آهي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL LEGAL CRIMINAL ACTION.

گهرو ڪم

- رات جو مسنون ذڪرَ ڪرڻ جو پاڻ بہ اهتمام ڪيو ۽ پنهنجي ڀينرن ڀائرن کي بہ ترغيب ڏيو؟
- اهڙن ڪمن جي فهرست ٺاهيو جن سان اسان ۽ اسان جا والدين جنت ۾ هڪ ٻئي سان گڏ هجن.

- جبل طور جي باري ۾ پنج ڳالهيون معلوم ڪري تحرير ڪيو.



صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:۱۰ سُوْرَةُ النَّجْم (سورت نمبر: ۵۳، کل رکوع :۳، کل آيتون:۶۲)

شان نزول ۽ تعارف: هن سورت جي نازل ٿيڻ جو سبب هي آهي، ته مشرڪ **نبي ڪريم**ﷺ تي اعتراض ڪندا هئا ته پاڻﷺ جن (معاذ الله) هن قرآن کي پاڻ ٺاهيو آهي، جنهن ڪري **الله**ﷻ سورة النجم نازل فرمائي،جنهن۾ فرمايو ويو ته پاڻﷺ پنهنجي خواهش سان ڪلام نه فرمائيندا آهن بلڪ پاڻﷺ اهو فرمائيندا آهن، جيڪوپاڻﷺ ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي. ان سان اها گاله واضح ڪئي وئي ته نبي ڪريمﷺ **الله**ﷻ جي طرفان جيڪو حُڪمَ، قصا ۽ مثال بيان فرمائي ٿو يا جيڪو به ڪلام پاڻﷺ فرمائن ٿا، اهو سراسر وحي آهي ۽ پاڻﷺ ان ۾ سچا آهن. ڪافر **نبي ڪريم**ﷺ جي باري ۾ غلط فهميون ڦهلائي رهيا هئا، ته پاڻﷺ (معاذ الله) حق تي نه آهن. هن سورة ۾ ان گاله جي تردید ڪئي وئي آهي.

حضرت عبدالله بن مسعودرضی اللہ عنہ فرمائن ٿا، ته حرم شريف ۾ هڪ وڏو ميڙ هو، جنهن ۾ مسلمان ڪافر سڀ ئي شامل هئا، ته **نبي ڪريم**ﷺ تشريف فرما ٿيا ۽ پاڻﷺ هيءَ سورة تلاوت فرمائي ۽ سورة جي آخر ۾ سجدو فرمايو. ماڻهو ان سورة ٻڌڻ ۾ ايترو ته مشغول ٿي ويا، جو مسلمان سان گڏ ڪافرن به سجدو ڪيو، سواءِ هڪ شخص جي، جنهن ڪجهه پٿريون يا مٽي ڪٽي پنهنجي چهري تي رکي چڏي ۽ چيو منهنجي لاءِ هي ڪافي آهي. مون ڏٺو ته اهو بعد ۾ ڪفر جي حالت ۾ قتل ڪيو ويو. (صحيح بخاري) هي پهرين سورة هئي جنهن ۾ آيت سجده نازل ٿي.

نجم "ستاري" کي چوندا آهن. چو ته ان سورة جي پهرين آيت ۾ ئي ستاري جو قسم کڻي پاڻﷺ جن جي رسالت جي گواهي ڏني وئي آهي. ان ڪري هن سورة جو نالو سورة النجم آهي. هن سورة مبارڪ جو بنيادي موضوع **نبي ڪريم**ﷺ جي نبوت ۽ رسالت جو حق ۽ سچ هجڻ آهي. ان سان گڏ معراج جي واقعي جي خصوصي احوال جو ذڪر فرمائي پاڻﷺ جي عظمت ۽ شان بيان ڪيو ويو آهي.

سورة جي شروع ۾ معراج واري واقعي جي آسماني سفر جو بيان آهي. ان سفر جو زميني ذڪر سورة بني اسرائيل ۱۷، آيت:۱ ۾ آهي. معراج جو سفر **نبي ڪريم**ﷺ جن جو عظيم الشان معجزو آهي، جنهن جي ذريعي **الله**ﷻ پاڻﷺ کي خصوصي مقام ۽ مرتبي سان نوازيو. هن عظيم الشان معراج جي سفر ۾ حضرت جبرائيلؑ پاڻﷺ سان گڏ هو. سفر جي دوران ستن آسمانن تي پاڻﷺ سان مختلف انبياء ڪرامؑ جون ملاقاتون به ٿيون. ستين آسمان جي سفر کان پوءِ سدرة المنتهىٰ جو مقام آيو. حضرت جبرائيلؑ عرض ڪيو ته جيڪڏهن مان ان کان اڳتي هڪ وار برابر به وڌيس ته **الله**ﷻ جي تجليءَ سان منهنجا پر سڙي ويندا. جڏهن ته پاڻﷺ اتان کان اڳتي جو سفر اڪيلي سر ڪيو. پاڻﷺ کي ڪائنات جي رب سان ملاقات جو خاص شرف حاصل ٿيو. انوار باري تعالىٰ جي مشاهدي سان گڏ پاڻﷺ رب جي وڏين وڏين نشانين يعني براق، ستن آسمانن، انبياء ڪرامؑ، فرشتن، سدرة المنتهىٰ، جنت الماوىٰ کي به ڏٺو ۽ جنت ۽ دوزخ وغيره جو مشاهدو به ڪيو.

هن سورت ۾ **نبي ڪريم**ﷺ ۽ قرآن حڪيم جي باري ۾ شڪ شبهن کي رد ڪيو ويو آهي. مشرڪن جي باطل عقيدن کي رد ڪيو ويو آهي. فرمانبردارن ۽ نافرمانن جون صفتون بيان ڪيون ويون آهن ۽ دين جي بنيادي تعليم جيڪا پوين آسماني ڪتابن ۾ به هئي، ان جو بيان آهي. آخر ۾ قيامت جي ذڪر تي سورة مڪمل ٿئي ٿي.

نوٽ: معراج جي واقعي جو وڌيڪ تفصيل "قرآن حڪيم جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ حصو پنجون" ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

COPYRIGHTS © BISP FOUNDATION WITH SAFETY OF THIS BOOK IS UNDER PROTECTION.

أَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

وَالنَّجْمِ اِذَا هَوٰى ۙ﴿۱﴾ مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوٰى ۚ﴿۲﴾

قسم. آهي روشن ستاري جو جڏهن هو لهي. توهان جو صاحب (نبي ڪريم ﷺ) نه (حق جي راهه) پليو آهي ۽ نه (ان کان) هٿيو آهي.

وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ﴿۳﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۙ﴿۴﴾ عَلَّمَهٗ شَدِيْدُ الْقُوٰى ۙ﴿۵﴾

۽ هو پنهنجي خواهش سان ڪلام نٿو ڪري. ان جو فرمان ته صرف وحي آهي جيڪا (ان ڏانهن) ڪئي ويندي آهي. ڪيس زبردست قوت واري (الله) سيکاريو آهي.

ذُوْ مِرَّةٍ ؕ فَاسْتَوٰى ۙ﴿۶﴾ وَهُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى ؕ﴿۷﴾ ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰى ۙ﴿۸﴾

جيڪو وڏو طاقتور آهي. ٻوءِ اهو (پنهنجي شان لائق) جلوو فرما ٿيو. ۽ هو (آسمان جي) بلند ڪناري تي هو. پوءِ هو ويجهو، آيو پوءِ هو وڌيڪ ويجهو آيو.

فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ۚ﴿۹﴾ فَاَوْحٰۤى اِلٰى عَبْدِهٖ مَاۤ اَوْحٰى ؕ﴿۱۰﴾ مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ

پوءِ ٻن ڪمانن جو فاصلو رهيو، يا ان کان به گهٽ، پوءِ (الله) پنهنجي ٻانهي ڏانهن وحي فرمائي جيڪا به وحي فرمائي. دل ان کي ڪوڙو نه ڪيو.

مَا رَاٰى ﴿۱۱﴾ اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى ﴿۱۲﴾ وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى ۙ﴿۱۳﴾

جو ڪجهه انهي ڏٺو. ڇا پوءِ به توهان ساڻس ان تي جهڳڙو ڪيوٿا؟ جيڪو ڪجهه هو ڏسي ٿو. ۽ يقيناً ان کيس هڪ دفعو ٻيهر به ڏٺو.

عِنْدَ سِدْرَةِ الْمُنْتَهٰى ﴿۱۴﴾ عِنْدَهَا جَنَّةُ الْمَاْوٰى ؕ﴿۱۵﴾

سدرة المنتهىٰ (ٻير جي وڻ) وٽ. ان (وڻ) وٽ جنت الماوىٰ (آرام سان رهڻ جي جنت) آهي.

اِذْ يَغْشَى السِّدْرَةَ مَا يَغْشٰى ۙ﴿۱۶﴾ مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ﴿۱۷﴾

جڏهن ته ان ٻير تي ڇانيل رهيو، جيڪو ڇانيل رهيو. ان جي اک نه ڪنهن ٻئي طرف لڙي، نه ئي حد کان لنگهي.

لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى ﴿۱۸﴾ اَفَرَءَيْتُمُ اللّٰتَ وَالْعُزّٰى ۙ﴿۱۹﴾ وَمَنٰوةَ الثَّالِثَةَ الْاُخْرٰى ﴿۲۰﴾

يقيناً ان پنهنجي رب جي (قدرت جون وڏيون وڏيون نشانيون ڏٺيون. ڇا پوءِ توهان لات ۽ عزيٰ تي غور ڪيو؟ ۽ ٽين هڪ ٻي (ديوي) منات تي.

اَلَكُمُ الذَّكَرُ وَلَهُ الْاُنْثٰى ﴿۲۱﴾ تِلْكَ اِذًا قِسْمَةٌ ضِيْزٰى ﴿۲۲﴾ اِنْ هِىَ اِلَّاۤ اَسْمَآءٌ

ڇا توهان لاءِ پٽ آهن، ۽ ان (الله) لاءِ ڌيئرون آهن؟ تڏهن ته اها وڏي ناانصافي جي ورهاست آهي. هي ته صرف نالا آهن،

سَمَّيْتُمُوْهَاۤ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ

جيڪي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن رکيا آهن، الله انهن تي ڪا دليل نازل نه ڪئي آهي. هي صرف گمان جي پيروي ڪن ٿا،

وَمَا تَهْوَى الْاَنْفُسُ ۚ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنْ رَّبِّهِمُ الْهُدٰى ؕ﴿۲۳﴾

۽ جو (ڪين) نفس چئي ٿو، ۽ يقيناً انهن وٽ اڃا ڇڪي آهي، سندن رب جي طرفان هدايت.

COPYRIGHT © RESERVED WITH SALE FOR THIS BOOK IN PAKISTAN ONLY. ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

ع 1 25 اَمْ لِلْاِنْسَانِ مَا تَمَنّٰى ۖ ﴿٢٤﴾ فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَالْاُوْلٰى ﴿٢٥﴾ ع

ڇا انسان کي اهو سڀ ڪجهه ملي ويندو آهي جنهن جي هو تمنا ڪندو آهي؟ (نه) ڇوته آخرت ۽ دنيا ته الله جي ئي اختيار ۾ آهي.

وَكَمْ مِّنْ مَّلَكٍ فِي السَّمٰوٰتِ لَا تُغْنِيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اَنْ يَّاْذَنَ اللّٰهُ لِمَنْ يَّشَآءُ

۽ آسمانن ۾ ڪيترائي فرشتا آهن، جن جي سفارش ڪم ڪانه اچي سگهندي، پر ان کان پوءِ جو الله جنهن لاءِ گهري اجازت ڏئي ڇڏي،

وَيَرْضٰى ﴿٢٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ لَيُسَمُّوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ تَسْمِيَةَ الْاُنْثٰى ﴿٢٧﴾

۽ پسند فرمائي. بيشڪ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا رکن، اهي فرشتن جا (نالا) عورتن جي نالي (تي) رکن ٿا.

وَمَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ ۚ وَاِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِيْ مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا ۚ ﴿٢٨﴾

جڏهن ته کين انهن بابت ڪوبه علم ناهي، اهي صرف گمان جي پيروي ڪن ٿا، ۽ بيشڪ گمان حق جي مقابلي ۾ ڪجهه به ڪم نه ايندو.

فَاَعْرِضْ عَنْ مَّنْ تَوَلّٰى ۙ عَنْ ذِكْرِنَا وَلَمْ يُرِدْ اِلَّا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ؕ ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ مَبْلَغُهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ ؕ

پوءِ توهان انهن کان منهن ڦيري ڇڏيو، جن اسان جي ذڪر کان منهن موڙي ڇڏيو، ۽ هو صرف دنيا جي ئي زندگي چاهين ٿا. سندن علم جي انتها اها ئي آهي،

اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۙ وَهُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اهْتَدٰى ﴿٣٠﴾

بيشڪ توهان جو رب ئي (ان کي) خوب ڄاڻي ٿو، جيڪو سندس رستي کان ڀٽڪي ويو، ۽ هو ان کي به خوب ڄاڻي ٿو جيڪو هدايت تي آهي.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۙ لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اَسَآءُوْا بِمَا عَمِلُوْا

۽ الله جي لاءِ آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي، ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي، ته جيئن جن برايون ڪيون تن کي هو سندن عملن جو بدلو ڏئي،

وَيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا بِالْحُسْنٰى ۚ ﴿٣١﴾ اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَ ؕ

۽ جن نيڪيون ڪيون تن کي سٺو بدلو ڏئي. اهي ماڻهو جيڪي وڏن وڏن گناهن ۽ بي حيائي جي ڪمن کان بچن ٿا، سواءِ ننڍن گناهن جي،

اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ

بيشڪ توهان جو رب وڏي مغفرت وارو آهي، هو توهان کي خوب ڄاڻي ٿو، جڏهن ان توهان کي زمين (جي مٽيءَ) مان پيدا ڪيو،

وَاِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ فَلَا تُزَكُّوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ

۽ جڏهن توهان ٻار هئا، پنهنجين مائرن جي پيٽ ۾، تنهن ڪري توهان پنهنجي پاڪيزگيءَ جي دعويٰ نه ڪيو،

ع 2 7 هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ﴿٣٢﴾ ع اَفَرَءَيْتَ الَّذِيْ تَوَلّٰى ۙ ﴿٣٣﴾ وَاَعْطٰى قَلِيْلًا وَّاَكْدٰى ﴿٣٤﴾

هو خوب ڄاڻي ٿو ته ڪنهن پرهيزگاري اختيار ڪئي آهي. ته ڇا توهان ان شخص کي ڏٺو جنهن منهن ڦيري ڇڏيو. ۽ ان ٿورو (مال) ڏنو ۽ رڪجي ويو.

اَعِنْدَهٗ عِلْمُ الْغَيْبِ فَهُوَ يَرٰى ﴿٣٥﴾ اَمْ لَمْ يُنَبَّاْ بِمَا فِيْ صُحُفِ مُوْسٰى ۙ ﴿٣٦﴾

ڇا وٽس غيب جو علم آهي؟ جو هو (سڀ ڪجهه) ڏسي رهيو آهي. ڇا کيس انهن ڳالهين جي خبر نه ڏني وئي آهي؟ جيڪي موسيٰ (عليه السلام) جي صحيفن ۾ (درج) آهن.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE LEM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD CONTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

وَاِبْرٰهِيْمَ الَّذِيْ وَفّٰٓى ﴿٣٧﴾ اَلَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ﴿٣٨﴾

۽ ابراهيم (عليه السلام) جي صحيفن ۾ به) جنهن (پنهنجو عهد) پورو ڪيو. هيءُ ته ڪو وزن کڻڻ وارو ڪنهن ٻئي (جي گناهن) جو وزن نه کڻندو.

وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى ﴿٣٩﴾ وَاَنَّ سَعْيَهٗ سَوْفَ يُرٰى ﴿٤٠﴾

۽ هيءُ ته انسان کي اهو ئي ملي ٿو جنهن جي هو ڪوشش ڪري ٿو. ۽ هيءُ ته سندس ڪوشش، عنقريب ڏٺي ويندي.

ثُمَّ يُجْزٰىهُ الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى ﴿٤١﴾ وَاَنَّ اِلٰى رَبِّكَ الْمُنْتَهٰى ﴿٤٢﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ اَضْحَكَ وَاَبْكٰى ﴿٤٣﴾

پوءِ کيس ان جو پورو پورو بدلو ڏنو ويندو. ۽ هيءُ ته (آخرڪار سڀني کي) پنهجي رب ڏانهن ئي وڃڻو آهي. ۽ بيشڪ اهو ئي (رب) کلائيندو ۽ روئاريندو آهي.

وَاَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَاَحْيَا ﴿٤٤﴾ وَاَنَّهٗ خَلَقَ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى ﴿٤٥﴾ مِنْ نُّطْفَةٍ اِذَا تُمْنٰى ﴿٤٦﴾

۽ بيشڪ اهو ئي ماريندو ۽ جياريندو آهي. ۽ بيشڪ انهيءَ نر ۽ ماديءَ جا جوڙا پيدا ڪيا آهن. هڪ نطفي مان جڏهن هو (رحم ۾) وڌو ويندو آهي.

وَاَنَّ عَلَيْهِ النَّشْاَةَ الْاُخْرٰى ﴿٤٧﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ اَغْنٰى وَاَقْنٰى ﴿٤٨﴾

۽ بيشڪ ٻيهر پيدا ڪرڻ سندس ذمي آهي. ۽ بيشڪ اهوئي آهي جنهن غني ڪيو ۽ دولت ۽ ثروت عطا فرمائي.

وَاَنَّهٗ هُوَ رَبُّ الشِّعْرٰى ﴿٤٩﴾ وَاَنَّهٗٓ اَهْلَكَ عَادَا الْاُوْلٰى ﴿٥٠﴾ وَثَمُوْدَا فَمَآ اَبْقٰى ﴿٥١﴾

۽ بيشڪ اهوئي شعريٰ (ستاري) جو رب آهي. ۽ بيشڪ اهو ئي آهي جنهن عاد اول کي هلاڪ ڪيو. ۽ (قوم) ثمود کي به. پوءِ (ڪنهن کي ب) باقي نه ڇڏيائين.

وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا هُمْ اَظْلَمَ وَاَطْغٰى ؕ ﴿٥٢﴾

۽ ان کان اڳ نوح (عليه السلام) جي قوم کي به (هلاڪ ڪيائين) بيشڪ اهي ماڻهو وڏا ظالم ۽ وڏا سرڪش هئا.

وَالْمُؤْتَفِكَةَ اَهْوٰى ﴿٥٣﴾ فَغَشّٰىهَا مَا غَشّٰى ﴿٥٤﴾ ۚ

۽ ان (لوط عليه السلام جي قوم جي)اونڌي ٽيل ڪوڻن کي (زمين تي) ڪٽي هنيو. پوءِ ان (عذاب) انهن (ڪوڻن) کي ڍڪي ڇڏيو جيڪو ڍڪيو ئي رهيو.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكَ تَتَمَارٰى ﴿٥٥﴾ هٰذَا نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰى ﴿٥٦﴾

پوءِ اي انسان! توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن ۾ شڪ ڪندو؟ هي(رسول اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم)هڪ ڊيڄارينڌڙ آهي اڳين ڊيڄارينڌڙن مان.

اَزِفَتِ الْاٰزِفَةُ ﴿٥٧﴾ ۚ لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ كَاشِفَةٌ ﴿٥٨﴾ ؕ

اچڻ واري (قيامت جي گهڙي) ويجهو اچي پهتي آهي. الله کان سواءِ ان کي ڪوبه ظاهر ڪرڻ وارو نه آهي.

اَفَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَتَضْحَكُوْنَ وَلَا تَبْكُوْنَ ﴿٦٠﴾ وَاَنْتُمْ سٰمِدُوْنَ ﴿٦١﴾

ته ڇا توهان ان ڳالهه کان تعجب ٿا ڪيو. ۽ توهان کلوٿا، ۽ روئو نٿا. ۽ جڏهن ته توهان (غفلت ۾ پيا ٿا) کيڏو ۽ ڪڏو.

فَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ وَاعْبُدُوْا ﴿٦٢﴾ ۩

پوءِ الله کي سجدو ڪيو، ۽ (ان جي) عبادت ڪيو.

السجدة ع 3 30

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK IS STRICTLY PROHIBITED. ENTAIL CIVIL AND CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. نبي ڪريم ﷺ جيڪا ڳالهه بيان فرمائن ٿا٠ها الله ﷻ جي وحي جي مطابق هوندي آهي. (سورة النجم، آيت:٣،٤)

٢. الله ﷻ سان گڏ خدائيءَ ۾ ڪو به شريڪ ناهي ۽ نه ئي مشرڪن وٽ شرڪ جي لاءِ ڪو دليل آهي. (سورة النجم، آيت: ٢٣)

٣. جڏهن دنيا ۽ آخرت ۾ اصل اختيار الله ﷻ جو ئي آهي. تہ عبادت به ان جي ڪرڻ گهرجي، اهو ئي ان جو مستحق آهي. (سورة النجم، آيت: ٢٥)

٤. قيامت جي ڏينهن الله ﷻ جي سامهون صرف اهو ئي سفارش ڪري سگهندو، جنهن کي الله ﷻ حڪم ڏيندو ۽ جنهن جي لاءِ سفارش ڪرڻ جي اجازت ڏيندو. (سورة النجم، آيت: ٢٦)

٥. الله ﷻ کان غافل ۽ دنيا کي چاهڻ وارن جي علم جي وسعت صرف دنيا جي زندگيءَ تائين محدود هوندي آهي. (سورة النجم، آيت: ٣٠)

٦. جيڪو شخص وڏن وڏن گناهن ۽ بي حيائيءَ جي ڪمن کان بچندو آهي، ان جا ننڍا ننڍا گناه الله ﷻ معاف ڪري ڇڏيندو آهي. (سورة النجم، آيت:٣٢)

٧. اسان کي پنهنجي نيڪين ۽ پاڪيزگيءَ جو زياده اظهار نہ ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ الله ﷻ اسان جي تقويٰ کان خوب واقف آهي. (سورت النجم، آيت:٣٢)

٨. دين اسلام جي بنيادي تعليم هميشہ کان هڪ ئي رهي آهي، جيئن حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام جي صحيفن ۽ قرآن حڪيم ۾ آهي. (سورة النجم، آيت: ٣٦ کان ٣٧)

٩. قيامت جي ڏينهن هرشخص پنهنجي عملن جوجوابدار پاڻ هوندوڪيربہ ڪنهن جووزن کونہ کڻندو.(سورةالنجم،آيت:٣٨)

١٠. قيامت جي ڏينهن هر شخص کي بدلي ۾ اهوئي ملندو، جنهن جي لاءِ ان دنيا ۾ محنت ڪئي هوندي. (سورة النجم، آيت: ٣٩)

سمجهوءِ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (✓) لڳايو.

١. سورة جي شروع ۾ پاڻ ﷺ جي ڪهڙي سفر جو ذڪر آهي؟
(الف) معراج جي سفر جو (ب) طائف جي سفر جو (ج) شام جي سفر جو

٢. نبي ڪريم ﷺ هميشہ ڪنهن جي مطابق ڳالهه ڪندا هُئا؟
(الف) فرشتن جي خواهش مطابق (ب) ماڻهن جي خواهش مطابق (ج) الله ﷻ جي وحيءَ مطابق.

٣. قيامت جي ڏينهن انسان ڪنهن جو وزن کڻندو؟
(الف) ٻين جو (ب) صرف پنهنجو (ج) رشتيدارن جو

٤. شعرىٰ ڇا آهي؟
(الف) ستارو (ب) فرشتو (ج) جن.

٥. ايمان وارن کي سورة جي آخر ۾ ڪهڙو حڪم ڏنو ويو آهي؟
(الف) نماز ۽ روزي جو (ب) صبر ۽ شڪر جو (ج) سجدي ۽ عبادت جو.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IMF FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سوال ٢ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

١. مڪي جا مشرڪ جن بتن کي پوڄيندا هئا انهن جا نالا پهرئين رڪوع جي روشني ۾ تحرير ڪيو؟

٢. پهرئين رڪوع ۾ بتن جي ڪهڙي حقيقت بيان ڪئي وئي آهي؟

٣. ٻئي رڪوع ۾ آخرت جو انڪار ڪرڻ وارن جي ڪهڙين برائين جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

٤. ٽئين رڪوع ۾ الله ﷻ جي بيان ڪيل قدرتن مان ڪهڙين ٻن جو ذڪر ڪيو؟

٥. ٽئين رڪوع ۾ تباهه ٿيڻ وارين ڪهڙين قومن جو ذڪر آهي؟

سوال ٣ اسان پنهنجو جائزو ونون:

نمبرشمار	سوال	ڪنهن حد تائين	ڪهڙي حد تائين	نه
١	ڇا مان وهم ۽ گمان جي پيروي ڪرڻ کان بچان ٿو؟			
٢	ڇا مان وڏن گناهن کان بچان ٿو؟			
٣	ڇا مان بي حيائيءَ جي ڪمن کان بچان ٿو؟			
٤	ڇا مون دنيا جي بجاءِ آخرت کي پنهنجو مقصد بڻائي ڇڏيو آهي؟			
٥	ڇا مان الله تعالىٰ جي رستي ۾ مسلسل خرچ ڪيان ٿو؟			
٦	ڇا مان تڪبر ڪرڻ کان بچان ٿو ؟			
٧	ڇا مان الله تعالىٰ کان ڊڄان ٿو؟			

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.



گھرو ڪم

هيٺ ڏنل چارٽ ۾ انهن سورتن جا نالا ۽ آيتن جا نمبر تحرير ڪيو، جن ۾ سجدي واريون آيتون اچن ٿيون؟

نمبر شمار	سورة جو نالو	آيت نمبر	نمبر شمار	سورة جو نالو	آيت نمبر
١	سورت الاعراف	٢٠٦	٢		
٣			٤		
٥			٦		
٧			٨		
٩			١٠		
١١			١٢		
١٣			١٤		

پنهنجي گهر وارن کي چئو ته سيرت النبي ﷺ جي ڪنهن ڪتاب مان پاڙ ﷺ جي حيات طيبہ جي مکي دور جو مطالعو ڪرائن ۽ اهو به سمجهائن ته ان دور ۾ پاڙ ﷺ دين جي خاطر ڪهڙين تڪليفن کي صبر سان برداشت ڪيو.

نندين وڏن گناهن جا کي ڏهه مثال تحرير ڪيو.

نڍا گناهه	وڏا گناهه
١	١
٢	٢
٣	٣
٤	٤
٥	٥
٦	٦
٧	٧
٨	٨
٩	٩
١٠	١٠

صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE A CRIMINAL ACTION.

سبق:١١ سُوْرَةُ الْقَمَر (سورت نمبر: ٥٤، ڪل رڪوع :٣، ڪل آيتون:٥٥)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ ان وقت نازل ٿي جڏهن شق القمر جو واقعو پيش آيو، جنهن جو ذڪر هن سورة جي پهرين آيت ۾ آهي. هيءُ واقعو هجرت کان ٥ سال اڳ مڪي ۾ منىٰ جي مقام تي پيش آيو هو. هي آخري رسول حضرت سيدنا محمد مصطفىٰ ﷺ جي اچڻ ۽ آخري ڪتاب قرآن حڪيم جي نازل ٿيڻ کان پوءِ قيامت جي ويجهي ٿيڻ جو دليل آهي. حضرت امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ ”جڏهن هي سورت نازل ٿي تہ ان وقت مان ٻارڙي هيس ۽ کيڏندي ڪوڏندي هيس.“ (صحيح بخاري)

”قمر“ ”چنڊ“ کي چوندا آهن. هن سورة جي شروع ۾ شق قمر يعني چنڊ جا ٻہ ٽڪرا ٿي وڃڻ جو واقعو بيان ٿيو آهي. صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم جي روايتن مطابق مڪي وارن جي سامهون نبي اڪرم ﷺ آڱر سان چنڊ جي طرف اشارو ڪيو تہ چنڊ ٽٽي ٻہ ٽڪڙا ٿي ويو. هي الله سبحانه وتعالىٰ جي طرف کان عطا ٿيل پاڻ ﷺ جو هڪ معجزو هو. هن سورة ۾ عبرت جي طور پنجن نافرمان قومن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. يعني حضرت نوح عليه السلام جي قوم، عاد، ثمود، حضرت لوط عليه السلام جي قوم ۽ آل فرعون. بري انجام کان بچڻ جي لاءِ سورة ۾ چار دفعا نصيحت حاصل ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي آهي. ٻڌايو ويو آهي تہ قرآن حڪيم کي الله سبحانه وتعالىٰ نصيحت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آسان بڻائي ڇڏيو آهي. سورة جي آخري حصي ۾ آخرت جو بيان ۽ نافرمانن جي لاءِ عبرت ناڪ انجام سان گڏ فرمان بردارن جي سٺي انجام جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهہ ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَانْشَقَّ الْقَمَرُ ﴿١﴾ وَاِنْ يَّرَوْا اٰيَةً يُّعْرِضُوْا وَيَقُوْلُوْا سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ ﴿٢﴾

قيامت ويجهو اچي وئي، ۽ چنڊ ٻہ ٽڪڙا ٿي ويو. ۽ جيڪڏهن هو (ڪافر) ڪا نشاني ڏسن ٿا تہ منهن موڙي ٿا ڇڏين، ۽ چون ٿا تہ هي هميشہ کان هليو ايندڙ جادو آهي.

وَكَذَّبُوْا وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ وَكُلُّ اَمْرٍ مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣﴾ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنَ الْاَنْۢبَآءِ مَا فِيْهِ مُزْدَجَرٌ ۙ﴿٤﴾

۽ انهن (حق کي) ڪوڙو ڪيو، ۽ پنهنجي خواهشن جي پيروي ڪئي، ۽ هر ڪم جو وقت مقرر آهي. ۽ يقيناً انهن وٽ اهڙيون خبرون اچي چڪيون آهن، جن ۾ عبرت آهي.

حِكْمَةٌۢ بَالِغَةٌ فَمَا تُغْنِ النُّذُرُ ۙ﴿٥﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ ۘ

(هي بيان) ڪامل حڪمت جي ڳالهہ آهي، پر ڊڄ ٻڌائڻ انهن کي ڪو فائدو نٿو ڏئي. تہ توهان انهن کان منهن ڦيرائي ڇڏيو،

يَوْمَ يَدْعُ الدَّاعِ اِلٰى شَيْءٍ نُّكُرٍ ۙ﴿٦﴾ خُشَّعًا اَبْصَارُهُمْ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ

جنهن ڏينهن سڏڻ وارو هڪ (سخت) اڻ وڻندڙ شئي ڏانهن سڏيندو. (تہ) هو پنهنجون اکيون جهڪائي پنهنجي قبرن مان ائين نڪرندا،

كَاَنَّهُمْ جَرَادٌ مُّنْتَشِرٌ ۙ﴿٧﴾ مُّهْطِعِيْنَ اِلَى الدَّاعِ ؕ يَقُوْلُ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا يَوْمٌ عَسِرٌ ﴿٨﴾

ڄڻ هو پکڙيل ماڪڙ هجن. ڀڄندي سڏڻ واري ڏانهن وڃي رهيا هجن، ڪافر چوندا تہ، هي وڏو سخت ڏينهن آهي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE LIM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ فَكَذَّبُوْا عَبْدَنَا وَقَالُوْا مَجْنُوْنٌ وَّازْدُجِرَ ﴿٩﴾

انهن کان اڳ نوح(عليه السلام) جي قوم به ڪوڙو ڪيو، اسان جي ٻانهي نوح(عليه السلام) کي ڪوڙو ڪيائون، ۽ چيائون ته هي مجنون آهي ۽ کين ڌمڪيون ڏنيو ويون.

فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ ﴿١٠﴾ فَفَتَحْنَآ اَبْوَابَ السَّمَآءِ بِمَآءٍ مُّنْهَمِرٍ ﴿١١﴾

ته ان پنهنجي رب کان دعا ڪئي، بيشڪ مان هيٺو آهيان، پوءِ تون ئي بدلو وٺ، پوءِ اسان آسمان جا دروازا کولي ڇڏيا، زوردار مينهن سان.

وَّفَجَّرْنَا الْاَرْضَ عُيُوْنًا فَالْتَقَى الْمَآءُ عَلٰٓى اَمْرٍ قَدْ قُدِرَ ﴿١٢﴾ وَحَمَلْنٰهُ

۽ اسان زمين مان چشما جاري ڪري ڇڏيا، ته پاڻي ان ڪم لاءِ جمع ٿي ويو، جيڪو مقرر ٿي چڪو هو. ۽ اسان ان کي سوار ڪري ڇڏيو،

عَلٰى ذَاتِ اَلْوَاحٍ وَّدُسُرٍ ﴿١٣﴾ تَجْرِيْ بِاَعْيُنِنَا جَزَآءً لِّمَنْ كَانَ كُفِرَ ﴿١٤﴾

تختن ۽ ڪوڪن واريءَ (ٻيڙيءَ) تي. هو اسان جي نگهبانيءَ سان هلندي هئي، (هي سڀ) ان (رسول) جو بدلو وٺڻ جي لاءِ هو جنهن جو انڪار ڪيو ويو هو.

وَلَقَدْ تَّرَكْنٰهَآ اٰيَةً فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٥﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿١٦﴾

۽ يقيناً اسان ان کي نشانيءَ لاءِ ڇڏي ڏنو، ته ڇا آهي ڪو نصيحت حاصل ڪرڻ وارو؟ ته (ڏسو) منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ ڪيئن هو.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٧﴾

۽ يقيناً اسان قرآن کي نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ آسان ڪري ڇڏيو، ته ڇا ڪو آهي نصيحت حاصل ڪرڻ وارو؟

كَذَّبَتْ عَادٌ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿١٨﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا صَرْصَرًا

قوم عاد (به) ڪوڙو ڪيو، (ڏسو) منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ڪهڙو هو. بيشڪ اسان انهن تي موڪليو، تيز طوفان واري هوا،

فِيْ يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ ﴿١٩﴾ تَنْزِعُ النَّاسَ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ مُّنْقَعِرٍ ﴿٢٠﴾

هڪ لاڳيتي نڀاڳي ڏينهن ۾. اها ماڻهن کي پٽي اڇليندي هئي، جڻ ته پٽي اڇلايل کجيءَ (جي وڻ) جا ٿڙ هجن.

فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٢١﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ

ته (ڏسو) منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ڪهڙو هو. ۽ يقيناً اسان قرآن کي نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ آسان ڪري ڇڏيو آهي،

فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٢٢﴾ ع كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِالنُّذُرِ ﴿٢٣﴾ فَقَالُوْٓا اَبَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا

ته ڇا آهي ڪو نصيحت حاصل ڪرڻ وارو؟ (قوم) ثمود به ڊڄ ٻڌائڻ وارن کي ڪوڙو ڄاتو. انهن چيو، ڇا هڪ ماڻهو جيڪو اسان مان آهي،

نَّتَّبِعُهٗٓ اِنَّآ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ ﴿٢٤﴾ ءَاُلْقِيَ الذِّكْرُ عَلَيْهِ مِنْۢ بَيْنِنَا

اسان ان جي پيروي ڪيون؟ يقيناً تڏهن ته اسان گمراهيءَ ۽ چريائيءَ ۾ هونداسين. ڇا اسان سڀني مان صرف ان تي نصيحت لاٿي وئي آهي؟

بَلْ هُوَ كَذَّابٌ اَشِرٌ ﴿٢٥﴾ سَيَعْلَمُوْنَ غَدًا مَّنِ الْكَذَّابُ الْاَشِرُ ﴿٢٦﴾

(نه) بلڪي هو وڏو ڪوڙو تڪبر ڪرڻ وارو آهي. کين سڀاڻي (قيامت جي ڏينهن) خبر پئجي ويندي، ته ڪيروڏو ڪوڙو ۽ تڪبر ڪرڻ وارو آهي.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IMM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اِنَّا مُرْسِلُوا النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ فَارْتَقِبْهُمْ وَاصْطَبِرْ ۚ﴿٢٧﴾ وَنَبِّئْهُمْ

بيشڪ اسان ڏاچي موڪلڻ وارا آهيون، سندن آزمائش جي لاءِ، ته (اي صالح) تون انهن (جي انجام) جو انتظار ڪر ۽ صبر ڪر. ۽ انهن کي ٻڌائي ڇڏ،

اَنَّ الْمَآءَ قِسْمَةٌۢ بَيْنَهُمْ ۚ كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ ﴿٢٨﴾ فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ

ته انهن (۽ ڏاچيءَ جي) وچ ۾ پاڻي تقسيم ڪيو ويو آهي، هر ڪو (پنهنجي) واري تي حاضر ٿيندو. پوءِ انهن پنهنجي ساٿي کي سڏيو،

فَتَعَاطٰى فَعَقَرَ ﴿٢٩﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٣٠﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ صَيْحَةً وَّاحِدَةً

ته ان هٿ وڌايو پوءِ سندس ٽنگون ڪٽي ڇڏيون. ته (ڏسي ڇڏيو) منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ڪهڙو هو. بيشڪ اسان انهن تي هڪ رڙ موڪلي،

فَكَانُوْا كَهَشِيْمِ الْمُحْتَظِرِ ﴿٣١﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ

ته هو ڳاه ڳاهڻ واري جي لتاڙيل بهه وانگر ٿي ويا. ۽ يقيناً اسان قرآن کي نصيحت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آسان ڪري ڇڏيو،

فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٣٢﴾ كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطٍۭ بِالنُّذُرِ ﴿٣٣﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ حَاصِبًا

ته ڇا ڪو آهي نصيحت حاصل ڪرڻ وارو؟ لوطعليه السلام جي قوم به ڊيڄارڻ وارن کي ڪوڙو ڪيو، بيشڪ اسان انهن تي پٿر وسائڻ وارو طوفان موڪليو،

اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ؕ نَجَّيْنٰهُمْ بِسَحَرٍ ۙ﴿٣٤﴾ نِّعْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا ؕ

سوائي لوط(عليه السلام) جي گهر وارن جي، جن کي اسان سحري جي وقت بچائي ورتو. (هيءَ) اسان جي طرفان هڪ نعمت هئي،

كَذٰلِكَ نَجْزِيْ مَنْ شَكَرَ ﴿٣٥﴾ وَلَقَدْ اَنْذَرَهُمْ بَطْشَتَنَا فَتَمَارَوْا بِالنُّذُرِ ﴿٣٦﴾

اهڙي طرح اسان بدلو ڏيندا آهيو، جيڪو شڪر ڪندو آهي. ۽ يقيناً (لوطعليه السلام) کين اسان جي پڪڙ کان ڊيڄاريو هو، ته انهن ڊيڄاريندڙ سان جهڳڙو ڪيو.

وَلَقَدْ رَاوَدُوْهُ عَنْ ضَيْفِهٖ فَطَمَسْنَآ اَعْيُنَهُمْ

۽ يقيناً انهن ماڻهن (لوطعليه السلام) کان سندس مهمانن کي (بري ارادي سان) وٺڻ چاهيو، ته اسان سندن اکيون وسائي ڇڏيون،

فَذُوْقُوْا عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٣٧﴾ وَلَقَدْ صَبَّحَهُمْ بُكْرَةً عَذَابٌ مُّسْتَقِرٌّ ۚ﴿٣٨﴾

ته منهنجي عذاب ۽ منهنجي ڊيڄارڻ جو مزو چکو. ۽ يقيناً انهن تي صبح سوير ئي نه ٽرڻ وارو عذاب اچي ويو.

فَذُوْقُوْا عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٣٩﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ

ته منهنجي عذاب ۽ منهنجي ڊيڄارڻ جو مزو چکو. ۽ يقينا اسان قرآن کي نصيحت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آسان فرمائي ڇڏيو،

فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٤٠﴾ ع وَلَقَدْ جَآءَ اٰلَ فِرْعَوْنَ النُّذُرُ ۚ﴿٤١﴾ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كُلِّهَا ع 2 18

ته ڇا ڪو آهي نصيحت حاصل ڪرڻ وارو. ۽ يقيناً آيا، آل فرعون وٽ ڊيڄارڻ وارا. انهن اسان جي مڙني نشانين کي ڪوڙو ڪري ڇڏيو،

فَاَخَذْنٰهُمْ اَخْذَ عَزِيْزٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٤٢﴾

ته اسان انهن کي هڪ وڏي غالب صاحب قدرت جي پڪڙ (وانگر) پڪڙيو.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

أَكُفَّارُكُمْ خَيْرٌ مِّنْ أُولَٰئِكُمْ أَمْ لَكُمْ بَرَاءَةٌ فِي الزُّبُرِ ﴿٤٣﴾ أَمْ يَقُولُونَ

چا توهان جا ڪافر انهن ماڻهن کان سڀا آهن؟ يا توهان جي لاءِ (آسماني) ڪتابن ۾ معافي (لکيل) آهي. يا هو چون ٿا،

نَحْنُ جَمِيعٌ مُّنتَصِرٌ ﴿٤٤﴾ سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَيُوَلُّونَ الدُّبُرَ ﴿٤٥﴾

اسان اهڙي جماعت آهيون جيڪا غالب رهندي. عنقريب اها جماعت شڪست کائيندي، ۽ اهي پٺي ڏئي ڀڄي ويندا.

بَلِ السَّاعَةُ مَوْعِدُهُمْ وَالسَّاعَةُ أَدْهَىٰ وَأَمَرُّ ﴿٤٦﴾ إِنَّ الْمُجْرِمِينَ

بلڪي انهن جي وعدي جي وقت ته قيامت آهي، ۽ قيامت وڏي سخت ۽ وڏي تلخ آهي. بيشڪ مجرم،

فِي ضَلَالٍ وَسُعُرٍ ﴿٤٧﴾ يَوْمَ يُسْحَبُونَ فِي النَّارِ عَلَىٰ وُجُوهِهِمْ ذُوقُوا مَسَّ سَقَرَ ﴿٤٨﴾

گمراهي ۽ چرپاٽ ۾ آهن. جنهن ڏينهن هو منهن ڀر باهه ۾ گهليا ويندا، (۽ چيو ويندو ته) باهه ڇهڻ جو مزو چکو.

إِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنَاهُ بِقَدَرٍ ﴿٤٩﴾ وَمَا أَمْرُنَا إِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍ بِالْبَصَرِ ﴿٥٠﴾

بيشڪ اسان هر شيءِ کي، هڪ مقرر اندازي جي مطابق پيدا ڪيو آهي. ۽ اسان جو حڪم هڪ دم ائين پورو ٿيندو آهي، جيئن اک جو ڇنيڻ.

وَلَقَدْ أَهْلَكْنَا أَشْيَاعَكُمْ فَهَلْ مِن مُّدَّكِرٍ ﴿٥١﴾ وَكُلُّ شَيْءٍ فَعَلُوهُ فِي الزُّبُرِ ﴿٥٢﴾

۽ يقيناً اسان توهان جهڙن ماڻهن کي هلاڪ ڪري چڪا آهيون، ته ڇا کو آهي نصيحت حاصل ڪرڻ وارو؟ ۽ جيڪو ڪجهه انهن ڪيو، اهو اعمال نامي ۾ (داخل) آهي.

وَكُلُّ صَغِيرٍ وَكَبِيرٍ مُّسْتَطَرٌ ﴿٥٣﴾ إِنَّ الْمُتَّقِينَ فِي جَنَّاتٍ وَنَهَرٍ ﴿٥٤﴾ فِي مَقْعَدِ صِدْقٍ عِندَ مَلِيكٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٥٥﴾

ع 3/15

هر ننڍو ۽ وڏو (عمل) لکيو ويو آهي. بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ نهرن ۾ هوندا. عزت واري گهر ۾، قدرت واري بادشاهه وٽ.

COPYRIGHTS OF THIS BOOK RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK IS STRICTLY PROHIBITED UNDER CIVIL & CRIMINAL LAW.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. الله ﷻ انبياءِ ڪرام عليهم السلام کي نبوت جي دعويٰ جا دليل ۽ تصديق طور معجزات عطا فرمايا آهن. خاص ڪري اسان جي پياري رسول حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ کي شق قمر (چند جي به ٽڪرا ٿي وڃڻ) جو معجزو عطا ڪيو. (سورة القمر، آيت: ١ کان ٢)

٢. قرآن حڪيم ۾ گذريل قومن جو ذڪر ان ڪري ڪيو ويو آهي، ته جيئن اسان انهن جي انجام کان سبق حاصل ڪيون. (سورة القمر، آيت: ٤)

٣. نافرمان قومون الله ﷻ جي چٽين نشانين مان فائدو ناهن ونديون ۽ عذاب جو شڪار ٿي ويندیون آهن. (سورة القمر، آيت:٥)

٤. قيامت جي ڏينهن جڏهن سور ڦوڪيو ويندو ته ماڻهو پنهنجي قبرن مان نڪري ميدان حشر ۾ جمع ٿيندا. ڪافرن جي لاءِ اهو ڏاڍو سخت ڏينهن هوندو. (سورة القمر، آيات: ٦ کان ٨)

٥. انبياء ڪرام عليهم السلام جو انڪار ڪرڻ وارا دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان ڪائيندا. (سورة القمر، آيات: ٩ کان ٤٣)

٦. الله ﷻ قرآن حڪيم کي نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ آسان بڻائي ڇڏيو آهي. اسان کي قرآن حڪيم مان نصيحت حاصل ڪرڻ گهرجي. (سورة القمر، آيات: ١٧، ٢٢، ٣٢، ٤٠)

٧. دنيا ۾ مجرم گمراهي ۽ گناهن جي جنون ۾ مبتلا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن جهنم ۾ وڌا ويندا. (سورة القمر، آيات:٤٧،٤٨)

٨. الله ﷻ هر شيء جو هڪ اندازو مقرر ڪيو آهي، اهڙيءَ طرح الله ﷻ جو عذاب ۽ قيامت به الله ﷻ جي مقرر ڪيل وقت تي ايندي. (سورة القمر، آيت: ٤٩)

٩. اسان جو هر نندو وڏو عمل اسان جي اعمال نامي ۾ لکجي رهيو آهي. (سورة القمر، آيات: ٥٢،٥٣)

١٠. پرهيزگاري اختيار ڪرڻ وارن جي لاءِ الله ﷻ وٽ عزت وارو مقام آهي. (سورة القمر، آيات:٥٤، ٥٥)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (✓) لڳايو.

١. چند جو به ٽڪڑا ٿيڻ وارو معجزو ڏسي ڪافرن ڇا چيو؟

(الف) هي پاڻ ﷺ جو معجزو آهي (ب) هي اتفاقي واقعو آهي (ج) هي جادو آهي

٢. قرآن حڪيم کي الله ﷻ ڪهڑي حوالي سان آسان فرمائي ڇڏيو آهي؟

(الف) پڑهڻ لاءِ (ب) ياد رکڻ لاءِ (ج) نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ.

٣. قوم ثمود پنهنجي رسول حضرت صالح عليه السلام تي ڪهڑو الزام لڳايو؟ (معاذ الله)

(الف)چريو ۽ مجنون هئڻ جو (ب) ڪوڙي ڏاڙي هئڻ جو (ج) ڪاهن ۽ جادوگر هئڻ جو

٤. حضرت لوط عليه السلام جي قوم تي الله ﷻ جو عذاب ڪهڑي وقت نازل ٿيو؟

(الف) رات ٿيندي ئي (ب) صبح ٿيندي ئي (ج) ٻيپهري ٿيندي ئي.

٥. قيامت جو قائم ڪرڻ الله ﷻ جي لاءِ اهڙو ئي آسان آهي جيئن؟

(الف) تاڑي وجائڻ (ب) اک ڇنيڻ (ج) هڪ سان اشارو ڪرڻ.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE IIM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

سوال ٢ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

١. پهرئين رڪوع جي روشني ۾ بيان ڪيو ته آخرت جي ڏينهن انسانن جو ڇا حال هوندو؟

٢. هن سورة ۾ ڪهڙين نافرمان قومن جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

٣. حضرت نوح عليه السلام الله تعالىٰ کان ڪهڙي دعا گهري؟

٤. آخري رڪوع ۾ مجرمن جو ڪهڙو انجام بيان ٿيو آهي؟

٥. آخر ۾ متقين جو ڪهڙو انجام بيان ٿيو آهي؟

سوال ٣ هن سورة جي روشنيءَ ۾ صحيح (√) يا غلط (x) جي نشان ذريعي پنهنجا جواب واضح ڪيو:

نمبر شمار	قوم	عذاب	صحيح	غلط
١.	حضرت نوح عليه السلام جي قوم	زوردار زلزلو		
٢.	عاد جي قوم	تيز طوفان واري هوا		
٣.	ثمود جي قوم	رڙ		
٤.	حضرت لوط عليه السلام جي قوم	باهه وسائڻ وارو طوفان		

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IIM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.



گھرو ڪم

❁ چنڊ الله ﷻ جي نشانين مان هڪ نشاني آهي. چنڊ مان اسان کي ڪهڙا فائدا حاصل ٿيندا آهن؟

❁ الله ﷻ هن سورة ۾ قرآن حڪيم جي آسان هٿ جو چار ڀيرا ذڪر فرمايو آهي. قرآن حڪيم ڪيئن نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ آسان آهي هڪ نوٽ تحرير ڪيو؟

❁ حڪمت جي حوالي سان ڪي ٻ جڳهيون قرآن حڪيم مان تلاش ڪيو.

حڪمت

سورة _____

آيت نمبر _____

سورة _____

آيت نمبر _____

ترجمو:

_____

_____

ترجمو:

_____

_____

صحيح استاد ۽ تاريخ _____

صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:١٢ سُوْرَةُ الرَّحْمٰن (سورت نمبر: ٥٥، ڪل رڪوع :٣، ڪل آيتون:٧٨)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ نازل ٿي. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه شروعاتي ڏينهن ۾ ڪعبي جي حرم ۾ وڃي مقام ابراهيم عليه السلام وٽ هن سورت جي تلاوت ڪئي هئي. حضرت عروه بن زبير رضي الله عنه بيان ڪن ٿا ته هڪ ڏينهن صحابه ڪرام رضي الله عنهم پاڻ ۾ گفتگو ڪري رهيا هئا ته قريشن اڄ تائين قرآن حڪيم کي ٻڌو ناهي، ٻڌڻ بنا ان جي مخالفت ڪندا ٿا رهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو همت ڪري وڏي آواز سان انهن کي قرآن ٻڌائي ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمايو اها سعادت آءٌ حاصل ڪندس. صحابه ڪرام رضي الله عنهم کين انهيءَ ڪري منع ڪئي ته، ڪافر ڪمزور ۽ ضعيف سمجهي کين ماريندا. ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي اهو فرض انجام ڏيڻ گهرجي جنهن جو قبيلو زوراور هجي، پر حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه انهن جي هڪ به نه ٻڌي، اٿيو ۽ مقام ابراهيم عليه السلام وٽ وڃي بيهي رهيو ۽ پنهنجي خوبصورت وڏي آواز ۾ سورت الرحمٰن جي تلاوت شروع ڪري ڏنائين. قريشن کي جڏهن خبر پئي، ته هو قرآن حڪيم جي تلاوت ڪري رهيا آهن، ته اهي به اٿي پيا، وٽس اچي کيس مارڻ لڳا، ايتري تائين جو سندن چهرو زخمي ٿي پيو. ان مان معلوم ٿيو ته هيءَ سورة مڪ مڪرمه ۾ انهيءَ واقعي کان اڳ نازل ٿي چڪي هئي.

هيءَ قرآن حڪيم جي تمام حسين سورة آهي، جنهن کي "عروس القرآن" يعني قرآن حڪيم جي ڪنوار به چيو ويندو آهي. (بيهقي) هن سورة ۾ آيت "فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" ٣١ دفعا ورجائي وئي آهي. ان ۾ جنن ۽ انسانن ٻنهي کي خطاب آهي. هن سورة ۾ عظمت قرآن حڪيم ۽ الله سبحانه وتعالى جي قدرت بيان ٿيل آهي. جهنم وارن ۽ جنت وارن جو ذڪر تفصيل سان ڪيو ويو آهي.

حضرت جابر رضي الله عنه فرمائن ٿا، ته رسول الله ﷺ پنهنجي صحابه ڪرام رضي الله عنهم وٽ آيا ۽ سندن سامهون سورة الرحمٰن منڍ کان پڇاڙيءَ تائين پڙهيائون، (ٻڌي) خاموش رهيا، پاڻ ﷺ فرمايو: "مون هيءَ سورة جنن سان ملاقات واريءَ رات جنن کي پڙهي ٻڌائي ته انهن مون کي اوهان کان بهتر جواب ڏنو، جڏهن به مان پڙهندي آيت "فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" تي پهتس ته هو چون پيا "لَا بِشَيْءٍ مِنْ نِّعَمِكَ رَبَّنَا نُكَذِّبُ فَلَكَ الْحَمْدُ" اي اسان جا رب! اسان تنهنجي نعمتن مان ڪنهن به نعمت جو انڪار نٿا ڪيون، تنهنجي لاءِ ئي سڀ تعريفون آهن." (جامع ترمذي) اهڙيءَ طرح بحارالانوار ۾ به ساڳئي مفهوم جي روايت آهي، ته جڏهن هيءَ آيت پڙهي وئي ته جنن جواب ڏنو "لَا وَلَا شَيْءٌ مِنْ اٰلَآءِكَ رَبَّنَا نُكَذِّبُ" ساڳيءَ طرح امام جعفر صادق رحمة الله عليه فرمايو: جيڪو شخص سورة رحمٰن جي تلاوت ڪري، ان کي گهرجي، تو اهو "فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" کان پوءِ چئي "لَا شَيْءٌ مِنْ اٰلَآءِكَ رَبِّ اُكَذِّبُ". (اصول ڪافي).

اَعُوْذُ	بِاللّٰهِ	مِنَ	الشَّيْطٰنِ	الرَّجِيْمِ	بِسْمِ	اللّٰهِ	الرَّحْمٰنِ	الرَّحِيْمِ
آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان					شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي			

اَلرَّحْمٰنُ ۙ﴿١﴾ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ؕ﴿٢﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ ۙ﴿٣﴾ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ ﴿٤﴾ اَلشَّمْسُ وَالْقَمَرُ

رحمٰن (پنهنجي رسول ﷺ کي) قرآن سيکاريو. ان ئي (ان ڪامل) انسان کي پيدا ڪيو. (۽) ان کي بيان سيکاريائين. سج ۽ چنڊ،

بِحُسْبَانٍ ۖ﴿٥﴾ وَّالنَّجْمُ وَالشَّجَرُ يَسْجُدٰنِ ﴿٦﴾ وَالسَّمَآءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ۙ﴿٧﴾

هڪ مقرر حساب سان هلي رهيا آهن. ۽ ستارا ۽ وڻ، (الله کي) سجدو ڪن ٿا. ۽ ان آسمان کي بلند فرمايو، ۽ ان ئي ترازي قائم فرمائي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WILL BE CRIMINAL ACTION.

اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ۝٨ وَ اَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ۝٩ وَالْاَرْضَ وَ ضَعَهَا لِلْاَنَامِ ۙ۝١٠

ته اوهان تور ۾ زيادتي نه ڪيو. ۽ اوهان انصاف سان وزن قائم ڪيو، ۽ تور ۾ گهٽتائي نه ڪيو. ۽ ان زمين کي مخلوق جي لاءِ وڇايو.

فِيْهَا فَاكِهَةٌ ۖ وَّالنَّخْلُ ذَاتُ الْاَكْمَامِ ۖ۝١١ وَالْحَبُّ ذُو الْعَصْفِ وَالرَّيْحَانُ ۚ۝١٢

ان ۾ ميوا آهن ۽ ڏوڪرن واريون کجيون آهن. ۽ بهه وارو ان ۽ خوشبودار گل به.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝١٣ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ ۙ۝١٤

ته (اي جنؤ ۽ انسانو!) اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندو؟ ان (الله) انسان کي ٺڪريءَ وانگر وڄندڙ مٽي مان پيدا ڪيو.

وَخَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ ۚ۝١٥ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝١٦

۽ ان جنن کي پيدا ڪيو، باهه جي شعلي مان. ته اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو؟

رَبُّ الْمَشْرِقَيْنِ وَرَبُّ الْمَغْرِبَيْنِ ۚ۝١٧ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝١٨

(اهو) ٻنهي اوڀرن جو رب، ۽ (اهو) ئي ٻنهي اولهن جو رب آهي. ته اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو؟

مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ يَلْتَقِيٰنِ ۙ۝١٩ بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ ۚ۝٢٠

ان سمنڊ جاري فرمايا، جيڪي پاڻ ۾ ملي وڃن ٿا. انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ اوٽ آهي، جو هو ٻئي (پنهنجي) حد کان نٿا وڌن.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٢١ يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ وَالْمَرْجَانُ ۚ۝٢٢

ته اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو؟ ٻنهي (سمنڊن) مان موتي نڪرندا آهن، ۽ مرجان.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٢٣ وَلَهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَئٰتُ فِي الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ۚ۝٢٤

ته اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو؟ ۽ جهاز به ان جا ئي آهن جيڪي سمنڊ ۾ بيٺل آهن، جبلن وانگر.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٢٥ ع كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ۖۚ۝٢٦ ع 1 25

ته اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو؟ هر هڪ جيڪو هن (زمين) تي آهي، اهو فنا ٿيڻ وارو آهي.

وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ۚ۝٢٧ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٢٨

۽ اوهان جي رب جي ذات باقي رهندي، جيڪا جلال واري ۽ عزت واري آهي. ته اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو؟

يَسْـَٔلُهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِيْ شَاْنٍ ۚ۝٢٩ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٣٠

جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سڀ کانئس ئي گهرن ٿا، هو هر آن ۾ نئين شان ۾ آهي. ته اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو؟

سَنَفْرُغُ لَكُمْ اَيُّهَ الثَّقَلٰنِ ۚ۝٣١ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٣٢

اسان عنقريب اوهان ڏانهن توجهه فرمائينداسين، اي (جنن ۽ انسانن جون) ٻه جماعتو!، ته اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو؟

يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اِنِ اسْتَطَعْتُمْ اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ فَانْفُذُوْا ؕ

اي جنن ۽ انسانن جا ٽولا! جيڪڏهن اوهان طاقت رکو ٿا ته ٻاهر نڪري سگهندو، آسمانن ۽ زمينن جي ڪنارن کان، ته نڪري وڃو،

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD CONTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

لَا تَنْفُذُوْنَ اِلَّا بِسُلْطٰنٍ ۚ﴿٣٣﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٤﴾

اوهان (اسان جي عطا ڪيل) طاقت کان بنا نٿا نڪري سگهو. ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟

يُرْسَلُ عَلَيْكُمَا شُوَاظٌ مِّنْ نَّارٍ ۙ وَّنُحَاسٌ فَلَا تَنْتَصِرٰنِ ۚ﴿٣٥﴾

اوهان ٻنهي تي ڇڏيو ويندو، باهه جو شعلو ۽ دونهون، پوءِ اوهان ٻئي بچي ڪونه سگهندؤ.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٦﴾ فَاِذَا انْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ وَرْدَةً كَالدِّهَانِ ۚ﴿٣٧﴾

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ پوءِ جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو ته، هو (ڳاڙهو) گلاب ٿي ويندو، ڳاڙهي چمڙيءَ وانگر.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٨﴾ فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُسْـَٔلُ عَنْ ذَنْۢبِهٖٓ اِنْسٌ وَّلَا جَآنٌّ ۚ﴿٣٩﴾

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ ته ان ڏينهن نه ڪنهن انسان کان ان جي گناهه جي باري ۾ پڇيو ويندو، ۽ نه ڪنهن جن کان.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٠﴾ يُعْرَفُ الْمُجْرِمُوْنَ بِسِيْمٰهُمْ

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ مجرمن کي سڃاتو ويندو، انهن (جي چهرن) جي علامتن مان،

فَيُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِيْ وَالْاَقْدَامِ ۚ﴿٤١﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٢﴾

پوءِ انهن کي پيشاني جي وارن ۽ پيرن کان پڪڙيو ويندو. ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟

هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ يُكَذِّبُ بِهَا الْمُجْرِمُوْنَ ۘ﴿٤٣﴾ يَطُوْفُوْنَ بَيْنَهَا وَبَيْنَ حَمِيْمٍ اٰنٍ ۚ﴿٤٤﴾

(چيو ويندو) هيءُ آهي اها جهنم، جنهن جو مجرم انڪار ڪندا هئا. هو چڪر لڳائيندا، ان (جهنم) ۽ اٻرندڙ گرم پاڻيءَ جي وچ ۾.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٥﴾ ع وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ۚ﴿٤٦﴾

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ ۽ جيڪو شخص پنهنجي رب جي، سامهون بيهڻ کان ڊنو، تنهن لاءِ ٻه باغ هوندا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۙ﴿٤٧﴾ ذَوَاتَآ اَفْنَانٍ ۚ﴿٤٨﴾

ته اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ ٻئي (باغ) خوب شاخن وارا هوندا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٩﴾ فِيْهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ ۚ﴿٥٠﴾

ته اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ انهن ٻنهي (باغن) ۾ ٻه چشما جاري هوندا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥١﴾ فِيْهِمَا مِنْ كُلِّ فَاكِهَةٍ زَوْجٰنِ ۚ﴿٥٢﴾

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ انهن ٻنهي ۾ هر فروٽ جا ٻه ٻه قسم هوندا.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE IAM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٣﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى فُرُشٍۭ بَطَآئِنُهَا مِنْ اِسْتَبْرَقٍ ؕ

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ (جنتي ماڻهو) اهڙن بسترن تي ٽيڪ لڳائي ويٺل هوندا، جنهن جون ڇهون ٿلهي ريشم جون هونديون.

وَجَنَا الْجَنَّتَيْنِ دَانٍ ﴿٥٤﴾ ۚ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٥﴾

۽ ٻنهي باغن جا فروٽ (جهڪي رهيا) هوندا. ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ.

فِيْهِنَّ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ ۙ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَآنٌّ ﴿٥٦﴾ ۚ

انهن ۾ جهڪيل نظرن واريون (حورون) هونديون، جن کي ان کان اڳ نه ڪنهن انسان هٿ لاتو هوندو، ۽ نه ڪنهن جن.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٧﴾ ۚ كَاَنَّهُنَّ الْيَاقُوْتُ وَالْمَرْجَانُ ﴿٥٨﴾ ۚ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٩﴾

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ ڄڻ اهي ياقوت ۽ مرجان آهن. ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟

هَلْ جَزَآءُ الْاِحْسَانِ اِلَّا الْاِحْسَانُ ﴿٦٠﴾ ۚ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦١﴾ وَمِنْ دُوْنِهِمَا جَنَّتٰنِ ﴿٦٢﴾ ۚ

نيڪيءَ جو بدلو احسان کان سواءِ ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو. ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ ۽ انهن ٻن کان علاوه ٻه باغ ٻيا به هوندا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٣﴾ ۙ مُدْهَآمَّتٰنِ ﴿٦٤﴾ ۚ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٥﴾ ۚ

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ ٻئي تيز ساوا جهڙا ڪارا آهن. ته توهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟

فِيْهِمَا عَيْنٰنِ نَضَّاخَتٰنِ ﴿٦٦﴾ ۚ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٧﴾ فِيْهِمَا فَاكِهَةٌ وَّنَخْلٌ وَّرُمَّانٌ ﴿٦٨﴾ ۚ

ان ۾ ٻه اٻرندڙ چشما هوندا. ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ ان ۾ فورٽ ۽ کجيون ۽ ڏاڙهون هوندا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٩﴾ ۚ فِيْهِنَّ خَيْرٰتٌ حِسَانٌ ﴿٧٠﴾ ۚ

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ ان ۾ خوب سيرت ۽ خوبصورت عورتون هونديون.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧١﴾ ۚ حُوْرٌ مَّقْصُوْرٰتٌ فِى الْخِيَامِ ﴿٧٢﴾ ۚ

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ اهڙيون حورون جيڪي خيمن ۾ محفوظ هونديون.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٣﴾ ۚ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَآنٌّ ﴿٧٤﴾ ۚ

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟جنهن کي ان کان اڳ نه ڪنهن انسان هٿ لاتو هوندو، نه ڪنهن جن.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٥﴾ ۚ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى رَفْرَفٍ خُضْرٍ وَّعَبْقَرِيٍّ حِسَانٍ ﴿٧٦﴾ ۚ

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ (جنتي ماڻهو) وهاڻا لڳائي (ويٺا هوندا) ساون قالينن، ۽ نهايت نفيس عمدن پٿراڻين تي.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٧﴾ تَبٰرَكَ اسْمُ رَبِّكَ ذِى الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ﴿٧٨﴾ ع

ع 3 33

ته اوهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندؤ؟ اوهان جي رب جو نالو وڏو برڪت وارو آهي، جيڪو جلال وارو ۽ عزت وارو آهي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK MOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون گالهيون

١. رحمٰن يعني الله ﷻ بهترين مخلوق، ڪامل ترين انسان پنهنجي محبوب رسول ﷺ کي بهترين ڪلام قرآن عطا فرمايو. اسان کي گهرجي ته پنهنجي بهترين صلاحيتن کي ان جي سکڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ استعمال ڪيون. (سورة الرحمٰن، آيات: ١ کان ٤)

٢. سج، چنڊ ۽ تارا، آسمان، زمين، حيوانات، نباتات وغيره الله ﷻ جي نعمتن ۽ قدرتن جو شاهڪار آهن. اسان کي انهن نعمتن تي الله ﷻ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. (سورة الرحمٰن، آيات: ٥ کان ١٣)

٣. الله ﷻ پوري ڪائنات کي عدل ۽ توازن سان پيدا ڪيو آهي. اسان کي به ڪنهن سان زيادتي نه ڪرڻ گهرجي. (سورة الرحمٰن، آيات: ٧ کان ٩)

٤. اسان کي الله ﷻ جي ڪنهن به نعمت جي ناشڪري نه ڪرڻ گهرجي. (سورة الرحمٰن، آيات: ١٣ کان ٧٧)

٥. انسان ۽ جن ٻئي صاحب اختيار مخلوق آهن. اهي ٻئي گهرن ته الله ﷻ جو شڪر ادا ڪن يا ناشڪري ڪن. (سورة الرحمٰن، آيات: ١٤ کان ١٦)

٦. هيءَ ڪائنات ۽ ان جو پورو نظام هڪ الله ﷻ جي سجاڻ آهن. (سورة الرحمٰن، آيات: ١٧ کان ٢٨)

٧. الله ﷻ جي ذات کان سواءِ سڀ ڪجهه فنا ٿيڻ وارو آهي. هو وڏي شان ۽ عظمت وارو آهي. (سورة الرحمٰن، آيات: ٢٦، ٢٧)

٨. آسمان ۽ زمين وارا سڀ الله ﷻ جا محتاج آهن (سورة الرحمٰن، آيت: ٢٩)

٩. الله ﷻ جي سامهون ٻيهڙ ڪان ڏجڻ وارن جي لاءِ ٻه جنتون آهن. (سورة الرحمٰن، آيت: ٤٦)

١٠. نيڪيءَ جو بدلو ته عمدو ۽ سٺو ئي هوندو آهي. (سورة الرحمٰن، آيت: ٦٠)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (✓) لڳايو.

١. الله ﷻ جنن کي ڪهڙي شئي مان پيدا ڪيو؟
(الف) متي (ب) پاڻي (ج) باهه

٢. سمنڊ جو ڪهڙو فائدو بيان ڪيو ويو آهي؟
(الف) پاڻي حاصل ٿئي ٿو (ب) موتي ۽ مرجان حاصل ٿين ٿا (ج) مڇيون حاصل ٿين ٿيون.

٣. قيامت جي ڏينهن مجرمن کي ڪيئن سڃاتو ويندو؟
(الف) انهن جي منهن مان (ب) انهن جي اعمال نامي مان (ج) انهن جي عملن جي وزن مان

٤. حشر جي ميدان ۾ الله ﷻ جي سامهون ٻيهڙ ڪان ڏجڻ وارن جو ڪهڙو انعام هوندو؟
(الف) هڪ نهايت سائي جنت (ب) ٻه محل (ج) ٻه جنتون.

٥. وڏي شان ۽ عظمت واري الله ﷻ جو نالو ڪيئن آهي؟
(الف) وڏي برڪت وارو آهي (ب) وڏي شان وارو آهي (ج) وڏو خوبصورت آهي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE A CRIMINAL ACTION.

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. پهرئين رڪوع ۾ ميزان (ترازي) جي باري ۾ اللهﷻ ڇا فرمايو آهي؟

۲. پهرئين رڪوع ۾ اللهﷻ جي ڪيترين ئي نعمتن جو بيان آهي انهن مان پنج تحرير ڪيو؟

۳. ٻئي رڪوع ۾ جنن ۽ انسانن جي بي وسيءَ جو ذڪر ڪيئن ڪيو ويو آهي؟

۴. ٻئي رڪوع ۾ مجرمن جو ڪهڙو انجام بيان ڪيو ويو آهي؟

۵. ٽئين رڪوع ۾ بيان ڪيل جنت وارن تي اللهﷻ جي ڪن به ڇئن انعامن جو ذڪر ڪيو؟

سوال ۳ ٽئين رڪوع ۾ بن باغن جو ذڪر آهي. انهن جون خاصيتون تحرير ڪيو:

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

گھرو ڪم

- هڪ چارٽ تي "فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" مختلف رنگن ۾ خوبصورتي سان تحرير ڪري ڪن به ڏهن نعمتن جون تصويرون لڳايو جيڪي ان سورة ۾ ذڪر ڪيون ويون آهن. انهن مان ڪنهن به هڪ جو مادل ناهي ڪلاس ۾ آڻي سيني کي ڏيکاريو.
- والدين جي مدد سان کي ٻيون ٻه سورتون تلاش ڪيو، جن ۾ هڪ آيت گهٽتا دفعا ورجائي وئي هجي.

سورت جو نالو _____	سورت جو نالو _____
آيت نمبر _____	آيت نمبر _____

- آيت: ۱۹ ۽ ۲۰ ۾ بيان ٿيل ڳالهه جو مشاهدو دنيا جي ڪيترين جڳهن تي ڪري سگهجي ٿو، جتي منو ۽ کارو پاڻي گڏجي وهندو هجي. اوهان کي به ٻه جڳهيون گولهي علاقي ۽ درياءَ جو نالو لکڻو آهي.





_____ _____

صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL & CIVIL ACTION.

سبق:١٣ سُوْرَةُ الْوَاقِعَة (سورت نمبر: ٥٦، ڪل رڪوع :٣، ڪل آيتون:٩٦)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي اسلام آڻڻ کان اڳ نازل ٿي چڪي هئي. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو سن ٦ نبوي جو آهي. جڏهن حضرت عمرفاروق رضي الله عنه کي معلوم ٿيو ته سندن ڀيڻيو ۽ ڀيڻ ايمان آڻي چڪا آهن، ته پاڻ رضي الله عنه ٻنهي تي تشدد ڪيو، جنهن سان سندن ڀيڻ جو مٿو ڦاٽي پيو ۽ خون وهڻ لڳو. پر ڀيڻ سندس اهڙي تشدد باوجود صبر ڪيو ۽ الله سبحانه وتعالى ۽ ان جي پياري رسول ﷺ تي ايمان آڻڻ جو سنئون سڌو اعلان ڪيو ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ايتري سختيءَ جي باوجود ان تي صبر ۽ استقامت اختيار ڪئي، جنهن ڪري سندن دل ڏاڍي متاثر ٿي. پاڻ رضي الله عنه فرمايو: مونکي اهو ڪتاب ڏيکاريون جيڪو اوهان پڙهيو پئي. پاڻ رضي الله عنه جي ڀيڻ فرمائڻ لڳي: ”اي عمر! تون مشرڪ آهين ۽ مشرڪ ناپاڪ هوندو آهي. وَاِنَّهٗ لَا يَمَسُّهَا اِلَّا الطَّاهِرُ ۽ بيشڪ هن (صحيفي) کي صرف پاڪ شخص ئي هٿ لڳائي سگهي ٿو“. ساڳيو مفهوم هن سورة جي آيت: ٧٩ ۾ لَا يَمَسُّهٗ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ جي لفظن سان بيان ڪيو ويو آهي. ان مان خبر پئي ته ان وقت هيءَ سورة حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي ايمان آڻڻ کان اڳ نازل ٿي چڪي هئي.

”اَلْوَاقِعَة“ قيامت جي نالن مان هڪ نالو آهي. ان جي معنيٰ ”واقع ٿيڻ واري“ آهي. شروع ۾ ٻڌايو ويو آهي، ته قيامت جي ڏينهن انسانن کي ٽن ٽولن ۾ ورهايو ويندو. هڪ ٽولو ڪامياب ٿيڻ وارن جو، جن کي سندن اعمال نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو. ٻيو ٽولو ناڪام ٿيڻ وارن جو هوندو، جن جو اعمال نامو کين سندن کٻي هٿ ۾ ڏنو ويندو. ۽ ٽيون ٽولو مقربين يعني شاندار ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارن خوش نصيبن جو هوندو، جيڪي نيڪين ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي نڪرڻ وارا هئا. پوءِ مقربين ۽ سڄي هٿ وارن جي جنتن ۽ انهن جي شاندار نعمتن جو ذڪر آهي. پوءِ کٻي هٿ وارن يعني جهنم وارن تي عذاب جي خطرناڪ سزائن جو بيان آهي. وچ ۾ الله سبحانه وتعالى جي بيشمار قدرتن جي نشانين مان انسان، نباتات، پاڻي ۽ باهه جو ذڪر ڪيو ويو آهي. آخر ۾ انسان جي موت جو نقشو چٽيو ويو آهي ۽ ٽنهي ٽولن جو انجام بيان ڪيو ويو آهي.

هن سورة کي باقاعدگيءَ سان پڙهڻ وارو رزق جي تنگيءَ ۽ گهٽتائي ۾ مبتلا نه ٿيندو. جيئن ته حديث شريف ۾ آهي ته جڏهن حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه بيمار ٿيو، ته حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه سندن طبيعت پڇڻ لاءِ ويو. حضرت عثمان رضي الله عنه پڇيو: ”توهان کي ڇاجي تڪليف ٿي آهي؟ فرمايائون: پنهنجي گناهن جي، پڇيائون: توهان ڇاٿا گهرو؟ فرمايائو: پنهنجي رب جي رحمت، پڇيائو: توهان جي لاءِ طبيب گهرايون؟ چيائون: طبيب ئي ته مونکي بيماريءَ ۾ مبتلا ڪيو آهي، پڇيائو: مان توهان کي ڪجهه وظيفو ڏيڻ جو حڪم ڏيان؟ فرمايائون: توهان ان کان پهريان مون کان انڪار ڪري چڪا آهيو، هاڻي مون کي ان جي ضرورت ناهي. چيائون: توهان پنهنجي عيال جي لاءِ ڪجهه پيش ڪرڻ ڏيو. فرمايائون: مون انهن کي اهڙي شيءِ سيکاري ڇڏي آهي، جڏهن اها پڙهندا، ته ڪنهن جا محتاج نه ٿيندا، مون رسول الله ﷺ کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي ته جنهن هر رات سورة الواقعة پڙهي، اهو ڪنهن شيءِ جو محتاج ڪونه ٿيندو. (بيهقي)

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE IMM FOUNDATION SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION. DETAIL CIVIL

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

اِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ۙ﴿١﴾ لَيْسَ لِوَقْعَتِهَا كَاذِبَةٌ ۘ﴿٢﴾ خَافِضَةٌ رَّافِعَةٌ ۙ﴿٣﴾

جڏهن واقع ٿيڻ واري (قيامت) واقع ٿيندي. ان جي ٿيڻ ۾ ڪو ڪوڙ ناهي. (ڪنهن کي) ڪمزور ڪرڻ واري (ڪنهن کي) بلند ڪرڻ واري هوندي.

اِذَا رُجَّتِ الْاَرْضُ رَجًّا ۙ﴿٤﴾ وَّبُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا ۙ﴿٥﴾ فَكَانَتْ هَبَآءً مُّنْۢبَثًّا ۙ﴿٦﴾

جڏهن زمين هڪ سخت زلزلي سان لوڏي ويندي. ۽ جبل بلڪل ذره ذره ڪيا ويندا. پوءِ اهي اڏريل ڌوڙ وانگر ٿي ويندا.

وَّكُنْتُمْ اَزْوَاجًا ثَلٰثَةً ؕ﴿٧﴾ فَاَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ؕ﴿٨﴾

۽ اوهان ٽن ٽولن ۾ تقسيم ٿي ويندؤ. پوءِ سڄي هٿ وارا ڪيترا، ته (چڱا) آهن سڄي هٿ وارا.

وَاَصْحٰبُ الْمَشْـَٔمَةِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الْمَشْـَٔمَةِ ؕ﴿٩﴾ وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ ۙ﴿١٠﴾

۽ کٻي هٿ وارا ڪيترا، ته (برا) آهن کٻي هٿ وارا. ۽ جيڪي گوءِ کڻڻ وارا آهن اهي ته آهن ئي اڳ ڪڍي وڃڻ وارا.

اُولٰٓئِكَ الْمُقَرَّبُوْنَ ۚ﴿١١﴾ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿١٢﴾ ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ۙ﴿١٣﴾

اهي (الله جا) مقرب آهن. نعمتن وارن باغن ۾ (هوندا). تمام وڏي جماعت پهرين ماڻهن مان هوندي.

وَقَلِيْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ؕ﴿١٤﴾ عَلٰى سُرُرٍ مَّوْضُوْنَةٍ ۙ﴿١٥﴾ مُّتَّكِـِٕيْنَ عَلَيْهَا مُتَقٰبِلِيْنَ ﴿١٦﴾

۽ ٿورڙا پونئين ماڻهن مان. (هي ماڻهو) سون جي تارن سان اڻيل وڏن تختن تي. ٽيڪ لڳائي آمهون سامهون ويٺل هوندا.

يَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ۙ﴿١٧﴾ بِاَكْوَابٍ وَّاَبَارِيْقَ ۙ وَكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ۙ﴿١٨﴾

انهن جي آس پاس اهڙا ڇوڪرا گهمندا هوندا، جيڪي هميشه (ڇوڪرا ئي) رهندا. گلاس ۽ جڳ، ۽ وهندڙ شراب جا ڀريل پيالا کڻي.

لَّا يُصَدَّعُوْنَ عَنْهَا وَلَا يُنْزِفُوْنَ ۙ﴿١٩﴾ وَفَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوْنَ ۙ﴿٢٠﴾

جنهن مان نه مٿي ۾ سور ٿيندو، ۽ نه ئي انهن جا هوش اڏرندا. ۽ فروٽ (کڻي) جيڪي هو پسند ڪندا.

وَلَحْمِ طَيْرٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ؕ﴿٢١﴾ وَحُوْرٌ عِيْنٌ ۙ﴿٢٢﴾ كَاَمْثَالِ اللُّؤْلُؤِ الْمَكْنُوْنِ ۚ﴿٢٣﴾

۽ پکين جو گوشت (کڻي) جيڪي سندن دل گهري. ۽ وڏين وڏين اکين واريون حورون (هونديون). اهڙيون جهڙا لڪايل موتي هجن.

جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٤﴾ لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا تَاْثِيْمًا ۙ﴿٢٥﴾ اِلَّا قِيْلًا

هي بدلو هوندو انهن (نيڪ) عملن جو جيڪي هو ڪندا هئا. جنهن ۾ هو، نه ڪا بيڪار ڳالهه ٻڌندا ۽ نه ڪا گناهه جي ڳالهه. پر هڪ ڳالهه هوندي،

سَلٰمًا سَلٰمًا ﴿٢٦﴾ وَاَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ؕ﴿٢٧﴾ فِيْ سِدْرٍ مَّخْضُوْدٍ ۙ﴿٢٨﴾

سلامتيءَ ۽ سلامتيءَ جي. ۽ سڄي هٿ وارا ڪيترا، نه چڱا هوندا سڄي هٿ وارا. (هو) لسين ٻيرن ۾.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE TEMPORARY FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

وَّطَلْحٍ مَّنْضُوْدٍ ۙ﴿٢٩﴾ وَّظِلٍّ مَّمْدُوْدٍ ۙ﴿٣٠﴾ وَّمَآءٍ مَّسْكُوْبٍ ۙ﴿٣١﴾ وَّفَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ ۙ﴿٣٢﴾

۽ تهه مٿان تهه ڪيلن (جي وڻن) ۾. ۽ وڏن وڏن پاڇن ۾. ۽ وهندڙ پاڻيءَ ۾. ۽ گهڻن ميون ۾ (لطف وٺندا).

لَّا مَقْطُوْعَةٍ وَّلَا مَمْنُوْعَةٍ ۙ﴿٣٣﴾ وَّفُرُشٍ مَّرْفُوْعَةٍ ؕ﴿٣٤﴾

جيڪي نه ڪڏهن ختم ٿيندا، ۽ نه (کانئن) روڪيا ويندا. ۽ وڏن وڏن فرشن ۾ (هوندا).

اِنَّآ اَنْشَاْنٰهُنَّ اِنْشَآءً ۙ﴿٣٥﴾ فَجَعَلْنٰهُنَّ اَبْكَارًا ۙ﴿٣٦﴾ عُرُبًا اَتْرَابًا ۙ﴿٣٧﴾

بيشڪ اسان انهن عورتن کي نئين سر پيدا فرمايو آهي. پوءِ اسان کين ڪنواريون بڻايون آهن. گهڻي محبت ڪرڻ واريون (۽) هم عمر.

ع 1 38

لِّاَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ؕ﴿٣٨﴾ ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ۙ﴿٣٩﴾ وَثُلَّةٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ؕ﴿٤٠﴾

ساڄي هٿ وارن جي لاءِ. (هي) وڏو ٽولو پهرين ماڻهن مان هوندو. ۽ هڪ وڏو ٽولو پوءِ وارن ماڻهن مان هوندو.

وَاَصْحٰبُ الشِّمَالِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الشِّمَالِ ؕ﴿٤١﴾ فِيْ سَمُوْمٍ وَّحَمِيْمٍ ۙ﴿٤٢﴾

۽ کاٻي هٿ وارا ڪيترا، نه (برا) آهن کاٻي هٿ وارا. جيڪي (جهنم جي) سخت گرم هوائن ۽ ٽسڪندڙ پاڻيءَ ۾ هوندا.

وَّظِلٍّ مِّنْ يَّحْمُوْمٍ ۙ﴿٤٣﴾ لَّا بَارِدٍ وَّلَا كَرِيْمٍ ﴿٤٤﴾ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُتْرَفِيْنَ ۚۖ﴿٤٥﴾

۽ ڪاري دونهين جي پاڇي ۾ هوندا. جيڪو نه ٿڌو هوندو ۽ نه آرام وارو هوندو. بيشڪ هي ماڻهو ان کان اڳ خوشحال هئا.

وَكَانُوْا يُصِرُّوْنَ عَلَى الْحِنْثِ الْعَظِيْمِ ۚ﴿٤٦﴾ وَكَانُوْا يَقُوْلُوْنَ ۙ اَئِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا

۽ هو ڳري گناهه تي ڄمي بيهي رهندا هئا. ۽ چوندا هئا: ڇا جڏهن اسان مري وينداسين، مٽي ۽ هڏيون ٿي وينداسين،

ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ۙ﴿٤٧﴾ اَوَ اٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ اِنَّ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ ۙ﴿٤٩﴾

ڇا واقعي اسان وري زنده ڪيا وينداسين؟ ۽ ڇا اسان جا اڳيان ابا ڏاڏا به؟ اوهان (ﷺ) چئي ڇڏيو بيشڪ اڳيان پويان سڀ.

لَمَجْمُوْعُوْنَ ۙ اِلٰى مِيْقَاتِ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٥٠﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ اَيُّهَا الضَّآلُّوْنَ الْمُكَذِّبُوْنَ ۙ﴿٥١﴾

يقيناً جمع ڪيا ويندا، هڪ معيّن ڏينهن جي مقرر ڪيل وقت تي. پوءِ بيشڪ اي گمراهو ڪوڙو ڪرڻ وارو!

لَاٰكِلُوْنَ مِنْ شَجَرٍ مِّنْ زَقُّوْمٍ ۙ﴿٥٢﴾ فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ۚ﴿٥٣﴾

اوهان ضرور ٿوهر جي (ڪنڊن واري) وڻ مان کائيندو. پوءِ ان مان پيٽ ڀريندؤ.

فَشٰرِبُوْنَ عَلَيْهِ مِنَ الْحَمِيْمِ ۚ﴿٥٤﴾ فَشٰرِبُوْنَ شُرْبَ الْهِيْمِ ؕ﴿٥٥﴾ هٰذَا نُزُلُهُمْ يَوْمَ الدِّيْنِ ؕ﴿٥٦﴾

پوءِ ان تي ٻڙڪندڙ پاڻي پيئندؤ. پوءِ ائين پيئندؤ جيئن اڃارا اٺ پيئندا آهن. هيءَ بدلي واري ڏينهن انهن ماڻهن جي مهمان نوازي هوندي.

نَحْنُ خَلَقْنٰكُمْ فَلَوْ لَا تُصَدِّقُوْنَ ﴿٥٧﴾ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تُمْنُوْنَ ؕ﴿٥٨﴾ ءَاَنْتُمْ تَخْلُقُوْنَهٗٓ

اسان اوهان سڀني کي پيدا ڪيو، ته اوهان (قيامت جي) تصديق ڇو نٿا ڪيو؟ ڀلا هي ٻڌايو: جيڪو (نطفو) اوهان ڦٽو ڪيو ٿا. ڇا اوهان ان کي پيدا ڪندا آهيو؟

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ALM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اَمْ نَحْنُ الْخٰلِقُوْنَ ﴿٥٩﴾ نَحْنُ قَدَّرْنَا بَيْنَكُمُ الْمَوْتَ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿٦٠﴾ لا

يا اسان پيدا ڪرڻ وارا آهيون؟ اسان اوهان جي وچ ۾ موت کي مقرر ڪيو آهي، ۽ اسان (ان کان) عاجز ناهيون.

عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ اَمْثَالَكُمْ وَنُنْشِئَكُمْ فِيْ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦١﴾

ته اسان اوهان جهڙي (ٻي مخلوق) بدلائي آڻيون، ۽ اوهان کي اهڙي صورت ۾ پيدا ڪري ڇڏيون جنهن کي اوهان ڄاڻيو ئي ڪونه ٿا.

وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ النَّشْاَةَ الْاُوْلٰى فَلَوْ لَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٦٢﴾ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَحْرُثُوْنَ ﴿٦٣﴾ ط ءَاَنْتُمْ تَزْرَعُوْنَهٗٓ

۽ يقيناً اوهان پهرين پيدائش جي باري ۾ ڄاڻيو ٿا، ته پوءِ نصيحت حاصل ڇو نه ٿا ڪيو؟ ڀلا اوهان ڏسو، جيڪو ڪجهه اوهان پوکيو ٿا. ڇا اوهان ان کي ڦٽايو ٿا،

اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ ﴿٦٤﴾ لَوْ نَشَآءُ لَجَعَلْنٰهُ حُطَامًا فَظَلْتُمْ تَفَكَّهُوْنَ ﴿٦٥﴾ اِنَّا لَمُغْرَمُوْنَ ﴿٦٦﴾ لا

يا اسان ڦٽائڻ وارا آهيون. جيڪڏهن اسان چاهيون، ته ان کي چورو چورو ڪري ڇڏيون، پوءِ افسوس ڪندا رهجي ويندؤ، ته اسان ته ٽوٽ ۾ پئجي وياسين.

بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿٦٧﴾ اَفَرَءَيْتُمُ الْمَآءَ الَّذِيْ تَشْرَبُوْنَ ﴿٦٨﴾ ط ءَاَنْتُمْ اَنْزَلْتُمُوْهُ مِنَ الْمُزْنِ اَمْ نَحْنُ الْمُنْزِلُوْنَ ﴿٦٩﴾ لَوْ نَشَآءُ

بلڪ اسان آهيون ئي بدنصيب. ڀلا اوهان ڏسو، جيڪو پاڻي اوهان پيئندا آهيو. ڇا اوهان ان کي ڪڪرن مان لاٿو آهي، يا اسان لاٿو آهي؟ جيڪڏهن اسان چاهيون،

جَعَلْنٰهُ اُجَاجًا فَلَوْ لَا تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ اَفَرَءَيْتُمُ النَّارَ الَّتِيْ تُوْرُوْنَ ﴿٧١﴾ ط ءَاَنْتُمْ اَنْشَاْتُمْ شَجَرَتَهَآ اَمْ نَحْنُ الْمُنْشِئُوْنَ ﴿٧٢﴾

ته اسان ان کي کارو بڻائي ڇڏيون، پوءِ اوهان شڪر ڇو نٿا ڪيو؟ ڀلا اوهان ڏسو، جيڪا باهه اوهان ٻاريو ٿا. ڇا اوهان ان جي وڻ کي پيدا ڪيو آهي، يا اسان پيدا ڪرڻ وارا آهيون؟

نَحْنُ جَعَلْنٰهَا تَذْكِرَةً وَّمَتَاعًا لِّلْمُقْوِيْنَ ﴿٧٣﴾ ج فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٧٤﴾ ع

2 ع 36

اسان ان کي بڻايو آهي نصيحت، ۽ مسافرن جي فائدي لاءِ. ته پوءِ اوهان (ﷺ) پنهنجي رب جي نالي جي تسبيح ڪيو جيڪو وڏو عظيم آهي.

فَلَآ اُقْسِمُ بِمَوٰقِعِ النُّجُوْمِ ﴿٧٥﴾ لا وَاِنَّهٗ لَقَسَمٌ لَّوْ تَعْلَمُوْنَ عَظِيْمٌ ﴿٧٦﴾ لا اِنَّهٗ لَقُرْاٰنٌ كَرِيْمٌ ﴿٧٧﴾ لا

ته مونکي قسم آهي، ستارن جي لڪڻ جي جڳهن جو. ۽ جيڪڏهن اوهان سمجهو ته يقيناً هي وڏو قسم آهي. يقيناً هي وڏي عظمت وارو قرآن آهي.

فِيْ كِتٰبٍ مَّكْنُوْنٍ ﴿٧٨﴾ لا لَّا يَمَسُّهٗٓ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ ﴿٧٩﴾ ط تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٠﴾

(جيڪو) هڪ محفوظ ڪتاب ۾ (لکيل) آهي. ان کي اهي ماڻهو هٿ لائيندا آهن جيڪي پاڪ آهن. (هي) تمام جهانن جي رب جي طرف کان لاٿو ويو آهي.

اَفَبِهٰذَا الْحَدِيْثِ اَنْتُمْ مُّدْهِنُوْنَ ﴿٨١﴾ لا وَتَجْعَلُوْنَ رِزْقَكُمْ اَنَّكُمْ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَلَوْ لَآ

ڇا پوءِ به هن ڪلام، کان اوهان لاپرواهي ڪيو ٿا؟ ۽ اوهان (ان ڳالهه کي) پنهنجو حصو بڻائي ڇڏيو آهي، ته اوهان (ان کي) ڪوڙو ٿا ڪيو. پوءِ ڇو نٿا (روح کي موٽايو)

اِذَا بَلَغَتِ الْحُلْقُوْمَ ﴿٨٣﴾ لا وَاَنْتُمْ حِيْنَئِذٍ تَنْظُرُوْنَ ﴿٨٤﴾ لا وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْكُمْ

جڏهن هو نڙگهٽ تائين اچي ٿو پهچي. ۽ اوهان ان وقت ڏسي رهيا هوندا آهيو؟ ۽ اسان اوهان کان وڌيڪ ان (مرڻ واري) کي ويجهو هوندا آهيون،

وَلٰكِنْ لَّا تُبْصِرُوْنَ ﴿٨٥﴾ فَلَوْ لَآ اِنْ كُنْتُمْ غَيْرَ مَدِيْنِيْنَ ﴿٨٦﴾ لا تَرْجِعُوْنَهَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٨٧﴾

پر اوهان نٿا ڏسو. پوءِ (ائين) ڇو نٿا (ڪيو ته) جيڪڏهن اوهان ڪنهن جي زير اثر ناهيو. (ته) ان (روح) کي واپس وٺي اچو، جيڪڏهن اوهان سچا آهيو.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WITH RETAIL CIVIL CRIMINAL ACTION.

فَاَمَّاۤ اِنۡ كَانَ مِنَ الۡمُقَرَّبِيۡنَ ﴿۸۸﴾ فَرَوۡحٌ وَّرَيۡحَانٌ ۙ وَّجَنَّتُ نَعِيۡمٍ ﴿۸۹﴾ وَاَمَّاۤ اِنۡ كَانَ مِنۡ اَصۡحٰبِ الۡيَمِيۡنِ ۙ ﴿۹۰﴾

پوءِ جيڪڏهن (مرڻ وارو) مقربن مان آهي. ته (ان جي لاءِ) آرام خوشبوءِ نعمتن واري جنت آهي.ءِ جيڪڏهن هو،ساڄي هٿ وارن منجهان آهي.

فَسَلٰمٌ لَّكَ مِنۡ اَصۡحٰبِ الۡيَمِيۡنِ ﴿۹۱﴾ وَاَمَّاۤ اِنۡ كَانَ مِنَ الۡمُكَذِّبِيۡنَ الضَّآلِّيۡنَ ۙ ﴿۹۲﴾

ته (چيو ويندو) اوهان جي لاءِ سلامتي آهي، (ته اوهان) ساڄي هٿ وارن مان آهيو. ءِ جيڪڏهن هو، ڪوڙ هٽڻ وارن گمراهن مان آهي.

فَنُزُلٌ مِّنۡ حَمِيۡمٍ ۙ ﴿۹۳﴾ وَّتَصۡلِيَةُ جَحِيۡمٍ ﴿۹۴﴾

ته (ان جي) مهمان نوازي آهي، تسڪندڙ پاڻيءَ سان. ءِ (ان جو انجام) جهنم ۾ داخل ڪيو وڃڻ آهي.

اِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ الۡيَقِيۡنِ ﴿۹۵﴾ فَسَبِّحۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الۡعَظِيۡمِ ﴿۹۶﴾ ع 3 22

بيشڪ (جيڪو بيان ڪيو) هي يقيناً حق آهي. ته اوهان (ﷺ) پنهنجي رب جي نالي جي تسبيح ڪيو جيڪو وڏو عظيم آهي.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION
SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. قيامت ضرور ٿيندي. قيامت جي ٿيڻ ۾ ڪو شڪ ناهي. (سورة الواقعه، آيات: ١،٢)

٢. قيامت جو ڏينهن ڪافرن جي لاءِ ذلت ۽ مومنن جي لاءِ عزت وارو هوندو. (سورة الواقعه، آيت:٣)

٣. قيامت جي ڏينهن انسان ٽن ٽولن ۾ تقسيم ڪيا ويندا. يعني مقربين، ساڄي هٿ وارا، کاٻي هٿ وارا. (سورة الواقعه، آيات: ٧ کان ١٠)

٤. اسان کي نيڪ ماڻهن يعني مقرب بانهن ۽ سڄي هٿ وارن ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. (سورة الواقعه، آيات: ١١ کان ٣٨)

٥. جنت ۾ هرطرح جون نعمتون آهن ۽ جنت وارا ڪا بيڪار ۽ گناهه جي ڳالهه نه ٻڌندا. (سورةالواقعه،آيات:١٢کان ٤٠)

٦. جهنم ۾ هر طرح جا عذاب هوندا ۽ جهنم وارا پاڻي، پاڇو ۽ ڪو راحت جو سامان نه ماڻي سگهندا. (سورة الواقعه، آيات: ٤١ کان ٤٤، ٥٢ کان ٥٦)

٧. انسان جي تخليق، نباتات جو ڦٽڻ، پاڻي جو نازل ٿيڻ، باهه جو برڻ الله ﷻ جي قدرت جي نشانين مان آهن. (سورة الواقعه، آيات: ٥٨ کان ٧٣)

٨. اسان کي پنهنجي عظيم رب جي نالي جي تسبيح ڪرڻ گهرجي. (سورة الواقعه، آيات: ٧٤، ٩٦)

٩. قرآن حڪيم الله ﷻ جو وڏي شان وارو محفوظ ڪلام آهي. اسان کي ان تي عمل ڪرڻ گهرجي ۽ ان جو ادب ۽ احترام به ڪرڻ گهرجي ته ناپاڪائي ۽ بي وضو هٿ جي حالت ۾ هٿ نه لايون. (سورة الواقعه، آيات: ٧٧ کان ٨٠)

١٠. موت هڪ حقيقت آهي. اسان کي ان جي تياري ڪرڻ گهرجي ته الله ﷻ اسان کي ساڄي هٿ وارن ۾ شامل فرمائي ۽ هر قسم جي گمراهي ۽ بري انجام کان بچائي. (سورة الواقعه، آيات: ٨٣ کان ٩٤)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. آخرين يعني بعد ۾ اچڻ وارن مان اڳ ڪڍي وڃڻ وارن جو تعداد ڪيترو ٿيندو؟
(الف) تمام گهڻو (ب) ٿورڙو (ج) وڇولي تعداد ۾

٢. آخرين يعني بعد ۾ اچڻ وارن مان ساڄي هٿ وارن جو تعداد ڪيترو هوندو؟
(الف) تمام گهڻو (ب) ٿورڙو (ج) وڇولي تعداد ۾

٣. جهنم ۾ زهريلو وڻ ڪهڙو آهي؟
(الف)ڪيڪٽس (ب) ڪيڪر (ج) ٿوهر

٤. ڪنهن کي مرڻ کان پوءِ آرام، خوشبو ۽ نعمتن سان ڀريل جنت ملندي؟
(الف) اڳ ڪڍي وڃڻ وارن کي (ب) سڄي هٿ وارن کي (ج) کٻي هٿ وارن کي

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE TANDO FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK IS STRICTLY PROHIBITED. CIVIL & CRIMINAL ACTION.

۵. مرڻ کان پوءِ ڪنهن جي مهمانوازي تسڪندڙ پاڻيءَ سان ۽ جهنم ۾ ڪئي ويندي؟

(الف) اڳ ڪڍي وڃڻ وارن جي (ب) سڄي هٿ وارن جي (ج) ڪپي هٿ وارن جي.

سوال۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. شروع ۾ قيامت جون ڪهڙيون صفتون بيان ڪيون ويون آهن؟

۲. سڄي هٿ وارن جي جنت جي ڪجهه نعمتن جو ذڪر ڪيو؟

۳. ٻئي رڪوع ۾ جهنم وارن جو ڪهڙو حال بيان ڪيو ويو آهي؟

۴. ٽئين رڪوع جي شروع ۾ قرآن حڪيم جي ڪهڙي عظمت بيان ڪئي وئي آهي؟

۵. آخر ۾ انسان جي ٽن گروهن جي موت جي ڪهڙي ڪيفيت بيان ڪئي وئي آهي؟

سوال۳ هيٺ ڏنل لفظن جي مطابق انهن سان متعلق آيت نمبر لکو:

نمبرشمار	عنوان	آيت نمبر
۱	پڪين جو گوشت	
۲	سخت گرم هوا	
۳	ستارن جي لڪڻ جون جايون	
۴	اجايل اٺ	
۵	اڳ ڪڍي وڃڻ وارا	

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.



گھرو ڪم

❁ قرآن حڪيم جي پنجن سورتن جا نالا لکو، جن جي شروع ۾ قيامت جي هولناڪ منظرن جو ذڪر آيو آهي.

سورت جو نالو _____ سورت جو نالو _____

سورت جو نالو _____

سورت جو نالو _____ سورت جو نالو _____

❁ اسلام ۾ "سلام" جي ڪهڙي اهميت ۽ فائدا آهن. گهر، اسڪول، مدرسو، مٽن مائٽن ۽ ٻين وٽ سلام ۾ اڳتي وڌڻ جي عادت بڻايو.

❁ ٽي ڪالم ناهي مقربين، سجي هٿ وارن ۽ کٻي هٿ وارن جون وصفون، انجام ۽ موت جو تفصيل هڪ چارٽ جي مدد سان واضح ڪو؟

	مقربين	سجي هٿ وارا	کٻي هٿ وارا
وصفون			
موت جون ڪيفيتون			
انجام			

صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK IS SOLELY PENTAL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:۱۴

سُوْرَةُ الْمُلْك

(سورت نمبر: ۶۷، ڪل رڪوع :۲، ڪل آيتون:۳۰)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة **نبي ڪريم** ﷺ جي مڪي زندگيءَ جي شروعاتي دور ۾ نازل ٿي. سورة الملڪ ڪان وٺي سورة الناس تائين ڳهڙي پاڳي مڪي سورتون آهن. تقريباً انهن سڀني سورتن جو مرڪزي مضمون اسلام جي بنيادي عقيدن توحيد، رسالت، آخرت، جنت ۽ دوزخ جون حالتون ۽ اسلام جي تبليغ جي لاءِ **حضور نبي ڪريم** ﷺ ڪي هدايت ۽ تسلي ڏيڻ آهي. **نبي اڪرم** ﷺ فرمايو: "قرآن حڪيم ۾ ٽيهن آيتن جي هڪ سورة آهي، جيڪا پنهنجي پنهنجي پڙهڻ واري جي سفارش ڪندي. جيستائين ان جي بخشش ٿئي ۽ اها سورت (تَبٰرَكَ الَّذِیْ بِيَدِهِ الْمُلْك) آهي". (جامع ترمذي، ابوداؤد، سنن نسائي، سنن ابن ماجه) حضرت جابر رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا ته **رسول الله** ﷺ ان وقت تائين نه سمهندا هئا، جيستائين سورة السجده ۽ سورة الملڪ جي تلاوت نه فرمائن. (جامع ترمذي) هڪ بي حديث شريف ۾ **حضور اڪرم** ﷺ فرمايو "هيءَ سورة عذاب ڪي روڪڻ واري ۽ عذاب ڪان نجات ڏيارڻ واري آهي. هيءَ پنهنجي پڙهڻ واري ڪي قبر جي عذاب ڪان بچائيندي آهي". (جامع ترمذي)

"ملڪ" جي معنيٰ "حڪومت يا بادشاهي" آهي. ان سورة ۾ **الله** ﷻ جي قدرت ۽ عظمت جو بيان آهي، جيڪو هن ڪائنات جو بادشاهه آهي. ڪفر جي هولناڪ نتيجن ڪان ڊيڄاريو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته **الله** ﷻ جي پڪڙ ڪان بي خوف نه ٿيڻ گهرجي. **الله** ﷻ نافرمان ماڻهن ڪي دنيا ۽ آخرت ۾ سزا ڏيڻ تي قادر آهي.

أَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

تَبٰرَكَ الَّذِیْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ ۫ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِيْرُ ۙ﴿۱﴾

وڏي برڪت وارو آهي اهو (الله) جنهن جي هٿ (قدرت) ۾ سڄي بادشاهي آهي، ۽ اهو هر شئي تي قدرت رکندڙ آهي.

الَّذِیْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ ۙ﴿۲﴾

جنهن موت ۽ زندگي ان ڪري پيدا ڪئي، ته جيئن اوهان ڪي آزمائي، ته اوهان مان عمل جي اعتبار سان ڪير سڀ آهي، ۽ هو وڏو غالب تمام وڏو بخشڻ وارو آهي.

الَّذِیْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ؕ مَا تَرٰى فِیْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ ؕ فَارْجِعِ الْبَصَرَ ۙ هَلْ تَرٰى مِنْ فُطُوْرٍ ﴿۳﴾

اهو جنهن ست آسمان هيٺ ٽاهيا، اوهان رحمٰن جي تخليق ۾ ڪو به فرق نه ڏسندؤ، تنهن ڪري اوهان نظر ڪٽو (۽ ڏسو) ڇا اوهان ڪي ڪا فوت نظر اچي ٿي؟

ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ يَنْقَلِبْ اِلَيْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّهُوَ حَسِيْرٌ ﴿۴﴾ وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ

پوءِ اوهان ٻيهر نظر ڪيو، نظر ٿڪجي هارجي اوهان ڏانهن ناڪام موٽي ايندي، ۽ يقيناً اسان دنيا جي آسمان کي ڏيئن (ستارن) سان سينگاريو آهي،

وَجَعَلْنٰهَا رُجُوْمًا لِّلشَّيٰطِيْنِ وَاَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابَ السَّعِيْرِ ﴿۵﴾

۽ انهن شيطانن کي مارڻ جو ذريعو ٻ ٻڌايو، ۽ اسان انهن جي لاءِ ٻرڪندڙ باهه جو عذاب تيار ڪري ڇڏيو آهي.

وَلِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۶﴾

۽ جن پنهنجي رب جو انڪار ڪيو انهن جي لاءِ، جهنم جو عذاب آهي، ۽ اهو تمام برو ٺڪاڻو آهي.

COPYRIGHT RESERVED WITH SALEEM FOUNDATION. FOR EDUCATIONAL PURPOSES ONLY

اِذَآ اُلْقُوْا فِيْهَا سَمِعُوْا لَهَا شَهِيْقًا وَّهِيَ تَفُوْرُ ۙ﴿٧﴾ تَكَادُ تَمَيَّزُ مِنَ الْغَيْظِ ؕ

جڏهن اهي ان ۾ وڌا ويندا، (تہ) ان جا خوفناڪ آواز ٻڌندا، ۽ اهو جوش کائي رهيو هوندو. (ائين لڳندو تہ) هو ڪاوڙ ۾ ڦاٽي پوندو،

كُلَّمَآ اُلْقِيَ فِيْهَا فَوْجٌ سَاَلَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَذِيْرٌ ﴿٨﴾

جڏهن بہ ان ۾ ڪو ٽولو وڌو ويندو، (تہ) ان جا نگران انهن کان پڇندا، ڇا اوهان وٽ ڪو ڈيڄاريندڙ ڪونہ آيو هو؟

قَالُوْا بَلٰى قَدْ جَآءَنَا نَذِيْرٌ ۙ فَكَذَّبْنَا وَقُلْنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۖ

چوندا ڇونہ، يقيناً اسان وٽ ڈيڄاريندڙ آيا هئا، پر اسان (انهن کي) ڪوڙو ڪيو، ۽ اسان چيو تہ الله ڪا شئي نازل ڪانهي ڪئي،

اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ كَبِيْرٍ ﴿٩﴾ وَقَالُوْا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿١٠﴾ فَاعْتَرَفُوْا بِذَنْۢبِهِمْ ۚ

اوهان تہ تمام وڏي گمراهيءَ ۾ آهيو، ۽ هو چوندا: جيڪڏهن اسان ٻڌون ها سمجهون ها، تہ جهنم وارن ۾ نہ هجون ها. پوءِ پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪري ونڊندا،

فَسُحْقًا لِّاَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿١١﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿١٢﴾

تہ جهنم وارن جي لاءِ (الله جي رحمت کان) دوري آهي. بيشڪ جيڪي ماڻهو اڻ ڏٺي پنهنجي رب کان ڊجن ٿا، انهن لاءِ بخشش ۽ تمام وڏو اجر آهي.

وَاَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿١٣﴾

۽ اوهان پنهنجي ڳالهہ لڪايو يا ڏاڍيان چئو (الله کي علم آهي) بيشڪ هو سينن جي رازن کي بہ خوب ڄاڻڻ وارو آهي.

اَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ ؕ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿١٤﴾ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ ذَلُوْلًا ع 1 14

پلا اهو نہ ڄاڻيندو جنهن پيدا فرمايو آهي، ۽ اهو باريڪ بين (هرشئي) کان باخبر آهي. اهوئي (الله) آهي جنهن اوهان جي لاءِ زمين کي نرم (تابع) بڻايو،

فَامْشُوْا فِيْ مَنَاكِبِهَا وَكُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ ؕ وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ ﴿١٥﴾

تہ اوهان ان جي رستن تي گهمو ڦرو، ۽ ان جي (ڏنل) رزق مان کائو، ۽ ان ڏانهن (قبرن مان) اٿي وڃڻو آهي.

ءَاَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِيَ تَمُوْرُ ۙ﴿١٦﴾ اَمْ اَمِنْتُمْ

ڇا اوهان ان کان بي خوف آهيو، جيڪو آسمان ۾ آهي، تہ هو اوهان کي زمين ۾ دٻائي ڇڏي، پوءِ اچانڪ اها لڏڻ لڳي. ڇا اوهان بي خوف آهيو،

مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يُّرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ؕ فَسَتَعْلَمُوْنَ كَيْفَ نَذِيْرِ ﴿١٧﴾

ان کان جيڪو آسمان ۾ آهي، تہ هو اوهان تي پٿر وسائڻ واري هوا موڪلي، سو توهان جلد ڄاڻي ونندؤ تہ منهنجو ڈڇ ڏيارڻ ڪهڙو آهي.

وَلَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿١٨﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ فَوْقَهُمْ

۽ يقيناً جيڪي ماڻهو انهن کان پهرين هئا انهن (پ) ڪوڙو ڄاتو هو، تہ (ڏسي وٺو) منهنجو عذاب ڪهڙو هو؟ ڇا انهن پنهنجي متان پکين کي نہ ڏٺو،

صٰٓفّٰتٍ وَّيَقْبِضْنَ ۛؕ مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا الرَّحْمٰنُ ؕ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍۭ بَصِيْرٌ ﴿١٩﴾

پرن کي ڦهلائيندي ۽ گڏيندي، انهن کي رحمٰن کان سواءِ ڪوبہ ٽمائڻ وارو ڪونهي، بيشڪ اهو هر شيءَ کي خوب ڏسڻ وارو آهي.

أَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ هُوَ جُنْدٌ لَّكُمْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ ؕ اِنِ الْكٰفِرُوْنَ اِلَّا فِيْ غُرُوْرٍ ﴿٢٠﴾

يا اهو اوهان جو ڪهڙو لشڪر آهي، جيڪو اوهان جي مدد ڪندو، رحمٰن کان سواءِ؟ ڪافر تہ آهين ئي دوکي ۾

أَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ يَرْزُقُكُمْ اِنْ اَمْسَكَ رِزْقَهٗ ۚ بَلْ لَّجُّوْا فِيْ عُتُوٍّ وَّنُفُوْرٍ ﴿٢١﴾

يا اهڙو ڪير آهي جيڪو اوهان کي رزق ڏئي ٿو، جيڪڏهن هو (الله) پنهنجو رزق روڪي ڇڏي، بلڪ اهي سرڪشيءَ ۽ (حق کان) نفرت تي ضدجي پيا آهن.

اَفَمَنْ يَّمْشِيْ مُكِبًّا عَلٰى وَجْهِهٖۤ اَهْدٰۤى اَمَّنْ يَّمْشِيْ سَوِيًّا عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٢٢﴾

يا اهو شخص جيڪو منهن ۾ اونڌو هلي رهيو آهي، (اهو) وڌيڪ هدايت وارو آهي، يا اهو جيڪو سڌي رستي تي صحيح هلي رهيو آهي؟

قُلْ هُوَ الَّذِيْۤ اَنْشَاَكُمْ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿٢٣﴾

اوهان چئي ڏيو تہ اهو ئي آهي جنهن اوهان کي پيدا ڪيو، ۽ اوهان جا ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ٺاهيا، (پر) اوهان تمام گهٽ شڪر ڪيو ٿا.

قُلْ هُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِي الْاَرْضِ وَاِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ

اوهان چئي ڇڏيو تہ جنهن اوهان کي زمين ۾ پکيڙيو، ۽ ان ڏانهن ئي جمع ڪيا ويندؤ، ۽ هو (ڪافر) چون ٿا هي (قيامت جو) وعدو ڪڏهن پورو ٿيندو.

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٥﴾ قُلْ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۖ وَاِنَّمَاۤ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٢٦﴾

جيڪڏهن اوهان سچا آهيو؟ اوهان چئي ڇڏيو: بيشڪ (ان جو) علم تہ صرف الله وٽ آهي، ۽ مان تہ صرف چٽو ڊيڄارينڊڙ آهيان.

فَلَمَّا رَاَوْهُ زُلْفَةً سِيْٓـَٔتْ وُجُوْهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَقِيْلَ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَدَّعُوْنَ ﴿٢٧﴾

پوءِ جڏهن هو ان کي ويجهو ايندي ڏسندا، (تہ) ڪافرن جا چهرا بگڙي ويندا، ۽ چيو ويندو: هيءَ آهي اها شيءِ جيڪا اوهان گهرندا هئا.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَهْلَكَنِيَ اللّٰهُ وَمَنْ مَّعِيَ اَوْ رَحِمَنَا ۙ فَمَنْ يُّجِيْرُ الْكٰفِرِيْنَ

اوهان فرمائي ڇڏيو پلا اوهان ڏسو، جيڪڏهن الله مونکي ۽ منهنجي ساٿين کي تباهہ ڪري، يا اسان تي رحم فرمائي، تہ ڪير آهي جيڪو ڪافرن کي بچائيندو،

مِنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٢٨﴾ قُلْ هُوَ الرَّحْمٰنُ اٰمَنَّا بِهٖ وَعَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا ۚ فَسَتَعْلَمُوْنَ

دردناڪ عذاب کان؟ اوهان فرمائي ڇڏيو: اهو رحمٰن آهي ان تي اسان ايمان آندو آهي، ۽ ان تي اسان پروسو ڪيو آهي، تہ توهان جلد ڄاڻي ونڊؤ،

مَنْ هُوَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا

تہ ڪير ڪلي گمراهيءَ ۾ آهي؟ اوهان چئي ڇڏيو: پلا اوهان ڏسو، جيڪڏهن اوهان جو پاڻي زمين ۾ تمام هيٺ لهي (خشڪ ٿي) وڃي،

فَمَنْ يَّاْتِيْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ ﴿٣٠﴾ ع

تہ ڪير آهي جيڪو اوهان کي زمين تي وهندڙ پاڻي آڻي ڏئي.

ع 2 16

COPYRIGHTED MATERIAL SALE OF THIS BOOK IS STRICTLY PROHIBITED ENTAIL CIVIL AND CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. الله ﷻ هن ڪائنات جو بادشاهه آهي ۽ هر شئي تي قدرت رکڻ وارو آهي. (سورة الملڪ، آيت:١)

٢. زندگيءَ جو مقصد هيءُ آهي ته ماڻهن جو امتحان ورتو وڃي ته ڪير سٺا عمل ڪرڻ وارو آهي. (سورة الملڪ، آيت:٢)

٣. الله ﷻ ڪائنات کي اهڙو سٺو بڻايو آهي جو ان ۾ ڪو به عيب ڏسڻ ۾ نٿو اچي. (سورة الملڪ، آيات:٣، ٤)

٤. الله ﷻ ۽ ان جي رسول ﷺ کي ڪوڙو سمجهڻ وارا جهنم ۾ وڌا ويندا، جيڪا تمام بري جڳهه آهي. (سورة الملڪ، آيات:٦ کان ٨)

٥. قيامت جي ڏينهن ڪافر، مشرڪ ۽ سڀئي مجرم حسرت ڪندا ته ڪاش هو قرآن کي توجهه سان ٻڌن ۽ سمجهي ان تي عمل ڪن ها ته اڄ جهنم ۾ نه هجن ها. (سورة الملڪ، آيت:١٠)

٦. جيڪي ماڻهو الله ﷻ جي خوف کان گناهن کان بچن ٿا، انهن جي لاءِ بخشش ۽ تمام وڏو اجر آهي. (سورة الملڪ، آيت:١٢)

٧. الله ﷻ هر شيء کان خوب باخبر آهي. اسان جي سينن ۾ لڪيل راز به ان جي علم ۾ آهن. (سورة الملڪ، آيات:١٣، ١٤)

٨. اسان کي الله ﷻ جي پڪڙ کان بي خوف نه رهڻ گهرجي، جيڪو الله ﷻ کي ناراض ڪري ٿو الله ﷻ ان تي عذاب موڪليندو آهي. (سورة الملڪ، آيات:١٦ کان ١٨)

٩. الله ﷻ ئي حقيقت ۾ ۽ مستقل طور تي اسان جي مدد فرمائڻ وارو، اسان کي رزق ڏيڻ وارو ۽ اسان کي هدايت ڏيڻ وارو آهي. (سورة الملڪ، آيات: ٢٠ کان ٢٢)

١٠. قيامت ڪڏهن ايندي، ان جو علم صرف الله ﷻ کي آهي. اسان کي قيامت جي ڏينهن ڪامياب ٿيڻ جي تياري ڪرڻ گهرجي. (سورة الملڪ، آيت: ٢٦)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. الله ﷻ موت ۽ زندگي جو سلسلو ڇو شروع ڪيو؟
(الف) پنهنجي قدرت جي اظهار جي لاءِ (ب) آزمائش جي لاءِ (ج) جاندارن جي تعداد برقرار رکڻ جي لاءِ

٢. مصابيح مان ڇا مراد آهي؟
(الف) ڪڪر (ب) چنڊ (ج) ستارا

٣. جهنم جو نگران جهنم وارن کان ڪهڙا سوال ڪندو؟
(الف) ڇا اوهان وٽ ڊيڄارڻ وارا ڪونه آيا هئا (ب) ڇا اوهان نيڪيون ڪونه ڪندا هئا. (ج) ڇا اوهان گناهن کان نه بچندا هئا.

٤. ڪير وڌيڪ سڌي رستي تي هلڻ وارو آهي؟
(الف) پنهنجي عقل جي پيروي ڪرڻ وارو (ب) خواهشن جي پٺيان هلڻ وارو (ج) توحيد جي رستي تي هلڻ وارو.

٥. جهنم کي ڏسي ڪافرن جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟
(الف) هو گوڏن ڀر ڪري پوندا (ب) انهن جا چهرا بگڙي ويندا (ج) انهن جون دليون نڙگهٽ تي اچي وينديون.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. ستارن جي تخليق جو ڪهڙو مقصد آهي؟

۲. جهنم وارا جهنم ۾ وڃڻ جا ڪهڙا بهانا بڌائيندا؟

۳. گناهگار قومن کي اللهﷻ جي ڪهڙن عذابن کان ڊيڄاريو ويو آهي؟

۴. آسمانن جي تخليق تي غور فڪر ڪرڻ جو ڪهڙو نتيجو نڪرڻ گهرجي؟

۵. پڃاڻيءَ تي اللهﷻ ڪهڙن سوالن جي ذريعي انسانن کي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني آهي؟

سوال ۳ هيٺ ڏنل آيت نمبر کي لاڳاپيل لفظن سان ليڪ ڇڪي ملايو:

نمبر	الف		ب
۱	وهندڙ پاڻي		آيت:۱۷
۲	منهن ڀر اونڌو شخص		آيت:۳۰
۳	ست آسمان		آيت:۲۲
۴	سينن جا راز		آيت:۱۳
۵	پٿر وسائڻ واري هوا		آيت:۳

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

گهرو ڪم

- رات جو سمهڻ کان اڳ سورة الملڪ پڙهڻ جو اهتمام ڪيو.
- رات جو تارن ڀريل آسمان جو مشاهدو ڪيو ۽ ان منظر کي ڏسي جيڪا الله ﷻ جي قدرت اوهان جي ذهن ۾ اچي ٿي اها پنهنجي گهر وارن سان بيان ڪيو. هي مشاهدو اوهان جي ذهانت ۾ اضافو ڪندو.
- الله ﷻ هر شئ کي بامقصد پيدا ڪيو آهي. هيٺين شئن جا مقصد بيان ڪيو؟

شيون	مقصد
پاڻي	
هوا	
مينهن	
باهه	
جانور	

صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:١٥ — سُوْرَةُ الْقَلَم

(سورت نمبر: ٦٨، ڪل رڪوع :٢، ڪل آيتون:٥٢)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي دور جي وچ واري زماني ۾ تڏنهن نازل ٿي، جڏهن پاڻ ﷺ جي مخالفت ڪافي شدت اختيار ڪري وئي هئي. مڪي جا جيڪي مشرڪ سردار نبي ڪريم ﷺ جي مخالفت ۾ اڳيان اڳيان هئا ۽ پاڻ ﷺ کي دين جي تبليغ کان هٽائڻ چاهن پيا، انهن ۾ جيڪي اخلاقي برايون هيون، انهن جو ذڪر آيت:١٠ کان ١٥ ۾ ڪيو ويو آهي. خاص طور تي اهڙي ڪردار وارن ۾ اخنس بن شريق، اسود بن عبد يغوث ۽ وليد بن مغيره شامل آهن. جن ماڻهن ۾ اهڙيون برايون هجن انهن مان ڀلائيءَ جي توقع رکڻ بيڪار آهي. جيڪي به ماڻهو اهڙي ڪردار وارن جي پٺيان هلندا اهي ذليل ۽ خوار ٿيندا.

شروعات ۾ قلم جي قسم جو ذڪر ڪري علم جي عظمت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. نبي ڪريم ﷺ کي حق تي مضبوط رهڻ جي تلقين فرمائي وئي آهي. حضور نبي اڪرم ﷺ کي ڪوڙو ڪرڻ ۽ پاڻ ﷺ جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ وارن ماڻهن جو نهايت برو ڪردار بيان ڪيو ويو آهي. الله سبحانه وتعالى پنهنجي محبوب ﷺ جي پاران خود جواب ڏنو آهي. پوءِ باغ وارن جو قصو بيان ٿيو آهي، جن ڪنجوسي ڪئي ته الله سبحانه وتعالى انهن جي باغ کي تباهه ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ آخرت جي انجام جو بيان آهي.

نبي ڪريم ﷺ جي دل جوئي ۽ پاڻ ﷺ کي صبر جي تلقين تي سورة جو اختتام ٿيو آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان — شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

نٓ وَالْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُوْنَ ۙ﴿١﴾ مَآ اَنْتَ بِنِعْمَةِ رَبِّكَ بِمَجْنُوْنٍ ۚ﴿٢﴾ وَاِنَّ لَكَ

نٓ. قسم آهي قلم جو ۽ ان جو جيڪو هو لکن ٿا. (اي محبوب ﷺ!) پنهنجي رب جي فضل سان اوهان مجنون ناهيو. ۽ يقيناً اوهان جي لاءِ،

لَاَجْرًا غَيْرَ مَمْنُوْنٍ ۚ﴿٣﴾ وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ﴿٤﴾ فَسَتُبْصِرُ وَيُبْصِرُوْنَ ۙ﴿٥﴾

نه ختم ٿيندڙ اجر آهي. ۽ يقيناً اوهان اخلاق جي اعلىٰ مرتبي تي آهيو. ته عنقريب اوهان (به) ڏسندؤ ۽ اهي (ڪافر به) ڏسي وٺندا.

بِاَيِّكُمُ الْمَفْتُوْنُ ﴿٦﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۖ

ته اوهان مان ڪير مجنون آهي؟ بيشڪ اوهان جو رب بهتر ٿو ڄاڻي، ان کي جيڪو سندس رستي تان ڀٽڪي ويو آهي،

وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿٧﴾ فَلَا تُطِعِ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٨﴾ وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ

۽ اهو (انهن کي به) بهتر ڄاڻي ٿو، جيڪي هدايت تي آهن. ته اوهان ڪوڙو ڪرڻ وارن جي ڳالهه نه مڃيو. هو ماڻهو چاهن ٿا ته اوهان نرمي اختيار ڪيو،

فَيُدْهِنُوْنَ ﴿٩﴾ وَلَا تُطِعْ كُلَّ حَلَّافٍ مَّهِيْنٍ ۙ﴿١٠﴾

ته هو به نرم ٿي وڃن. ۽ اوهان ڳالهه نه مڃو ڪنهن اهڙي شخص جي، جيڪو گهڻا قسم کڻڻ وارو ڏاڍو خراب آهي.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

هَمَّازٍ مَّشَّآءٍۭ بِنَمِيْمٍ ﴿١١﴾ مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ﴿١٢﴾ عُتُلٍّ

(جيڪو) وڏو عيب ڪيڙ وارو چغل خوري ڪندو ٿو وتي. پلائيءَ کان گھڻو روڪڻ وارو، حد کان وڌڻ وارو سخت گنھگار آھي. بدمزاج،

بَعْدَ ذٰلِكَ زَنِيْمٍ ﴿١٣﴾ اَنْ كَانَ ذَا مَالٍ وَّبَنِيْنَ ﴿١٤﴾

ان کان علاوه بدنام (نسب) بہ آھي. (اھو سرڪش) ان ڪري آھي تہ ھو وڏي مال وارو ۽ اولاد وارو آھي.

اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٥﴾ سَنَسِمُهٗ عَلَى الْخُرْطُوْمِ ﴿١٦﴾

جڏھن مٿس اسان جون آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون (تہ) چوي ٿو تہ ھي (تہ) اڳين ماڻھن جون ڪھاڻيون آھن. اسان جلد ان جي نڪ تي داغ لڳائينداسين.

اِنَّا بَلَوْنٰهُمْ كَمَا بَلَوْنَآ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ ۚ اِذْ اَقْسَمُوْا

بيشڪ اسان کين (اھڙيءَ طرح) آزمايو آھي، جيئن اسان باغ وارن کي آزمايو ھو. جڏھن انھن قسم کنيو ھو،

لَيَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِيْنَ ﴿١٧﴾ وَلَا يَسْتَثْنُوْنَ ﴿١٨﴾

تہ اسان صبح ٿيندي ئي ضرور ان (باغ) جو ميوو لاھي وٺنداسين. ۽ استثناء نہ ڪيائون (ان شاءَ الله نہ چيائون).

فَطَافَ عَلَيْهَا طَآئِفٌ مِّنْ رَّبِّكَ وَهُمْ نَآئِمُوْنَ ﴿١٩﴾

تہ (رات جي وقت) ان (باغ) تي ھڪ ڦرڻ وارو (عذاب) ڦري ويو، اوھان جي رب جي طرف کان، جڏھن تہ اھي ستا پيا ھئا.

فَاَصْبَحَتْ كَالصَّرِيْمِ ﴿٢٠﴾ فَتَنَادَوْا مُصْبِحِيْنَ ﴿٢١﴾

تہ صبح جو اھو (باغ) ڪٽيل فصل وانگر ٿي ويو. پوءِ صبح ٿيندي ئي ھو ھڪ ٻئي کي سڏڻ لڳا.

اَنِ اغْدُوْا عَلٰى حَرْثِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰرِمِيْنَ ﴿٢٢﴾ فَانْطَلَقُوْا وَهُمْ يَتَخَافَتُوْنَ ﴿٢٣﴾

تہ صبح ساجھر پنھنجي پوک ڏانھن ھلو، جيڪڏھن ميوو لاھڻ چاھيو ٿا. پوءِ ھو ھلي پيا، ۽ پاڻ ۾ سرپاٽ ڪندا پيا وڃن.

اَنْ لَّا يَدْخُلَنَّهَا الْيَوْمَ عَلَيْكُمْ مِّسْكِيْنٌ ﴿٢٤﴾ وَّغَدَوْا

تہ اڄ توھان وٽ ھن (باغ) ۾ ھرگز ڪو مسڪين داخل نہ ٿئي. ۽ ھو صبح ساجھر (ھي سمجھي) نڪتا،

عَلٰى حَرْدٍ قٰدِرِيْنَ ﴿٢٥﴾ فَلَمَّا رَاَوْهَا قَالُوْٓا اِنَّا لَضَآلُّوْنَ ﴿٢٦﴾

تہ ھو (مسڪينن) کي روڪڻ جي سگھ رکن ٿا. پوءِ جڏھن انھن ان (ويران باغ) کي ڏٺو، تہ چوڻ لڳا: پڪ اسان (رستو) ڀلجي ويا آھيون.

بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ اَوْسَطُهُمْ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ

(جڏھن غور سان ڏٺائون تہ چوڻ لڳا)بلڪ اسان تہ محروم ٿي ويا آھيون. انھن ۾ جيڪو نسبتاً چڱو ھو ان چيو، ڇا مون اوھان کي چيونہ ھو،

لَوْ لَا تُسَبِّحُوْنَ ﴿٢٨﴾ قَالُوْا سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾

تہ اوھان تسبيح چو نٿا ڪيو؟ (تڏھن) ھو چوڻ لڳا اسان جو رب پاڪ آھي، بيشڪ اسان ئي ظالم آھيون.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH SALEEM FOUNDATION. UNAUTHORIZED RETAIL OR COMMERCIAL USE IS CRIMINAL OFFENCE.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَلَاوَمُوْنَ ﴿٣٠﴾ قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا طٰغِيْنَ ﴿٣١﴾

پوءِ هو هڪ ٻئي ڏانهن متوجهه ٿي هڪ ٻئي کي ملامت ڪرڻ لڳا. چيائون: افسوس! بيشڪ اسان ئي سرڪش هئاسين.

عَسٰى رَبُّنَآ اَنْ يُّبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَآ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا رٰغِبُوْنَ ﴿٣٢﴾

اميد آهي ته اسان جو رب، ان (باغ) جي بدلي ۾ اسان کي ان کان بهتر عطا فرمائي، بيشڪ اسان پنهنجي رب ڏانهن رجوع ڪيون ٿا.

ع 1 33

كَذٰلِكَ الْعَذَابُ ؕ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ ع

ان طرح عذاب ٿيندو آهي، ۽ آخرت جو عذاب يقينن سڀ کان وڏو آهي، ڪاش اهي ماڻهو ڄاڻن ها.

اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٣٤﴾ اَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِيْنَ كَالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٥﴾ ؕ

بيشڪ پرهيزگارن جي لاءِ، سندن رب وٽ نعمتن وارا باغ آهن. پوءِ ڇا اسان فرمانبردارن کي نافرمانن جي برابر ڪري ڇڏينداسين؟

مَا لَكُمْ ۙ وقفة كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٦﴾ ۚ اَمْ لَكُمْ كِتٰبٌ فِيْهِ تَدْرُسُوْنَ ﴿٣٧﴾ ۙ

اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اوهان ڪهڙا فيصلا ڪيو ٿا؟ ڇا اوهان وٽ ڪو ڪتاب آهي؟ جنهن ۾ اوهان (هي) پڙهو ٿا؟

اِنَّ لَكُمْ فِيْهِ لَمَا تَخَيَّرُوْنَ ﴿٣٨﴾ ۚ اَمْ لَكُمْ اَيْمَانٌ عَلَيْنَا بَالِغَةٌ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۙ

ته ان ۾ اوهان جي لاءِ اهو ڪجهه (لکيل) آهي، جيڪو اوهان پسند ڪيو ٿا. يا اوهان جا اسان جي ذمي ڪي قسم آهن، جيڪي قيامت تائين باقي رهڻ ورا آهن.

اِنَّ لَكُمْ لَمَا تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٩﴾ ۚ سَلْهُمْ اَيُّهُمْ بِذٰلِكَ زَعِيْمٌ ﴿٤٠﴾ ۚۛ اَمْ لَهُمْ شُرَكَآءُ ۚۛ

ته اوهان جي لاءِ اهو سڀ هوندو، جنهن جو اوهان فيصلو ڪندؤ. انهن کان پڇو ته منجهائن ڪير ان جو ذميدار آهي؟ يا سندن ٻيا (به) شريڪ آهن؟

فَلْيَاْتُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ ﴿٤١﴾ يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَّيُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ

ته پنهنجي انهن شريڪن کي وٺي اچن، جيڪڏهن اهي سچا آهن. جنهن ڏينهن پني کولي ويندي، ۽ کين سجدي لاءِ سڏيو ويندو،

فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٤٢﴾ ۙ خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ؕ وَقَدْ كَانُوْا يُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ

ته هو (سجدو) نه ڪري سگهندا. انهن جون اکيون جهڪليون هونديون، انهن تي ذلت سوار هوندي، جڏهن ته هو (دنيا ۾) سجدي جي لاءِ گهرايا ويندا هئا،

وَهُمْ سٰلِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ فَذَرْنِيْ وَمَنْ يُّكَذِّبُ بِهٰذَا الْحَدِيْثِ ؕ سَنَسْتَدْرِجُهُمْ

جڏهن ته اهي صحيح سالم هئا. پوءِ اوهان مونکي ۽ ان کي ڇڏي ڏيو جيڪو هن ڪلام کي ڪوڙو ڪري رهيو آهي. اسان کين آهستي آهستي (تباهي جي طرف) وٺي ويندا سين،

مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٤﴾ ۙ وَاُمْلِيْ لَهُمْ ؕ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ﴿٤٥﴾

ائين جو کين معلوم به نه ٿيندو. ۽ آءٌ کين مهلت ڏئي رهيو آهيان، بيشڪ منهنجي تدبير ڏاڍي مضبوط آهي.

اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ﴿٤٦﴾ ۚ اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٤٧﴾

ڇا اوهان کانئن ڪا اجرت وٺو ٿا، جو هو سڃائيءَ جي بار کان دٻجندا ٿا وڃن. يا انهن وٽ غيب (جو علم) آهي، (جنهن کي) هو لکي رهيا آهن.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE LIMITED FOUNDATION OF THIS BOOK WOULD BE SALE OF THE CRIMINAL ACTION. CONTAIL

فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا تَكُنْ كَصَاحِبِ الْحُوْتِ ۘ اِذْ نَادٰى

ته اوهان پنهنجي رب جي حڪم لاءِ صبر ڪيو، ۽ اوهان (ﷺ) مڇيءَ واري (يونسؑ) وانگر نه ٿجو، جڏهن ان (الله کي) پڪاريو هو،

وَهُوَ مَكْظُوْمٌ ﴿٤٨﴾ لَوْلَآ اَنْ تَدٰرَكَهٗ نِعْمَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ لَنُبِذَ بِالْعَرَآءِ

هن حال ۾ جو هو غم ۾ پريل هو. جيڪڏهن کين نه سنڀاليو هجي ها، سندن رب جي فضل، ته يقيناً رڇ ۾ ڦٽا ڪيا وڃن ها،

وَهُوَ مَذْمُوْمٌ ﴿٤٩﴾ فَاجْتَبٰهُ رَبُّهٗ فَجَعَلَهٗ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٥٠﴾

۽ ان حال ۾ اهي الزام ڏنل هجن ها. پوءِ سندن رب کين چونديو، پوءِ کين (خاص قرب سان) نيڪ ماڻهن ۾ شامل فرمائي ڇڏيو.

وَاِنْ يَّكَادُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَيُزْلِقُوْنَكَ بِاَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكْرَ

۽ هو ماڻهو جن ڪفر ڪيو (ائين ٿو لڳي) ته اهي ڄاڻ (ﷺ) کي پنهنجي (تيز) نگاهن سان هوند ڦيرائي ڇڏين، جڏهن هو قرآن کي ٻڌن ٿا،

وَيَقُوْلُوْنَ اِنَّهٗ لَمَجْنُوْنٌ ﴿٥١﴾ وَمَا هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٥٢﴾ ع 2 19

۽ هي چون ٿا ته يقيناً هي ته مجنون آهي. جڏهن ته هي (قرآن) ته تمام جهانن جي لاءِ نصيحت آهي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. مس، قلم ۽ ڪتاب علم جا اوزار آهن. اسان کي انهن جي عزت ڪرڻ گهرجي. (سورة القلم، آيت:١)

٢. حضور نبي ڪريم ﷺ اخلاق جي بلند ترين مرتبي تي فائز آهن. (سورة القلم، آيت:٤)

٣. رسول الله ﷺ جي شان ۾ بي ادبي ۽ گستاخي انسان ۾ برا اخلاق پيدا ڪري ڇڏي ٿي ۽ آخرت به خراب ڪري ڇڏي ٿي. (سورة القلم، آيات:٨ کان ١٣)

٤. اسان کي ڪنهن به ڪم جي ڪرڻ جو ارادو ڪرڻ وقت انشاءَ الله ضرور چوڻ گهرجي. (سورة القلم، آيات:١٧،١٨)

٥. ڪنجوسيءَ جي ڪري نعمتون کسجي وينديون آهن. (سورة القلم، آيات:١٧ کان ٢٠)

٦. برن ڪمن ڪرڻ جي ڪري دنيا ۾ به الله ﷻ جو عذاب نقصان، تباهي ۽ بربادي‌ءَ جي صورت ۾ ايندو آهي، پر آخرت جو عذاب گهڻو وڏو آهي. (سورة القلم، آيات:١٩،٢٠،٢٣)

٧. اسان کي الله ﷻ جي عطا ڪيل نعمتن ۾ غريبن، مسڪينن، ۽ محرومن کي به شريڪ ڪرڻ گهرجي. (سورة القلم، آيات:١٢ کان ٢٩)

٨. الله ﷻ جا فرمانبردار ۽ نافرمان برابر نٿا ٿي سگهن. ٻنهي جو انجام پڻ الڳ الڳ ٿيندو. (سورة القلم، آيت:٣٥)

٩. جيڪي دنيا ۾ الله ﷻ جي اڳيان نٿا جهڪن، انهن کي آخرت ۾ الله ﷻ کي سجدو ڪرڻ کان روڪيو ويندو. (سورة القلم، آيت: ٤٢)

١٠. الله ﷻ مجرمن کي ڍر ڏيندو آهي، پوءِ مجرمن جي رسي کي ڇڪي وٺندو آهي. الله ﷻ جي تدبير تمام زبردست هوندي آهي. (سورة القلم، آيت: ٤٥)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. ”۽ (اي نبي ﷺ!) يقيناً اوهان اخلاق جي اعلىٰ مرتبي تي فائز آهيو“ اهو ڪنهن جو فرمان آهي؟
(الف) الله ﷻ جو (ب) مڙني انبياء ڪرام عليهم السلام جو (ج) صحابه ڪرام رضي الله عنهم جو

٢. رسول الله ﷺ کي ڪوڙو ڪرڻ واري تي جڏهن الله ﷻ جون آيتون تلاوت ڪيون وينديون آهن، ته هو ڇا چوندو آهي؟
(الف) هي الله ﷻ جو ڪلام آهي (ب) هي ڪوڙ آهي (ج) هي گذريل ماڻهن جون ڪهاڻيون آهن

٣. باغ وارا صبح ساجهر باغ ۾ ڇو پيا وڃڻ چاهن؟
(الف) ته جيئن آرام سان سڄو ڏينهن ميوو لاهين (ب) ته جيئن مسڪينن جي پهچڻ کان اڳ ميوو لاهي ڇڏين.
(ج) ته جيئن مسڪينن ۾ ميوو ورهائي سگهن.

٤. ڪجهه ماڻهو قيامت جي ڏينهن، چاهيندي به الله ﷻ کي سجدو ڇو نه ڪري سگهندا؟
(الف) ڇو ته هو دنيا ۾ نماز نه پڙهندا هئا (ب) ڇو ته هو دنيا ۾ شرڪ ڪندا هئا
(ج) ڇو ته اهي دنيا ۾ والدين جي نافرماني ڪندا هئا.

٥. سورة جي آخر ۾ ڪهڙي نبي عليه السلام جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟
(الف) حضرت يعقوب عليه السلام (ب) حضرت يوسف عليه السلام (ج) حضرت يونس عليه السلام

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. سورت جي شروع ۾ الله ﷻ نبي ڪريم ﷺ جو ڪهڙو شان بيان ڪيو آهي؟

۲. سورت جي شروع ۾ رسول الله ﷺ کي ڪوڙو ڪرڻ واري شخص جون ڪهڙيون علامتون بيان ڪيو ويون آهن؟

۳. باغ وارن جي واقعي مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

۴. ٻئي رڪوع ۾ قيامت جو ڪهڙو منظر بيان ڪيو ويو آهي؟

۵. سورت جي آخر ۾ قرآن حڪيم جو ڪهڙو تعارف بيان ڪيو ويو آهي؟

سوال ۳ اسان پنهنجو جاڙو وڻون:

نمبر	سوال	ڪنهن حد تائين	ڪهڙي حد تائين	نه
۱	ڇا آءٌ پنهنجي اخلاق کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان؟			
۲	ڇا آءٌ ٻين تي چغليون هڻڻ کان بچندو آهيان؟			
۳	ڇا آءٌ ماڻهن کي برن ڪمن کان روڪيندو آهيان؟			
۴	ڇا آءٌ ماڻهن سان برو رويو رکڻ کان بچندو آهيان؟			
۵	ڇا آءٌ صحيح طريقي سان نماز ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان؟			
۶	ڇا آءٌ الله ﷻ جي نافرمانيءَ کان بچندو آهيان؟			
۷	ڇا آءٌ نيڪ ماڻهن ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان؟			
۸	ڇا آءٌ مصيبتن تي صبر ڪندو آهيان؟			

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL STRICT CRIMINAL ACTION.

گھرو ڪم

- استاد، علم ۽ علم جي اوزارن (قلم، ڪاپي، ڪتاب وغيره) جي فضيلت پنهنجي وڌن کان معلوم ڪيو، ته انهن جو ادب ڪيئن ڪيو وڃي.
- سيرت النبي ﷺ جي ڪتابن مان مطالعو ڪيو ته پارن سان پاڻ ﷺ جا اخلاق ڪيئن هئا.
- هيٺ ڏنل وضاحتي خاڪي (Flow Chart) جي مدد سان هن سورت ۾ بيان ٿيل باغ وارن جو قصو ٻڌايو.



صحيح استاد ۽ تاريخ _____

صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:١٦ — سُوْرَةُ الْحَاقَّة

(سورت نمبر: ٦٩، ڪل رڪوع :٢، ڪل آيتون:٥٢)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جي شروعاتي دور جي آخر ۾ ان وقت نازل ٿي، جڏهن پاڻ ﷺ تي گهڻائي الزام لڳي رهيا هئا. ”حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي دل تي سڀ کان پهريان سورة الحاقہ جي آيتن ئي اثر ڪيو هو.“ (مسند احمد).

حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه بيان ڪري ٿو تہ ”اسلام اچڻ کان اڳي هڪ ڏينهن آءٌ رسول الله ﷺ جي تلاش ۾ نڪتس. پاڻ ﷺ مون کان پهريائين مسجد ڏانهن تشريف آڻي چڪا هئا، آءٌ رسول الله ﷺ جي پٺيان بيهي رهيس. پاڻ ﷺ سورة الحاقہ جي تلاوت شروع ڪئي، مون کي قرآن حڪيم جي عبارت مان ڏاڍو تعجب ٿيو، مون دل ۾ چيو: الله جو قسم! هي ضرور شاعر آهي، جيئن قريش چون ٿا، تڏهن پاڻ ﷺ هيءَ آيت تلاوت فرمائي: ”اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ وَّمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ قَلِيْلًا مَّا تُؤْمِنُوْنَ.“ (سورة الحاقہ، آيت: ٤٠،٤١)

”بيشڪ هي قرآن ضرور رسول ڪريم ﷺ جو قول آهي ۽ هي ڪنهن شاعر جو قول ناهي، توهان ماڻهو گهٽ ايمان آڻيو ٿا“.

پوءِ مون کي خيال آيو تہ پاڻ ﷺ ڪاهن آهن (معاذ الله) تڏهن پاڻ ﷺ هيءَ آيت تلاوت فرمائي.

”وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ“ (سورة الحاقہ، آيت:٤٢،٤٣)

پاڻ ﷺ آخر تائين سورة الحاقہ تلاوت فرمائي ۽ ان واقعي سان اسلام جي صداقت منهنجي دل ۾ ويهجي وئي. (مسند احمد)

”الحاقہ“ جي معني آهي ”اها شيءِ جنهن جو هجڻ يقيني هجي“ هي قيامت جو هڪ ٻيو نالو آهي. شروع ۾ آخرت جو انڪار ڪرڻ وارن گذريل قومن جو عبرت ناڪ انجام بيان ٿيو آهي. پوءِ قيامت برپا ٿيڻ جو نقشو بيان ڪيو ويو آهي، تہ صور فوڪيندي ئي زمين ۽ آسمان تي عظيم تبديليون واقع ٿي وينديون. پوءِ ذڪر ڪيو ويو آهي، تہ جن ماڻهن کي اعمال نامو سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو، اهي نعمتن ڀريل جنت ۾ هوندا ۽ جن ماڻهن کي اعمال نامو کاٻي هٿ ۾ ڏنو ويندو اهي جهنم جي عذاب ۾ هوندا. ٻئي رڪوع ۾ قرآن حڪيم جي عظمت جو بيان آهي تہ هي ڪنهن شاعر يا ڪاهن جو ڪلام ناهي بلڪ الله سبحانه وتعالى جي محبوب آخري نبي ۽ رسول حضرت سيدنا محمد مصطفى ﷺ جي زبان مبارڪ مان ادا ٿيڻ وارو ڪلام آهي، جيڪو پاڻ ﷺ جي رب جي طرفان پاڻ ﷺ تي نازل ڪيو ويو.

اَعُوْذُ	بِاللّٰهِ	مِنَ	الشَّيْطٰنِ	الرَّجِيْمِ	بِسْمِ	اللّٰهِ	الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
آءٌ الله جي پناهہ ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان					شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي		
اَلْحَآقَّةُ ۙ ①	مَا	الْحَآقَّةُ ۚ ②	وَمَآ	اَدْرٰىكَ	مَا	الْحَآقَّةُ ؕ ③	
يقيناً واقع ٿيڻ واري. يقيناً واقع ٿيڻ واري ڇا آهي؟ ۽ توهان کي ڪهڙي خبر يقيناً واقع ٿيڻ واري ڇا آهي.							
كَذَّبَتْ	ثَمُوْدُ	وَعَادٌۢ	بِالْقَارِعَةِ ④	فَاَمَّا	ثَمُوْدُ	فَاُهْلِكُوْا	بِالطَّاغِيَةِ ⑤
ثمود ۽ عاد کڙڪائڻ واري (قيامت) کي ڪوڙو ڪيو. تہ بهرحال (قوم) ثمود، تہ خوف ناڪ آواز سان هلاڪ ڪيا ويا.							

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

وَ اَمَّا عَادٌ فَاُهْلِكُوْا بِرِيْحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ ۙ﴿٦﴾ سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ

۽ رهي (قوم) عاد تہ اهي هلاڪ ڪيا ويا، اهڙي تيز طوفان سان جيڪو انتهائي ٿڌو (۽) قابو ۾ نہ اچڻ وارو هو. (الله) ان (طوفان) کي انهن تي مسلط رکيو،

سَبْعَ لَيَالٍ وَّ ثَمٰنِيَةَ اَيَّامٍ ۙ حُسُوْمًا ۙ فَتَرَى الْقَوْمَ فِيْهَا صَرْعٰى ۙ

ست راتيون، ۽ اٺ ڏينهن لڳاتار، توهان ڏسو ها تہ هو ماڻهو اتي اهڙيءَ طرح ڪريا پيا هئا،

كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ خَاوِيَةٍ ۚ﴿٧﴾ فَهَلْ تَرٰى لَهُمْ مِّنْۢ بَاقِيَةٍ ﴿٨﴾ وَجَآءَ فِرْعَوْنُ وَ مَنْ قَبْلَهٗ

جيئن هو کجين جا خالي ٿڙ هجن. تہ ڇا اوهان انهن مان ڪنهن کي بہ باقي ڏسو ٿا؟ ۽ فرعون ۽ ان کان اڳ وارن ماڻهن،

وَالْمُؤْتَفِكٰتُ بِالْخَاطِئَةِ ۚ﴿٩﴾ فَعَصَوْا رَسُوْلَ رَبِّهِمْ

۽ (لوط عليه السلام جي) اونڌن ڳوٺن (جي ماڻهن) بہ وڏيون خطائون ڪيون. پوءِ انهن پنهنجي رب جي رسول جي نافرماني ڪئي،

فَاَخَذَهُمْ اَخْذَةً رَّابِيَةً ﴿١٠﴾ اِنَّا لَمَّا طَغَا الْمَآءُ حَمَلْنٰكُمْ فِي الْجَارِيَةِ ۙ﴿١١﴾

تہ (الله) کين وڏي سختيءَ سان پڪڙيو. جڏهن پاڻي طغيانيءَ تي آيو (تہ) اسان اوهان کي سوار ڪري ڇڏيو، ٻيڙيءَ ۾.

لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً وَّتَعِيَهَآ اُذُنٌ وَّاعِيَةٌ ﴿١٢﴾

تہ جيئن اسان ان (واقعي) کي اوهان لاءِ نصيحت بڻائي ڇڏيون، ۽ ياد رکڻ وارا ڪن ان کي (ٻڌي) ياد رکن.

فَاِذَا نُفِخَ فِي الصُّوْرِ نَفْخَةٌ وَّاحِدَةٌ ۙ﴿١٣﴾ وَّحُمِلَتِ الْاَرْضُ وَالْجِبَالُ فَدُكَّتَا دَكَّةً وَّاحِدَةً ۙ﴿١٤﴾

پوءِ جڏهن صور ۾ هڪ دفعو ڦوڪ ڏني ويندي. ۽ زمين ۽ جبل اڏاريا ويندا، پوءِ ٻئي هڪ ئي ضرب ۾ ذرا ذرا ڪيا ويندا.

فَيَوْمَئِذٍ وَّقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ۙ﴿١٥﴾ وَانْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَهِيَ يَوْمَئِذٍ وَّاهِيَةٌ ۙ﴿١٦﴾

تہ ان ڏينهن واقع ٿيڻ واري (قيامت) واقع ٿي ويندي. ۽ آسمان ڦاٽي پوندو، تہ هو ان ڏينهن ڪمزور هوندو.

وَّالْمَلَكُ عَلٰٓى اَرْجَآئِهَا ؕ وَيَحْمِلُ عَرْشَ رَبِّكَ فَوْقَهُمْ يَوْمَئِذٍ ثَمٰنِيَةٌ ؕ﴿١٧﴾

۽ فرشتا ان جي ڪناري تي هوندا، ۽ ان ڏينهن اوهان جي رب جي عرش کي پنهنجي مٿان کنيون بيٺا هوندا، اٺ (فرشتا).

يَوْمَئِذٍ تُعْرَضُوْنَ لَا تَخْفٰى مِنْكُمْ خَافِيَةٌ ﴿١٨﴾ فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ ۙ

ان ڏينهن اوهان (حساب لاءِ) پيش ڪيا ويندؤ، اوهان جي ڪا بہ لڪيل ڳالهہ لڪيل نہ رهندي. تہ جنهن کي ان جو اعمال نامو سڄي هٿ ۾ ڏنوويندو،

فَيَقُوْلُ هَآؤُمُ اقْرَءُوْا كِتٰبِيَهْ ۚ﴿١٩﴾ اِنِّيْ ظَنَنْتُ اَنِّيْ مُلٰقٍ حِسَابِيَهْ ۚ﴿٢٠﴾

تہ اهو (خوش ٿي) چوندو: هي آهي منهنجو اعمال نامو پڙهو. مونکي يقين هو، تہ بيشڪ مونکي منهنجو حساب ملندو.

فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ ۙ﴿٢١﴾ فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ۙ﴿٢٢﴾

تہ هو وڻندڙ زندگيءَ ۾ هوندو. عاليشان جنت ۾.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE TEMPLE FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

قُطُوْفُهَا دَانِيَةٌ ﴿٢٣﴾ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَآ اَسْلَفْتُمْ

جنهن جا ميوا جهڪيل هوندا. (ڪين چيو ويندو) خوب مزي سان کاؤ ۽ پيئو انهن (عملن) جي بدلي جيڪي اوهان اڳتي موڪلي چڪا آهيون،

فِى الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ ﴿٢٤﴾ وَاَمَّا مَنْ اُوْتِىَ كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ ۙ

گذريل (زندگي جي) ڏينهن ۾. البته اهو شخص جنهن کي سندس اعمال نامو سندس کاٻي هٿ ۾ ڏنو ويندو،

فَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِىْ لَمْ اُوْتَ كِتٰبِيَهْ ﴿٢٥﴾ وَلَمْ اَدْرِ مَا حِسَابِيَهْ ﴿٢٦﴾ يٰلَيْتَهَا كَانَتِ الْقَاضِيَةَ ﴿٢٧﴾

اهو چوندو ڪاش! مون کي منهنجو اعمال نامو نه ڏنو ويجي ها. ۽ آءٌ نه ڄاڻيان ها ته منهنجو حساب چا آهي؟ ڪاش! اهوئي (موت منهنجو) ڪم پورو ڪري چڪو هجي ها.

مَآ اَغْنٰى عَنِّىْ مَالِيَهْ ﴿٢٨﴾ هَلَكَ عَنِّىْ سُلْطٰنِيَهْ ﴿٢٩﴾ خُذُوْهُ فَغُلُّوْهُ ۙ ﴿٣٠﴾

(اڄ) منهنجي ڪنهن ڪم نه آيو. منهنجو مال. منهنجي سلطنت مونکان هلي وئي. (حڪم ٿيندو ته) ان کي پڪڑيو ۽ ڪيس (ڳلي ۾) طوق پارائي ڇڏيوس.

ثُمَّ الْجَحِيْمَ صَلُّوْهُ ﴿٣١﴾ ثُمَّ فِىْ سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُوْنَ ذِرَاعًا فَاسْلُكُوْهُ ﴿٣٢﴾ اِنَّهٗ كَانَ لَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ الْعَظِيْمِ ۙ ﴿٣٣﴾

پوءِ ان کي جهنم ۾ وڃي وڇڏيو. پوءِ هڪ زنجير ۾ جنهن جي ڊيگهه ستر گز آهي، ان کي ٻڌو. بيشڪ هي وڏي عظمت واري الله تي ايمان نه رکندو هو.

وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿٣٤﴾ فَلَيْسَ لَهُ الْيَوْمَ هٰهُنَا حَمِيْمٌ ۙ ﴿٣٥﴾

۽ مسڪين کي کاڏو کارائڻ جي (هو بين کي) ترغيب نه ڏيندو هو. تنهن ڪري اڄ هتي ان جو ڪو گرم جوش دوست نه آهي.

وَّلَا طَعَامٌ اِلَّا مِنْ غِسْلِيْنٍ ۙ ﴿٣٦﴾ لَّا يَاْكُلُهٗٓ اِلَّا الْخَاطِـُٔوْنَ ﴿٣٧﴾ فَلَآ اُقْسِمُ بِمَا تُبْصِرُوْنَ ۙ ﴿٣٨﴾ ع 1 37

۽ نه ڪو کاڏو آهي، سواءِ پوءَ جي، جنهن کي ڪنهگارن کان سواءِ ڪير به نه کائيندو. ته مونکي قسم آهي، انهن شين جو جن کي اوهان ڏسندا آهيو.

وَمَا لَا تُبْصِرُوْنَ ۙ ﴿٣٩﴾ اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ ۙ ﴿٤٠﴾ وَّمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ ۭ قَلِيْلًا مَّا تُؤْمِنُوْنَ ۙ ﴿٤١﴾

۽ جن کي اوهان نه ٿا ڏسو. يقيناً هي (قرآن) هڪ معزز رسول جو ڪلام آهي. ۽ هي ڪنهن شاعر جو ڪلام نه آهي. (پر) اوهان تمام گهٽ ايمان آڻيو ٿا.

وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ ۭ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٢﴾ تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٣﴾

نڪو ئي (هي) ڪنهن ڪاهن جو ڪلام آهي. (پر) اوهان تمام گهٽ نصيحت حاصل ڪيو ٿا. (هي) مڙني جهانن جي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي.

وَلَوْ تَقَوَّلَ عَلَيْنَا بَعْضَ الْاَقَاوِيْلِ ۙ ﴿٤٤﴾ لَاَخَذْنَا مِنْهُ بِالْيَمِيْنِ ۙ ﴿٤٥﴾ ثُمَّ لَقَطَعْنَا مِنْهُ الْوَتِيْنَ ۚ ﴿٤٦﴾

۽ جيڪڏهن (بالفرض) هو ڪا ڳالهه گهڙي اسان تي چئي ڇڏي ها. ته يقيناً اسان سندس سجو هٿ پڪڑي ونڊون ها. پوءِ اسان ضرور ان جي ساهه جي رڳ ڪٽي ڇڏيون ها.

فَمَا مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ عَنْهُ حٰجِزِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَاِنَّهٗ لَتَذْكِرَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٨﴾

پوءِ توهان مان ڪو به، (اسان کي) ان کان روڪڻ وارو نه هجي ها. ۽ يقيناً هي (قرآن) پرهيزگارن جي لاءِ نصيحت آهي.

وَاِنَّا لَنَعْلَمُ اَنَّ مِنْكُمْ مُّكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾ وَاِنَّهٗ لَحَسْرَةٌ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٠﴾

۽ يقيناً اسان ڄاڻيون ٿا، ته توهان مان ڪجهه ڪوڙو ڪرڻ وارا آهن. ۽ يقيناً هي (ڪوڙو ڪرڻ) ڪافرن جي لاءِ حسرت (جو باعث) آهي.

وَاِنَّهٗ لَحَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿٥١﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٥٢﴾ ع 2 15

۽ يقيناً هي (قرآن) يقيني حق آهي، تنهن ڪري اوهان تسبيح ڪيو، پنهنجي رب جي نالي جي جيڪو وڏي عظمت وارو آهي.

COPYRIGHTED WITH SALEEM FOUNDATION. NOT FOR COMMERCIAL PURPOSE.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون گالهيون

١. نافرمان قومون قيامت جو انڪار ڪندیون آهن، پر قيامت جو واقع ٿيڻ يقيني آهي. (سورة الحاقہ، آيات:١ کان ٤)

٢. پنهنجي رسول عليه السلام کي ڪوڙو ڄاڻڻ ۽ قيامت جو انڪار ڪرڻ واريون قومون الله تعالىٰ جي نافرماني ڪري عذاب جون مستحق بڻجي وڃن ٿيون. (سورة الحاقہ، آيات:٤ کان ١٠)

٣. قيامت جي ڏينهن زمين جي هيناهين مٿاهين ختم ڪري ان کي برابر ميدان (حشر) بڻايو ويندو.(سورة الحاقہ، آيات:١٣،١٤)

٤. قيامت جي ڏينهن اسان جا سڀ راز ظاهر ڪيا ويندا. (سورة الحاقہ، آيت:١٨)

٥. آخرت ۾ ٿيڻ واري حساب جو خيال رکي زندگي گذارڻ وارا قيامت جي ڏينهن ڪامياب هوندا. (سورة الحاقہ، آيات:١٩،٢٠)

٦. قيامت جي ڏينهن ڪامياب ٿيڻ وارن کي ساڄي هٿ ۾ اعمال نامو ڏنو ويندو ۽ ناڪام ٿيڻ وارن کي کاٻي هٿ ۾ اعمال نامو ڏنو ويندو. (سورة الحاقہ، آيات:١٩ کان ٢٥)

٧. الله تعالىٰ پنهنجي نيڪ بانهن تي فضل فرمائيندو انهن جي نيڪ عملن جي ڪري جنت جي اعلىٰ نعمتن جي صورت ۾ عطا فرمائيندو. (سورة الحاقہ، آيات:٢٢ کان ٢٤)

٨. الله تعالىٰ جي نافرمانن کي قيامت جي ڏينهن طوق ۽ زنجيرن سان بڌي ڪري جهنم جي سخت ترين عذاب ۾ وڌو ويندو.(سورة الحاقہ، آيات:٣٠ کان ٣٢)

٩. الله تعالىٰ تي يقين نه رکڻ وارن ۽ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ جي ترغيب نه ڏيڻ وارن جو قيامت جي ڏينهن کو دوست نه هوندو. (سورة الحاقہ، آيات: ٣٣ کان ٣٥)

١٠. قرآن حڪيم متقين جي لاءِ نصيحت ۽ ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جي لاءِ حسرت آهي. (سورة الحاقہ، آيات: ٤٨ کان ٥٠)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. ستن راتين ۽ اٺن ڏينهن جي طوفان وارو عذاب ڪهڑي قوم تي آيو هو؟
(الف) ثمود جي قوم (ب) عاد جي قوم (ج) مدين وارن تي

٢. قيامت جي ڏينهن عرش الاهيءَ کي ڪيترا فرشتا کنيو ويندا هوندا؟
(الف) چار (ب) ڇهه (ج) اٺ

٣. هن سورة ۾ جهنم ۾ وڃڻ جا ڪهڙا سبب بيان ڪيا ويا آهن؟
(الف)الله تعالىٰ کي نه مڃڻ ۽ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ جي ترغيب نه ڏيڻ (ب) ڪفر ڪرڻ ۽ شڪر ڪرڻ
(ج) شاعري ڪرڻ ۽ جادو ڪرڻ.

٤. قرآن حڪيم ڪنهن جي زبان مان نڪتل ڪلام آهي؟
(الف) شاعر (ب) ڪاهن (ج) رسول ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IMF FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK SHOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

۵. سورة جي آخر ۾ نبي ڪريم ﷺ جو توجهہ ڪهڙيءَ ڳالهہ ڏانهن ڇڪايو ويو آهي؟
(الف) الله ﷻ کان مغفرت گهرڻ (ب) الله ﷻ جي تسبيح بيان ڪرڻ (ج) الله ﷻ کان دعا گهرڻ

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. اَلْحَاقَّه جي معنىٰ ڇا آهي؟

۲. سورت جي شروع ۾ جن نافرمان قومن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن جا نالا تحرير ڪيو؟

۳. پهرئين رڪوع ۾ قيامت برپا ٿيڻ جو ڪهڙو نقشو چٽيو ويو آهي؟

۴. جنهن شخص کي سڄي هٿ ۾ اعمال نامو ڏنو ويندو اهو قيامت جي ڏينهن ڇا چوندو؟

۵. جنهن شخص کي کبي هٿ ۾ اعمال نامو ڏنو ويندو اهو قيامت جي ڏينهن ڇا چوندو؟

سوال ۳ لفظ ڳولهيو:

ع	ت	س	ب	ي	ح	ز	هـ	ث	ش	ڪ
ب	ا	ع	م	ا	ل	ن	ا	م	ه	هـ
ز	ذ	ل	و	هـ	ڪ	ج	ص	و	ر	و
آ	ن	ک	ي	ذ	چ	ي	س	د	گ	ک
ط	ن	و	چ	ش	ظ	ر	ج	ڙ	ع	هـ
غ	و	د	ح	ع	ا	و	ڪ	غ	ث	ل
ي	ل	ق	هـ	خ	س	ن	ي	ا	ض	ي
ا	ق	ض	پ	ي	پ	خ	ج	ل	ه	ت
ن	پ	ر	ه	ف	ر	ع	و	ن	س	ن
ي	ا	ل	ء	ر	هـ	د	ح	م	ن	ي
و	گ	ر	م	ج	و	ش	د	و	س	ت

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE A CRIMINAL ACTION.

هدايت: هيٺ ڏنل حرفن کي هيٺئين چارٽ ۾ ڏنل نشانن جي مطابق ⬇ ⬅ ↙ تلاش ڪيو			
ثمود	عاد	طوفان	خالي ٽڙ
فرعون	طغياني	صور	اعمال نامو
عالي شان جنت	ڳٽ	زنجير	گرم جوش دوست
پونءِ	ڪاهن	تسبيح	ساهه جي رڳ

گهرو ڪم

- پنهنجو جائزو وٺو ۽ پنهنجي هڪ ڏينهن جي تمام سٺن عملن جي فهرست ناهيو
- هن سورة ۾ ذڪر ڪيل قومن جو تفصيل پنهنجي "قرآن حڪيم جو مطالعو" جي ڪتابن ۾ ڏسو ۽ هيٺ ڏنل چارٽ مڪمل ڪيو.

نمبرشمار	قوم جو نالو	سورة جو نالو	آيت	قرآن حڪيم جو مطالعو (جنهن ۾ تفصيل آهي)

- قيامت جي ڏينهن صور ڦوڪڻ جي متعلق ڪي ٻه قرآن جون آيتون ۽ ٻه احاديث نبوي ﷺ گولهيو.

قرآن جون آيتون

احاديث نبوي ﷺ

صحيح استاد ۽ تاريخ _____

صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHT® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE A CRIMINAL & CIVIL OFFENTAL ACTION.

سبق:١٧

سُوْرَةُ الْمَعَارِج

(سورت نمبر: ٧٠، كل ركوع :٢، كل آيتون:٤٤)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة **نبي كريم** ﷺ جي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ نازل ٿي هئي اهو ئي زمانو هو جڏهن سورة الحاقہ نازل ٿي. هن سورة جا موضوع ۽ مضمون سورة الحاقہ سان گهڻو ملن جلن ٿا. جهڙيءَ طرح سورة الحاقہ ۾ قيامت، جنت ۽ دوزخ جو احوال ۽ مومنن ۽ ڪافرن جي اُخروي انجام جو ذڪر آهي، اهڙيءَ طرح هن سورة ۾ به اهڙا مضمون نهايت تاڪيد سان بيان ڪيل آهن.

شان نزول جي حوالي سان تفسير جي ڪتابن ۾ هيءَ روايت آهي ته **رسول الله** ﷺ حجة الوداع جي واپسيءَ تي خم غدير جي موقعي تي جڏهن خطبي جي دوران حضرت مولىٰ علي شير خدا ڪرم الله وجههٗ جي رتبي قرب ۽ ولايت جو بيان ڪندي فرمايو: جنهن جو آءٌ مولا آهيان، علي ان جو مولا آهي، ته جڏهن اها خبر حارث بن نعمان فهري يا ڪن تفسيرن مطابق نظر بن حارث ڪي پهتي ته اهو پنهنجي ڏاڇيءَ تي سوار ٿي پاڻ سڳورن ﷺ جن وٽ آيو ۽ رسول الله ﷺ کان اعتراض ڪندي چوڻ لڳو ته اي محمد! اوهان اسان کي ڪلمہ شهادت، نماز، روزو، زڪواة ۽ حج وغيره جا حڪم ڏنا ته اسان قبول ڪيا پر اوهان راضي نہ ٿيا ايستائين جو توهان پنهنجي سوٽ (علي) کي اسان تي فضيلت ڏئي چڏي هي اوهان پنهنجي طرفان چيو آهي يا **الله** ﷻ جي طرفان؟ ته حضور نبي اڪرم ﷺ فرمايو: قسم ان ذات جو جنهن کان سواءِ ڪو به معبود ناهي هي **الله** ﷻ جي طرفان آهي، تنهن تي حارث هي چوندي موٽيو، ته **اي الله! محمد** (ﷺ) جو چوڻ حق آهي ته مون تي آسمان مان پٿر وساءِ. ان جو اهو چوڻ هو جو آسمان کان هڪ پٿر ان جي مٿي تي اچي ڪريو ۽ ان جي جسم مان پار ٿي ويو ۽ هو بدبخت ان ئي مهل مري ويو. تنهن تي هن سورة جي پهرين آيت نازل ٿي.

ڪجهہ تفسيرن ۾ هي به آهي ته ڪافرن مان هڪ شخص نظر بن حارث **الله** ﷻ جي عذاب نازل ٿيڻ جي دعا گهري هئي جنهن تي هن سورت جي پهرين آيت نازل ٿي. ممڪن آهي، ته هن موقعي تي به هيءَ آيت نازل ٿي هجي، جيئن ڪي آيتون ۽ سورتون موقعي آهر ٻيهر نازل ٿيون آهن ۽ ان ڪري ان جا الڳ الڳ شان نزول بيان ڪيا ويا آهن.

"اَلْمَعَارِج" "ڏاڪڻ" کي چئبو آهي. هن سورة ۾ آسمان کي "فرشتن جي ڏاڪڻ" سان تعبير ڪيو ويو آهي. شروعات ۾ قيامت جي هولناڪيءَ جو بيان آهي. جهنم وارن جي گناهن ۽ جنت وارن جون بنيادي صفتون بيان ٿيون آهن. جيڪي هي آهن: نماز تي هميشگي اختيار ڪرڻ ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ، قيامت تي يقين، ضرورت مند ۽ محروم ماڻهن جي لاءِ پنهنجي مال مان حصو رکڻ، رب جي عذاب کان ڊڄڻ، پنهنجي اوگهڙ جي حفاظت ڪرڻ، پنهنجي فطري خواهشن کي پنهنجي زال ۽ ٻانهين تائين محدود رکڻ، امانتن جي حفاظت ڪرڻ ۽ پنهنجي گواهي تي قائم رهڻ. قيامت جي ڏينهن مجرمن جي بدحاليءَ جي بيان تي سورة ختم ٿئي ٿي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE LIVE FOUNDATION
SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

آءٌ الله جي پناهه ۾ ٿو اچان شيطان مردود کان شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

سَاَلَ سَآئِلٌۢ بِعَذَابٍ وَّاقِعٍۙ ﴿١﴾ لِّلْكٰفِرِيْنَ لَيْسَ لَهٗ دَافِعٌۙ ﴿٢﴾

هڪ سوال ڪرڻ واري سوال ڪيو، ان عذاب جي باري ۾ جيڪو واقع ٿيڻ وارو آهي. (يعني) ڪافرن تي، ان کي ڪير روڪڻ وارو ناهي.

مِّنَ اللّٰهِ ذِى الْمَعَارِجِؕ ﴿٣﴾ تَعْرُجُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ اِلَيْهِ

ان الله جي طرفان (واقع ٿيندو) جيڪو وڏي مرتبي وارو آهي. فرشتا ۽ روح (جبرائيل عليه السلام) ان طرف چڙهندا آهن،

فِىْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍۚ ﴿٤﴾ فَاصْبِرْ صَبْرًا جَمِيْلًا ﴿٥﴾ اِنَّهُمْ يَرَوْنَهٗ بَعِيْدًاۙ ﴿٦﴾

هڪ اهڙي ڏينهن ۾، جنهن جو مقدار پنجاهه هزار سال آهي. ته اوهان خوبصورتيءَ سان صبر ڪيو. بيشڪ اهي ماڻهو ان (قيامت) کي پري ڏسن ٿا.

وَّنَرٰىهُ قَرِيْبًاؕ ﴿٧﴾ يَوْمَ تَكُوْنُ السَّمَآءُ كَالْمُهْلِۙ ﴿٨﴾ وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِۙ ﴿٩﴾

۽ اسان ان کي ويجهو ڏسون ٿا. جنهن ڏينهن آسمان پگهريل ٽامي وانگر ٿي ويندو. ۽ جبل (پڃيل) ان جيئن ٿي ويندا.

وَلَا يَسْـَٔلُ حَمِيْمٌ حَمِيْمًاۚۖ ﴿١٠﴾ يُّبَصَّرُوْنَهُمْؕ يَوَدُّ الْمُجْرِمُ

۽ ڪو پڪو دوست ڪنهن گهري دوست کي ڪونه پڇندو. (جڏهن ته) هو هڪ ٻئي کي ڏيکاريا ويندا، (ان ڏينهن) گنهگار چاهيندو،

لَوْ يَفْتَدِىْ مِنْ عَذَابِ يَوْمِئِذٍۭ بِبَنِيْهِۙ ﴿١١﴾ وَصَاحِبَتِهٖ وَاَخِيْهِۙ ﴿١٢﴾ وَفَصِيْلَتِهِ الَّتِىْ تُـْٔوِيْهِۙ ﴿١٣﴾

ته ڪاش هو ان ڏينهن (کان ڇوٽڪاري) جي بدلي ۾ پنهنجا پٽ ڏئي ڇڏي. ۽ پنهنجي زال ۽ پنهجو ڀاءُ. ۽ پنهنجو خاندان جيڪو ان کي پناهه ڏيندو هو.

وَمَنْ فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًاۙ ثُمَّ يُنْجِيْهِۙ ﴿١٤﴾ كَلَّاؕ

۽ جيترا ماڻهو زمين ۾ آهن اهي سڀ جو سڀ (فدئي ۾ ڏئي ڇڏي) ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ کي (عذاب کان) بچائي. (پر ائين) هرگز نه (ٿيندو)

اِنَّهَا لَظٰىۙ ﴿١٥﴾ نَزَّاعَةً لِّلشَّوٰىۚۖ ﴿١٦﴾ تَدْعُوْا مَنْ اَدْبَرَ وَتَوَلّٰىۙ ﴿١٧﴾

يقيناً اها ڀڙڪندڙ باهه آهي. جيڪا کل به لاهي ڇڏڻ واري آهي. اها سڏيندي، ان شخص کي جنهن (حق کي) پٺي ڏني ۽ منهن موڙي ڇڏيو.

وَجَمَعَ فَاَوْعٰى ﴿١٨﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ خُلِقَ هَلُوْعًاۙ ﴿١٩﴾ اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ جَزُوْعًاۙ ﴿٢٠﴾

۽ مال جمع ڪيو، پوءِ ان کي سنڀالي رکيو. بيشڪ انسان تمام گهٽ حوصلي وارو پيدا ڪيو ويو آهي. جڏهن کيس تڪليف پهچندي آهي ته گهبرائجي ويندو آهي.

وَّاِذَا مَسَّهُ الْخَيْرُ مَنُوْعًاۙ ﴿٢١﴾ اِلَّا الْمُصَلِّيْنَۙ ﴿٢٢﴾ الَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ دَآئِمُوْنَۙ ﴿٢٣﴾

۽ جڏهن خوشحالي ملندي آهي ته ڪنجوس بڻجي ويندو آهي. سواءِ (انهن جي) جيڪي نماز ادا ڪرڻ وارا آهن. اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي نمازن جي هميشه پابندي ڪندا آهن.

وَالَّذِيْنَ فِىْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُوْمٌۙ ﴿٢٤﴾ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِۙ ﴿٢٥﴾ وَالَّذِيْنَ يُصَدِّقُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِۙ ﴿٢٦﴾

۽ اهي ماڻهو جن جي مالن ۾، مقرر حصو آهي. گهرڻ وارن ۽ محرومن جو. ۽ اهي ماڻهو جيڪي، تصديق ڪن ٿا بدلي جي ڏينهن جي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL LOCATION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

وَالَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ عَذَابِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ۚ﴿٢٧﴾ اِنَّ عَذَابَ رَبِّهِمْ غَيْرُ مَاْمُوْنٍ ﴿٢٨﴾

۽ اهي ماڻهو جيڪي، پنهنجي رب جي عذاب کان ڊڄڻ وارا آهن. بيشڪ سندن رب جو عذاب، اهڙو ناهي، جنهن کان بي خوف ٿجي.

وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ۙ﴿٢٩﴾ اِلَّا عَلٰٓى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ

۽ اهي ماڻهو جيڪي، پنهنجي شرم گاهن جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن. سواءِ پنهنجي زالن، يا ٻانهين جي جن جا هو مالڪ آهن.

فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ۚ﴿٣٠﴾ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ۚ﴿٣١﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ

ته انهن تي ڪا ملامت ناهي. پوءِ جيڪي ان کان علاوه (ڪو ٻيو طريقو) چاهين، ته اهي ماڻهو حد کان لنگهڻ وارا آهن. ۽ اهي ماڻهو جيڪي،

لِاَمٰنٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ۖ﴿٣٢﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِشَهٰدٰتِهِمْ قَآئِمُوْنَ ۖ﴿٣٣﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ

پنهنجي امانتن ۽ پنهنجي وعدي جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن. ۽ اهي ماڻهو جيڪي، پنهنجي شاهدين تي قائم رهڻ وارا آهن. ۽ اهي ماڻهو جيڪي،

عَلٰى صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ؕ﴿٣٤﴾ اُولٰٓئِكَ فِيْ جَنّٰتٍ مُّكْرَمُوْنَ ؕ﴿٣٥﴾ فَمَالِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

پنهنجي نمازن جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن. اهي ماڻهو جيڪي، جنتن ۾ معزز هوندا. ته ڪافرن کي ڇا ٿي ويو آهي،

قِبَلَكَ مُهْطِعِيْنَ ۙ﴿٣٦﴾ عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ عِزِيْنَ ﴿٣٧﴾ اَيَطْمَعُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ

جو توهان ڏانهن ڀڄندا اچي رهيا آهن. سڄي پاسي کان، ۽ کٻي پاسي کان ٽولن جا ٽولا. ڇا انهن مان هر شخص اها توقع رکي ٿو،

اَنْ يُّدْخَلَ جَنَّةَ نَعِيْمٍ ۙ﴿٣٨﴾ كَلَّا ؕ اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّمَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٩﴾

ته داخل ڪيو ويندو، نعمتن واري جنت ۾؟ (اهو) هرگز نه (ٿيندو!) بيشڪ اسان کين پيدا ڪيو آهي، ان شيءِ مان جنهن کي هو ڄاڻن ٿا.

فَلَآ اُقْسِمُ بِرَبِّ الْمَشٰرِقِ وَالْمَغٰرِبِ اِنَّا لَقٰدِرُوْنَ ۙ﴿٤٠﴾ عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ

ته مونکي قسم آهي، اوڀرن ۽ اولهن جي رب جو، (ته) يقيناً اسان قادر آهيون. ان (ڳالهه) تي ته اسان مٽائي آڻيون،

خَيْرًا مِّنْهُمْ ۙ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿٤١﴾ فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَيَلْعَبُوْا

انهن کان بهتر (مخلوق) ۽ اسان (انهن کان) عاجز نه آهيون. تنهن ڪري اوهان کين ڇڏي ڏيو، ته اهي بيڪار ڳالهين ۾ منڌل رهن ۽ کيڏن ڪڏن،

حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ۙ﴿٤٢﴾ يَوْمَ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ سِرَاعًا

ايستائين جو هو پنهنجي ان ڏينهن سان وڃي ملن، جنهن جو ساڻن وعدو ڪيو ويو آهي. جنهن ڏينهن اهي قبرن مان ڊوڙندي نڪرندا،

كَاَنَّهُمْ اِلٰى نُصُبٍ يُّوْفِضُوْنَ ۙ﴿٤٣﴾ خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ؕ ذٰلِكَ الْيَوْمُ

جهڙوڪ اهي (مقرر ڪيل) نشاني ڏانهن ڀڄندا وڃي رهيا آهن. سندن اکيون جهڪيل هونديون، مٿن ذلت ڇانيل هوندي، اهو ئي آهي اهو ڏينهن،

الَّذِيْ كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ﴿٤٤﴾

جنهن جو انهن سان وعدو ڪيو ويندو هو.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. جڏهن الله ﷻ جو عذاب ايندو آهي ته ان کي ڪيربه ٽاري نه سگهندو آهي. (سورة المعارج، آيات:١،٢)

٢. قيامت جو ڏينهن هڪ هزار سالن جو هڪ ڊگهو ڏينهن هوندو. (سورة المَعَارج، آيت:٤)

٣. ماڻهو قيامت کي پري سمجهن ٿا پر الله ﷻ جي نظر ۾ قيامت تمام ويجهي آهي. (سورة المعارج، آيات:٦،٧)

٤. قيامت جي منڪرن کي ان ڏينهن ڪا دنيا جي دوستي ۽ رشتيداري ڪم ڪانه ايندي. (سورة المعارج، آيات:١٠ کان ١٤)

٥. حقيقت کي نه مڃڻ، مال جمع ڪرڻ، بي صبري ڪرڻ ۽ ڪنجوسي ڪرڻ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا اسباب آهن. (سورة المعارج، آيات:١٧ کان٢١)

٦. نماز قائم ڪرڻ، مال ضرورت مندن تي خرچ ڪرڻ، آخرت تي يقين رکڻ، الله ﷻ جي عذاب کان ڊڄڻ، پاڪ دامني ۽ شرم ۽ حياء اختيار ڪرڻ، امانتن ۽ وعدن جي نگهباني ڪرڻ ۽ شاهدي تي قائم رهڻ جنت ۾ وڃڻ وارن جا گڻ آهن. (سورة المعارج، آيات:٢٢ کان ٣٤)

٧. حق جو انڪار ڪرڻ وارا ۽ حق تي ٺٺول ڪرڻ وارا ٻئي جنت ۾ داخل نه ٿيندا. (سورة المعارج،آيات:٣٨،٣٩)

٨. دين کان غافل ٿيڻ، بيڪار ڳالهين ۽ راند روند ۾ مشغول رهڻ وارا قيامت جي ڏينهن عذاب جو مزو چکي وٺندا. (سورة المعارج، آيات:٤١،٤٢)

٩. قيامت جي ڏينهن ماڻهو پنهنجي قبرن مان نڪري ميدان حشر ۾ گڏ ٿيندا. (سورة المعارج، آيت: ٤٣)

١٠. ڪافرن ۽ گنهگارن جي لاءِ قيامت جو ڏينهن سخت ترين ڏينهن هوندو. (سورة المعارج، آيت: ٤٤)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. معارج جي معنيٰ ڇا آهي؟
(الف) معراج جو واقعو (ب) ڏاڪڻ (ج) قيامت

٢. ڪفر، شرڪ ۽ نافرمانيءَ ۾ مبتلا پڪن دوستن جي قيامت جي ڏينهن ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟
(الف) هڪ ٻئي جي مدد ڪندا (ب) هڪ ٻئي کي بچائيندا (ج) هڪ ٻئي کان بلڪل نه پڇندا

٣. جنت ۾ وڃڻ وارن جي صفتن مان پهرين ۽ آخري ڪهڙي صفت جو ذڪر ڪيو؟
(الف)نماز ادا ڪرڻ (ب) خيرات ڪرڻ (ج) پرهيزگاري

٤. سٺن ماڻهن جي مالن ۾ ڪنهن جو حصو هوندو آهي؟
(الف) مال دارن ۽ بادشاهن جو (ب) گهرڻ وارن ۽ محرومن جو (ج) زميندارن ۽ تاجرن جو

٥. قبر مان اٿي ميدان حشر ڏانهن ڀڄڻ وارن جون اکيون ڪيئن هونديون؟

٦. (الف)انڌيون هونديون (ب) بند هونديون (ج) جهڪيل هونديون

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سوال ٢ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

١. قيامت جي ڏينهن هڪ مجرم جو پنهنجي رشتيدارن سان ڪهڙو ورتاءُ هوندو؟

٢. جهنم وارن جا ڪهڙا گناهه بيان ڪيا ويا آهن؟

٣. جنت وارن جا ڪهڙا گڻ بيان ڪيا ويا آهن؟

٤. ڇا هر شخص کي قيامت جي ڏينهن نعمتن ۾ري جنت ۾ داخل ڪيو ويندو؟

٥. آخر ۾ قيامت جو ڪهڙو منظر ڏيکاريو ويو آهي؟

سوال ٣ هيٺ ڏنل خالي جڳهيون پريو:

بيشڪ انسان تمام گهڻ _____ پيدا ڪيو ويو آهي. جڏهن ڪيس تڪليف پهچندي آهي تہ _____ ويندو آهي. ۽ جڏهن خوشحالي ملندي آهي، تہ _____ ٻڌجي ويندو آهي. سواءِ (انهن جي) جيڪي _____ ادا ڪرڻ وارا آهن، جيڪي پنهنجي نمازن جي هميشہ _____ ڪندا آهن ۽ اهي ماڻهو جن جي _____ ۾ مقرر حصو آهي. گهرڻ وارن ۽ _____ جو ۽ اهي ماڻهو جيڪي تصديق ڪن ٿا _____ جي ڏينهن جي. ۽ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي رب جي _____ ڪان ڊڄڻ وارا آهن. بيشڪ سندن رب جو عذاب اهڙو ناهي، جنهن ڪان _____ ٿجي.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.



گھرو ڪم

❁ سورة القلم، سورة الحاقہ ۽ سورة المعارج ۾ قيامت جو جيڪو نقشو چٽيو ويو آهي. نڪتن جي صورت ۾ هڪ چارٽ ناهي واضح ڪيو.

سورة القلم	سورة الحاقہ	سورة المعارج

❁ اڪيلائيءَ ۾ ويهي پنهنجو جائزو ونو تہ چا نيڪ ماڻهن جون جيڪي صفتون هن سورة ۾ بيان ڪيون ويون آهن اهي توهان ۾ موجود آهن يا نہ ۽ انهن صفتن ماڻڻ جي منصوبہ بندي ڪيو.

گهربل صفتون	ها	نہ	صفتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ منصوبہ بندي

❁ توهان جو دوست وعدو پورو نٿو ڪري. ان کي وعدو پورو نہ ڪرڻ جي نقصانن جي باري ۾ خط لکو.

صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE SUBJECT TO CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:١٨ — سُوْرَةُ نُوْح

(سورت نمبر: ٧١، ڪل رڪوع :٢، ڪل آيتون:٢٨)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ ان وقت نازل ٿي، جڏهن مخالفت ۾ شدت اچي وئي هئي. سورة المعارج جي آيت:٤١ جي آخر ۾ الله ﷻ فرمايو آهي، ته اسان ان تي قادر آهيون ته مڪي جي مشرڪن کان بهتر ماڻهو آڻيون ۽ ان کان پوءِ سورةالنوح ۾ الله ﷻ بيان فرمايو، ته الله ﷻ حضرت نوح عليه السلام جي قوم تي تمام وڏو طوفان موڪليو. جنهن ذريعي ان جي قوم جا سڀ ڪافر غرق ٿي تباهه ٿي ويا، الله ﷻ صرف انهن چند ماڻهن کي بچائي ورتو، جيڪي سندس توحيد ۽ حضرت نوح عليه السلام جي رسالت تي ايمان آڻي چڪا هئا. پوءِ انهن ئي باقي رهيل ماڻهن سان دنيا آباد ٿي. اهڙيءَ طرح اها ڳالهه واضح ڪئي وئي، ته الله ﷻ جڏهن گهري ڪنهن قوم کي تباهه ڪري، ان جي جاءِ تي ٻي قوم کي آڻي سگهي ٿو. هيءَ پوري سورة حضرت نوح عليه السلام جي دعوت، ان جي جواب ۾ قوم جي رويي ۽ ان جي انجام جي تفصيل تي مشتمل آهي.

حضرت نوح عليه السلام جي قوم عراق جي علائقي ۾ آباد هئي. اها قوم بت پرستيءَ ۾ مبتلا هئي انهن جا پنج وڏا مشهور بت هئا وَدُ، سُوَاعُ، يَغُوْث، يَعُوْق ۽ نسر. انهن بتن کي اهي پنهنجو معبود بڻايون ويٺا هئا ۽ وڏي ذوق ۽ شوق سان انهن جي عبادت ڪرڻ لڳا هئا. حضرت نوح عليه السلام ٩٥٠ سال پنهنجي قوم کي توحيد جي دعوت ڏني. ۽ ان پنهنجي قوم کي استغفار جون برڪتون به ٻڌايون، پر قوم شرڪ کان نه مڙي ۽ نيٺ الله ﷻ جي عذاب جي ور چڙهي وئي. سورة جي آخر ۾ حضرت نوح عليه السلام جي دعائن جو بيان آهي. سورة نوح جي ذريعي پاڻ ﷺ ۽ مسلمانن کي به هي ٻڌايو ويو، ته انهن سان جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو پهريون واقعو ناهي بلڪ حضرت نوح عليه السلام به ان مرحلي مان گذري چڪو آهي. الله ﷻ پاڻ عليه السلام جي صبر ۽ تحمل تي پاڻ عليه السلام کي تائيد ۽ نصرت سان نوازيو هو. ايمان وارن کي به مشڪلات ۾ صبر ۽ تحمل ڪندي الله ﷻ جي تائيد ۽ نصرت جو انتظار ڪرڻ گهرجي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

اِنَّآ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ اَنْ اَنْذِرْ قَوْمَكَ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١﴾

بيشڪ اسان نوح (عليه السلام) کي سندس قوم جي طرف موڪليو، ته اوهان پنهنجي قوم کي ڊيڄاريو، ان کان پهريان جو انهن تي دردناڪ عذاب اچي وڃي.

قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّيْ لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۙ﴿٢﴾ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

(نوح عليه السلام) فرمايو اي منهنجي قوم! بيشڪ آءٌ اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان. ته اوهان الله جي عبادت ڪيو،

وَاتَّقُوْهُ وَاَطِيْعُوْنِ ۙ﴿٣﴾ يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرْكُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ

۽ کانئس ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪيو. هو اوهان کي اوهان جا گناهه بخشي ڇڏيندو، ۽ اوهان کي مقرر وقت تائين مهلت عطا ڪندو،

اِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ اِذَا جَآءَ لَا يُؤَخَّرُ ۘ لَوْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤﴾

بيشڪ جڏهن الله جو (مقرر) وقت اچي ويو، ته ڍر نه ڏني ويندي، ڪاش اوهان ڄاڻيوها.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILMEE FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK IS CRIMINAL ACTION.

قَالَ رَبِّ اِنِّیْ دَعَوْتُ قَوْمِیْ لَیْلًا وَّنَهَارًا ۙ﴿۵﴾ فَلَمْ یَزِدْهُمْ دُعَآءِیْۤ

(نوح عليه السلام) عرض ڪيو اي منهنجا رب! بيشڪ مون پنهنجي قوم کي رات ۽ ڏينهن دعوت ڏني. پر منهنجي دعوت انهن ۾ اضافو نه ڪيو،

اِلَّا فِرَارًا ﴿۶﴾ وَاِنِّیْ كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوْۤا اَصَابِعَهُمْ فِیْۤ اٰذَانِهِمْ

سواءِ ڇڪ جي. ۽ بيشڪ جڏهن به مون کين دعوت ڏني، ته تون کين بخشين، ته انهن پنهنجون آڱريون پنهنجي ڪنن ۾ وجهي ڇڏيون،

وَاسْتَغْشَوْا ثِیَابَهُمْ وَاَصَرُّوْا وَاسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا ۚ﴿۷﴾ ثُمَّ اِنِّیْ دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا ۙ﴿۸﴾

۽ پنهنجي مٿان پنهنجا ڪپڙا ويڙهي ڇڏيا، ۽ ان تي زور ڏنائون، ۽ تمام گهڻو تڪبر ڪيائون. پوءِ بيشڪ مون کين بلند آواز سان دعوت ڏني.

ثُمَّ اِنِّیْۤ اَعْلَنْتُ لَهُمْ وَاَسْرَرْتُ لَهُمْ اِسْرَارًا ۙ﴿۹﴾ فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ؕ

پوءِ بيشڪ مون کين ڪلي عام (به) سمجهايو، ۽ مون کين رازداريءَ سان به سمجهايو. مون چيو ته پنهنجي رب کان مغفرت گهرو،

اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ۙ﴿۱۰﴾ یُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَیْكُمْ مِّدْرَارًا ۙ﴿۱۱﴾ وَّیُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِیْنَ

بيشڪ اهو وڏو بخشڻهار آهي. هو اوهان تي آسمان کان خوب مينهن وسائيندو. ۽ هو مال ۽ اولاد جي ذريعي اوهان جي مدد فرمائيندو،

وَیَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّیَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا ؕ﴿۱۲﴾ مَا لَكُمْ لَا تَرْجُوْنَ لِلّٰهِ وَقَارًا ۚ﴿۱۳﴾

۽ اوهان کي باغ ڏيندو، ۽ اوهان لاءِ نهرون جاري فرمائيندو. اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي، جو اوهان الله جي عظمت جو خيال نٿا رکو.

وَقَدْ خَلَقَكُمْ اَطْوَارًا ﴿۱۴﴾ اَلَمْ تَرَوْا كَیْفَ خَلَقَ اللّٰهُ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ۙ﴿۱۵﴾

جڏهن ته ان اوهان کي مختلف مرحلن مان (گذاري) پيدا فرمايو آهي، ڇا اوهان نه ڏٺو، ته الله ڪيئن ست آسمان هڪ ٻئي مٿان پيدا ڪيا.

وَّجَعَلَ الْقَمَرَ فِیْهِنَّ نُوْرًا وَّجَعَلَ الشَّمْسَ سِرَاجًا ﴿۱۶﴾ وَاللّٰهُ اَنْۢبَتَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ نَبَاتًا ۙ﴿۱۷﴾

۽ ان (الله) انهن ۾ چند کي روشن ڪيو، ۽ سج کي ڏيئو ٻاريو. ۽ الله اوهان کي زمين مان گاهه وانگر (خاص اهتمام سان) پيدا فرمايو.

ثُمَّ یُعِیْدُكُمْ فِیْهَا وَیُخْرِجُكُمْ اِخْرَاجًا ﴿۱۸﴾ وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمُ

پوءِ هو اوهان کي ان زمين ۾ واپس وٺي ويندو، ۽ اوهان کي (ان زمين مان ٻيهر) ٻاهر ڪيندو. ۽ الله ٻڌايو توهان جي لاءِ،

الْاَرْضَ بِسَاطًا ۙ﴿۱۹﴾ لِّتَسْلُكُوْا مِنْهَا سُبُلًا فِجَاجًا ۘ﴿۲۰﴾ قَالَ نُوْحٌ رَّبِّ اِنَّهُمْ عَصَوْنِیْ ع 1 20

زمين کي فرش. ته جيئن اوهان ان جي کليل رستن تي گهمو ڦرو. نوح (عليه السلام) عرض ڪيو، اي منهنجا رب! بيشڪ انهن منهنجي نافرماني ڪئي،

وَاتَّبَعُوْا مَنْ لَّمْ یَزِدْهُ مَالُهٗ وَوَلَدُهٗۤ اِلَّا خَسَارًا ۚ﴿۲۱﴾ وَمَكَرُوْا مَكْرًا كُبَّارًا ۚ﴿۲۲﴾

۽ انهن (سردارن) جي پيروي ڪئي، جن جي مال ۽ اولاد انهن جي خساري ۾ اضافو ڪيو. ۽ انهن وڏيون وڏيون سازشون ڪيون.

وَقَالُوْا لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمْ وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا ۙ وَّلَا یَغُوْثَ وَیَعُوْقَ وَنَسْرًا ۚ﴿۲۳﴾

۽ اهي چوڻ لڳا ته پنهنجي معبودن کي هرگز نه ڇڏجو، ۽ نه ود ۽ سواع کي ڇڏجو، ۽ نه يغوث ۽ يعوق ۽ نسر کي.

وَقَدْ اَضَلُّوْا كَثِیْرًا ۚ وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِیْنَ اِلَّا ضَلٰلًا ﴿۲۴﴾

۽ يقيناً انهن تمام گهڻن ماڻهن کي گمراهه ڪيو، ۽ (يالله!) تون به انهن ظالمن جي لاءِ سواءِ گمراهيءَ جي (ڪنهن بي شئي ۾) اضافو نه ڪر.

مِمَّا خَطِيْٓـٰٔتِهِمْ اُغْرِقُوْا فَاُدْخِلُوْا نَارًا ۙ فَلَمْ يَجِدُوْا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْصَارًا ﴿٢٥﴾

هو پنهنجي گناهن جي ڪري غرق ڪيا ويا، پوءِ انهن کي باهه ۾ داخل ڪيو ويو، ته انهن پنهنجي لاءِ الله کان سواءِ ڪنهن کي مددگار نه لڌو.

وَقَالَ نُوْحٌ رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا ﴿٢٦﴾ اِنَّكَ اِنْ تَذَرْهُمْ

۽ نوح عليه السلام عرض ڪيو، اي منهنجا رب! زمين تي باقي نه ڇڏ، ڪافرن مان ڪو به رهڻ وارو. بيشڪ جيڪڏهن تو کين ڇڏيو،

يُضِلُّوْا عِبَادَكَ وَلَا يَلِدُوْٓا اِلَّا فَاجِرًا كَفَّارًا ﴿٢٧﴾ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ

ته اهي تنهنجي ٻانهن کي گمراهه ڪندا، ۽ هو بدڪار سخت ڪافر کي ئي جنم ڏيندا. اي منهنجا رب! مون کي ۽ منهنجي والدين کي بخش،

وَلِمَنْ دَخَلَ بَيْتِيَ مُؤْمِنًا وَّلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا تَبَارًا ﴿٢٨﴾ ع

2 ع 8

۽ هر ان شخص کي جيڪو منهنجي گهر ۾ مومن ٿي داخل ٿئي، مومن مردن ۽ مومن عورتن کي به، ۽ ظالمن جي تباهيءَ ۾ ئي اضافو ڪر.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون گالهيون

١. اسان کي به انبياء ڪرام عليهم السلام جي پيروي ڪندي ماڻهن کي برائيءَ کان روڪڻ گهرجي ۽ نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ گهرجي. (سورة نوح، آيات:١ کان ٣)

٢. اسان کي دين جي دعوت جوڪم ڏينهن، رات، ڪلهي عام ڪرڻ گهرجي. (سورة نوح، آيات:٥ کان ٩)

٣. هميشه الله ﷻ کان پنهنجي گناهن جي مغفرت گهرندو رهڻ گهرجي. (سورة نوح، آيت:١٠)

٤. استغفار ڪرڻ سان الله ﷻ نه صرف گناه معاف فرمائيندو آهي پر دنيا ۾ به خير ۽ برڪت عطا ڪندو آهي. (سورة نوح، آيات:١٠ کان ١٢)

٥. اسان کي الله ﷻ جي عظمت جو خيال رکندي ان جي نافرمانيءَ کان بچڻ گهرجي. (سورة نوح، آيت:١٣)

٦. انسان جو وجود، ستئي آسمان، چمڪندڙ چنڊ، روشن سج ۽ زمين جو فرش الله ﷻ جي قدرت جون نشانيون آهن. (سورة نوح، آيات:١٤ کان ٢٠)

٧. رسولن جي نافرماني ڪرڻ وارا ۽ دنيا دار مالدارن ۽ سردارن جي فرمانبرداري ڪرڻ وارا گمراهه ٿي وڃن ٿا. (سورة نوح، آيات:٢١ کان ٢٤)

٨. نيڪ ماڻهن سان محبت ۽ انهن جي پيروي ڪرڻ گهرجي، پر پنهنجي غلط ڪارين کي انهن ڏانهن منسوب نه ڪرڻ گهرجي. (سورة نوح، آيات:٢٣، ٢٤)

٩. انبياء ڪرام عليهم السلام جي ڪالهه نه مڃڻ وارا دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان ڪائيندا. (سورة نوح، آيت:٢٥)

١٠. اسان کي الله ﷻ کان پنهنجي، پنهنجي والدين جي ۽ ايمان آڻڻ وارن مردن ۽ عورتن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو رهڻ گهرجي. (سورة نوح، آيت: ٢٨)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. حضرت نوح عليه السلام پنهنجي قوم کي ڪيتري عرصي تائين دعوت ڏني؟
(الف) ١٠٠٠ سال (ب) ٩٠٠ سال (ج) ٩٥٠ سال

٢. حضرت نوح عليه السلام جي قوم دعوت بدي چا ڪيو؟
(الف) اڳريون چٻاڙيون (ب) اڳريون ڪنن ۾ وڇي ڇڏيون (ج) مٿو ڪٽيائون

٣. الله ﷻ ڪنهن کي ڏيئو بٽايو؟
(الف) تارن کي (ب) چنڊ کي (ج) سج کي.

٤. حضرت نوح عليه السلام نافرمانن جي لاءِ الله ﷻ آڏو ڪهڙي دعا ڪري؟
(الف) اي الله! ڪافرن مان ڪنهن هڪڙي کي رزق نه ڏي
(ب) اي الله! انهن ڪافرن مان ڪنهن هڪڙي کي به اولاد نه ڏي
(ج) اي الله! انهن ڪافرن مان ڪنهن هڪ کي به زمين تي آباد نه ڇڏ.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

۵. حضرت نوح عليه السلام ڪنهن جي لاءِ بخشش جي دعا ڪهري؟

(الف) قوم جي سردارن ۽ اميرن جي لاءِ (ب) والدين ۽ ايمان وارن جي لاءِ
(ج) قوم جي محتاجن ۽ فقيرن جي لاءِ

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. حضرت نوح عليه السلام پنهنجي قوم کي ڪهڙي دعوت ڏني؟

۲. حضرت نوح عليه السلام پنهنجي قوم کي استغفار ڪرڻ جا ڪهڙا فائدا ٻڌايا؟

۳. حضرت نوح عليه السلام پنهنجي قوم کي سمجهائڻ جي لاءِ الله تعالى جي قدرت جا ڪهڑا مثال بيان ڪيا؟

۴. حضرت نوح عليه السلام جي قوم جي پنجن بتن جا نالا ڇا هئا؟

۵. حضرت نوح عليه السلام قوم کي ڪوڙو ڪرڻ ۽ ڪفر و شرڪ کان نہ مڙڻ تي الله تعالى ڪان ڪهڙي دعا ڪهري؟

سوال ۳ حضرت نوح عليه السلام جي دعوت تي قوم جي ماڻهن جو رد عمل ڪهڙو هو؟ درست جوابن تي (✓) جو نشان لڳايو

- آڳريون پنهنجي ڪنن ۾ وجهي ڇڏيون
- ڏاڍا خوش ٿيا
- حضرت نوح عليه السلام جي وڏي خدمت ڪيائون
- پنهنجي مٿان ڪپڑا ويڑهي ڇڏيائون
- پنهنجي ڳالهه تي جمي بيٺا رهيا تمام گهڻو تڪبر ڪيائون
- حضرت نوح عليه السلام جي دعوت کان پري پڄڻ لڳا
- حضرت نوح عليه السلام تي جلدي ايمان آندائون

COPYRIGHTS® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

گھرو ڪم

استغفار جي اهميت ۽ فضيلت تي ڪي ٻه مبارڪ حديثون ڳولهي لکو.

استغفار جي اهميت ۽ فضيلت

پنهنجي گھر وارن کان معلوم ڪيو ته دين جي دعوت کڻڻ کڻڻ طريقن سان ڏئي سگھجي ٿي.

سورة جي آخري آيت ۾ ڏنل حضرت نوح عليه السلام جي دعا "رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِمَنْ دَخَلَ بَيْتِيَ مُؤْمِنًا وَّلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ" هڪ چارٽ تي ترجمي سان لکي، زباني ياد ڪيو.

صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL & CIVIL ACTION.

سبق:١٩ سُوْرَةُ الْجِنّ (سورت نمبر: ٧٢، ڪل رڪوع :٢، ڪل آيتون:٢٨)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جي مڪي زندگيءَ جي ابتدائي دور ۾ نازل ٿي. سورة جي شروعات ۾ جنن جو قرآن حڪيم کي ٻڌڻ ۽ ايمان آڻڻ جو واقعو بيان ٿيو آهي، شرڪ کان منع ڪئي وئي آهي ۽ توحيد جي دعوت ڏني وئي آهي.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه بيان ڪن ٿا، ته جنن جي هڪ جماعت نخلہ جي وادي ۾ نبي ڪريم ﷺ کان ان وقت غور سان قرآن جي تلاوت ٻڌي، جڏهن پاڻ ﷺ ڪجهہ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم سان گڏ مڪي کان عُڪَاظ جي بازار ڏانهن ويندي فجر جي نماز ادا فرمائي رهيا هئا. هيءُ واقعو ان وقت پيش آيو، جڏهن جنن محسوس ڪيو ته سندن ڪجهہ آزادين تي پابنديون لڳايون ويون آهن، ته ان جي وجهہ ڄاڻڻ لاءِ اوڀر اولهہ هرطرف جنن پنهنجا وفد موڪليا، ته اهي حقيقت معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. ان ئي ڪوشش ۾ هو نخلہ جي هنڌ بہ پهتا. جنن جي وفد جڏهن قرآن حڪيم ٻڌو، ته اهي ڏاڍو متاثر ٿيا ۽ قسم کڻي چوڻ لڳا ته والله هيءُ ڪلام ئي آهي، جيڪو اسان کي آسماني خبرن تائين پهچڻ کان روڪڻ وارو آهي. انهن ماڻهن ايمان آندو ۽ پنهنجي قبيلي ۾ واپس وڃي دين جي تبليغ ڪرڻ لڳا. (صحيح بخاري، صحيح مسلم)

جن الله سبحانه وتعالى جي عقل ۽ شعور رکڻ واري مخلوق آهي. جنن کي انسانن کان اڳ هن زمين تي موڪليو ويو. جنن کي الله سبحانه وتعالى باهہ مان پيدا ڪيو آهي. جنن ۾ بہ ايمان آڻڻ وارا ۽ ڪفر ڪرڻ وارا ٿيندا آهن. جن دنيا ۾ مختلف علائقن ۾ رهندا آهن ۽ مختلف زبانون ڳالهائيندا آهن. جنن ۾ بہ مذڪر ۽ مؤنث (نر ۽ مادي) ٿيندا آهن ۽ اولاد جو سلسلو ٿيندو آهي. جنن جي خوراڪ جانورن جا ڇيڻا ۽ هڏيون آهن. (صحيح بخاري) شيطان بہ هڪ جن آهي. جنن تي بہ نبي ڪريم ﷺ جي رسالت کي مڃڻ ۽ پاڻ ﷺ جي تعليم جي پيروي ڪرڻ آخرت ۾ ڪاميابيءَ جي لاءِ ضروري آهي. گهڻو ڪري جن اسان کي ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندا آهن. جنن جي پهچ آسمانن تائين آهي. الله سبحانه وتعالى ستارن کي فرشتن جون چوڪيون بڻايون آهن، جتان فرشتا آسمان جي حفاظت ڪندا آهن. سرڪش جن آسمان مان خبرون وٺڻ ايندا آهن، ته اهي فرشتا شهاب ثاقب (ٽانڊا) وسائي انهن کي آسمان کان پري ڪندا آهن. سورة جي آخر ۾ رسالت جو فرض، قيامت ۽ وحي جي حفاظت جو بيان آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

آءٌ الله جي پناهہ ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان — شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

قُلْ اُوْحِيَ اِلَيَّ اَنَّهُ اسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الْجِنِّ فَقَالُوْٓا

اوهان فرمائي ڇڏيو ته مون ڏانهن وحي ڪئي وئي آهي، ته هن (قرآن) کي جنن جي هڪ جماعت غور سان ٻڌو، ته (وڃي پنهنجي قوم کي) چوڻ لڳا،

اِنَّا سَمِعْنَا قُرْاٰنًا عَجَبًا ۙ﴿١﴾ يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ ؕ

بيشڪ اسان هڪ عجيب قرآن ٻڌو آهي. جيڪو ڀلائي (جي رستي) ڏانهن هدايت ڪري ٿو، اسان ان تي ايمان آندو آهي،

وَلَنْ نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ اَحَدًا ۙ﴿٢﴾ وَّاَنَّهٗ تَعٰلٰى جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَةً وَّلَا وَلَدًا ۙ﴿٣﴾

۽ اسان هرگز پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪنداسين. ۽ بيشڪ اسان جي رب جو شان تمام بلند آهي، نہ ان کا زال ڪئي آهي ۽ نہ سندس ڪو پٽ آهي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE TEN TOUNDATION SALE OF THIS BOOK WOULD BE ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

وَّاَنَّهٗ كَانَ يَقُوْلُ سَفِيْهُنَا عَلَى اللّٰهِ شَطَطًا ۙ﴿۴﴾ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ

۽ بيشڪ اسان مان بيوقوف الله جي باري ۾ حق جي خلاف ڳالهيون ڪن ٿا. ۽ اسان گمان رکندا هئاسين،

اَنْ لَّنْ تَقُوْلَ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ۙ﴿۵﴾ وَّاَنَّهٗ كَانَ رِجَالٌ مِّنَ الْاِنْسِ

ته انسان ۽ جن الله جي باري ۾ هرگز ڪوڙ نه ڳالهائيندا. ۽ بيشڪ انسانن مان ڪجهه ماڻهو،

يَعُوْذُوْنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ فَزَادُوْهُمْ رَهَقًا ۙ﴿۶﴾

ڪن جنن جي ماڻهن جي پناهه وٺندا هئا، جنهن ذريعي انهن ماڻهن انهن (جنن) جي سرڪشي ويتر وڌائي ڇڏي.

وَّاَنَّهُمْ ظَنُّوْا كَمَا ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ اَحَدًا ۙ﴿۷﴾

۽ بيشڪ اهي (انسان) به اهڙو ئي گمان ڪرڻ لڳا، جهڙو گمان توهان (جنن) ڪيو، ته هرگز الله ڪنهن کي (ٻيهر زنده ڪري) نه اٿاريندو.

وَّاَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا شَدِيْدًا وَّشُهُبًا ۙ﴿۸﴾

۽ بيشڪ اسان آسمان کي ڇهي ڏٺو، کيس ڏٺوسين ته ڀريل آهي، سخت چوڪيدارن ۽ شعلن سان.

وَّاَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ ؕ فَمَنْ يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ

۽ بيشڪ اسان ان (آسمان) ۾ ڪجهه جڳهين تي (ڳالهين) ٻڌڻ جي لاءِ ويهي رهندا هئاسين، پر هاڻي ڪو ٻڌڻ چاهي،

يَجِدْ لَهٗ شِهَابًا رَّصَدًا ۙ﴿۹﴾ وَّاَنَّا لَا نَدْرِيْٓ اَشَرٌّ اُرِيْدَ بِمَنْ فِي الْاَرْضِ

ته هو پنهنجي لاءِ گهاٽ جهلي ويٺل شعلن کي ڏسندو. ۽ بيشڪ اسان نٿا ڄاڻيون، ته زمين وارن بابت ڪنهن برائيءَ جو ارادو ڪيو ويو آهي،

اَمْ اَرَادَ بِهِمْ رَبُّهُمْ رَشَدًا ۙ﴿۱۰﴾ وَّاَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ وَمِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ ؕ

يا سندن رب ساڻن ڀلائيءَ جو ارادو ڪيو آهي. ۽ بيشڪ اسان مان ڪجهه ماڻهو نيڪ آهن، ۽ ڪجهه اسان مان ان کان ٻيا (برا) آهن،

كُنَّا طَرَآئِقَ قِدَدًا ۙ﴿۱۱﴾ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ نُّعْجِزَ اللّٰهَ فِي الْاَرْضِ

اسان مختلف طريقن تي هلي رهيا هئاسين. ۽ بيشڪ اسان يقين ڪري ورتو آهي، ته اسان الله کي هرگز نه زمين ۾ (لڪي) عاجز ڪري سگهون ٿا،

وَلَنْ نُّعْجِزَهٗ هَرَبًا ۙ﴿۱۲﴾ وَّاَنَّا لَمَّا سَمِعْنَا الْهُدٰٓى اٰمَنَّا بِهٖ ؕ

۽ نه ئي (ٻئي پاسي) ڀڄي کيس عاجز ڪري سگهون ٿا. ۽ بيشڪ جڏهن اسان (قرآن جي) هدايت کي ٻڌو، ته اسان ان تي ايمان آندو،

فَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِرَبِّهٖ فَلَا يَخَافُ بَخْسًا وَّلَا رَهَقًا ۙ﴿۱۳﴾ وَّاَنَّا مِنَّا الْمُسْلِمُوْنَ

ته جيڪو شخص پنهنجي رب تي ايمان آڻي ٿو، ته اهو نه نقصان کان ڊڄندو آهي ۽ نه ظلم کان. ۽ بيشڪ ڪجهه اسان مان مسلمان آهن،

وَمِنَّا الْقٰسِطُوْنَ ؕ فَمَنْ اَسْلَمَ فَاُولٰٓئِكَ تَحَرَّوْا رَشَدًا ﴿۱۴﴾ وَاَمَّا الْقٰسِطُوْنَ

۽ ڪجهه ظالم به آهن. ته جن اسلام آندو، ته اهي آهن جن هدايت جو رستو تلاش ڪري ورتو. ۽ باقي جيڪي ظالم آهن،

فَكَانُوْا لِجَهَنَّمَ حَطَبًا ۙ﴿۱۵﴾ وَّاَنْ لَّوِ اسْتَقَامُوْا عَلَى الطَّرِيْقَةِ لَاَسْقَيْنٰهُمْ مَّآءً غَدَقًا ۙ﴿۱۶﴾

ته اهي جهنم جو ٻارڻ آهن. ۽ هيءَ (وحي به مون کي ڪئي وئي آهي) ته جيڪڏهن اهي سڌي رستي تي قائم رهن، ته يقيناً اسان کين گهڻو پاڻي پيارينداسين.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

لِنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ؕ وَمَنْ يُّعْرِضْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهٖ يَسْلُكْهُ عَذَابًا صَعَدًا ﴿١٧﴾

ته جيئن ان ذريعي کين آزمايون. ۽ جيڪو پنهنجي رب جي ذڪر کان منهن موڙيندو، اهو (الله) ان کي سخت (چڙهندڙ) عذاب ۾ داخل ڪندو.

وَّاَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ فَلَا تَدْعُوْا مَعَ اللّٰهِ اَحَدًا ﴿١٨﴾ وَّاَنَّهٗ لَمَّا قَامَ عَبْدُ اللّٰهِ

۽ بيشڪ مسجدون الله لاءِ ئي آهن، تنهن ڪري الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪيو. ۽ بيشڪ جڏهن الله جو (خاص) ٻانهو (نبي اڪرم ﷺ) ٻينو،

يَدْعُوْهُ كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًا ﴿١٩﴾ قُلْ اِنَّمَآ اَدْعُوْا رَبِّيْ ع 1/19

ته ان (الله) جي عبادت ڪري، ته هو (ڪافر) تقريبن پاڻ (ﷺ) تي حملو ڪرڻ وارا هئا. اوهان (ﷺ) فرمائي ڇڏيو، ته مان پنهنجي رب جي ئي عبادت ڪيان ٿو،

وَلَآ اُشْرِكُ بِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٠﴾ قُلْ اِنِّيْ لَآ اَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا رَشَدًا ﴿٢١﴾

۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نٿو ڪريان. اوهان (ﷺ) فرمائي ڇڏيو: بيشڪ آءٌ (الله جي اجازت بنا) توهان جي لاءِ نه ڪنهن نقصان جو مالڪ آهيان، نه ڀلائيءَ جو.

قُلْ اِنِّيْ لَنْ يُّجِيْرَنِيْ مِنَ اللّٰهِ اَحَدٌ ۙ وَّلَنْ اَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿٢٢﴾

اوهان (ﷺ) فرمائي ڇڏيو بيشڪ مون کي الله کان هرگز ڪو بچائي نٿو سگهي، ۽ آءٌ هرگز ان (الله) کان سواءِ ڪا پناهه جي جاءِ ڪٽي نه لهندس.

اِلَّا بَلٰغًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِسٰلٰتِهٖ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ

(منهنجو ڪم ته) صرف الله جي طرف کان (ملهيل احڪامن) ۽ ان جي پيغامن کي پهچائڻ آهي. ۽ جيڪي الله جي ۽ ان جي رسول جي نافرماني ڪندا،

فَاِنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ﴿٢٣﴾ ؕ حَتّٰٓى اِذَا رَاَوْا

ته بيشڪ ان جي لاءِ جهنم جي باهه آهي، جنهن ۾ هو هميشه رهندا. ايستائين جو جڏهن اهي ڏسندا،

مَا يُوْعَدُوْنَ فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ اَضْعَفُ نَاصِرًا

اهو (عذاب) جنهن جو انهن سان وعدو ڪيو ٿو وڃي، ته جلد اهي ڄاڻي وٺندا، ته ڪير آهي، جنهن جا مددگار ڪمزور آهن،

وَّاَقَلُّ عَدَدًا ﴿٢٤﴾ قُلْ اِنْ اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ

۽ تعداد ۾ گهٽ آهن. اوهان (ﷺ) چئي ڇڏيو ته آءٌ نٿو ڄاڻيان، ته جنهن (قيامت جي ڏينهن) جو توهان سان وعدو ڪيو ٿو وڃي اهو ويجهو آهي،

اَمْ يَجْعَلُ لَهٗ رَبِّيْٓ اَمَدًا ﴿٢٥﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٦﴾

يا ان لاءِ منهنجو رب ڪا ڊگهي مدت مقرر ڪندو. (الله سڀ) غيب ڄاڻڻ وارو آهي، سو اهو آگاهه نه ڪندو آهي پنهنجي غيب کان ڪنهن کي.

اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ فَاِنَّهٗ يَسْلُكُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ

سواءِ پنهنجي پسنديده رسولن جي (جن کي الله غيب جي ڳالهين ڄاڻائڻ لاءِ پسند فرمايو) پوءِ اهو مقرر فرمائيندو آهي ان (رسول) جي اڳيان،

وَمِنْ خَلْفِهٖ رَصَدًا ﴿٢٧﴾ لِّيَعْلَمَ اَنْ قَدْ اَبْلَغُوْا رِسٰلٰتِ رَبِّهِمْ

۽ ان جي پٺيان محافظ (فرشتا)، ته جيئن اهو (الله) ظاهر فرمائي ڇڏي، ته انهن پهچائي ڇڏيو پنهنجي رب جو پيغام،

وَاَحَاطَ بِمَا لَدَيْهِمْ وَاَحْصٰى كُلَّ شَيْءٍ عَدَدًا ﴿٢٨﴾ ع 2/9

۽ جيڪو انهن وٽ آهي ان (الله) ان جو احاطو فرمائي ڇڏيو آهي، ۽ ان (الله) هر شئي کي ڳڻي شمار ڪري ڇڏيو آهي.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. انسانن وانگر جنّ به الله ﷻ جي مخلوق آهن،جنن کي الله ﷻ جي فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي. (سورة الجن، آيات:١،٢)

٢. انهن جنن وانگر اسان کي به قرآن حڪيم تي ايمان آڻي،ان کي بين تائين پهچائڻ گهرجي. (سورة الجن، آيات:١،٢)

٣. الله ﷻ اڪيلو آهي، ان کي نه زال آهي نه پٽ. (سورة الجن، آيت:٣)

٤. جنن مان به ڪي نيڪ ۽ ايمان وارا آهن، ڪجهه برا ۽ ظالم آهن. (سورة الجن، آيات:١١ کان ١٥)

٥. ڪير به الله ﷻ جي عذاب کان روڪي نٿو سگهي،نه ڪٽي لکي سگهي ٿو ۽ نه ئي الله ﷻ جي پڪڙ کان بچي سگهي ٿو. (سورة الجن، آيت:١٢)

٦. عبادت جو مستحق صرف الله ﷻ آهي،ان جي بندگي اختيارڪرڻ گهرجي. (سورة الجن، آيت:١٨)

٧. الله ﷻ جي بندگيءَ ۾ پيش اچڻ وارين وڏي ۾ وڏين مشڪلاتن سان مقابلو ڪرڻ گهرجي ۽ پوري استقامت سان سندس بندگيءَ تي قائم رهڻ گهرجي. ڪنهن عملي چڙواڳيءَ جو شڪار نه ٿيڻ گهرجي. (سورة الجن، آيات:١٩ کان٢٠)

٨. اسان جي لاءِ حقيقتاً ۽ مستقلاً الله ﷻ کان سواءِ پناهه جي بي ڪا جڳهه ڪانهي. (سورة الجن، آيت:٢٢)

٩. انبياء ڪرام عليهم السلام جي طرفان الله ﷻ جو واضح پيغام پهچڻ جي باوجود حق کان منهن موڙڻ وارن جي لاءِ هميشه جهنم آهي. (سورة الجن، آيت:٢٣)

١٠. غيب جو سڄو علم صرف الله ﷻ وٽ آهي، اهو پنهنجي رسولن مان جنهن کي جيترو چاهي عطا فرمائيندو آهي. (سورة الجن، آيات:٢٦،٢٧)

سمجهوءِ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. مسجدن ۾ عبادت ڪنهن جي ڪرڻ گهرجي؟
(الف) فرشتن جي (ب) الله ﷻ جي (ج) جنن جي

٢. جنن قرآن حڪيم بڌي ڇا چيو؟
(الف) هي قصا ڪهاڻيون آهن (ب) هي نيڪيءَ ڏانهن هدايت ڪري ٿو (ج) هيءُ شاعري آهي.

٣. جنن آسمان کي ڪنهن سان پريل ڏٺو؟
(الف) شعلن سان (ب) ستارن سان (ج) دونهين سان.

٤. ڪير هميشه جهنم ۾ رهندو؟
(الف) قتل ۽ چوري ڪرڻ وارو (ب) ڪوڙن قسمن کڻڻ وارو (ج) الله ﷻ ۽ رسول الله ﷺ جي نافرماني ڪرڻ وارو.

COPYRIGHTS® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION WORLD SALE OF THIS BOOK IS CRIMINAL AND CIVIL ACTION. ENTAIL

۵. "۽ تہ عبادت ڪريان ٿو پنهنجي رب جي ۽ ان سان ڪنهن ٻئي کي شريڪ نہ ٿو ڪريان" آيت:۲۰ ۾ هيءُ ڪنهن جو قول آهي؟

(الف) جنن جو (ب) جبرائيل عليه السلام جو (ج) نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جو

سوال۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. جنن جي حقيقت جي باري ۾ ڪي ٻہ ٿي ڳالهيون بيان ڪيو

۲. سورة جن ڪهڙي موقعي تي نازل ٿي؟

۳. جنن قرآن حڪيم جون ڪهڙيون صفتون بيان ڪيون؟

۴. جنن جون بيان ڪيل ڪي ٻہ ٿي ڳالهيون تحرير ڪيو

۵. پهرئين رڪوع ۾ جنن جي سرڪشيءَ جو ڪهڙو سبب بيان ڪيو ويو آهي؟

سوال۳ هيٺ ڏنل لفظن جي مطابق انهن سان متعلق آيت نمبر تحرير ڪيو:

نمبرشمار	عنوان	آيت نمبر
۱	سخت چوڪيدار	
۲	هدايت جو رستو	
۳	رب جا پيغام	
۴	مسجدون	
۵	گهٽ جهلي ٻيندل شعلو	

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

گھرو ڪم

- بن ٻين سورتن جا نالا ٻڌايو، جن ۾ جنن جو ذڪر ڪيو ويو هجي.
  سورة جو نالو: _____ سورة جو نالو: _____
- گھر وارن کان معلوم ڪري مسجد جا آداب تحرير ڪيو؟

- انسان ۽ جنن ۾ مشترڪ ڳالهيون تحرير ڪيو؟



دستخط استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:٢٠

سُوْرَةُ الْمُزَّمِّل

(سورت نمبر: ٧٣، ڪل رڪوع :٢، ڪل آيتون:٢٠)

شان نزول ۽ تعارف: مفسرن جي راءِ مطابق سورة المزمل جون شروع واريون اٺ آيتون ا ڪان ٨ سورة العلق ۽ سورة المدثر جي شروع وارين آيتن ڪان پوءِ نازل ٿيون. هيءُ حصو نبي ڪريم ﷺ جي مڪي زندگيءَ جي بلڪل شروعاتي دور ۾ نازل ٿيو. هن دور ۾ دعوت ڪلئي عام نہ هئي ۽ اڃان پنج وقت نماز به فرض نہ ٿي هئي، ان ڪري اڌ رات يا ان ڪان ڪجهہ گهٽ يا وڌ وقت جي لاءِ نماز تهجد ۾ جهلي جهلي ترتيل سان قرآن پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي تلقين فرمائي وئي.

هڪ راءِ مطابق وچ واريون يارنهن آيتون ٩ ڪان ١٩ نبي ڪريم ﷺ جي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ ان وقت نازل ٿيون، جڏهن پاڻ ﷺ کي ڪافرن جي پرپور مخالفت، الزامن ۽ ايذائن جي جواب ۾ صبر جي نصيحت فرمائي وئي. ان ڪان پوءِ پاڻ ﷺ کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن کي جهنم جي دردناڪ عذاب جي ڌمڪي ڏني وئي آهي ۽ قيامت جي ڏينهن جي سختي ۽ ان جي واقع ٿيڻ جي منظر ڪشي ڪئي وئي آهي. هڪ راءِ مطابق آخري آيت٢٠ شروع واري مدني دور ۾ نازل ٿي، جوته بئي رڪوع ۾ جهاد في سبيل الله ۽ زڪوٰة جو ذڪر آهي. هي بئي حڪم مديني طيبہ ۾ نازل ٿيا.

"مُزَّمِل" حضور اڪرم ﷺ جي نالن مبارڪن مان هڪ نالو مبارڪ آهي ۽ ان جي معنيٰ "چادر ويڙهڻ وارو" آهي. وحي جي نازل ٿيڻ جي شروعات وارن ڏينهن ۾ نبي اڪرم ﷺ کي ڏاڍي ڪپراهٽ ٿيندي هئي ۽ گهر اچي فرمائيندا هئا: "زَمِّلُوْنِي زَمِّلُوْنِي" (مونکي چادر ويڙهيو، مونکي چادر ويڙهيو) ان سورة ۾ "اي چادر ويڙهڻ وارا (محبوب ﷺ)!" فرمائي پاڻ ﷺ کي خطاب ڪيو ويو آهي. پهرئين رڪوع ۾ رسول الله ﷺ کي الله ﷻ سان تعلق ۽ دعوت دين جي حوالي سان خاص حڪم عنايت ڪيا ويا آهن، جن ۾ رات جو نماز تهجد ۾ قرآن حڪيم جي تلاوت ڪرڻ به شامل آهي. جنهن تي صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جو هڪ وڏو تعداد پڻ عمل ڪندو رهيو. بئي رڪوع ۾ هيءُ رعايت ڪئي وئي، تہ جيترو قرآن حڪيم پڙهڻ ممڪن ٿي سگهي آسانيءَ سان پڙهندا ڪيو. نماز، زڪوٰة، الله ﷻ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ ۽ الله ﷻ کان استغفار ڪرڻ جي تلقين تي هن سورة جو اختتام ٿئي ٿو.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ	بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
آءٌ الله جي پناهہ ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان	شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي
يٰٓاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ۙ﴿١﴾ قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ۙ﴿٢﴾ نِّصْفَهٗٓ اَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا ۙ﴿٣﴾	
اي چادر ويڙهڻ وارا (محبوب ﷺ)! اوهان رات جو قيام ڪيو پر ٿورو. ان (رات) جو اڌ يا ان ڪان ڪجهہ گهٽ ڪري ڇڏيو.	
اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ۭ﴿٤﴾ اِنَّا سَنُلْقِيْ عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا ۝﴿٥﴾ اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ	
يا ان ڪان ڪجهہ وڌيڪ ڪري ڇڏيو، ۽ خوب جهلي جهلي قرآن پڙهندا ڪريو. بيشڪ اسان اوهان تي نازل ڪنداسين، هڪ ڳرو ڪلام. بيشڪ رات جو اٺڻ،	
هِيَ اَشَدُّ وَطْاً وَّاَقْوَمُ قِيْلًا ۭ﴿٦﴾ اِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيْلًا ۭ﴿٧﴾	
(نفس کي) خوب قابوءَ ۾ رکندو آهي، ۽ ڳالهہ به سڌي نڪرندي آهي. بيشڪ توهان جي لاءِ ڏينهن ۾ گهڻيون مصروفيتون آهن.	

COPYRIGHTS © PESRP FOUNDATION
CENTRAL SINDH
THIS BOOK IS NOT FOR COMMERCIAL SALE

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ﴿٨﴾ رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ

۽ پنهنجي رب جي نالي جو ذڪر ڪيو، ۽ سڀني کان الڳ ٿي، ان ڏانهن ئي متوجهه ٿي ويجو. رب آهي مشرق ۽ مغرب جو،

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَاتَّخِذْهُ وَكِيْلًا ﴿٩﴾ وَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا جَمِيْلًا ﴿١٠﴾

ڪائنس سواءِ ڪو به معبود نه آهي، تنهن ڪري ڪيس ڪارساز بڻائي ڇڏ. ۽ جيڪو هو (ڪافر) چون ٿا ان تي صبر ڪر، ۽ خوبصورتيءَ سان ڪائنس الڳ ٿي وڃ،

وَذَرْنِيْ وَالْمُكَذِّبِيْنَ اُولِي النَّعْمَةِ وَمَهِّلْهُمْ قَلِيْلًا ﴿١١﴾

۽ اوهان ڪوڙو ڪرڻ وارن خوشحال ماڻهن جو معاملو مون تي ڇڏي ڏيو، ۽ ڪين ٿورڙي ڍر ڏيو،

اِنَّ لَدَيْنَآ اَنْكَالًا وَّجَحِيْمًا ﴿١٢﴾ۙ وَّطَعَامًا ذَا غُصَّةٍ وَّعَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٣﴾ۙ

بيشڪ اسان وٽ ڳريون هٿڪڙيون آهن، ۽ برندڙ باهه آهي، ۽ گلي ۾ ڦاسڻ وارو کاڌو آهي، ۽ دردناڪ عذاب آهي.

يَوْمَ تَرْجُفُ الْاَرْضُ وَالْجِبَالُ وَكَانَتِ الْجِبَالُ كَثِيْبًا مَّهِيْلًا ﴿١٤﴾

جنهن ڏينهن زمين ۽ جبل ڏڏي ويندا، ۽ جبل اڏريل واريءَ جا ڍڳا ٿي ويندا.

اِنَّآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْكُمْ رَسُوْلًا ۢ شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ رَسُوْلًا ﴿١٥﴾ؕ

بيشڪ اسان اوهان ڏانهن هڪ رسول (ﷺ) ڪي اوهان تي گواه بڻائي موڪليو آهي، جيئن اسان (موسي عليه السلام) ڪي فرعون ڏانهن رسول (بڻائي) موڪليو،

فَعَصٰى فِرْعَوْنُ الرَّسُوْلَ فَاَخَذْنٰهُ اَخْذًا وَّبِيْلًا ﴿١٦﴾ فَكَيْفَ تَتَّقُوْنَ اِنْ كَفَرْتُمْ يَوْمًا يَّجْعَلُ الْوِلْدَانَ شِيْبًا ﴿١٧﴾ۖ

پوءِ فرعون رسول جي نافرماني ڪئي، تہ اسان کيس سختيءَ سان پڪڑيو. جيڪڏهن اوهان ڪفر ڪيو تہ اوهان ان ڏينهن کان ڪيئن بچندؤ جيڪو بارن کي پوڙهو ڪري ڇڏيندو.

اِلسَّمَآءُ مُنْفَطِرٌ ۢ بِهٖ ؕ كَانَ وَعْدُهٗ مَفْعُوْلًا ﴿١٨﴾ اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ

جنهن (جي سختيءَ) جي ڪري آسمان ڦاٽي پوندو. ان (الله) جو وعدو ضرور (پورو) ٿيندو. بيشڪ هي (قرآن) تہ نصيحت آهي.

فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿١٩﴾ ع 1 19

سو جيڪو چاهي پنهنجي رب ڏانهن رستو اختيار ڪري.

COPYRIGHT IS RESERVED WITH THE INTERNATIONAL SOUND MUSLIM ACTION. SALE OF THIS BOOK IS STRICTLY PROHIBITED. CRIMINAL AND CIVIL ACTION.

اہم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ اَنَّكَ تَقُوْمُ اَدْنٰى مِنْ ثُلُثَيِ الَّيْلِ وَنِصْفَهٗ وَثُلُثَهٗ

بيشڪ اوهان جو رب ڄاڻي ٿو، ته اوهان قيام ڪيو ٿا، (ڪڏهن) ٻه ٽهائي رات جي ويجهو، ۽ (ڪڏهن) اڌ رات ۽ (ڪڏهن) هڪ ٽهائي رات،

وَطَآئِفَةٌ مِّنَ الَّذِيْنَ مَعَكَ ؕ وَاللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ؕ

۽ انهن ماڻهن جي هڪ جماعت به (قيام ڪندي آهي) جيڪي اوهان سان گڏ آهن، الله ئي رات ۽ ڏينهن جو مقدار مقرر فرمائي ٿو،

عَلِمَ اَنْ لَّنْ تُحْصُوْهُ فَتَابَ عَلَيْكُمْ

ان (الله) جي علم ۾ آهي، ته اوهان هرگز ان (مقرر ڪيل مقدار) کي پورو نه ڪري سگهندؤ، تنهن ڪري ان توهان تي مهرباني ڪئي،

فَاقْرَءُ مَا تَيَسَّرَ مِنَ الْقُرْاٰنِ ؕ عَلِمَ اَنْ سَيَكُوْنُ مِنْكُمْ مَّرْضٰى ۙ

ته جيترو آسانيءَ سان ٿي سگهي قرآن مان پڙهي ڇڏيندا ڪيو، ان کي معلوم آهي ته توهان مان ڪجهه بيمار هوندا،

وَاٰخَرُوْنَ يَضْرِبُوْنَ فِي الْاَرْضِ يَبْتَغُوْنَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ ۙ

۽ ڪي ٻيا (ماڻهو) زمين ۾ سفر ڪرڻ وارا هوندا، جيڪي الله جي فضل (روزيءَ) جي تلاش ڪندا،

وَاٰخَرُوْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ فَاقْرَءُ مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ ۙ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ

۽ ڪجهه الله جي راهه ۾ جنگ ڪري رهيا هوندا، تنهن ڪري جيترو آسانيءَ سان ٿي سگهي، ان (قرآن) مان پڙهندا ڪريو، ۽ نماز قائم ڪريو، ۽ زڪوٰة ادا ڪريو،

وَاَقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا ؕ وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ

۽ الله کي عمدو قرض ڏيو، ۽ جيڪو به اوهان پنهنجي لاءِ ڀلائيءَ مان اڳتي موڪليندؤ، ان کي الله وٽ لهندؤ،

هُوَ خَيْرًا وَّاَعْظَمَ اَجْرًا ؕ وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٠﴾ ع

اهو ئي بهتر ۽ اجر ۾ تمام وڌيڪ آهي، ۽ الله کان مغفرت گهرو، بيشڪ الله وڏو بخشڻ وارو نهايت مهربان رحم ڪرڻ وارو آهي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. رات جو ننڊ مان اٿي نماز تهجد ۾ قرآن حڪيم پڙهڻ نفس جي اصلاح جو بهترين طريقو آهي ۽ ان وقت جي ڳالهه گهڻو اثر رکي ٿي. (سورة المزمل، آيت:٦)

٢. انسان کي مخلوق جي مرضيءَ جي مقابلي ۾ الله ﷻ جي حڪم ۽ سندس مرضيءَ کي وڌيڪ ترجيح ڏيڻ گهرجي. (سورة المزمل، آيت:٨)

٣. انسان کي حق جي راه ۾ ماڻهن کان ملندڙ تڪليفن تي صبر ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کان سڻي طريقي سان الڳ ٿي وڃڻ گهرجي. (سورة المزمل، آيت:١٠)

٤. حق کي ڪوڙو ڪرڻ وارن جي لاءِ ٻيڙيون، پڙڪندڙ باهه ۽ ڳلي ۾ ڦاسڻ واري کاڌي جو به عذاب ٿيندو. (سورة المزمل، آيات:١١ کان ١٣)

٥. رسول ﷺ جي ڳالهه نه مڃڻ تي فرعون جهڙو ظالم ۽ جابر به الله ﷻ جي عذاب ۾ مبتلا ٿيو. (سورة المزمل، آيت:١٦)

٦. قيامت جي هولناڪي ايتري سخت هوندي جو بارن کي به پوڙهو ڪري ڇڏيندي. (سورة المزمل، آيت:١٧)

٧. قرآن حڪيم هڪ نصيحت آهي، جيڪو چاهي اهو قرآن حڪيم مان نصيحت حاصل ڪري، الله ﷻ جي رضا حاصل ڪري سگهي ٿو. (سورة المزمل، آيت:١٩)

٨. قرآن حڪيم جي تلاوت ڪرڻ، نماز ۽ زڪوٰة ادا ڪرڻ، الله ﷻ جي راهه ۾ مال خرچ ڪرڻ ۽ استغفار ڪرڻ ڪاميابيءَ جا اصول آهن. (سورة المزمل، آيت:٢٠)

٩. انسان پنهنجي لاءِ جيڪي نيڪ عمل اڳتي موڪليندا آهيون، الله ﷻ وٽ انهن جو بهترين اجر ملندو. (سورة المزمل، آيت:٢٠)

١٠. انسان کي الله ﷻ کان مغفرت گهرڻ گهرجي، هو ونڊو معاف ڪرڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي. (سورة المزمل، آيت:٢٠)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. مُزَّمِّل جي معنىٰ ڇا آهي؟
(الف) چادر ويڙهڻ وارو (ب) زم زم پيئڻ وارو (ج) ڪاڏو ڪائڻ وارو

٢. پهرئين رڪوع ۾ ڪهڙي نافرمان جو ذڪر آهي؟
(الف) نمرود (ب) قارون (ج) فرعون.

٣. قيامت جو ڏينهن ڪنهن کي پوڙهو ڪري ڇڏيندو؟
(الف) عورتن کي (ب) بارن کي (ج) فرشتن کي.

٤. قرآن حڪيم جي ڪهڙيءَ طرح تلاوت ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي؟
(الف) روانيءَ سان (ب) بلند آواز سان (ج) جهلي جهلي پڙهڻ سان.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IMF FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL AND CIVIL ACTION.

۵. نفس کي قابو ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو بيان ڪيو ويو آهي؟

(الف) تهجد پڙهڻ (ب) روزو رکڻ (ج) خيرات ڪرڻ

سوال۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. پهرئين رڪوع ۾ نبي ڪريم ﷺ کي ڏنل احڪامن مان ڪي به ٽي تحرير ڪيو؟

۲. ڪوڙو ڪرڻ وارن جو ڪهڙو انجام ٿيندو؟

۳. قرآن حڪيم جي باري ۾ ڇا فرمايو ويو آهي؟

۴. ٻئي رڪوع جي روشنيءَ ۾ ٻڌايو، ته تهجد جي شروعاتي حڪم ۾ ڇو گهٽتائي ڪئي وئي آهي؟

۵. ٻئي رڪوع جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو ته نيڪي ڪرڻ جا ڪهڙا فائدا هوندا آهن؟

سوال۳ هيٺ ڏنل آيت نمبر کي لفظن جي متعلق لکير ڇڪي ملايو:

نمبرشمار	الف		ب
۱	ڳريون ٻيڙيون		آيت: ۱۴
۲	عمدو قرض		آيت: ۱۲
۳	فرعون		آيت: ۷
۴	ڏڪهيون مصروفيتون		آيت: ۱۵
۵	اڏريل واريءَ جا ڏڙا		آيت: ۲۰

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

گهرو ڪم

- هن هفتي جي ڪنهن رات فجر جي نماز کان هڪ ڪلاڪ اڳ ۾ الارم لڳايو ۽ جاڳي نماز تهجد ادا ڪيو.

قرآن حڪيم جي صحيح انداز ۾ تلاوت جا ذريعا





- گهروارن کان معلوم ڪيو ته قرآن حڪيم جي صحيح انداز ۾ تلات ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ذريعا اختيار ڪجن؟
- رزق حلال ڪمائڻ جي ڪهڙي اهميت آهي؟ ڪي ٻه حديثون لکو.

دستخط استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:٢١ سُوْرَةُ الْمُدَّثِّر (سورت نمبر: ٧٤، كل ركوع :٢، كل آيتون:٥٦)

شان نزول ۽ تعارف: هن سورة جون شروع واريون ست آيتون سورة العلق جي شروع وارين پنجن آيتن کان پوءِ پي وحيءَ ۾ نازل ٿيون. پهرين وحيءَ جي نازل ٿيڻ کان پوءِ وحيءَ جو سلسلو ڪجهه وقت رکجي ويو ته نبي ڪريم ﷺ جي طبيعت هر وقت بي چين رهڻ لڳي. هڪ ڏينهن پاڻ ﷺ غار حرا ۾ معمول مطابق عبادت مان فارغ ٿي گهر واپس وڃي رهيا هئا، ته اچانڪ آسمان تي پاڻ ﷺ کي اهو ئي فرشتو ڪرسيءَ تي ويٺل نظر آيو، جيڪو پهرين وحي ڪڻي آيو هو. ان منظر کي ڏسي طبيعت ۾ ڪجهه خوف پيدا ٿيو. گهر پهتا ته فرمايائون ته "مون کي چادر ويڑهيو، مونکي چادر ويڑهيو" پاڻ ﷺ چادر ويڑهي سمهي پيا. ان حالت ۾ هي آيتون نازل ٿيون ۽ پوءِ لڳاتار وحيءَ جو نزول شروع ٿي ويو. (صحيح بخاري، صحيح مسلم)

پهرين وحيءَ مان صرف اهو بڌائڻ مقصود هو ته پاڻ ﷺ جي نبوت ۽ رسالت جي اعلان ۽ اظهار جو وقت اچي ويو آهي ۽ سورة المدثر جي انهن شروع وارين آيتن ۾ حضور نبي اڪرم ﷺ کي نبوت جي فرض کان آگاهه ڪيو ويو ۽ انهن جي ادائگيءَ لاءِ سندرو بڌڻ جي تلقين فرمائي وئي. ٨ کان ٥٦ تائين آيتون پاڻ سڳورن ﷺ جي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ نازل ٿيون.

"مدثر" جي معنيٰ "چادر يا ڪنبل ويڑهڻ وارو" ڪئي وئي آهي. هيءُ نبي ڪريم ﷺ جي نالن مبارڪن مان هڪ نالو آهي. وحي جي شروعات سان ڳڻ ئي پاڻ ﷺ کي رسالت جي ذميدارين متعلق اهم حڪم ڏنا ويا آهن. ان سان گڏ آخرت جو انڪار ڪرڻ وارن (مثلاً وليد بن مغيره) جو برو ڪردار بيان ڪيو ويو آهي. جهنم جي هولناڪيءَ جو بيان ۽ جهنم وارن جي اهم گناهن مثلاً نماز نه پڙهڻ، فقيرن ۽ مسڪينن جي مدد کان پاسو ڪرڻ، دين تي ٺٺول ڪرڻ ۽ آخرت جي انڪار جو ذڪر آهي. آخر ۾ قرآن حڪيم کي نظرانداز ڪرڻ تي سزا جو بيان آهي.

أَعُوْذُ	بِاللّٰهِ	مِنَ	الشَّيْطٰنِ	الرَّجِيْمِ		
آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان						
بِسْمِ	اللّٰهِ	الرَّحْمٰنِ	الرَّحِيْمِ			
شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان ڏاهايت رحم وارو آهي						
يٰٓاَيُّهَا	الْمُدَّثِّرُ ۙ﴿١﴾	قُمْ	فَاَنْذِرْ ۖ﴿٢﴾	وَرَبَّكَ	فَكَبِّرْ ۙ﴿٣﴾	
اي چادر ويڑهڻ وارا (محبوب ﷺ)! اٿو ۽ (ماڻهن کي الله جي عذاب کان) ڊيڄاريو. ۽ پنهنجي رب جي وڏائي (بيان) ڪريو،						
وَثِيَابَكَ	فَطَهِّرْ ۖ﴿٤﴾	وَالرُّجْزَ	فَاهْجُرْ ۖ﴿٥﴾	وَلَا	تَمْنُنْ	تَسْتَكْثِرُ ۖ﴿٦﴾
۽ پنهنجي ڪپڙن کي (حسب سابق) پاڪ رکو. ۽ بتن کان الڳ رهو (جهڙي طرح اڄ تائين الڳ رهيا آهيو) ۽ وڌيڪ (بدلو) ونڻ جي لاءِ احسان نه ڪريو.						
وَلِرَبِّكَ	فَاصْبِرْ ۖ﴿٧﴾	فَاِذَا	نُقِرَ	فِي	النَّاقُوْرِ ۙ﴿٨﴾	فَذٰلِكَ	يَوْمَئِذٍ	يَّوْمٌ	عَسِيْرٌ ۙ﴿٩﴾
۽ اوهان پنهنجي رب جي لاءِ صبر ڪيو. پوءِ جڏهن صور ڦوڪيو ويندو. تہ اهو ڏينهن تمام ڏکيو ڏينهن هوندو.									
عَلَى	الْكٰفِرِيْنَ	غَيْرُ	يَسِيْرٍ ﴿١٠﴾	ذَرْنِيْ	وَمَنْ	خَلَقْتُ	وَحِيْدًا ۙ﴿١١﴾	وَّجَعَلْتُ	لَهٗ	مَالًا	مَّمْدُوْدًا ۙ﴿١٢﴾
ڪافرن جي لاءِ سولو نه هوندو. ان شخص جو معاملو مون تي ڇڏي ڏيو جنهن کي مون اڪيلو پيدا فرمايو. ۽ کيس مون تمام گهٽو مال ڏنو.											

COPYRIGHT © RESERVED WITH SINDHU FOUNDATION. SINDHU BOOK BOARD. THIS BOOK IS PART OF SINDHI FUNDAMENTAL EDUCATIONAL CURRICULUM.

وَّبَنِيْنَ شُهُوْدًا ۙ﴿١٣﴾ وَّمَهَّدْتُّ لَهٗ تَمْهِيْدًا ۙ﴿١٤﴾ ثُمَّ يَطْمَعُ اَنْ اَزِيْدَ ۙ﴿١٥﴾

۽ حاضر رهڻ وارا پٽ ڏنا. ۽ مون ان کي (هر شئي ۾) خوب وسعت ڏني. پوءِ به لالچ ڪري ٿو ته مان اڃا وڌيڪ ڏيان.

كَلَّا ؕ اِنَّهٗ كَانَ لِاٰيٰتِنَا عَنِيْدًا ؕ﴿١٦﴾ سَاُرْهِقُهٗ صَعُوْدًا ؕ﴿١٧﴾ اِنَّهٗ فَكَّرَ

(ائين) هرگز نه (ٿيندو) بيشڪ اهو اسان جي آيتن جو دشمن آهي. جلد مان ان کي (جهنم جي) ڏکي گهاٽيءَ تي چاڙهيندس. بيشڪ ان سوچيو،

وَقَدَّرَ ۙ﴿١٨﴾ فَقُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ۙ﴿١٩﴾ ثُمَّ قُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ۙ﴿٢٠﴾ ثُمَّ نَظَرَ ۙ﴿٢١﴾

۽ ڳالهه ٺاهي. ته هو قتل ڪيو وڃي ان ڪهڙي ڳالهه ٺاهي؟ وري هو هلاڪ ڪيو وڃي ان ڪهڙي ڳالهه ٺاهي؟ پوءِ ان ڏٺو.

ثُمَّ عَبَسَ وَبَسَرَ ۙ﴿٢٢﴾ ثُمَّ اَدْبَرَ وَاسْتَكْبَرَ ۙ﴿٢٣﴾ فَقَالَ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ يُّؤْثَرُ ۙ﴿٢٤﴾

پوءِ مٿي ۾ گهنج وجهي منهن خراب ڪيائين. پوءِ پٺي ڦيريائين ۽ تڪبر ڪيائين. پوءِ چوڻ لڳو، هي (قرآن) شريف ته هڪ جادو آهي جيڪو اڳي کان هلندو پيو اچي.

اِنْ هٰذَآ اِلَّا قَوْلُ الْبَشَرِ ؕ﴿٢٥﴾ سَاُصْلِيْهِ سَقَرَ ﴿٢٦﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا سَقَرَ ؕ﴿٢٧﴾

(پوءِ چيائين) هي (قرآن) ته صرف انسان جو ڪلام آهي. جلد آءٌ کيس جهنم ۾ وجهندس. ۽ اوهان کي ڪهڙي خبر ته جهنم ڇا آهي؟

لَا تُبْقِيْ وَلَا تَذَرُ ۚ﴿٢٨﴾ لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ ۖۚ﴿٢٩﴾ عَلَيْهَا تِسْعَةَ عَشَرَ ؕ﴿٣٠﴾

اهو (اهڙي باهه آهي جيڪا) نه باقي رکندي آهي، نه ڇڏيندي آهي. اها کلن کي ساڙڻ واري آهي. ان تي اڻويهه (فرشتا مقرر) آهن.

وَمَا جَعَلْنَآ اَصْحٰبَ النَّارِ اِلَّا مَلٰٓئِكَةً ۖ وَّمَا جَعَلْنَا عِدَّتَهُمْ اِلَّا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۙ

۽ اسان فرشتن کي ئي جهنم جو داروغو بڻايو، ۽ اسان انهن جو اهو تعداد صرف ڪافرن جي آزمائش جي لاءِ مقرر ڪيو آهي،

لِيَسْتَيْقِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَيَزْدَادَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِيْمَانًا وَّلَا يَرْتَابَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ۙ

ته جيئن اهل ڪتاب يقين ڪري وٺن، ۽ مومنن جو ايمان اڃان وڌيڪ ٿي وڃي، ۽ اهل ڪتاب ۽ مومن شڪ ۾ نه پون،

وَلِيَقُوْلَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْكٰفِرُوْنَ مَا ذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا ؕ

۽ جيئن اهي ماڻهو جن جي دلين ۾ (نفاق جي) بيماري آهي ۽ ڪافر هي چون، ته انهيءَ مثال مان الله تعالىٰ ڪهڙو ارادو فرمايو آهي؟

كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَا يَعْلَمُ جُنُوْدَ رَبِّكَ اِلَّا هُوَ ؕ

اهڙيءَ طرح الله جنهن کي گهرندو آهي گمراهه ڪندو آهي، ۽ جنهن کي گهرندو آهي هدايت عطا فرمائيندو آهي، ۽ اوهان جي رب جي لشڪرن کي ان (الله) کان سواءِ ڪير به نٿو ڄاڻي،

وَمَا هِيَ اِلَّا ذِكْرٰى لِلْبَشَرِ ﴿٣١﴾ ع كَلَّا وَالْقَمَرِ ۙ﴿٣٢﴾ وَالَّيْلِ اِذْ اَدْبَرَ ۙ﴿٣٣﴾

ع 1 31

۽ هي (جهنم جو بيان) انسان جي نصيحت جي لاءِ آهي، هرگز (جهنم جو انڪار ممڪن) ناهي! قسم آهي چنڊ جو. ۽ رات جو جڏهن اها پٺي ڏئي وڃڻ لڳي.

وَالصُّبْحِ اِذَآ اَسْفَرَ ۙ﴿٣٤﴾ اِنَّهَا لَاِحْدَى الْكُبَرِ ۙ﴿٣٥﴾ نَذِيْرًا لِّلْبَشَرِ ۙ﴿٣٦﴾

۽ صبح جي جڏهن اهو روشن ٿي وڃي. بيشڪ اُها (جهنم) تمام وڏين آفتن مان هڪ آهي. انسان کي ڊيڄارڻ واري آهي.

لِمَنْ شَآءَ مِنْكُمْ اَنْ يَّتَقَدَّمَ اَوْ يَتَاَخَّرَ ؕ﴿٣٧﴾ كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ رَهِيْنَةٌ ۙ﴿٣٨﴾

ان شخص کي جيڪو توهان مان (نيڪين ۾) اڳتي وڌڻ ۽ پوئتي رهڻ چاهي. هر شخص انهن (عملن) جي بدلي گروي آهي جيڪي ان ڪيا آهن.

COPYRIGHT © RESERVED WITH THE LIMITED FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD CONTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اِلَّآ اَصْحٰبَ الْيَمِيْنِ ۛ۝٣٩ فِيْ جَنّٰتٍ ۛ قف يَتَسَآءَلُوْنَ ۙ۝٤٠ عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ ۙ۝٤١

سواءِ سڄي (هٿ) وارن جي. (اهي) جنتن ۾ (هوندا ۽) سوال ڪندا. مجرمن کان،

مَا سَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ ۝٤٢ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ۙ۝٤٣ وَلَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ۙ۝٤٤

اوهان کي ڪهڙي شئي جهنم ۾ داخل ڪيو؟ چوندا: اسان نماز پڙهڻ وارن مان نه هئاسين. ۽ اسان مسڪينن کي کاڌو نه کارائيندا هئاسين.

وَكُنَّا نَخُوْضُ مَعَ الْخَآئِضِيْنَ ۙ۝٤٥ وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ۙ۝٤٦

۽ اسان فضول بحث ڪرڻ وارن سان مشغول رهندا هئاسين. ۽ اسان بدلي واري ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻندا هئاسين.

حَتّٰٓى اَتٰىنَا الْيَقِيْنُ ؕ۝٤٧ فَمَا تَنْفَعُهُمْ شَفَاعَةُ الشّٰفِعِيْنَ ؕ۝٤٨

ايستائين جو اسان تي يقيني ڳالهه (موت) اچي ويو. پوءِ انهن کي شفاعت ڪرڻ وارن جي شفاعت ڪو فائدو نه پهچائيندي.

فَمَا لَهُمْ عَنِ التَّذْكِرَةِ مُعْرِضِيْنَ ۙ۝٤٩ كَاَنَّهُمْ حُمُرٌ مُّسْتَنْفِرَةٌ ۙ۝٥٠ فَرَّتْ مِنْ قَسْوَرَةٍ ؕ۝٥١

انهن کي ڇا ٿي ويو آهي جو اهي نصيحت کان منهن موڙين ٿا. جهڙا ڇرڪيل گڏه هجن، جيڪي ڪنهن شينهن کان (ڊڄي) ڀڳا آهن.

بَلْ يُرِيْدُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّؤْتٰى صُحُفًا مُّنَشَّرَةً ۙ۝٥٢

بلڪ انهن مان هر شخص اهو چاهي ٿو، ته کين کليل (آسماني) صحيفا ڏنا وڃن،

كَلَّا ؕ بَلْ لَّا يَخَافُوْنَ الْاٰخِرَةَ ؕ۝٥٣ كَلَّآ اِنَّهٗ تَذْكِرَةٌ ۚ۝٥٤

(اهو) هرگز نه (ٿيندو)، بلڪ (حقيقت اها آهي ته) هو آخرت کان نٿا ڊڄن. هرگز نه! بيشڪ هي (قرآن) ته هڪ نصيحت آهي.

فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ ؕ۝٥٥ وَمَا يَذْكُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ

تنهن ڪري جيڪو گهري ان مان نصيحت پرائي. ۽ هو نصيحت حاصل نه ڪندا، پر جيڪڏهن الله گهريو.

هُوَ اَهْلُ التَّقْوٰى وَاَهْلُ الْمَغْفِرَةِ ع۝٥٦

هو (الله ئي حقدار آهي ته کانئس ئي ڊڄجي، ۽ ان جو ئي شان آهي ته مغفرت فرمائي.

ع 2 25

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اہم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. اسان کي الله ﷻ جي ڪبريائيءَ ۽ وڏائي کي تسليم ڪندي، ان کي بيان ڪرڻ گهرجي ۽ سندس هر حڪم تي عمل ڪرڻ گهرجي. (سورة المدثر، آيت:٣)

٢. اسان کي پنهنجي لباس ۽ ڪردار کي صاف رکڻ گهرجي. (سورة المدثر، آيات:٤کان٦)

٣. اسان کي ڪنهن غرض کان سواءِ ٻين سان حسن سلوڪ ڪرڻ گهرجي ۽ صرف الله ﷻ کان ئي اجر جي اميد رکڻ گهرجي. (سورة المدثر، آيت:٦)

٤. قيامت جو ڏينهن پنهنجي هولناڪيءَ جي ڪري ڪافرن جي لاءِ انتهائي سخت هوندو. انهن جي لاءِ ڪا آساني نه هوندي. (سورة المدثر، آيات:٨ کان ١٠)

٥. هر انسان خالي هٿين پيدا ٿيندو آهي. الله ﷻ ئي ان کي مال، اولاد ۽ دنيا جو ساز ۽ سامان عطا فرمائيندو آهي، تنهنڪري انسان کي الله ﷻ جي ناشڪري نه ڪرڻ گهرجي. (سورة المدثر، آيات: ١١ کان ١٥)

٦. قرآن حڪيم جو انڪار ڪرڻ وارا جهنم ۾ وڌا ويندا. (سورة المدثر، آيات: ١٦ کان ٢٦)

٧. جهنم جي باهه ڪافرن جي لاءِ انتهائي بي رحم هوندي. نه اها انهن تي رحم کائي نظر انداز ڪندي ۽ نه انهن کي معاف ڪندي. (سورة مدثر آيت: ٢٨)

٨. آخرت ۾ هر شخص پنهنجي عملن جي بدلي گروي هوندو. جهڙا عمل دنيا ۾ ڪيا هوندائين اهڙو ئي نتيجو ملندو. (سورة مدثر، آيت: ٣٨)

٩. نماز ادا نه ڪرڻ، مسڪينن کي کاڌو نه کارائڻ ۽ بيڪار ڳالهين ۾ مشغول رهڻ، آخرت کان انڪار ڪرڻ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن. (سورة مدثر، آيات: ٤٣ کان ٤٦)

١٠. اسان کي الله ﷻ جي نافرمانيءَ کان بچڻ گهرجي ۽ ان کان گناهن جي معافي وٺڻ گهرجي. (سورة المدثر آيت:٥٦)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. هن سورة ۾ نبي ڪريم ﷺ کي ڪهڙي لباس پائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي؟

(الف) اڇو لباس پائڻ (ب) نئون لباس پائڻ (ج) پاڪ لباس پائڻ

٢. سَقَرَ مان ڇا مراد آهي؟

(الف) جبل جو هڪ نالو (ب) جهنم جو هڪ نالو (ج) چشمي جو هڪ نالو

٣. جهنم ۾ ڪيترا فرشتا مقرر آهن؟

(الف) ١٩٠٠ (ب) ١٩٠٠٠٠ (ج) ١٩

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

۴. قَسْوَرَة مان ڇا مراد آهي؟

(الف) گڏهه (ب) گهوڑو (ج) شينهن

۵. جهنم جي باه مجرمن سان ڪهڙو سلوڪ ڪندي؟

(الف) ساڙي ڇڏيندي (ب) بي چين ڪري ڇڏيندي (ج) معذور ڪري ڇڏيندي

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. سورت جي شروع ۾ نبي ڪريم ﷺ کي ڪهڙا خصوصي حڪم ڏنا ويا هئا؟

۲. قرآن حڪيم جي باري ۾ وليد بن مغيره جي راءِ بيان ڪيو؟

۳. مجرمن جي جهنم ۾ وڃڻ جا سبب بيان ڪيو؟

۴. ٻئي رڪوع جي شروع ۾ الله تعالىٰ قسم بيان فرمائي ڪهڙي حقيقت واضح فرمائي آهي؟

۵. قرآن حڪيم کان منهن ڦيرڻ وارن جو ڪهڙو مثال بيان ڪيو ويو آهي؟

سوال ۳ وضو ۽ غسل جا فرض تحرير ڪيو:

وضو جا فرض

- _____
- _____
- _____
- _____

غسل جا فرض

- _____
- _____
- _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

گھرو ڪم

❁ نماز جي پابندي ڪرڻ جي لاءِ ڪي پنج عملي قدم تحرير ڪيو.

❁ نبي ڪريم ﷺ جا ڪي ٢٠ مبارڪ نالا ڳولهي هيٺ ڏنل چارٽ تي معنيٰ سان گڏ لکو.

سيدنا مُصْطفيٰ ﷺ

❁ وليد بن مغيره جي پٽن مان هڪ پٽ حضرت خالد بن وليد رضی اللہ عنہ اسلام قبول ڪري اسلام جي تمام گھٽي خدمت ڪئي، ان جي خدمتن تي مضمون تحرير ڪيو:

صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:۲۲

سُوْرَةُ الْقِيَامَةِ

(سورت نمبر: ۷۵، ڪل رڪوع :۲، ڪل آيتون:۴۰)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جي مڪي زندگيءَ جي بلڪل شروع واري دور ۾ نازل ٿي. ۳۱ کان ۳۵ تائين واريون آيتون ابوجهل جي باري ۾ نازل ٿيون. جنهن پاڻ ﷺ جي نبوت جو انڪار ڪيو. شروع ۾ قيامت جي واقع ٿيڻ جا دليل بيان ڪيا ويا آهن. پوءِ قيامت جي برپا ٿيڻ جي ڪيفيتن ۽ نتيجن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. قرآن حڪيم جي حفاظت جي حوالي سان نبي ڪريم ﷺ کي تسلي ڏني وئي آهي. پوءِ موت جي سختيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ آخرت جي انڪار جا سبب بيان ڪيا ويا آهن. آخر ۾ هيءُ دليل ڏنو ويو آهي، ته الله ﷻ قيامت جي ڏينهن مُردن کي ٻيهر زنده ڪرڻ تي قادر آهي.

أَعُوْذُ	بِاللّٰهِ	مِنَ	الشَّيْطٰنِ	الرَّجِيْمِ		
آءٌ الله جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان						
بِسْمِ	اللّٰهِ	الرَّحْمٰنِ	الرَّحِيْمِ			
شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي						
لَآ	أُقْسِمُ	بِيَوْمِ	الْقِيٰمَةِ ۙ①			
وَلَآ	أُقْسِمُ	بِالنَّفْسِ	اللَّوَّامَةِ ؕ②			
مون کي قيامت جي ڏينهن جو قسم. ۽ مون کي ملامت ڪرڻ واري نفس جو قسم (ته قيامت ضرور ايندي).						
أَيَحْسَبُ	الْإِنْسَانُ	أَلَّنْ	نَّجْمَعَ	عِظَامَهٗ ؕ③		
بَلٰى						
چا انسان پائين ٿو، ته اسان هرگز سندس هڏين کي گڏ نه ڪنداسين؟ چو نه! (ضرور جمع ڪنداسين ۽)						
قٰدِرِيْنَ	عَلٰٓى	أَنْ	نُّسَوِّيَ	بَنَانَهٗ ؕ④	بَلْ	يُرِيْدُ
الْإِنْسَانُ	لِيَفْجُرَ	أَمَامَهٗ ۚ⑤				
انسان ان تي (به) قادر آهيون ته ان جي آڱرين جي لڪيرڻ کي درست ڪري ڇڏيون. پر انسان چاهي ٿو، ته اڳتي به گناهه ڪندو رهي.						
يَسْـَٔلُ	أَيَّانَ	يَوْمُ	الْقِيٰمَةِ ؕ⑥	فَإِذَا	بَرِقَ	الْبَصَرُ ۙ⑦
وَخَسَفَ	الْقَمَرُ ۙ⑧					
هو پڇي ٿو ته، قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ايندو؟ پوءِ جڏهن اکيون ٻوٽجي ويندبون. ۽ چنڊ ٻي نور ٿي ويندو.						
وَجُمِعَ	الشَّمْسُ	وَالْقَمَرُ ۙ⑨	يَقُوْلُ	الْإِنْسَانُ	يَوْمَئِذٍ	أَيْنَ
الْمَفَرُّ ۚ⑩	كَلَّا	لَا	وَزَرَ ؕ⑪			
۽ سج ۽ چنڊ ڪڏ ڪيا ويندا. ان ڏينهن انسان چوندو: ڪٿي آهي ڀڄڻ جي جاءِ؟ هرگز (ڀڄڻ ممڪن) ناهي! (چوته، پناهه جي ڪا جڳهه ڪانهي.						
إِلٰى	رَبِّكَ	يَوْمَئِذِ	الْمُسْتَقَرُّ ؕ⑫	يُنَبَّؤُا	الْإِنْسَانُ	يَوْمَئِذٍ
بِمَا	قَدَّمَ	وَأَخَّرَ ؕ⑬				
ان ڏينهن توهان جي رب وٽ ئي ٺڪاڻو هوندو. ان ڏينهن انسان کي ٻڌايا ويندا، اهي (عمل) جيڪي ان اڳتي موڪليا ۽ پوئتي ڇڏيا.						
بَلِ	الْإِنْسَانُ	عَلٰى	نَفْسِهٖ	بَصِيْرَةٌ ۙ⑭	وَّلَوْ	أَلْقٰى
مَعَاذِيْرَهٗ ؕ⑮						
بلڪ انسان، پنهنجي حال کان خوب واقف آهي. چو نه هو پنهنجا (ڪيترا ئي) بهانا پيش ڪري.						

COPYRIGHTS © RESERVED WITH SALEEM FOUNDATION BOOK PRODUCTION. ENTAIL CIVIL & CRIMINAL

لَا تُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ ؕ ﴿١٦﴾

(اي نبي ﷺ!) اوهان هن (قرآن) سان پنهنجي زبان کي (ان ڪري) نہ چوريو، تہ جيئن ان کي جلد ياد ڪري وٺو.

اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهٗ وَقُرْاٰنَهٗ ۚۖ ﴿١٧﴾ فَاِذَا قَرَاْنٰهُ فَاتَّبِعْ قُرْاٰنَهٗ ۚ ﴿١٨﴾

بيشڪ ان جو جمع ڪرڻ ۽ ان جو پڙهائڻ اسان جي ذمي آهي. پوءِ جڏهن اسان ان کي پڙهي وٺون، تہ اوهان ان پڙهڻ جي پيروي ڪيو.

ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا بَيَانَهٗ ؕ ﴿١٩﴾ كَلَّا بَلْ تُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ ۙ ﴿٢٠﴾

پوءِ ان (جي معنيٰ) بيان ڪرڻ بہ اسان جي ذمي آهي. (اي ڪافرو!) هرگز (ائين) ناهي! بلڪ (اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ) اوهان جلد ملڻ واري دنيا سان محبت رکو ٿا.

وَتَذَرُوْنَ الْاٰخِرَةَ ؕ ﴿٢١﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ ۙ ﴿٢٢﴾ اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ۚ ﴿٢٣﴾ وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍۭ بَاسِرَةٌ ۙ ﴿٢٤﴾

۽ آخرت کي ڇڏي ٿا ڏيو. ڪيترائي منهن ان ڏينهن تروتازا هوندا. پنهنجي رب جي طرف ڏسندا هوندا. ۽ ڪيترائي منهن ان ڏينهن اداس هوندا.

تَظُنُّ اَنْ يُّفْعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ ؕ ﴿٢٥﴾ كَلَّآ

هو ڀائيندا، تہ انهن سان چيلهہ ڀڃڻ وارو معاملو ڪيو ويندو (دنيا پسند ڪرڻ ۽ آخرت وسارڻ لائق) هرگز ناهي!

اِذَا بَلَغَتِ التَّرَاقِيَ ۙ ﴿٢٦﴾ وَقِيْلَ مَنْ ۜ رَاقٍ ۙ ﴿٢٧﴾ وَّظَنَّ اَنَّهُ الْفِرَاقُ ۙ ﴿٢٨﴾

جڏهن ساهہ نرگهٽ تائين پهچي ويندو. ۽ چيو ويندو تہ ڪو آهي، ڦيٽو رکڻ وارو. ۽ هو سمجهي ويندو، تہ بيشڪ هيءُ جدائي (جو وقت) آهي.

ع 1 30 وَالْتَفَّتِ السَّاقُ بِالسَّاقِ ۙ ﴿٢٩﴾ اِلٰى رَبِّكَ يَوْمَئِذِ ۨالْمَسَاقُ ؕ ﴿٣٠﴾ فَلَا صَدَّقَ وَلَا صَلّٰى ۙ ﴿٣١﴾

۽ پني پنيءَ سان ويڙهجي ويندي. ان ڏينهن اوهان جي رب وٽ ئي هلڻو آهي. پر نہ ان تصديق ڪئي ۽ نہ نماز پڙهي.

وَلٰكِنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ۙ ﴿٣٢﴾ ثُمَّ ذَهَبَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ يَتَمَطّٰى ؕ ﴿٣٣﴾ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ۙ ﴿٣٤﴾

پر ان ڪوڙو ڄاتو، ۽ منهن ڦيريو. پوءِ هو آڪڙجي، پنهنجي گهر وارن ڏانهن هليو. بربادي آهي تتنهنجي لاءِ، پوءِ بربادي آهي.

ثُمَّ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ؕ ﴿٣٥﴾ اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَنْ يُّتْرَكَ سُدًى ؕ ﴿٣٦﴾

پوءِ (ٻڌي ڇڏ تہ) بربادي آهي تنهنجي لاءِ، پوءِ بربادي آهي. ڇا انسان ڀائي ٿو، تہ کيس ائين ئي ڇڏي ڏنو ويندو.

اَلَمْ يَكُ نُطْفَةً مِّنْ مَّنِيٍّ يُّمْنٰى ۙ ﴿٣٧﴾ ثُمَّ كَانَ عَلَقَةً فَخَلَقَ فَسَوّٰى ۙ ﴿٣٨﴾

ڇا هو هڪ قطرو نہ هو، (ان) مني جو جيڪا (ماءُ جي رحم ۾) ڪيرائي ويندي آهي. پوءِ اهو ڄميل خون ٿي ويو، پوءِ (الله) پيدا ڪيو پوءِ (هر لحاظ سان) درست فرمايو.

ع 2 10 فَجَعَلَ مِنْهُ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى ؕ ﴿٣٩﴾ اَلَيْسَ ذٰلِكَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ع ﴿٤٠﴾

پوءِ ان مان بہ قسم بنايائين، مرد ۽ عورت. ڇا هو ان (ڳالهہ) تي قادر ناهي، تہ مُردن کي (وري) زنده فرمائي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE FILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون گالهيون

١. آخرت جو وڏو دليل نفس لوامہ (ضمير) آهي، جيڪو نيڪيءَ لاءِ ايارينڊو آهي ۽ شاباش ڏينڊو آهي ۽ برائيءَ تي جنجهوڑينڊو آهي. (سورة القيامة، آيت:٢)

٢. الله ﷻ قيامت جي ڏينهن نہ رڳو انسان کي ٻيهر زنده ڪندو پر سندس آڱرين جي لکيرن کي بہ درست ڪري ڇڏيندو. (سورة القيامة، آيات:٣،٤)

٣. آخرت جي انڪار جو سبب گناهه جاري رکڻ، دنيا سان محبت ڪرڻ ۽ آخرت کي وساري ڇڏڻ آهي. (سورة القيامة، آيات:٥، ٢٠ کان ٢١)

٤. قيامت جي ڏينهن انسان کي ٻڌايو ويندو تہ ان دنيا کي ترجيح ڏني يا آخرت کي. (سورة قيامة، آيت:١٣)

٥. قرآن حڪيم کي جمع ڪرڻ ۽ پڙهڻ اسان جي ذميداري آهي. (سورة قيامة، آيات: ١٦ کان ١٨)

٦. انسان جلد حاصل ٿيڻ واري دنيا سان محبت ڪري ٿو ۽ آخرت کي اوڏر ۽ دير سان ملڻ واري شيء ڇاڻي ان کان غفلت اختيار ڪري ٿو. (سورة قيامة، آيات:٢٠،٢١)

٧. قيامت جي ڏينهن متقين جا چهرا تازا هوندا ۽ الله ﷻ جو ديدار ڪندا هوندا جڏهن تہ گنهگارن جا منهن اداس هوندا ۽ هوچيلهه ڇپي ٿيڻ واري سخت عذاب کان ڊڄندا هوندا. (سورة قيامة، آيات:٢٢ کان ٢٥)

٨. موت دنيا کان جدائي ۽ الله ﷻ سان ملاقات جو ذريعو آهي. (سورة القيامة، آيات: ٢٦ کان ٣٠)

٩. حق جي تصديق نہ ڪرڻ، نماز نہ پڙهڻ، حق کي کوڙو ڄاڻڻ ۽ ان کان منهن موڙڻ بربادي جو سبب آهي. (سورة القيامة، آيات: ٣١ کان ٣٣)

١٠. الله ﷻ قيامت جي ڏينهن مُردن کي ٻيهر زنده ڪندو. (سورة القيامة، آيت: ٤٠)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (✓) لڳايو.

١. قيامت جي لاءِ الله ﷻ ڪهڙي نفس جو قسم کنيو؟
(الف) نفس اماره (ب) نفس لوامه (ج) نفس مطمئنة

٢. قيامت جي ڏينهن سڄ ۽ چند جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟
(الف) وڏا ٿي ويندا (ب) ننڍا ٿي ويندا (ج) جمع ٿي ويندا

٣. آخر ۾ الله ﷻ جي ڪهڙي قدرت بيان ڪئي وئي آهي؟
(الف) الله ﷻ رزق ڏيڻ وارو آهي (ب) الله ﷻ گناه معاف فرمائڻ وارو آهي
(ج) الله ﷻ مُردن کي زنده فرمائڻ وارو آهي.

٤. عاجلة مان ڇا مراد آهي؟
(الف) جنت (ب) جهنم (ج) دنيا

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

۵. موت جي وقت انسانن جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟

(الف) هٿ ملیندو (ب) پني پنيءَ سان ويڙهجي ويندي (ج) روح جسم سان ملندو

سوال۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. انسان قيامت جو انڪار ڇو ڪندو آهي؟

۲. پهرئين رڪوع ۾ قيامت جو ڪهڙو منظر پيش ڪيو ويو آهي؟

۳. قرآن حڪيم جي حوالي سان نبي ڪريم ﷺ کي ڪهڙا حڪم ڏنا ويا آهن؟

۴. جهنم وارن جا ڪهڙا جرم بيان ڪيا ويا آهن؟

۵. قيامت جي ڏينهن ڪامياب ۽ ناڪام انسانن جا چهرا ڪيئن هوندا؟

سوال۳ پهرئين رڪوع ۾ موت جي سختيءَ جي باري ۾ ڇا بيان ڪيو ويو آهي:

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

گھرو ڪم

- الله ﷻ جي ديدار جي باري ۾ ڪي ٻه حديثون گھر وارن کان معلوم ڪري لکو.

- قرآن حڪيم کي سمجھڻ جي لاءِ ڪھڑا ذريعا ۽ طريقا اختيار ڪرڻ گھرجن؟

- نماز ادا نہ ڪرڻ جا ڪي ٻه پنج نقصان لکو.

نماز ادا نہ ڪرڻ جا نقصان

صحيح استاد ۽ تاريخ _____

صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق:٢٣

سُوْرَةُ الدَّهر

(سورت نمبر: ٧٦، ڪل رڪوع :٢، ڪل آيتون:٣١)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جي مڪي زندگي جي ابتدائي دور ۾ نازل ٿي. ”دَهر“ ”زماني“ کي چئبو آهي. هن سورة جو هڪ نالو ”سورة الانسان“ به آهي. ابتدا ۾ بڌايو ويو آهي، ته انسان جي زندگي هڪ امتحان به آهي. اخلاص سان نيڪي ڪرڻ وارن جي صفتن جو بيان ڪيو ويو آهي. مثلاً نيڪ ماڻهن جي لاءِ اعليٰ خوشبو وارا شربت هوندا، انهن شربتن کي اللهﷻ جا نيڪ بانها پاڻ پيئندا ۽ ٻين کي به پيارينداِ. اللهﷻ جا نيڪ بانها پنهنجي باسيل باس پوري ڪندا آهن ۽ اللهﷻ جي محبت ۾ مسڪينن، يتيمن ۽ قيدين کي کاڌو کارائيندا آهن. پوءِ تفصيل سان جنت جو ذڪر ڪيو ويو آهي. نبي اڪرم ﷺ کي صبر ۽ ذڪر ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي. آخر ۾ قرآن حڪيم ۽ اللهﷻ جي عظمت جو بيان آهي.

اَعُوْذُ	بِاللّٰهِ	مِنَ	الشَّيْطٰنِ	الرَّجِيْمِ	
آءٌ	الله	جي	پناهه	۾	اچان ٿو شيطان مردود کان
بِسْمِ	اللّٰهِ	الرَّحْمٰنِ	الرَّحِيْمِ		
شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي					

هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ حِيْنٌ مِّنَ الدَّهْرِ لَمْ يَكُنْ شَيْـًٔا مَّذْكُوْرًا ۝١ اِنَّا خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ اَمْشَاجٍ ۖ

بيشڪ انسان تي زماني ۾ هڪ اهڙو وقت به آيو، جڏهن هو ڪا قابل ذڪر شيءِ نه هو. بيشڪ اسان انسان کي مليل جليل نطفي مان پيدا فرمايو،

نَّبْتَلِيْهِ فَجَعَلْنٰهُ سَمِيْعًا بَصِيْرًا ۝٢ اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوْرًا ۝٣

ته اسان کيس آزمايون، پوءِ اسان کيس پڌڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو بڻايو. بيشڪ اسان کيس رستو ڏيکاريو، هاڻي گهري ته شڪرگذار ٿئي يا ناشڪرو ٿئي.

اِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَلٰسِلَا۠ وَاَغْلٰلًا وَّسَعِيْرًا ۝٤ اِنَّ الْاَبْرَارَ يَشْرَبُوْنَ مِنْ كَاْسٍ

بيشڪ اسان ڪافرن جي لاءِ تيار ڪري رکي آهي، زنجيرون ۽ ڳچ ۽ ٻرڪندڙ باهه. بيشڪ نيڪ ماڻهو، اهڙي جام مان پيئندا،

كَانَ مِزَاجُهَا كَافُوْرًا ۝٥ عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا عِبَادُ اللّٰهِ يُفَجِّرُوْنَهَا تَفْجِيْرًا ۝٦

جنهن ۾ ڪافور جي ملاوٽ هوندي. (هي) هڪ چشمو آهي، جنهن مان الله جا بندا پيئندا، ۽ هو ان کي (جتي گهرندا) وهائي وٺي ويندا.

يُوْفُوْنَ بِالنَّذْرِ وَيَخَافُوْنَ يَوْمًا كَانَ شَرُّهٗ مُسْتَطِيْرًا ۝٧ وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ

هي ماڻهو الله جون باسون پوريون ڪندا آهن، ۽ ان ڏينهن کان ڊڄندا آهن، جنهن جي سختي هر طرف پکڙيل هوندي. ۽ هو سندس محبت ۾ کاڌو کارائيندا آهن،

مِسْكِيْنًا وَّيَتِيْمًا وَّاَسِيْرًا ۝٨ اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِيْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً

مسڪينن يتيمن ۽ قيدين کي. (۽ چوندا آهن)ته بيشڪ اسان اوهان کي الله جي رضا خاطر کارايون ٿا، اسان اوهان کان ڪو بدلو نه ٿا گهرون،

وَّلَا شُكُوْرًا ۝٩ اِنَّا نَخَافُ مِنْ رَّبِّنَا يَوْمًا عَبُوْسًا قَمْطَرِيْرًا ۝١٠

۽ نه ئي ڪو شڪريو. بيشڪ اسان پنهنجي رب کان خوف رکون ٿا، ان ڏينهن جو جيڪو چهرن کي بگاڙڻ وارو تمام سخت هوندو.

فَوَقٰىهُمُ اللّٰهُ شَرَّ ذٰلِكَ الْيَوْمِ وَلَقّٰىهُمْ نَضْرَةً وَّسُرُوْرًا ۝١١ وَجَزٰىهُمْ بِمَا صَبَرُوْا

پوءِ الله کين ان ڏينهن جي سختيءَ کان بچائي ونڊندو، ۽ ان کي تازگيءَ ۽ خوشيءَ سان نوازيندو. ۽ جيڪو انهن صبر کيو ان جي بدلي ۾ کين عطا فرمائيندو،

COPYRIGHTS RESERVED WITH SINDHALOGY FOUNDATION
SINDHALOGY FOUNDATION

جَنَّةً وَّحَرِيْرًا ﴿١٢﴾ مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى الْاَرَآئِكِ ۚ لَا يَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسًا وَّلَا زَمْهَرِيْرًا ﴿١٣﴾ ۚ

جنت ۾ ريشمي لباس. اهي ان ۾ تختن تي ٽيڪ لڳائي وينا هوندا، جتي نه هو اس (جي تپش) ڏسندا، ۽ نه سيءَ (جي شدت).

وَدَانِيَةً عَلَيْهِمْ ظِلٰلُهَا وَذُلِّلَتْ قُطُوْفُهَا تَذْلِيْلًا ﴿١٤﴾ وَيُطَافُ عَلَيْهِمْ

۽ ان (جنت جي وڻن) جا پاڇا مٿن جهڪيل هوندا، ۽ انهن (وڻن) جا ميوا گهٽو ويجهو ڪيا ويندا.

بِاٰنِيَةٍ مِّنْ فِضَّةٍ وَّاَكْوَابٍ كَانَتْ قَوَارِيْرَا ۟ ﴿١٥﴾ قَوَارِيْرَا ۟ مِنْ فِضَّةٍ قَدَّرُوْهَا تَقْدِيْرًا ﴿١٦﴾

چانديءَ جا ڀانڊا، ۽ شيشي جا گلاس. (هي) شيشي (جهڙا ڀانڊا) چانديءَ جا هوندا. جن کي (پيارڻ وارن) صحيح اندازي سان پريو هوندو.

وَيُسْقَوْنَ فِيْهَا كَاْسًا كَانَ مِزَاجُهَا زَنْجَبِيْلًا ﴿١٧﴾ ۚ عَيْنًا فِيْهَا تُسَمّٰى سَلْسَبِيْلًا ﴿١٨﴾

۽ کين اتي اهڙا جام پيارڻا ويندا، جن جي پاڻيءَ جي ملاوٽ سُنڊ جي هوندي. (هي) ان (جنت) ۾ هڪ چشمو آهي، جنهن جو نالو سلسبيل رکيو ويو آهي.

وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ۚ اِذَا رَاَيْتَهُمْ حَسِبْتَهُمْ لُؤْلُؤًا مَّنْثُوْرًا ﴿١٩﴾

۽ انهن وٽ پيا ڦرندا، اهڙا ڇوڪرا جيڪي هميشه (جنت) ۾ رهندا، جڏهن اوهان کين ڏسندؤ، ٽڙيل موتين جهڙا پائيندؤ

وَاِذَا رَاَيْتَ ثَمَّ رَاَيْتَ نَعِيْمًا وَّمُلْكًا كَبِيْرًا ﴿٢٠﴾ عٰلِيَهُمْ ثِيَابُ

۽ جڏهن اوهان ڏسندؤ ته اتي (بي شمار) نعمتون ۽ وڏي سلطنت ڏسندؤ. انهن جي مٿان ڪپڙا هوندا،

سُنْدُسٍ خُضْرٌ وَّاِسْتَبْرَقٌ ۫ وَّحُلُّوْٓا اَسَاوِرَ مِنْ فِضَّةٍ ۚ وَسَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا ﴿٢١﴾

سنهي سائي ريشم جا ۽ تلهي ريشم جا، ۽ کين چانديءَ جا ڪنگڻ پارايا ويندا، ۽ سندن رب کين پاڪ شراب پيئاريندو.

اِنَّ هٰذَا كَانَ لَكُمْ جَزَآءً وَّكَانَ سَعْيُكُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿٢٢﴾ ع اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ تَنْزِيْلًا ﴿٢٣﴾ ۚ

ع 1/22

بيشڪ هي اوهان جي لاءِ بدلو آهي، ۽ توهان جي ڪوشش قبول ٿي. بيشڪ اسان پاڻ (عليه السلام) تي قرآن ٿورو ٿورو ڪري نازل ڪيو آهي.

فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا تُطِعْ مِنْهُمْ اٰثِمًا اَوْ كَفُوْرًا ﴿٢٤﴾ ۚ

تنهن ڪري اوهان پنهنجي رب جي حڪم تي صبر ڪيو، ۽ انهن مان ڪنهن نافرمان ۽ ناشڪري جي ڳالهه نه ٻڌو.

وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿٢٥﴾ ۚ وَمِنَ الَّيْلِ فَاسْجُدْ لَهٗ وَسَبِّحْهُ لَيْلًا طَوِيْلًا ﴿٢٦﴾

۽ صبح شام پنهنجي رب جي نالي جو ذڪر ڪيو، ۽ ڪجهه حصو رات جو به کيس سجدو ڪيو، ۽ رات جي ڪجهه حصي ڪان وڌيڪ ان جي تسبيح ڪيو.

اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ يُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ وَيَذَرُوْنَ وَرَآءَهُمْ يَوْمًا ثَقِيْلًا ﴿٢٧﴾

بيشڪ هي ماڻهو جلد ملڻ واريءَ (دنيا) سان محبت ڪندا آهن، ۽ (قيامت جي) ڳري ڏينهن کي پنهنجي پٺيان ڇڏي ڏين ٿا.

نَحْنُ خَلَقْنٰهُمْ وَشَدَدْنَآ اَسْرَهُمْ ۚ وَاِذَا شِئْنَا بَدَّلْنَآ اَمْثَالَهُمْ تَبْدِيْلًا ﴿٢٨﴾

اسان ئي کين پيدا ڪيو آهي، اسان ئي سندن جوڙ مضبوط ڪيا آهن، ۽ جڏهن اسان گهرنداسين، (سندن جڳهه تي) انهن جهڙا ٻيا ماڻهو بدلائي آڻينداسين.

COPYRIGHTED MATERIAL WITH SALE FOR THIS SOMALI EDITION. DETAIL SUNNI

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

إِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ إِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿٢٩﴾ وَمَا تَشَآءُوْنَ إِلَّآ أَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ

بيشڪ هي (قرآن) ته نصيحت آهي، تنهن ڪري جيڪو گهري، پنهنجي رب ڏانهن (پهچڻ جو) رستو اختيار ڪري. ۽ اوهان اهوئي گهري سگهو ٿا جيڪو الله گهري.

إِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٣٠﴾ يُّدْخِلُ مَنْ يَّشَآءُ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ

بيشڪ الله خوب ڄاڻڻ وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. هو جنهن کي گهرندو آهي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪندو آهي،

ع 2 9

وَالظّٰلِمِيْنَ أَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا أَلِيْمًا ﴿٣١﴾ ع

۽ ان ظالمن لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪري ڇڏيو آهي.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. الله ﷻ اسان کي دنيا ۾ امتحان جي لاءِ موڪليو آهي. (سورة الدهر، آيت:٢)

٢. الله ﷻ جو شڪر ادا ڪرڻ وارا ڪامياب ۽ الله ﷻ جي ناشاڪري ڪرڻ وارا ناڪام آهن. (سورة الدهر، آيات: ٣ کان ٥)

٣. ڪافر زنجيرن، ٻيڙين ۽ ٻڙڪندڙ باهه ۾ هوندا. (سورة الدهر، آيت:٤)

٤. الله ﷻ جي بارگاهه ۾ باسيل باسون پوريون ڪرڻ ۽ الله ﷻ جي ناراضگيءَ کان ڊجندو رهڻ نيڪ ماڻهن جون صفتون آهن. (سورة الدهر، آيت:٧)

٥. نيڪ ماڻهو الله ﷻ جي محبت خاطر مسڪينن، يتيمن ۽ قيدين کي به کاڏو کارائيندا آهن. (سورة الدهر، آيت:٨)

٦. حقيقي نيڪي اها آهي، جيڪا صرف الله ﷻ جي رضا خاطر ڪئي وڃي، جنهن ۾ ماڻهو نه ڪنهن کان ڪو بدلو گهري ۽ نه شڪرانو طلب ڪري. (سورة الدهر، آيت:٩)

٧. قيامت جي ڏينهن الله ﷻ ايمان وارن کي اعزاز سان گڏ جنت جون بيشمار نعمتون ۽ تمام وڏي بادشاهي عطا ڪندو. (سورة الدهر، آيات:٢٠ کان ٢٢)

٨. اسان کي صبح شام ۽ رات جو به الله ﷻ جي تسبيح ۽ ذڪر ڪرڻ گهرجي. (سورة الدهر، آيات:٢٥،٢٦)

٩. دنيا جي محبت انسان کي آخرت جي وڏي ڏينهن کان غافل ڪري ڇڏيندي آهي. (سورة الدهر، آيت:٢٧)

١٠. نيڪي ڪرڻ ۽ گناهه کان بچڻ جو ارادو ڪرڻ به الله ﷻ جي توفيق سان ئي ممڪن آهي. (سورة الدهر، آيات:٣٠،٣١)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. الله ﷻ انسان کي ڇو پيدا ڪيو آهي؟
(الف) سير ۽ تفريح لاءِ (ب) امتحان جي لاءِ (ج) ڪائنات کي قابو ڪرڻ جي لاءِ

٢. هن سورة جو ٻيو نالو ڇا آهي؟
(الف) فُصِّلَتْ (ب) اَلْاِسْرَاء (ج) اَلْاِنْسَان

٣. نيڪ ماڻهو ضرورت مندن کي ڇو کارائيندا آهن؟
(الف) ماڻهن جي تعريف حاصل ڪرڻ جي لاءِ (ب) الله ﷻ کي خوش ڪرڻ جي لاءِ
(ج) ماڻهن کي دوست بڻائڻ جي لاءِ

٤. جنت جي موسم ڪهڙي هوندي؟
(الف) ڏاڍي گرم هوندي (ب) ڏاڍي هوندي (ج) نه ڏاڍي نه گرم

٥. الله ﷻ جي رحمت ۾ ڪير داخل هوندو؟
(الف) هر انسان (ب) جنهن کي الله ﷻ گهرندو (ج) گنهگار

COPYRIGHT © RESERVED WITH THE IIM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL AND CIVIL ACTION.

سوال ٢ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

١. هدايت حاصل ڪرڻ جي حوالي سان اللهﷻ انسان کي ڪهڙو اختيار ڏنوويوآهي؟

٢. پهرئين رڪوع ۾ نيڪ ماڻهن جون ڪهڙيون صفتون بيان ڪيون ويون آهن؟

٣. پهرئين رڪوع ۾ جنت وارن تي اللهﷻ جا ڪي به پنج انعام بيان ڪريو

٤. ٻئي رڪوع جي شروع ۾ نبي ڪريمﷺ کي ڪهڙا خاص احڪام ڏنا ويا آهن؟

٥. قرآن جي عظمت جي حوالي سان ٻئي رڪوع ۾ بيان ٿيڻ واريون ٻه ڳالهيون تحرير ڪريو

سوال ٣ اسان پنهنجو جائزو ونو:

نمبر	سوال	ڪنهن حد تائين	ڪهڙي حد تائين	نه
١	چا آءٌ اللهﷻ جو شڪر ادا ڪندو آهيان؟			
٢	چا آءٌ قيامت جي ڏينهن کان ڊجان ٿو؟			
٣	چا آءٌ اللهﷻ جي محبت ۾ مسڪينن، يتيمن ۽ قيدين کي کاڏو کارايان ٿو؟			
٤	چا آءٌ آخرت جي فائدي لاءِ دنيا جي فائدي کي ڇڏي ڏيان ٿو؟			
٥	چا آءٌ گنهگارن ۽ نافرمان ماڻهن جي ڳالهه مڃڻ کان بچندو آهيان؟			
٦	چا آءٌ صبح شام اللهﷻ کي ياد ڪيان ٿو؟			
٧	چا آءٌ رات جو اللهﷻ جو ذڪر ۽ پاڪائي بيان ڪيان ٿو؟			
٨	چا مون اللهﷻ جي رضا جو رستو اختيار ڪري ورتو آهي؟			

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.



گھرو ڪم

ٿي سورتون تلاش ڪيو، جن جا هڪ کان وڌيڪ نالا هجن.

سورة جو نالو _____ ٻيو نالو _____	سورت جو نالو _____ ٻيو نالو _____	سورة جو نالو _____ ٻيو نالو _____

ڪنهن عالمِ دين کان پڇي قرآن حڪيم کي ٿورو ٿورو ڪري ٢٣ سالن ۾ نازل ڪرڻ جي حڪمت تحرير ڪيو

سُوْرَةُالدَّهْر ۾ بيان ڪيل جنت جي نعمتن جي هڪ فهرست ناهيو؟

جنت جون نعمتون

_____ _____
_____ _____
_____ _____
_____ _____
_____ _____
_____ _____

صحيح استاد ءِ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ءِ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سبق: ٢٤ — سُوْرَةُ الْمُرْسَلَات

(سورت نمبر: ٧٧، ڪل رڪوع: ٢، ڪل آيتون: ٥٠)

شان نزول ۽ تعارف: هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جي مڪي زندگيءَ جي ابتدائي دور ۾ نازل ٿي. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمائن ٿا تہ "اسان منىٰ جي غار ۾ هئاسين، تہ سورة المرسلات نازل ٿي. پاڻ ﷺ ان جي تلاوت فرمائي رهيا هئا ۽ اسان اها پاڻ ﷺ جي زبان مبارڪ مان ويٺي سکي." (صحيح بخاري) ان کان اڳ واريون ٻہ سورتون سورة القيامة ۽ سورة الدهر ۽ ان کان پوءِ واريون ٻہ سورتون، سورة النبا ۽ سورة النازعات جيڪڏهن ملائي پڙهيون وڃن، تہ صاف محسوس ٿيندو آهي تہ هي سڀ هڪ ئي دور جون نازل ٿيل سورتون آهن ۽ هڪ ئي مضمون آهي، جنهن کي مختلف اندازن سان بيان ڪيو ويو آهي.

"مُرْسَلٰت" جي معنىٰ "موڪليل" جي آهي. يعني هوائون شروع ۾ هوائن جا قسم ذڪر فرمائي، آخرت جو احوال بيان ڪيو ويو آهي. الله سبحانه وتعالىٰ جي قدرت جو بيان، قيامت جو واقع ٿيڻ دليل جي طور ڪيو ويو آهي. آخرت جي انڪار تي الله سبحانه وتعالىٰ جي عذاب جو بيان آهي. ان سورة ۾ آيت "وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ" (ان ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جي لاءِ تباهي آهي) هيءَ آيتَ ١٠ دفعا دهرائي وئي آهي. جهنم وارن جي سزا جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. نيڪ ماڻهن جي لاءِ جنت جي نعمتن جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

آءٌ الله جي پناهہ ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان — شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي

وَالْمُرْسَلٰتِ عُرْفًا ۙ﴿١﴾ فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا ۙ﴿٢﴾ وَّالنّٰشِرٰتِ نَشْرًا ۙ﴿٣﴾

قسم آهي انهن هوائن جو جيڪي مسلسل موڪليون وڃن ٿيون. پوءِ زور سان هلڻ وارين هوائن جو. ۽ (ڪڪرن کي) کڻي ڦهلائڻ وارين هوائن جو.

فَالْفٰرِقٰتِ فَرْقًا ۙ﴿٤﴾ فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ۙ﴿٥﴾

پوءِ (ڪڪرن کي) ڦاڙي جدا جدا ڪرڻ وارين هوائن جو. پوءِ (دلين ۾ الله جو) ذڪر وجهڻ وارن فرشتن جو.

عُذْرًا اَوْ نُذْرًا ۙ﴿٦﴾ اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَوَاقِعٌ ؕ﴿٧﴾

حجت تمام ڪرڻ يا ڊيڄارڻ جي لاءِ. تہ جنهن (قيامت) جو توهان سان وعدو ڪيو ويو آهي اها يقيناً واقع ٿيڻ واري آهي.

فَاِذَا النُّجُوْمُ طُمِسَتْ ۙ﴿٨﴾ وَاِذَا السَّمَآءُ فُرِجَتْ ۙ﴿٩﴾ وَاِذَا الْجِبَالُ نُسِفَتْ ۙ﴿١٠﴾

پوءِ جڏهن ستارا بي نور ڪيا ويندا. ۽ جڏهن آسمان ڦاڙيو ويندو. ۽ جڏهن جبل (ذرا ذرا ڪري) اڏاريا ويندا.

وَاِذَا الرُّسُلُ اُقِّتَتْ ؕ﴿١١﴾ لِاَيِّ يَوْمٍ اُجِّلَتْ ؕ﴿١٢﴾ لِيَوْمِ الْفَصْلِ ۚ﴿١٣﴾

۽ جڏهن رسول مقرر ٿيل وقت تي جمع ڪيا ويندا. (آخر) ڪهڙي ڏينهن لاءِ مدت مقرر ڪئي وئي آهي؟ فيصلي جي ڏينهن جي لاءِ.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IEM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اهم نکتا



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الْفَصْلِ ؕ﴿١٤﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٥﴾ اَلَمْ نُهْلِكِ الْاَوَّلِيْنَ ؕ﴿١٦﴾

۽ توکي ڪهڙي خبر ته، فيصلي جو ڏينهن ڪهڙو آهي؟ ان ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جي لاءِ تباهي آهي. ڇا اسان اڳ وارن کي هلاڪ نه ڪري ڇڏيو؟

ثُمَّ نُتْبِعُهُمُ الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٧﴾ كَذٰلِكَ نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٨﴾

وري اسان پٺين کي (هلاڪت ۾) ساڻن گڏائي ڇڏينداسين. اسان مجرمن سان ائين ئي ڪندا آهيون.

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٩﴾ اَلَمْ نَخْلُقْكُّمْ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ۙ﴿٢٠﴾

ان ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جي لاءِ تباهي آهي. ڇا اسان اوهان کي هڪ ڪٽي پاڻيءَ مان پيدا نه ڪيو آهي؟

فَجَعَلْنٰهُ فِيْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ ۙ﴿٢١﴾ اِلٰى قَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ۙ﴿٢٢﴾ فَقَدَرْنَا ۖ

پوءِ اسان ان کي هڪ محفوظ جڳهه (ماءُ جي رحم) ۾ رکيو. هڪ مقرر وقت تائين. پوءِ اسان اندازا مقرر فرمايا،

فَنِعْمَ الْقٰدِرُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٤﴾ اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ كِفَاتًا ۙ﴿٢٥﴾

پوءِ اسان ڪيترو بهترين اندازو مقرر فرمائڻ وارا آهيون. ان ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جي لاءِ تباهي آهي. ڇا اسان زمين کي نه بڻايو، ماپائڻ واري.

اَحْيَآءً وَّاَمْوَاتًا ۙ﴿٢٦﴾ وَّجَعَلْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ شٰمِخٰتٍ وَّاَسْقَيْنٰكُمْ مَّآءً فُرَاتًا ؕ﴿٢٧﴾

جيئرن ۽ مئلن کي. ۽ اسان ان ۾ کتل وڏا جبل ٺاهي ڇڏيا، ۽ اسان اوهان کي مٺو پاڻي پياريو.

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٨﴾ اِنْطَلِقُوْٓا اِلٰى مَا كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ۚ﴿٢٩﴾

ان ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جي لاءِ تباهي آهي. (چيو ويندو) اوهان ان (جهنم) ڏانهن وڃو، جنهن کي اوهان ڪوڙو ڀائيندا هئا.

اِنْطَلِقُوْٓا اِلٰى ظِلٍّ ذِيْ ثَلٰثِ شُعَبٍ ۙ﴿٣٠﴾ لَّا ظَلِيْلٍ وَّلَا يُغْنِيْ مِنَ اللَّهَبِ ؕ﴿٣١﴾

اوهان ان پاڇي ڏانهن هلو، جيڪو ٽن ٽارين وارو آهي. جيڪو نه (ٿڌو) پاڇو آهي، ۽ نه شعلن کان بچائڻ وارو آهي.

اِنَّهَا تَرْمِيْ بِشَرَرٍ كَالْقَصْرِ ۚ﴿٣٢﴾ كَاَنَّهٗ جِمٰلَتٌ صُفْرٌ ؕ﴿٣٣﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٤﴾

بيشڪ اهو (جهنم) ماڙيءَ جيڏيون چڻگون اڇليندو. (جهڙو ڪ) هو ڦڪي رنگ جا اُٺ هجن. ان ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن لاءِ تباهي آهي.

هٰذَا يَوْمُ لَا يَنْطِقُوْنَ ۙ﴿٣٥﴾ وَلَا يُؤْذَنُ لَهُمْ فَيَعْتَذِرُوْنَ ﴿٣٦﴾

هي (اهو) ڏينهن آهي، جنهن ۾ اهي نه ڳالهائي سگهندا. ۽ نه ئي کين اجازت ڏني ويندي، ته هو عذر پيش ڪري سگهن.

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٧﴾ هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ ۚ جَمَعْنٰكُمْ وَالْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٨﴾

ان ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جي لاءِ تباهي آهي. هيءُ فيصلي جو ڏينهن آهي، اسان اوهان کي ۽ پٺين کي جمع ڪري ڇڏيو آهي.

ع 1 40 فَاِنْ كَانَ لَكُمْ كَيْدٌ فَكِيْدُوْنِ ﴿٣٩﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٠﴾ ع

پوءِ جيڪڏهن اوهان وٽ ڪا چال آهي، ته مون تي هلايو. ان ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جي لاءِ تباهي آهي.

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ ظِلٰلٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿٤١﴾ وَّفَوَاكِهَ مِمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٤٢﴾ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا

بيشڪ پرهيزگار، ڇانوَ ۽ چشمن ۾ هوندا. ۽ ميون ۾ جيڪي هو گهرندا. (چيو ويندو) توهان مزي سان کائو ۽ پيو،

بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٥﴾

انهن (عملن) جي بدلي جيڪي اوهان ڪندا هئا. بيشڪ اسان نيڪ ماڻهن کي اهڙو ئي بدلو ڏيندا آهيون. ان ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جي لاءِ تباهي آهي.

كُلُوْا وَتَمَتَّعُوْا قَلِيْلًا اِنَّكُمْ مُّجْرِمُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٧﴾

(اي ڪوڙو ڄاڻڻ واروا!) اوهان ٿورڙو عرصو کائي ونو فائدو ونی ونو، بيشڪ اوهان مجرم آهيو. ان ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جي لاءِ تباهي آهي.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ ارْكَعُوْا لَا يَرْكَعُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾

۽ جڏهن کين چيو ويندو آهي ته (الله جي اڳيان) جهڪو، ته هو نه جهڪندا آهن. ان ڏينهن کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جي لاءِ تباهي آهي.

ع 2 10

فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۢ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٠﴾

پوءِ هو هن (قرآن) کان پوءِ ڪهڙي ڳالهه تي ايمان آڻيندا؟



COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION
SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

علم ۽ عمل جون گالهيون

١. هوائون اللهﷻ جي رحمت جي اميد ڏيارينديون آهن ۽ ان جي عذاب کان ڊيڄارينديون به آهن. (سورة المرسلات، آيات: ١کان٦)

٢. قيامت ضرور واقع ٿيندي. (سورة المرسلات، آيت:٧)

٣. جڏهن قيامت واقع ٿيندي، ته آسمان کي ٽڪرا ڪري چمڪندڙ ستارن جي روشني ختم ڪئي ويندي ۽ جبلن کي ذرا ذرا ڪري اڏاريو ويندو. (سورة المرسلات، آيات:٨ کان ١٠)

٤. سڀني معاملن جو فيصلو قيامت جي ڏينهن ڪيو ويندو. (سورة المرسلات، آيات:١٣،١٤)

٥. حق کي ڪوڙو ڄاڻڻ وارا قيامت جي ڏينهن تباهي جو شڪار ٿيندا. (سورة المرسلات، آيت:١٥)

٦. انسان، زمين، جبل ۽ پاڻيءَ جهڙين عظيم شين کي پيدا ڪرڻ ان ڳالهه جو دليل آهي ته اللهﷻ انسان جي مرڻ کان پوءِ ٻيهر زنده ڪرڻ تي پوري طاقت رکي ٿو. (سورة المرسلات، آيات:٢٠ کان ٢٧)

٧. آخرت جو انڪار ڪرڻ وارا جهنم جي عذاب ۾ هوندا. (سورة المرسلات، آيات: ٢٨ کان ٤٠)

٨. اللهﷻ جي نافرماني کان بچڻ وارا قيامت جي ڏينهن جنت جي وڻن جي ڇانو ۾ هوندا. جنت جي چشمن مان شربت پيئندا ۽ جيڪو سندن دل گهرندي، اهي ميوا کائيندا. (سورة المرسلات،آيات: ٤١کان٤٣)

٩. اللهﷻ جي نافرماني ڪرڻ وارن مجرمن جي لاءِ دنيا جو ٿورڙو فائدو آهي ۽ آخرت ۾ انهن جي لاءِ تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ کان سواءِ ڪجهه به ناهي. (سورة المرسلات، آيات:٤٦،٤٧)

١٠. قرآن حڪيم کان وڌيڪ ٻيو ڪو دليل ڪونهي، جيڪو انسان کي ايمان آڻڻ تي آماده ڪري سگهي. (سورة المرسلات، آيت:٥٠)

سمجهو ۽ حل ڪيو

سوال ١ صحيح جواب تي صحيح جو نشان (√) لڳايو.

١. شروع ۾ اللهﷻ قسم کڻي ڪهڙي حقيقت واضح ڪئي آهي؟
(الف) قيامت ضرور ايندي (ب) انسان تي موت ضرور ايندو (ج) زندگي ضرور ملندي

٢. وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ هيءَ آيت هن سورة ۾ ڪيترا دفعا ورجائي وئي آهي؟
(الف) اٺ دفعا (ب) ڏهه دفعا (ج) ٻارنهن دفعا

٣. ڪوڙو ڄاڻڻ وارن جو ڪهڙو انجام ٿيندو؟
(الف) تباهي (ب) بيماري (ج) معذوري.

٤. انسان جي تخليق جو مادو ڪهڙو آهي؟
(الف) باهه (ب) حقير پاڻي (ج) روشني

٥. هن سورت ۾ ڪهڙي رنگ جي اٽن مان ڇا مراد آهي؟
(الف) سواريءَ جا اٽ (ب) قربانيءَ جا اٽ (ج) جهنم جا شعلا

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

سوال ۲ هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

۱. شروع ۾ قيامت جو ڪهڙو منظر بيان ڪيو ويو آهي؟

۲. جهنم وارن جي، قيامت جي ڏينهن ڪهڙي بي وسي بيان ڪئي وئي آهي؟

۳. پرهيزگارن جو ڪهڙو انجام بيان ڪيو ويو آهي؟

۴. آخر ۾ ڪافرن کي ڪهڙو داٻو ڏنو ويو آهي؟

۵. آخري آيت ۾ لفظ "حديث" مان ڇا مراد آهي؟

سوال ۳ هيٺ ڏنل لفظن جي مطابق انهن سان تعلق رکندڙ آيت نمبر تحرير ڪيو:

نمبر	عنوان	آيت نمبر
۱	ٽن ٽارين واري ڇانو	
۲	ڇانو ۽ چشما	
۳	بي نور ستارا	
۴	ماڙيءَ جيڏا شعلا	
۵	ڪتل وڏا جبل	

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

گھرو ڪم

- سُوْرَةُ الْمُرْسَلٰت کان علاوه ڪن به ٻن سورتن جا نالا ٻڌايو، جن ۾ لفظ "وَيْل" آيو هجي.

سورت جو نالو: _____ سورت جو نالو: _____

- پنجن سورتن جا نالا لکو، جن جي شروعات قسم سان ڪئي وئي آهي؟

۱. _____
۲. _____
۳. _____
۴. _____
۵. _____

- هن سورت ۾ جهنم جي باري ۾ جيڪو ذڪر ڪيو ويو آهي، هيٺ ڏنل چارٽ ۾ اهو تحرير ڪيو؟



صحيح استاد ۽ تاريخ _____ صحيح والدين/ سرپرست ۽ تاريخ _____

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. BOOK WOULD SALE OF THIS CIVIL & CRIMINAL ACTION.

ڏکين لفظن جي معنيٰ

نمبر	لفظ	معنيٰ
۱.	ابتدا	شروعات، عنوان، انتها جو ضد
۲.	اِختتام	خاتمو، ختم، آخر، مڪمل ٿيڻ، نتيجو
۳.	اُخروي انجام	آخرت جو انجام، قيامت جي ڏينهن ٿيڻ وارو سلوڪ
۴.	اخلاص	ديني يا دنوي عمل ۾ نيڪ نيتي، خلوص
۵.	اعتراض	راضي نه ٿيڻ، متفق نه ٿيڻ، نڪته چيني ڪرڻ، خامي ڪڍڻ
۶.	اعتراف ڪرڻ	مڃڻ، قبول ڪرڻ، تسليم ڪرڻ
۷.	اقتدار	حڪومت، اختيار، بادشاهت
۸.	اناج	ان، زمين جي پيداوار
۹.	اوٽ	پردي پٺيان لڪڻ
۱۰.	اونڌو	الٽو، منهن پر
۱۱.	آفت	وڏي مصيبت، وڏو عذاب، ڏک، تڪليف
۱۲.	آگاه ڪرڻ	اطلاع ڪرڻ، ڪنهن ڳالهه جي خبر ڏيڻ، معلومات ڏيڻ
۱۳.	آگاهه	ڪنهن ڳالهه بابت معلومات، واقف هجڻ، ڄاڻڻ
۱۴.	آميزش	ملاوٽ، ڪنهن شيءِ کي بي شيءِ ۾ ملائڻ
۱۵.	باريڪ بين	هرشئي کان خبردار،اندرجون ڳالهيون ڄاڻڻ وارو
۱۶.	باطل	کوڙ، هٽ ٽوڪيو، غلط، ناحق
۱۷.	بالفرض	مثال طور
۱۸.	بدحالي	غربت، خراب حالتون، تڪليف وارا ڏينهن
۱۹.	برپا ڪرڻ	قائم ڪرڻ، عملن کجهه ڪري ڏيکارڻ
۲۰.	بصيرت	هوشيار، عقل مندي، يقين، دانائي

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE IM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

٢١.	بطور عِبرت	سبق حاصل ڪرڻ، ڪنهن جي بري نتيجي مان نصيحت حاصل ڪرڻ
٢٢.	بغاوت ڪرڻ	ڪنهن جي خلاف اٿڻ، ڀٽڪي وڃڻ
٢٣.	بوڇاڙ	انڌاڌنڌ، گهڻو وڌيڪ، وٺوٺان لائي ڏيڻ
٢٤.	بيابان	غير آباد ۽ ويران جڳهه
٢٥.	بيچين	بي قرار، بي سڪون، پريشان
٢٦.	بيزار ٿيڻ	لاتعلق ٿيڻ، ناراض ٿيڻ، تنگ ٿيڻ
٢٧.	ٻارڻ	ساڙڻ واريون ڪاٺيون،
٢٨.	ٻانهي	نوڪرياڻي
٢٩.	پرهيزگارن	برائن ۽ گناهن کان بچڻ وارا ماڻهو، متقي،نيڪ ماڻهو
٣٠.	پهچ	واسطو، اختيار، قدرت
٣١.	پيروي ڪرڻ	پٺيان هلڻ، ڳالهه مڃڻ
٣٢.	تابع	ماتحت، فرمانبردار، پيروي ڪرڻ وارا
٣٣.	تاڪيد	بار بار چوڻ، سخت حڪم ڪرڻ، زور ڏيڻ
٣٤.	تپش	گرمي
٣٥.	تخليق	پيدا ڪرڻ، بڻائڻ، ايجاد ڪرڻ
٣٦.	تدبير	منصوبو، ڪنهن ڪم کي شروع کان آخرت تائين پهچائڻ جو انتظام ڪرڻ
٣٧.	تذڪرو	بيان، ذڪر ڪرڻ، ياد ڪرڻ
٣٨.	ترتيل سان پڙهڻ	اکرن زير، زبر ۽ پيش جو لحاظ رکندي لفظن کي ادا ڪرڻ، قرآن شريف جي آيتن کي آهستي آهستي ڪري انهن جي اثرن کي دل سان محسوس ڪري پڙهڻ
٣٩.	ترغيب ڏيڻ	توجهه ڏيارڻ، راضي ڪرڻ، صلاح ڏيڻ
٤٠.	تسبيح ڪرڻ	تعريف ڪرڻ، پاڪائي بيان ڪرڻ
٤١.	تعبير	خواب جو نتيجو ٻڌائڻ، حقيقت ٻڌائڻ، صحيح مطلب ڪڍڻ
٤٢.	تعجب	حيران، حيران ڪرڻ واري، حيراني

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

۴۳.	تقويٰ	الله ﷻ کان ڈڄڻ، الله ﷻ جي نافرماني ۽ کان بچڻ
۴۴.	تلخ	نہ وٽندڙ، ڪڙو، سخت
۴۵.	تلقين	سمجهائڻ، نصيحت ڪرڻ
۴۶.	تهن متان تهه	هيٺ مٿي رکڻ، هڪ تہ متان ٻيو تهه
۴۷.	ٿوهر	هڪ ڪنڊن وارو تمام گهٽو ڪڙو وڻ جيڪو جهنم جي تري مان ڦٽندو
۴۸.	تارڻ	قيرائڻ، نڀائڻ
۴۹.	ٽولن	جٿو، جماعت، ٽولي جو جمع
۵۰.	جاهليت	جهالت، اڻڄاڻائي، علم نہ هجڻ، اسلام جي علم کي ڇڏي ٻي راهہ اختيار ڪرڻ
۵۱.	جبر	زبردستي ڪرڻ، مجبور ڪرڻ، ظلم ڪرڻ
۵۲.	جدوجهد ڪرڻ	اڻ تڻ ڪوشش ڪرڻ، محنت مشقت، ڪنهن عمل ۾ سرگرم رهڻ
۵۳.	جُز	حصو، ٽڪڙو
۵۴.	جليل القدر	وڏي مرتبي وارو، وڏي شان وارو، اعليٰ رتبي وارو، عظمت وارو
۵۵.	جنجهوڑڻ	زور سان هِلائڻ، هوشيار ڪرڻ، خبردار ڪرڻ
۵۶.	جنم ڏيڻ	پيدا ڪرڻ، جنم ڏيڻ
۵۷.	چغل خوري ڪرڻ	ڪنهن جي برائي ظاهر ڪرڻ، پرپٺ شڪايت ڪرڻ
۵۸.	چوپايو	چئين ٽنگن وارو جانور، مال
۵۹.	چڪتاڻ	جدوجهد ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ، وٺ وٽان
۶۰.	چهڻ	هٿ لڳائڻ، هٿ لڳائي معلوم ڪرڻ
۶۱.	چوَ	ڪپڑي جو اندريون حصو، يا سوڙ جواندريوڪپڑو
۶۲.	حُجّت	دليل
۶۳.	حسن سلوڪ	سٺو ورتاءُ ڪرڻ، سٺو رويو اختيار ڪرڻ، خوش اخلاقي
۶۴.	حقير	گهٽ حيثيت وارو، ڪوڙو، بي قدر، معمولي، ذليل، خوار، جنهن جي ڪا عزت نہ هجي

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION
SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

٦٥.	حُڪمَ	حڪم جو جمع، فرمان، اهڙو چوڻ (جنهن تي عمل ڪرڻ ضروري هجي)
٦٦.	حڪمت	عقلمندي، دانائي، ڪنهن شيءِ جي حقيقت ڄاڻڻ جو علم
٦٧.	حور	وڏين اکين واريون جنتي عورتون
٦٨.	خائن	خيانت ڪرڻ وارو
٦٩.	خطاڪار	غلطي ڪرڻ وارو، گنهگار
٧٠.	خطرناڪ	خوفناڪ، ڊڄڻ واريون
٧١.	خواهش	ڪنهن ڳالهه يا شئي جو حاصل ڪرڻ جي چاهت، طلب، آرزو، تمنا
٧٢.	خير خواه	ڀلائي ڪرڻ وارو، بهتري چاهڻ وارو
٧٣.	داڀو	خبردار ڪرڻ، ڊيڄارڻ
٧٤.	درگزر ڪرڻ	معاف ڪري ڇڏڻ، بدلو يا انتقام نه وٺڻ، نظرانداز ڪري ڇڏڻ
٧٥.	دل جوئي	دل کي تسلي ڏيڻ، تسڪين ڏيڻ، غم ۽ فڪر دور ڪرڻ،
٧٦.	دليل	وجهه، سبب، نشاندهي ڪرڻ واري شيءِ، رستو، رهنمائي
٧٧.	ڊيڄارڻ	ڪنهن ڳالهه کان خوف ڏيارڻ، بري نتيجي کان خبردار ڪرڻ
٧٨.	ڏنڊ	جُرمانو، بدلو
٧٩.	ڏول	ڪوهه مان پاڻي ڪڍڻ وارو ٽاڻ
٨٠.	رازداري	لڪي ٻڌائڻ، ڪنهن ڳالهه کي لڪائي رکڻ
٨١.	راءِ	ڪنهن معاملي ۾ فهم، تجربي، مشاهدي، عقيدي، يا يقين جي روشنيءَ ۾ قائم ٿيل خيال
٨٢.	رجوع ڪرڻ	پوئتي ٿيڻ، واپس ٿيڻ، موٽڻ
٨٣.	رڄ	سنسان ميدان جتي نه پاڻي هجي نه وڻڪار
٨٤.	رسالت جو فرض	اهڙي ذميداريءَ فرض جيڪو الله جي طرفان رسولن کي ملندو آهي، منصب رسالت جي ذميداري
٨٥.	الزام	عيب لڳائڻ، بهتان لڳائڻ، ڪوڙي ڳالهه يا ڪنهن ڏوهه سان تعلق جوڙڻ، قصور وار قرار ڏيڻ
٨٦.	زيورن ۾ پلجڻ	چوڪريون جيڪي زيورن ۾ پلديون آهن

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

۸۷.	سازشون	پرپٽ لڪ ڇپ ۾ ڪنهن جي خلاف بن ماڻهن سان ملي ڪجهه برو ڪرڻ
۸۸.	سرپاٽ	لڪي آهستي ڪن ۾ ڳالهيون ڪرڻ،
۸۹.	سعادت	نيڪ ڪم ڪرڻ جي توفيق ملڻ، سڻا اثر پوڻ
۹۰.	سندروٻڌڻ	ڪنهن ڪر جي لاءِ همت ڪرڻ، پختوارادو ڪرڻ،
۹۱.	سنڊ	جنهن کي اولاد نه ٿئي
۹۲.	سُنڊ	سڪل ادرڪ
۹۳.	سنگ	جنهن ۾ سلا يا ان ٿيندو آهن
۹۴.	سيرت	ڪردار، اخلاق، سڻي عادت
۹۵.	شق القمر	چند جو ٽڪڙا ٽڪڙا ٿيڻ، اهو خاص واقعو جنهن ۾ پاڻ ﷺ مڪي جي مشرڪن جي اسرار تي چند کي ٻه ٽڪڙا ڪرڻ جو معجزو ڏيکاريو هو.
۹۶.	شڪ ۽ شبهن	بدگماني، بي يقين ٿيڻ، اعتماد ۽ پروسو نه ڪرڻ
۹۷.	شهاب ثاقب	ٽٽڻ وارو ستارو، (Meteoroid) چمڪڻ وارو ستارو
۹۸.	شهه رڳ	ساهه واري رڳ، سي کان وڏي رڳ جيڪا ڳچيءَ کان گذرندي آهي
۹۹.	صاحب اختيار	اختيار رکڻ وارو، حڪم ڏيڻ وارو
۱۰۰.	صحيفو	ڪتاب، پيغمبرن کي مليل ڪتاب
۱۰۱.	صداقت	سچائي، سچ، صحيح، درست
۱۰۲.	صُور	وڄائڻ وارو سنگ، ڦوڪ، اهو آواز جيڪو حضرت اسرافيل عليه السلام قيامت جي ڏينهن مئلن کي ٻيهر اٿارڻ لاءِ ڦوڪيندو
۱۰۳.	ضد	پنهنجي ڳالهه تي قائم رهڻ، اٽل رهڻ
۱۰۴.	ضرب	مارڻ، ڏڪ
۱۰۵.	طعنا ڏيڻ	الزام لڳائڻ، عيب ڪڍڻ، طنز، ملامت، عيب يا گناهه ياد ڏيارڻ، اهڙي ڳالهه چوڻ جنهن سان لڳي ته ڄڻ تير هڻي چڏيائين
۱۰۶.	طغياني	حد کان وڌڻ، بغاوت، نافرماني
۱۰۷.	طوق	ڳٽ، مجرمن جي ڳلي ۾ وجهڻ واريون زنجيرون
۱۰۸.	عاجز	بي وس، بي اختيار، طاقت نه هجڻ

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

۱۰۹.	عبرت	سبق حاصل ڪرڻ، نصيحت حاصل ڪرڻ
۱۱۰.	عزيز مصر	وڏي عهدي وارو، وزير
۱۱۱.	عظمت	بزرگي، وڏائي، برتري، شان شوڪت، بلندي، اعليٰ
۱۱۲.	عقل شعور	فهم، فڪر ڪرڻ ۽ سوچڻ جي صلاحيت
۱۱۳.	عقيدن	عقيدي جو جمع، ايمان، نظريو، خدا، پنهنجي ۽ ڪائنات جي باري ۾ خيال، مذهبي اصول جنهن تي ايمان آڻڻ ضروري هجي، اهو دلي اعتبار يا پروسو جيڪو ڪنهن شخص يا ڪاڻهه کي حق يا درست سمجهڻ سان پيدا ٿيو هجي.
۱۱۴.	غالب	زبردست، کٽڻ وارو
۱۱۵.	غور فڪر ڪرڻ	سوچ ويچار ڪرڻ، گهرائيءَ سان ڏسڻ، ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ،
۱۱۶.	فاقه ڪشي	بکيو رهڻ، کاڌو نه ملڻ
۱۱۷.	فائز هجڻ	قائم هجڻ، موجود هجڻ، حاصل هجڻ، مقام ۽ مرتبو رکڻ
۱۱۸.	فديو	جرمانو،ڏنڊ،اهي پئيسا جنهن سان قيدي آزاد ڪرائجي
۱۱۹.	فرض	اهم ذميداري، اهو ڪم جنهن کي پورو ڪرڻ ضروري هجي، ڏنل ذميداري يا الله پاڪ جا حُڪمَ
۱۲۰.	فرض انجام ڏيڻ	ڏنل ڪم پورو ڪرڻ، ذميداري پوري ڪرڻ، فرض ادا ڪرڻ
۱۲۱.	فريب	چالاڪي ڪرڻ، ڏوڪو ڏيڻ
۱۲۲.	فساد	جهيڙو، جهڳڙو
۱۲۳.	فوٽ	ڊار، چير، جهير
۱۲۴.	قاسي ڏيڻ	ڳچيءَ ۾ رسو وجهي لٽڪائي مارڻ / هٿن پيرن ۾ ڪليون نوڪي لٽڪائي مارڻ، ڦاهي تي لٽڪائڻ
۱۲۵.	قيٽو	انٽر منٽر، ڪجهه پڙهڻ
۱۲۶.	قاصد	پيغام ڪٽي وڃڻ وارو سفير
۱۲۷.	قحط	اناج جي ڪمي، بارش نه هجڻ جي وجه سان خوراڪ جي ڪمي، خشڪ سالي
۱۲۸.	ڪلئي عام	ظاهر ظهور، سين جي سامهون
۱۲۹.	ڪارساز	ڪم ڪرڻ وارو

COPYRIGHTS® RESERVED WITH THE IEM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

۱۳۰.	ڪافور	گهري، تيز خوشبو
۱۳۱.	ڪاهن	جنن کان خبر چار وٺڻ وارو، نجومي
۱۳۲.	ڪڙڪو	وڏو آواز، ڪنوڻ جو آواز
۱۳۳.	ڪنگڻ	ٽليون چوڙيون، چوڙا
۱۳۴.	ڪنواري	غير شادي شده چوڪري
۱۳۵.	ڪوڙو ڪرڻ	انڪار ڪرڻ، نه مڃڻ، رد ڪرڻ
۱۳۶.	ڪيفيتون	حالت، صورتحال
۱۳۷.	گروي رکڻ	ملڪيت يا ڪا شيءِ پيئسن جي بدلي ۾ ڏيڻ
۱۳۸.	گمان	خيال،سوچ، شڪ
۱۳۹.	گنهگار	حڪم نه مڃڻ، نافرماني ڪرڻ، بغاوت ڪرڻ
۱۴۰.	گهاٽ جهلڻ	رستو روڪي ويهي رهڻ
۱۴۱.	گهڙڻ	ڪوڙي ڳالهه ٺاهڻ
۱۴۲.	گوڏا ڪوڙڻ	شڪست قبول ڪرڻ، آڻ مڃڻ، پنهنجو پاڻ کي حوالي ڪرڻ
۱۴۳.	گوءِ ڪٽڻ	اڪتي وڌڻ، غالب اچڻ، فوقيت حاصل ڪرڻ
۱۴۴.	ڳاهي ڇڏڻ	زمين ۾ اندر داخل ڪرڻ، دٻي ڇڏڻ، گاڙڻ
۱۴۵.	لڪيل	خفيه، راز واريون ڳالهيون
۱۴۶.	ماڪڙ	هڪ قسم جو ڪيڙو جيڪو اڪثر فصلن کي نقصان ڏيندو آهي
۱۴۷.	مائل ٿيڻ	توجه ڪرڻ، دل لڳائڻ
۱۴۸.	متقي	الله پاڪ کان ڊڄڻ وارا،الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪرڻ وارا،الله پاڪ جي قانونن تي هلڻ وارا
۱۴۹.	متوجهه ٿيڻ	ڌيان ڏيڻ، فڪر ڪنهن هڪ طرف ٿيڻ، ڪنهن شيءِ ڏانهن توجهه ڪرڻ
۱۵۰.	مجنون	چريو، ديوانو، جنون جي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ وارو جنهن تي جِنّ سوار هجي
۱۵۱.	محافظ	حفاظت ڪرڻ وارو، نگهبان
۱۵۲.	محروم ڪرڻ	ڪنهن شيءِ کان پري ڪري ڇڏڻ، منع ڪرڻ،روڪي ڇڏڻ، ڪا شيءِ حاصل نه

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD BE CRIMINAL ACTION.

		ڪرڻ ڏيڻ
۱۵۳.	مذمت	مخالفت ڪرڻ، برائي جي خلاف آواز اٺارڻ.
۱۵۴.	مرجان	پاڻيءَ ۾ رهندڙ سپيون جيڪي خوبصورت آڪيرا / سوراخ ٿاهيندڙ آهن
۱۵۵.	مرڪزي موضوع	اصل ڳالهه، بنيادي عنوان يا موضوع، اها ڳالهه جنهن ڏانهن توجهه ڏيارڻ ضروري هجي
۱۵۶.	مسلط ٿيڻ	چائنجي وڃڻ، قابو ڪرڻ، قابض ٿيڻ
۱۵۷.	مشرڪن	شرڪ ڪرڻ وارا، الله سان ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪرڻ وارا
۱۵۸.	مشغول ٿيڻ	ڪنهن ڪم ۾ توجهه سان لڳو رهڻ، مصروف رهڻ
۱۵۹.	معزز	عزت وارو
۱۶۰.	معمول مطابق	هرروز يا عام طور تي ٿيڻ واري عمل جي مطابق
۱۶۱.	معيشت	روزيءَ جو ذريعو، روزي
۱۶۲.	معيّن	مقرر ڪيل، ٻيهاريل
۱۶۳.	مُقرَّب	الله پاڪ سان قرب رکڻ وارو، نيڪ ماڻهو، پرهيزگار، بزرگي ۾ اعليٰ مرتبي وارو
۱۶۴.	ملامت	الزام لڳائڻ، طعنا تنڪا هڻڻ
۱۶۵.	منتظر	انتظارڪرڻ وارو، رستو تڪڻ وارو، اميد ڪرڻ وارو
۱۶۶.	منسوب	نسبت ڪرڻ، ڪنهن جي نالي سان ڪرڻ
۱۶۷.	مَني	والدين جي جسم مان نڪرڻ وارو قطرو جنهن کان الله پاڪ ٻار پيدا ڪندو آهي.
۱۶۸.	موضوعَ	گهٽا موضوع، عنوان، جنهن جي متعلق ڳالهه ٿئي
۱۶۹.	ميڙُ	گهٽن ماڻهن جو هجوم، گهٽن ماڻهن جو گڏ ٿيڻ
۱۷۰.	نازل	لهڻ، هيٺ اچڻ، آسمان کان زمين تي لهڻ جيئن ڪتاب الٰهي جو نازل ٿيڻ
۱۷۱.	نافرمان	حڪم نه مڃڻ وارا، سرڪش، باغي
۱۷۲.	نباتات	ٻوٽا، جڙي ٻوٽيون، وڻ وغيره
۱۷۳.	نياڳ	نامبارڪ هجڻ، برو اثر وجهڻ

COPYRIGHTS® RESERVED WITH THE IIM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

۱۷۴.	نزول	داخل ٿيڻ، پهچڻ، اچڻ، حاصل ٿيڻ، ملڻ، لهڻ، آسمان کان زمين تي لهڻ
۱۷۵.	نشست	ويهڻ جي جڳهه، ڪرسي
۱۷۶.	نطفي	قطرو جنهن مان انسان پيدا ٿيو
۱۷۷.	نفاق	بچاڻ، ظاهر ۾ هڪ اندر ۾ ٻيو
۱۷۸.	نقش قدم تي هلڻ	فرمانبرداري ڪرڻ، پٺيان هلڻ، پيروي ڪرڻ
۱۷۹.	نقشو چٽڻ	منظر بيان ڪرڻ، تفصيل بيان ڪرڻ
۱۸۰.	نگران	نظرثاني ڪرڻ وارو، محافظ، نگهبان، مالڪ
۱۸۱.	نيل	پيرن جون زنجيرون
۱۸۲.	هجرت ڪرڻ	هڪ جڳهه کي ڇڏي ٻئي جڳهه تي وڃڻ
۱۸۳.	هڪليندڙ	هلڻ وارو، ڊوڙائڻ وارو
۱۸۴.	همدردي	ٻئي جي ڏک کي محسوس ڪرڻ، ڪنهن جي لاءِ پلائي جي سوچ رکڻ، ڪنهن جي تڪليف دور ڪرڻ جو جذبو رکڻ
۱۸۵.	واقعو معراج	اهو واقعو جنهن ۾ پاڻ ﷺ کي هڪڙي رات ۾ مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ تائين ۽ اتان ستن آسمانن تائين جو سير ڪرايو، سڀني انبياء ڪرام عليهم السلام سان ملاقات ڪرائي وئي ۽ جنت ۽ جهنم جو سفر ڪرايو ويو.
۱۸۶.	وصفون	خوبيون، سٺيون عادتون،
۱۸۷.	وصيت	تاڪيد سان ڪيل ڳالهه
۱۸۸.	وفدَ	ٽولا، ڪنهن قوم يا ماڻهن جو ٽولو ڪري اچڻ
۱۸۹.	ياقوت	هڪ قيمتي پٿرجيڪوزيورات ۾ڪم ايندو آهي.
۱۹۰.	يقين دهاني	اعتماد ڏيارڻ، پڪي ڳالهه ڪرڻ، پروسو ڏيارڻ، يقين ڏيارڻ

COPYRIGHTS © RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

یادگیریو

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH THE ILM FOUNDATION. SALE OF THIS BOOK WOULD ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

COPYRIGHTS ® RESERVED WITH
THE ILM FOUNDATION.
SALE OF THIS BOOK WOULD
ENTAIL CIVIL & CRIMINAL ACTION.

”قرآن حڪيم جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻين جي لاءِ“ جو مڪمل نصاب جي تفصيل ۽ قرآن حڪيم جو مڪمل ٿيڻ

حصو پهريون (مڪي سورتون) — سورتون ۱۲، قصا: ۸ — قرآن حڪيم جي تڪميل: ۵ فيصد

قصا: اسان جي پياري نبي ﷺ جي حياتِ طيبہ ۽ فضائل وڪمالات. قصو حضرت آدم عليه السلام (چونديل آيتون سورة الاعراف) قصو حضرت نوح عليه السلام، قصو حضرت هود عليه السلام، قصو حضرت صالح عليه السلام، قصو حضرت شعيب عليه السلام، (چونديل آيتون سورة الاعراف، سورة هود ۽ سورة الشعراء)، قصو حضرت يونس عليه السلام هاڻي وارن جو قصو (سورة الفيل)

سورتون: سُوْرَةُ الْفَاتِحَة، سُوْرَةُ الْفِيْل، سُوْرَةُ قُرَيْش، سُوْرَةُ الْمَاعُوْن، سُوْرَةُ الْكَوْثَر، سُوْرَةُ الْكٰفِرُوْن، سُوْرَةُ النَّصْر، سُوْرَةُ اللَّهَب، سُوْرَةُ الْاِخْلَاص، سُوْرَةُ الْفَلَق، سُوْرَةُ النَّاس، سُوْرَةُ الْعَلَق

حصو ٻيون (مڪي سورتون) — سورتون ۲۷، قصا: ۵ — قرآن حڪيم جي تڪميل: ۹ فيصد

قصا: حضور نبي ڪريم ﷺ جا فضائل ومڪارم ۽ معجزا، قصو حضرت ابراهيم عليه السلام چونديل آيتون سورة الانعام، سورة الانبياء ۽ سورة الشعراء)، قصو حضرت موسىٰ عليه السلام (چونديل آيتون سورت الاعراف، سورة القصص، سورة طٰہٰ ۽ سورة الشعراء)، هڪ ظالم بادشاه ۽ مومن چوڪري جو قصو (سورة البروج) پهرين وحيءَ جو قصو (سورة العلق)

سورتون: سُوْرَةُ الضُّحٰى، سُوْرَةُ الْاِنْشِرَاح، سُوْرَةُ التِّيْن، سُوْرَةُ الْعَلَق، سُوْرَةُ الْقَدْر، سُوْرَةُ الْبَيِّنَة، سُوْرَةُ الزِّلْزَال، سُوْرَةُ الْعٰدِيٰت، سُوْرَةُ الْقَارِعَة، سُوْرَةُ التَّكَاثُر، سُوْرَةُ الْعَصْر، سُوْرَةُ الْهُمَزَة، سُوْرَةُ الْفِيْل، سُوْرَةُ قُرَيْش، سُوْرَةُ الْمَاعُوْن، سُوْرَةُ الْكَوْثَر، سُوْرَةُ الْكٰفِرُوْن، سُوْرَةُ النَّصْر، سُوْرَةُ اللَّهَب، سُوْرَةُ الْاِخْلَاص، سُوْرَةُ الْفَلَق، سُوْرَةُ النَّاس

حصو ٽيون (مڪي سورتون) — سورتون ۲۲، قصا: ۲ — قرآن حڪيم جي تڪميل: ۱۲ فيصد

قصا: اسان جو پيارو نبي خاتم الانبياء حضرت سيدنا محمد مصطفىٰ ﷺ قصو حضرت يوسف عليه السلام (سورت يوسف)

سورتون: سُوْرَةُ يُوْسُف، سُوْرَةُ الزُّخْرُف، سُوْرَةُ الدُّخَان، سُوْرَةُ الْجَاثِيَة، سُوْرَةُ قٓ، سُوْرَةُ الذّٰرِيٰت، سُوْرَةُ الطُّوْر، سُوْرَةُ النَّجْم، سُوْرَةُ الْقَمَر، سُوْرَةُ الرَّحْمٰن، سُوْرَةُ الْوَاقِعَة، سُوْرَةُ الْمُلْك، سُوْرَةُ الْقَلَم، سُوْرَةُ الْحَآقَّة، سُوْرَةُ الْمَعَارِج، سُوْرَةُ نُوْح، سُوْرَةُ الْجِنّ، سُوْرَةُ الْمُزَّمِّل، سُوْرَةُ الْمُدَّثِّر، سُوْرَةُ الْقِيَامَة، سُوْرَةُ الدَّهْر، سُوْرَةُ الْمُرْسَلٰت

حصو چوٽون (مڪي سورتون) — سورتون ۱۷، قصا: ۵ — قرآن حڪيم جي تڪميل: ۱۷ فيصد

قصا: قصو حضرت زڪريا عليه السلام، قصو حضرت مريم عليها السلام، قصو حضرت عيسىٰ عليه السلام (سورة مريم) قصو حضرت لوط عليه السلام (چونديل آيتون سورة الاعراف، سورة هود ۽ سورة الشعراء) قصو حضرت سليمان عليه السلام (سورة النمل)

سورتون: سُوْرَةُ مَرْيَم، سُوْرَةُ طٰهٰ، سُوْرَةُ الْاَنْبِيَآء، سُوْرَةُ الْحَجّ، سُوْرَةُ الْفُرْقَان، سُوْرَةُ الشُّعَرَآء، سُوْرَةُ النَّمْل، سُوْرَةُ الْقَصَص، سُوْرَةُ الْعَنْكَبُوْت، سُوْرَةُ الرُّوْم، سُوْرَةُ لُقْمٰن، سُوْرَةُ السَّجْدَة، سُوْرَةُ سَبَا، سُوْرَةُ فَاطِر، سُوْرَةُ يٰسٓ، سُوْرَةُ صٓ، سُوْرَةُ الْاَحْقَاف

حصو پنجون (مڪي سورتون) — سورتون ۱۵، قصا: ۷ — قرآن حڪيم جي تڪميل: ۲۵ فيصد

قصا: قصو اصحاب سبت (سورة الاعراف) واقعو معراج جو، تاريخ بني اسرائيل (سورت بني اسرائيل)، قصو اصحاب كهف، باغ واري جو قصو، قصو حضرت موسىٰ عليه السلام، حضرت خضر عليه السلام ۽ قصو ذوالقرنين (سورة الكهف)

سورتون: سُوْرَةُ الْاَنْعَام، سُوْرَةُ الْاَعْرَاف، سُوْرَةُ يُوْنُس، سُوْرَةُ هُوْد، سُوْرَةُ الرَّعْد، سُوْرَةُ اِبْرٰهِيْم، سُوْرَةُ الْحِجْر، سُوْرَةُ النَّحْل، سُوْرَةُ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْل، سُوْرَةُ الْكَهْف، سُوْرَةُ الْمُؤْمِنُوْن، سُوْرَةُ الزُّمَر، سُوْرَةُ الْمُؤْمِن، سُوْرَةُ حٰمٓ السَّجْدَة، سُوْرَةُ الشُّوْرٰى

حصو ڇهون (مدني سورتون) — سورتون ۴، قصا: ۳ — قرآن حڪيم جي تڪميل: ۱۵ فيصد

قصا: غزوه احد (سورة آل عمران)، غزوه بدر (سورة الانفال)،غزوه تبوڪ (سورة التوبہ)

سورتون: سُوْرَةُ الْبَقَرَة، سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرٰن، سُوْرَةُ الْاَنْفَال، سُوْرَةُ التَّوْبَة

حصو ستون (مدني سورتون) — سورتون ۱۷، قصا: ۵ — قرآن حڪيم جي تڪميل: ۱۷ فيصد

قصا: قصو هابيل ۽ قابيل (سورة المآئده)، غزوه احزاب (سورة الاحزاب)، صلح حديبيه، فتح مڪ (سورة فتح)، غزوه بنو نضير (سور الحشر).

سورتون: سُوْرَةُ النِّسَآء، سُوْرَةُ الْمَآئِدَة، سُوْرَةُ النُّوْر، سُوْرَةُ الْاَحْزَاب، سُوْرَةُ مُحَمَّد، سُوْرَةُ الْفَتْح، سُوْرَةُ الْحُجُرٰت، سُوْرَةُ الْحَدِيْد، سُوْرَةُ الْمُجَادَلَة، سُوْرَةُ الْحَشْر، سُوْرَةُ الْمُمْتَحِنَة، سُوْرَةُ الصَّف، سُوْرَةُ الْجُمُعَه، سُوْرَةُ الْمُنٰفِقُوْن، سُوْرَةُ التَّغَابُن، سُوْرَةُ الطَّلَاق، سُوْرَةُ التَّحْرِيْم

COPYRIGHT © RESERVED WITH SINDHI BOOK PUBLICATION.
SALE OF THIS BOOK WITHOUT PERMISSION IS STRICTLY PROHIBITED.